


# ايڪويهين صدي ۾ شاهه لطيف

سهيڙيندڙ

**امان الله شيخ**

ٻانهن ٻيلي

**پروفيسر اعجاز قريشي**

**مارئي سوشل، ڪلچرل ۽ لٽرري عورتن جي آرگنائيزيشن**
**نئين دهلي انڊيا**

ڊجيٽل ايڊيشن:

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سنڌ سلامت پارانؑ :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (290) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هن ڪتاب **”ايڪويهين صدي ۽ شاهه لطيف“** جو سهيڙيندڙ محترم **امان الله شيخ** آهي. هي ڪتاب آگسٽ 2015ع ۾ **مارئي سوشل، ڪلچرل ۽ لٽرري عورتن جي آرگنائزيشن، نئين دهلي انڊيا** پاران **پيڪاڪ پرنٽرس** وٽان ڇپايو ويو آهي.

هي ڪتاب ڊسمبر 2014ع ۾ هند ۾ ٿيندڙ شاهه لطيف ڪانفرنس ۾ پڙهيل مقالن کي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

اسان ٿورائتا آهيون سائين امان الله شيخ ۽ سائنڻ وينا شرنگيءَ جا جن ڪمپوز ٿيل ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

اداري جا حق ۽ واسطا محفوظ.

ڪتاب جو نالو: ايڪويهين صدي ۽ شاهه لطيف
سهيڙيندڙ: امان الله شيخ
ٻانهن ٻيلي: پروفيسر اعجاز احمد قريشي
ڇاپو پهريون: آگسٽ 2015ع
تعداد: 1000 ڪاپيون
ڪمپوزر: سيد آفاق شاهه ۽ محمد اقبال ابڙو
ٽائيٽل/لي آئوٽ: ظفر آفتاب
قيمت: 200 روپيا
ڇپيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي سنڌ. پاڪستان
ڇپائيندڙ: مارئي سوشل، ڪلچرل ۽ لٽرري عورتن جي آرگنائزيشن، نئين دهلي انڊيا

Book Name: **Aikvheen Sadi ain Shah Latif**
(Shah Latif & 21st Century)
Compiled by: Aman ullah Shaikh
Edition First : August 2015
Quantity: 1000 Copies
Composed by: Syed Aafaque & M. Iqbal Abro
Title/ layout: Zafar Aftab
Price: Rs. 200/=
Printed by: Peacock Printers, Karachi Sindh, Pakistan
Published by: **Marui Social, Cultural and Literary Women's Organization, New Delhi, India**

**DISTRIBUTOR IN PAKISTAN**

# فهرست


- اداري پاران — وينا شرنگي 5
- مهاڳ — امان الله شيخ 7
- هڪ جائزو: شاهه عبداللطيف انٽرنيشنل ڪانفرنس دهلي — گورڌن شرما گهايل 23

1. ايڪويهين صدي ۾ شاهه لطيف — ڊاڪٽر سليمان شيخ 36
2. سنڌي سماج ۾ لطيف سائين — ڊاڪٽر سليمان شيخ 43

بلها شاهه ۾ شاهه لطيف جي فڪر ۾ شاعري جو تجزيو — ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل 47

3. شاهه لطيف ۽ سنڌس همعصر صوفي شاعر — پروفيسر اعجاز احمد قريشي 62
4. شاهه جي شاعري ۾ فلاسافي — وينا شرنگي 81
5. شاهه لطيف جي ماڳن جو سير، سفر ۽ لوڪ ڪهاڻين جو جائزو — ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو 59
6. شاهه جي شاعريءَ تي ڀڳت ڪبير داس جو اثر — نذير ناز 103
7. شاهه عبداللطيف جي شاعري تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر — امين لاکو 109
8. ڀڳتي تحريڪ جا شاهه تي اثر — غلام نبي مورائي 120
9. شاهه لطيف ۽ سنڌس همعصر صوفي شاعر — پروفيسر ڪشمير سومرو 131





10. صوفي شاعرن جي تخليقي ٻولي ۾ شاهه لطيف — وينا شرنگي 145
11. "ڇڏي ننڊ گهٽي لوچي لاهوتي ٿيا" — پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ 152
12. "پئي جهانءِ جَهروڪَ ۾" — بينش ماها قائم ورياماڻي 157
13. شاهه لطيف جي شاعريءَ، ڀڳتي تحريڪ ۽ مستقبل — امان الله شيخ 162
14. شاهه صاحب جون سورميون ۽ عورت جي اهميت — جنت علي جان 179
15. منهنجو جِيءَ جلايو اندر آديسين — مدد علي سنڌي 185


## شاعري


- نذير "ناز" 214
- مهڪ علي 219
- پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ 221


## ENGLISH SECTION


1 Shah Abdul Latif Bhittai in Quest of Truth and Exploration of Sufism — *Javed Shaikh* 01

2 Sindh Jo Lateef: The Sufi Mystic — *Sanya Sadiq* 05


www.sindhsalamat.com

مارئي تنظيم جي سلور جبلي پروگرام جي موقعي تي منعقد ڪيل پنجين عالمي ڪانفرنس ۾ اهو ڪتاب سوغات طور مليو. جنهن ۾ ديدي نرملا ديش پانڊي شرڪت ڪري همٿ افضائي ڪئي.

هند ۾ سنڌي ڪتاب پڙهڻ ۽ خريد ڪرڻ جو ڪلچر نہ آهي اهڙين حالتن ۾ مارئي طرفان انهن ڪانفرنسن تي آڌارت ڪتاب پبلش ڪرڻ مشڪل مرحلو آهي. نہ وري ادبي سيمينارن جي ايتري همٿ افضائي ڪئي وڃي، ٻولي بچائڻ وارا نارا تہ ڪوڙ پر سر جون سٽون ڏيڻ وارا محدود اهڙين حالتن ۾ ساٿ ۽ سهڪار ڏيڻ وارن جون محدودگيون سمجهي سگهجن ٿيون.

ٻڌندڙ ٻوڙن کي ڪي هاتڪ هٿُ وجهن
پسو لڄ لطيف چئي ڪيڏي ڪي ڪکن
توڙي ڪنديءَ ڪن نہ تہ ساڻُ وڃن سير ۾ (شاهہ)

هن ڪان اڳ شاهہ جي سيمينارن تي آڌارت ڪتاب، **"ڪيچان آيو قافلو"** جي ڇپائي دوران ڪامريڊ سوڀو ڳيانچنداڻي دهلي آيل هئا، مڪي خوشي آهي تہ هنن رهائش ۽ ميزبانيءَ لاءِ منهنجي گهر جي چونڊ ڪئي، مارئي طرفان ڪتاب ڇپجي رهيو هو جنهن تي نظرثاني ڪندي اُنهن ٻہ اکر لکيا. هتي مان سندن اظهاريل جذبن کي پيش ڪرڻ چاهيندس.

پاڪستان کان اڳ ۽ پوءِ جيڪي شاهہ لطيف تي ڪتاب ڇپيا ويا آهن. تنهن ۾ منهنجي
سوچ مطابق جي ايم. سيد جو **"پيغام لطيف"**. هڪ تاريخي ڪتاب انڪري بہ آهي. جو هن شاهہ کي اهڙي نموني پيش ڪيو آهي جو اُن ڪتاب جي مطالعي بعد سنڌ جي منظر نامي ۾ شاهہ لطيف جا بيت ۽



## اداري پاران

مارئي تنظيم طرفان ڀٽائي گهوٽ شاهہ لطيف تي
ڇهين بين الاقوامي ڪانفرنس

جيڪا دهليءَ ۾ 16، 17 ۽ 18 ڊسمبر تي 2014ع تي Y.M.C.A انٽرنئشنل ڪانفرنس هال ۾ ٿي، تنهن ۾ سنڌ هند جي دانشورن، شاعرن، فنڪارن ۽ علم سان چاهہ رکندڙن شرڪت ڪئي. اُن ڪانفرنس دوران جيڪي مقالا پڙهيا ويا تن تي آڌارت هيءُ "**ايڪويهين صديءَ ۾ شاهہ لطيف**" عنوان تحت ادبي طعنو اوهان اڳيان پيش ڪندي بي حد خوشي محسوس ٿي رهي آهي. مارئي تنظيم جو هيءُ چوٿون ڪتاب اوهان آڏو پيش ڪري رهيا آهيون. سال 2000ع ۾ سنڌي ڀينرن جو آزادي جي هلچل ۾ ڪانٽريبيوشن تي آڌارت ڪتاب "**پاڻ سڃاڻج سُپرين**" پبلش ڪيو ويو جنهن ۾ ورهاڱي کان اڳ جي دور جي آزاديءَ جي هلچل جي تاريخ شامل آهي. ان ۾ سيتا سامتاڻي، سدوري اگناڻيءَ لڪشمي سڌوا، ڪرشنا ڀمياڻيءَ ۽ ٻين آزادي جي هلچل ۾ حصو وٺندڙن طرفان اُن دور جو اکين ڏٺو احوال قلمبند ڪيل آهي. آزادي جي هلچل هندو مسلمانن جي گڏيل هلچل هئي. جنهن ۾ ٻن سنڌ جي نارين گلزار بيگم ۽ مهر بانو جو اُنهن ذڪر ڪيو. اُن بعد 1987ع ـ 1989ع ـ 1991ع ۽ 2000ع تي منعقد ٿيل چئن عالمي سيمينارن تي آڌارت ڪتاب "**ڪيچان آيو قافلو**" 2005ع ۾ شايع ڪيو ويو ۽ ٽئين پبلڪيشن سنڌ جي سُڃاڻ شخصيت مانواري سڄڻ خادم علي شاهہ جو سنڌيءَ ۾ "**شهيد بختاور**" عنوان تحت ڪتاب 2011ع ۾ هنديءَ ۾ شايع ڪيو ويو.

سوچ ڪي بلڪل سياسي هٿيار طور ڪتب آندو ويو. شاهہ لطيف سنڌ جي قومي تحريڪ لاءِ ڍال ۽ تلوار بڻي آهي. سنڌ ۾ ڪو بہ جلسو شاهہ لطيف جي شعر سان ئي شروع ٿيندو آهي، جتي وڏا وڏا سياسي ۽ سماجي سوچيندڙ پارٽي سنڌي سنڌيءَ ڪي وسارڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. اُتي وينا جي جگر ڪي شاباس هجي جو هيءَ ڪتاب **”ڪيچان آيو قافلو“** پيش ڪري سنڌين ڪي پنهنجي پاڙن ۽ پسمنظر ڏانهن رفر (ڌيان) ڇڪايو آهي. سنڌي ڄاڻيندڙ ۽ قوم جا گهڻگهرا جنهن ماءُ جي هنن ٿڃ پيتي آهي اُهو ڪڏهن وساري نٿا سگهن. مارئي تنظيم لاءِ شُڀ ڪامنائون.

سوڀو گيانچنداڻي

16جولائي 2005ع

2014ع شاهہ لطيف عالمي ڪانفرنس جي موقعي تي هند سنڌ شايع ٿيل نون ڪتابن جي جناب غلام نبي مورائي ۽ ڊاڪٽر محمد سُليمان شيخ پنهنجي مُبارڪ هٿن سان رونمائي ڪئي. ان ڪانفرنس دوران پڙهيل مقالن ڪي **”ايڪويهن صدي ۾ شاهہ لطيف“**. عنوان تحت ڪتابُ پيش ڪندي خوشي ٿي رهي آهي. اُميد آهي تہ سڀني جا پورهئيا ٿاب پوندا. مان واري سڄڻ امان الله شيخ نہ صرف عالماڻو مُهاڳ لکيو آهي پر مقالن ڪي ايڊٽ ڪرڻ کان وٺي ڪمپوزشن ۽ ٻين ڪمن ڪي بخوبي سرانجام ڏنو. جنهن پورهئي جا لفظن ۾ ٿورا بيان نہ ٿا ڪري سگهجن.





پورهيو سندو پورهتن جو والي ڪيم وڃائي (سچل)

اُن بعد اگر لبن تي جي ڪنهن جو نالو اچي ٿو تہ سُي آهن مانوارا پروفيسر اعجاز قريشي سندس وڏا قرب نہ صرف ڪانفرنس دوران ساٿ ۽ سهڪار ڏنو پر هن ڪتاب ڇپڻ ۾ پروف جانچڻ وارن مرحلن کان وٺي ٻانهہ ٻيلي ٿي بيٺا. ڊاڪٽر سُليمان شيخ صاحب وفد جي اڳواڻ طور ڪو آرڊينيٽ ڪندا رهيا. نہ صرف هن سيمينار لاءِ پر ان کان اڳ وارن سڀني ڪانفرنسن ۾ سندن ساٿ ۽ سهڪار ۽ رهنمائي حاصل ٿي. ڊاڪٽر سُليمان شيخ صاحب نہ صرف مارئي ڪٽمب جا پر اسان جي گهر جا ڀاتي آهن، سندن شريڪي حيات جون نيڪ تمنائون ۽ قرب هميشہ مون سان رهيا آهن. جنهن ٻي شخصيت جو ذڪر ڪرڻ لازمي ڀانئيان ٿي سي آهن مانوارا غلام نبي مورائي صاحب جن نہ صرف مصروفيتن مان قيمتي وقت سيڙائي شرڪت ڪئي. پر سڄي پروگرام جو مهراڻ ٽي. وي طرفان نہ صرف ڪوريج ڪرايو پر لطيف ڪانفرنس جو گهر گهر پيغام پهچائڻ ۾ ان اداريءَ جو ۽ مانواري سڄڻ غلام نبي مورائي جي ڪري ڀرپور سهڪار مليو.

مارئي تنظيم طرفان هند سنڌ جي سڄڻن جي ٿورائتي آهيان جن وک اڳتي وڌائي ساٿ ۽ سهڪار ڏنو. هند ۽ سنڌ جي ڀائرن ۽ ڀينرن وقت ڪڍي ۽ تڪليف وٺي ڊسمبر 2014ع واري ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ هند جي ڊاڪٽر ايم. ڪي. جيٽلي، پروفيسر ڊاڪٽر ونود آسوداڻي، ڀڳوان اٽلاڻي، ارجن چاولا، گورڌن شرما گهايل، لڇمڻ دوبي

مختلف اجلاسن جي صدارتن جا فرائض انجام ڏنا. ليکڪائن، شاعرن ۽ شاعرائن ڪويتائون پيش ڪيون ۽ پنهنجا ويچار پيش ڪيا. موسيقيءَ جي پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ فنڪارن شاه سچل ۽ ٻين صوفي شاعرن جا ڪلام پيش ڪري پنهنجي فن جو سُهڻو مظاهرو ڪيو.

پهرين عالمي لطيف سيمينار ۾ 1987ع ۾ شروع ۾ جن همٿ افضائي ڪئي تن ۾ دادا اُتم، دادي سندري، ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي، تيرٿ بسنت نارائڻ شيام، ڪشن ڪتواڻي، دادا آنند هنگوراڻي، دادا تيرٿ سنياڻي، سنڌ جون ڪئي شخصيتون ٻانهه ٻيلي ٿي بيٺيون آپا شمس عباسي، شمشيرالحيدري، جيجي زرينہ بلوچ، فتاح ملڪ، تاجل بي وس ۽ هند سنڌ جون ٻيون ڪيتريون شخصيتون شامل آهن جن وڏا قرب ڪيا ڪن ڪن جي نالن، جو ذڪر ڪيان. مارئي طرفان ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي خادم جي ڪتمب طرفان پنج گولڊ ميڊل مارئي جي پئليٽفارم تان ڏنا ويا جنهن ۾ پهريون گولڊ ميڊل دادا اي. جي اُتم کي عطا ڪيو ويو ۽ اُن بعد ڀاسڪر شرما طرفان پنهنجي پيءُ ماءُ سيتا ديوي ۽ بسنت لال شرما جي ياد ۾ ٻہ گولڊ ميڊل مارئي جي پئليٽفارم تان ڏنا ويا. پهريون شاه لطيف گولڊ ميڊل شاه جي پارکو ڊاڪٽر موتي لعل جوتواڻيءَ کي عطا ڪيو ويو. لڇمڻ ڪومل کي ڪين وسارينداسين جيڪو پهرين ڪانفرنس کان وٺي ساڻ رهيو پر 2014ع ڊسمبر واري شاه لطيف ڪانفرنس ۾ وقت هن سان وفا نہ ڪئي ۽ پنهنجي يارن دوستن سان روح رهاڻ ۽ ڪچهرين کان محروم رهجي ويو.





دعوتن ڏيڻ ۽ ڪچهرين جو ڪوڏيو هو. محفل جو مور هو اُنهن ڏات ڌڻين طرفان سندس وڇوڙي تي ڏُک جو اظهار ڪندي تاريخ 24 ڊسمبر تي هوٽل سارٽڪ پئلس ۾ هند سنڌ جي ليکڪن گڏجي ڪري عقيدت پيش ڪئي ۽ لڇمڻ ڪومل جي ادب ۾ ڪيل خدمتن ۽ سندس زندگيءَ جي مختلف پهلوئن تي روشني وڌي ۽ سندن شريڪي حيات گوپي موٽواڻي ۽ ڪتمب سان ان دک ۾ شريڪ ٿيندي ڪومل کي خراجي عقيدت پيش ڪئي پروفيسر اعجاز قريشي، امان الله شيخ، پروفيسر سُريش واڌواڻي، جاويد شيخ ۽ هند جي ٻين سڄڻ هوٽل سارٽڪ پئلس ۾ ٿيل ان گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪئي. پروفيسر اعجاز قريشي ۽ مان (وينا شرنگي) سندس ڪتمب سان اعزار پرسي ڪندي ڪومل جي انتم سنسڪار ۾ شرڪت ڪري خراجي عقيدت پيش ڪئي.

2014ع جي عالمي ڪانفرنس دوران 16 ڊسمبر تي هڪ دردناڪ واقعي جي خبر آئي جنهن هر باشعور انسان کي ڌوڏي ڇڏيو پشاور ۾ اسڪولي ٻارن مٿان دهشتگردن طرفان حملو ڪري دهشت گردن معصوم گلن جهڙن ٻارڙن جي زندگي ڇيپاڻي ڇڏي ۽ وحشين ٻارڙن جي عزيزن کي تا عمر جو درد ڏيئي ڇڏيو. جو درد هر باشعور انسان جو درد آهي. انهن جي ياد ۾ ٻن منٽن لاءِ خاموشي اختيار ڪري شرڌانجلي ڏني وئي ۽ سندن آتما جي شانتيءَ لاءِ دعا گهري وئي. سارڪ ملڪن جي ڪانفرنس ٿيڻ واري آهي. جنهن جو مقصد سارڪ ملڪن وچ ۾ ميل ميلاپ ڀائيچارو علم ادب ڪلچر جي ڏئي وٺ ۽ عام وچ ۾ ميل مُلاقات وارو مقصد آهي، خوشي ۽ فخر جي ڳالهہ آهي تہ مارئي اهو سلسلو ان کان

اڳ 1987ع ۾ پهرين لطيف ڪانفرنس ڪري مُبارڪ قدم کنئيو. آخر ۾ شالني ساگر، پروميلا شرما ۽ راجيندر ڪي ڪين وساريندس جن آنڌي مانجهيءَ سڏ ۾ سڏَ ڏنو. "**شاه لطيف ۽ ايڪويهين صدي**" ڪتاب ڪراچي سنڌ جي پيڪاڪ پبليڪيشن طرفان ڪمپوز ڪيو ويو آهي ۽ هند جي اسڪين پبليشر طرفان وقت سر تيار ڪري هند سنڌ جي ادب نوازن اڳيان پيش ڪرڻ ۾ مدد ڪئي، جن جي وڏي مهرباني، موڪلاڻي ناهي ساٿ سلامت!

**وينا شرنگي**

16 ڊسمبر 2015ع نئين دهلي



# مهاڳ

گذريل سال 17،16،15 ڊسمبر 2014 ڌاري دهليءَ ۾ "شاهه لطيف عالمي ڪانفرنس" ۾ شرڪت جو موقعو مليو ۽ انهي، ڪانفرنس ۾ اماڻيل ۽ پڙهيل مقالا، نه رڳو شاهه جي شاعراڻي فڪر ۽ ساڃاهه جو پڌرار هئا پر تصوف جي ڪنهن حد تائين روايتي اپٽار ڪندي به،هڪ نئين اتساهڪ فڪر جا آئينيدار هئا. انهن مقالن کي جيڪڏهن ڌيرج سان پڙهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته ذهني اٿل پٿل پيدا ڪرڻ ۾ متن جو معيار ۽ ڳر عالمي معيار جو پلئي پوندو. ايئن، چٽڪ پڙهندڙ پاڻ کي "جز" کان "ڪل" ڏانهن سچ جي اڻ-کٽ سفر ۽ اڻ پوري داستان جو حصو محسوس ڪندو. سچ جي ڳولا جو هي اننت ۽ اکٽ سفر جيڪو اوستائين جاري رهڻو آهي جيستائين نوع بني آدم ۽ سنسار جو چرخو هلندو رهندو. هونئن به نوع بني آدم ۽ سنسار جي هستيءَ ۽ نيستيءَ بابت هي "جيستائين" ۽ "تيستائين" جو مشروط ۽ اضافتي (Relativety) تصور سادي اصول جي آڌار تي اختيار ڪيل آهي. ائين انهيءَ پيچيدگي پنيان اصل راز يا اسرار جيڪو تجسس جو پڌرار آهي ته هي سڀ ڪجهه ڇا آهي ۽ ڇو آهي؟ سو آهي ڇا، تنهن جي هينئر تائين ڪا ڳلَ ڪانهي. هي اسراريت جو علم، يا مخفي علم (occult science) ئي تصوف/صوفيت جو مرڪزي نقطو آهي.؟

تصوف ۽ شاهه لطيف جي سري سان سلهاڙيل مضمونن جي مالها ۾ پوئجندڙ مواد (content) جي موتين ۾ لڪل سونهن ۽ سوڀيا آهي تصوف ۽ ويدانيت جي وادين ۾ علم ۽ عرفان جي ڳولا سان

گڏوگڏ اهو هڪ وقتائتو سوال سامهون وڃ جيان وراڪا ڏئي ٿو تہ عرفان جي ڳولا ۾ من ليپائيندڙ سفر جو سبنڌ، ايڪويهين صدي ۾ شاهہ لطيف جي شاعريءَ سان ڪيئن ۽ ڪهڙو ٿو جُڙي جنهن مان ڪو لاڀ ملي سگهي؟

اصل ۾ "تصوف" ۽ "ويدانيت" بابت مڪاني سطح کان وٺي عالمي سطح تائين عقيدتمنديءَ جي نوعيت سبب هڪ مونجهارو پيدا ڪيل آهي تہ اهي ٻئي عنصر فڪر ۽ سوچ جي دائري کان ٻاهر محض ڪيفيت ۽ سپاءِ جو نالو آهن. ان جو مثال آهي تہ ابوالحسن فشنجي ڏهين صديءَ جو هڪ صوفي عالم ٿي گذريو آهي جنهن جو پڻ تصوف بابت مبهم رايو آهي، "تصوف هڪ اهڙو لفظ آهي جيڪو نانءَ هوندي بہ حقيقت ناهي ۽ ڪنهن زماني ۾ حقيقت هوندي بہ بي نام هو."

ائين، تصوف ۽ ويدانيت بابت چئجي تہ، "اُهي فڪر کان وڌيڪ انساني سپاءُ ۽ اندر جي اڏمن تي عڪس چٽيندڙ سٽاءُ آهي جنهن کي ڪنول سان ڀيٽي ڏسجي تہ، گل پاڻيءَ کان ٻاهر ۽ پاڙ پاڻيءَ اندر حياتي گذارڻ جو انداز ۽ دنياوي مَامرن سان واسطو رکندي بہ دنياداريءَ جي دلدل کان دور ماورايت ۾ رهڻ." شاه لطيف انهيءَ ڪيفيت کي هيئن بيان ڪري ٿو:

مونکي مون پرينءَ، ٻڌي وڌو ٻار ۾،
اپا ايئن چَوَنِ، متان! پاند پسائين.

هيءَ ڪنول سان ڀيٽ ڏنل ڪيفيت ڪنهن حد تائين "خودي" ۽ "بيخودي" جو امتزاج يا ميلاپ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ۽ ميلاپ بہ "مونجهارن جو مونجهارو" آهي جنهن کي سُلجهائڻ واسطي وسيع تر ڏاهپ گهربل آهي. يعني تہ، تصوف هڪ دانشوراڻو موضوع آهي جنهن کي هر دور جي عالمن ۽ شاعرن پنهنجي تخيل جي زينت پئي بڻايو آهي، پر علامتي، ۽ تجريدي ٻوليءَ ۾، چاڪاڻ تہ، تصوف بابت خيال آرائي بہ شاعراڻي نوعيت جي ۽ شاعراڻي ٻولي ابهام سان ڀرپور هوندي





آهي تنهن ڪري صوفياڻين ترڪيبن ۽ اصطلاحن جي معنائن ۽ شرحن جو مختلف ۽ متضاد هجڻ امڪاني امر آهي.

## تصوف جو سياسي ۽ سماجي پس منظر:

تصوف کي صوفي عالم گهڻي ڀاڱي سوالن جوابن وسيلي شاعراڻي انداز، اشارن، رمزن ۽ علامتي اصطلاحن ذريعي پنهنجن جذبن جي اپٽار ڪندا اچن پيا جنهن جي تز ۽ نهڪندڙ معنيٰ ڏيڻ ۾ اڄ بہ هٻڪ محسوس ٿئي ٿي.

ائين تصوف، صوفياڻين روايتن/اسرارن/ تجربن جو اهڙو اظهار آهي جنهن جو تقابلي جائزو وٺنداسين تہ اڪيچار مذهبن جي روح ۾ سانپيل جو وچولو ڏڳ چئي سگهبو.

ائين اسان تصوف جي معنيٰ ۽ مفهوم بابت گهڻ پاسائين اپٽار کي اوليت ۾ شامل ڪيون ٿا.

1) تصوف بنيادي طور عربي جي ٽن لفظن جو ڏاتو/اشتقاق چيو وڃي ٿو. صا (SA)، وا (WA) ۽ فا (FA) جنهن جي عربي ۾ لفظ صفا بيهي ٿي. ان جي معنيٰ آهي اهي جيڪي چونڊيل هجن ٿا.

2) "تصوف" جي اصليت "صف" لفظ مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ صف بندي ڪرڻ. اها صف بندي جي معنيٰ اوائلي دور جي مسلمانن کان ليکي وڃي ٿي يعني عبادت لاءِ قطار بندي ڪرڻ.

3) تصوف جو بڻ بڻياد "صفا" مان نڪري ٿو. جنهن جي معنيٰ رهڻ ڳهڻ جو نديڙو ورانڊو.

4) تصوف جو گهاڙيٽو صُفَ سان نهڪي ٿو جنهن معنيٰ بيهي ٿي "اهي ماڻهو جيڪي باطني/ لدني علم حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا." اهي آڳاٽي زماني جا درويش پشم جي پوشاڪ پائيندا هئا.

ان جي برعڪس تصوف جي مٿي ڄاڻايل معنيٰ ۽ مفهوم جي

ابتڙ عملي ۽ منطقي لحاظ کان جنهن ماڻهو ان کي فلسفي ۽ فڪر جو هڪ سلسلو ڄاڻايو ان جو نالو البيروني (973_1043) [1] آهي. البيروني پنهنجي علم ۽ پورهئي سان ثابت ڪيو ته تصوف لفظ اوچتو ۽ پاڻمرادو نمودار ڪونه ٿيو آهي. ۽ نه وَري اها لفظن جي راند هجي ٿي. هن ڄاڻايو ته صوفي لفظ جو ڳانڍاپو يوناني لفظ سوفوس(Shophos) سان آهي جنهن جي معنيٰ آهي ڏاهپ ۽ عقلمندي.

تصوف کي اسلام جي آفاقي پيغام ۽ سيڪيولر سوچ/ فڪر

(1) البيروني، نه رڳو مشرق ۾ پر دنيا جي تواريخ ۾ هڪ روشن/باب آهي. هن جو پورو نالو ابوريحان محمد بن احمد البيروني الخوارزمي هو. پر مختصر طور ڪيس ابوريحان البيروني چيو ويجي ٿو.

البيروني علم ۽ ڏاهپ جي دنيا ۾ ذهنن کي وسعت بخشيندڙ عالم ۽ مورخ آهي هو هڪ ئي وقت فلسفي، طبيعات، مابعدالطبيعات، ڪيميا، مذهبيات، تهذيب، آرٽ، لسانيات، شاعري، حڪمت، علم روشني، رياضي، نجوميت، دست شناسي ۽ عام جعفر جهڙن اڪيچار علمن تي اچرج ۾ وجهندڙ حد تائين دسترس رکندڙ ۽ انهن ۾ واڌارو ڪندڙ به آهي. هو هڪ پڪو پختو مسلمان هئڻ جي باوجود، تنگ نظري ۽ ڪٽرپڻي جي ويجهو نه آيو. هُو گرجا گهر کان وٺي مندر تائين ويو ۽ پرايو. هُن توريت زيور، انجيل ۽، گيتا ۽ قرآن حڪيم تائين سيني مذهبي ڪتابن جو ڳوڙهائيءَ سان مطالعو ڪيو. البيروني قديم يوناني فلسفي جو مطالعو ڪيو ۽ پوءِ هندوستاني فلسفي جي ڄاڻ حاصل ڪئي. هُن ۾ عالمگيري گڏيل شعور اچڻ سان مذهبي، جاگرافيائي، نسلي ۽ لساني تعصب الوپ ٿي ويو. ان ڪري البيروني يوناني فلسفي، تصوف ۽ ڀڳتي فڪرن هڪ ٿمورتي سمجهي ٿو. هن يونان جي قديم فلسفي، هندوستان جي ويدن پراڻن جو به مطالعو ڪيو. هندوستان جي تهذيب، ثقافت کي ويجهڙائي سان مطالعو ڪيو. ان ڪري اڳتي هلي هڪ جامع ڪتاب "الهند" لکيو.

البيروني متعلق جن ماڻهن وڏيڪ کوجنا ۽ اڀياس ڪيو انهن مان هڪ اثرائتو. نانءُ ايڊيرٽ ميڪس (Adelbert Merx) جو به ڳڻپ ۾ اچي ٿو. هن جي خيال موجب ته "صوف" جي معنيٰ ۽ پس منظر "پشم جي پوشاڪ پهريندڙ" بنهه سمجهه کان بالاتر آهي. چو ته، عربيءَ ۾ "پشم" جنهن نموني ڪنهن فرد سان منسوب ڪيل آهي ته ان جي معنيٰ بيهندي "پشم جو ٺهيل" يا "پشم جو واپار"_ ان جي برعڪس اهو يوناني لفظ سوفوس (Shophos) مان اخذ سمجهڻ گهرجي جنهن جي معنيٰ آهي ڏاهو. ان ڪري، يوناني لفظ فلاسافر (Philosopher) اڳتي هلي عربيءَ ۾ "فيلسوف" ٿي پيو. ڪجهه اڳيرو ته، تصوف جي بڻ بڻياد ۾ نو افلاطوني (Neo Platonic) روايتون به شامل آهن جن جو واسطو يوناني فلسفي سان جڙي ٿو.





سان سڃاڻتو ڪرڻ جو جنهن ڏاهي ۽ داناء ڪم ڪيو ان جو نالو شيخ الاڪبر محي الدين ابن عربي [1] (1165_1240) آهي جنهن جو اڄ به تصوف جي دنيا ۾ مڃتانهون ۽ اعليٰ مقام آهي. ابن عربي پنهنجي لکڻين ۾ هڪ "جُز" تي وڌيڪ زور ڏئي ٿو ته علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو مفيد رستو پاڻ کي پردي جي پويان لڪائڻ آهي جيڪو ڪنهن به دليل ۽ سبب جي ڪسوٽي تي پرک ڪرڻ کان پرانهون هجي ٿو. پر ساڳي وقت ڪنهن حد تائين اظهار ڪري ٿو ته "دليل" وري به چنڊ چاڻ ڪرڻ جو اهم ذريعو سمجهڻ گهرجي جنهن سان نيڪيءَ بدي جي قوتن ۾ تفريق ڪرڻ ۾ آساني ٿئي ٿي. ۽ محض خيالي ۽ پورالي علمي ڪيفيت ۽ ڄاڻ کي ايڏو اهم به ليکڻ نه گهرجي.

ائين ابن عربي جي عالمانه ۽ فڪري لکڻين جو جيڪڏهن ڪنهن مفڪر ۽ عالم جي لکڻين تي اثر نظر اچي ٿو. ته سو ابن خلدون (1332_1406) آهي. ابن خلدون سماجي سائنس جو اهو ڏاهو ۽ داناءُ ماڻهو ڄاتو وڃي ٿو جو ته ابن خلدون به طرفي سماج تي اثر انداز ٿئي ٿو هڪ پاسي "قدر" ۽ سڃاڻ ته ٻي پاسي ان جي سياسي ۽ سماجي اهميت

(1) ابن عربي، 1165 ۾ اسپين جي هڪ ننڍڙي شهر مُرسيه ۾ ڄائو. هن جو والد ۽ چاچو صوفي منش ماڻهو ۽ چڱو موچارو ناماچار رکندڙ هئا. هي گهراڻو مسلڪ جي لحاظ کان امام مالڪ جي سوچ ۽ فڪر سان سلهاڙيل هو. پر ابن عربي مختلف مڪتبه فڪر جي عالمن کان تعليم حاصل ڪئي هن علم شريعت سان گڏوگڏ اسپين جي صوفين سان به واسطا وڙا رکيا. ائين ڪيس اسپين جي علمي ۽ فڪري دائرن ۾ شهرت حاصل ٿي. ابن عربي جي ڄمار محض ارڙهن وَرهيه هئي ته ان زماني ۾ مشهور عالم ۽ فيلسوف ابن رشد (1126_1198) سان ملڻ قرطبه ويو جيڪو ان زماني قرطبه جو قاضي/ جج هو. بهرحال 1102ع ڌاري ابن عربي، اسپين کي الوداع چئي مصر، مڪي، بغداد ڏانهن روانو ٿيو. ان جو اهر ڪارڻ جو ان دور ۾ اسپين جا قدامت پرست مسلمان، صوفي تحريڪن معتزله فيلسوفن ۽ عالمن کي ناپسند ڪرڻ لڳا هئا. ابن عربي مختلف ملڪن جو سئر سفر ڪندو ۽ پنهنجي صوفي فڪر جو ڦهلاءُ ڪندو دمشق ۾ پهتو ۽ دائمي طور وَسرام ڪري ويٺو سندس جداگانه صوفي فڪر جي ڪري عام عالم ۽ سرڪاري ڪارندا پڻ خلاف ٿي پيا. انهن ۾ امام ابن تيميه (1263_1328 ) ۽ تفتازاني سرفهرست عالم آهن جيڪي ابن عربي جا ڪٽر مخالف هئا. دمشق ۾ ابن عربي جي درس ۾ صدر الدين قونوي به شامل ٿيندڙن ۾ هڪ هو جيڪو اڳتي هلي مولانا جلال الدين رومي جو خاص دوست ۽ ساٿي ٿيو.

ڪي اجاڳر ڪرڻ ۽ مذهبن يا فڪر جو واسطو ڪلچر ۽ مروج حالتن سان سلهاڙيل آهي.

ائين مجموعي طور ڏهين صدي جو حسين بن منصور (922ـ858) ابن عربي ۽ مولانا جلال الدين رومي جداگانه سوچ ۽ فڪر جي باوجود به صوفي فڪر جي هڪ ئي سٽ جا نمائندا آهن.[1] مطلب ته تصوف يا صوفي فڪر ۾ مولانا جلال الدين رومي ۽ ابن عربي جي پورهئي ۽ جدوجهد ڪي لازوال ۽ بنيادي حيثيت حاصل ٿي وئي. اهي ٽئي هستيون پنهنجي صوفي فڪر ۽ اتهاس جي حوالي سان اپکنڊ کان وٺي سڄي مشرقي علمن مٿان. ڇانيل نظر اچن ٿيون انهيءَ زماني ۾ اپکنڊ ۾ تصوف جي قادري مسلڪ جي نسبت سان داتا گنج بخش (1072ـ1088) جو نانءُ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو

جڏهن مشرق ۾ علم، اڀياس ۽ ڄاڻ جون قنديلون اجهامڻ لڳيون ۽ يورپ اونداهي دورمان نڪري نئين جاڳرتا (Renaissance) جي ڏانهن وک وڌائڻ شروع ڪئي ته علم، کوجنا ۽ ڏاهپ جو به مشرق کان مغرب ڏانهن روانگي جو سفر شروع ٿي ويو. مولانا روميءَ ابن عرب ۽ حسين بن منصور کي مغرب جي عالمن ۽ کاهوڙين سڄي دنيا سان نئين سِر روشناس ڪرايو. ائين "تصوف" بابت جديد کوجنا ۽ اڀياس جي ابتدا يورپ مان ٿي. انهن عالمن ۽ ودوانن "تصوف" کي مستشرق (ORIENTALISM) جو هڪ حصو ڄاڻايو.

تصوف متعلق ڪيترن ئي جڳ مشهور عالمن برٽش ايسٽ انڊيا ڪمپني لاءِ علمي پورهيو ڪيو انهن مان سرِ فهرست نالو جرمن اسڪالر ، ٻولين ۽ مشرقي علومن جو ماهر فريڊرڪ ميڪس مولر (1823_1900) جو آهي جنهن "مشرق جا مقدس شاستر (The Sacred Books of the East) نالي پنجاهه جلدن جي ضخامت تي

(1) شاهه لطيف لاءِ چيو ويجي ٿو ته هُن سان قرآن شريف سان گڏوگڏ مثنوي مولانا رومي پڻ هوندا هئا.





ڇڏل ڪتاب پنهنجي نگراني ۾ ترجمو ڪرايو هو. هن جو شمار "دي ويسٽرن اڪيڊمڪ فيلڊ آف انڊين اسٽڊيز اينڊ دي ڪمپئريٽوِ رليجن" جي بانيڪارن ۾ ٿئي ٿو. سَر وليم جونس (1794) ۽ سرجان مالڪم (1883ع) ۽ ٻيا پڻ ذڪر لائق آهن. انهن عالمن جي کوجنا ۽ اڀياس جي وسيلي ايسٽ انڊيا ڪمپني کي هندوستان ۾ ٻيٽڪيت لاءِ مواد ملندو رهيو.

سياسي سماجي نقطہ نگاه کان، يورپ جي عالمن جو ايشيائي ۽ آفريڪي مذهبن ۾ دلچسپيءَ جو مک ڪارڻ، جيئن ڪارل . اِي. ارنيسٽ به ڄاڻائي ٿو ته عالمي سطح تي علمي ۽ فڪري پورهيي سان ڏاڪو ڄمائڻ ۽ پنهنجي قبضہ گيري (ٻيٽڪيت /Colonization) جو جواز مهيا ڪرڻ هو. ائين لوئي ماسينون (1883ـ1962) جنهن کي تصوف جي کوجنا ۽ اڀياس ۾ هڪ کاهوڙيءَ جو درجو حاصل آهي ان جي لکڻين کي محض ماضيءَ جو داستان ڄاڻائي رد نہ ڪرڻ گهرجي پر هن کي اسلام ۽ فرينچ سياست، سماج ۽ ڪلچرل قبضا گيري جي وچ ۾ هڪ ڳانڊاپو سمجهڻ گهرجي. جاويد غامدي به قدامت پرستانه صوفي سوچ کي رد ڪيو آهي ۽ ڄاڻائي ٿو ته آڳاٽي دور کان وٺي، رومانويت پرستي، اوپرائپ ۽ پُراسراريت جي تجربن "تصوف لاءِ يورپ جي مستشرقين عالمن جو ڪيل پورهيو والار/ٻيٽڪيت (Colonization) لاءِ هٿيار طور استعمال ڪيو ويو.

پر ائين ڪونهي ته يورپ جي دنيا ۾ قبضا گيري خلاف ڪا به مزاحمت ڪانه ٿي پر يورپ جي استعماريت/والار خلاف مزاحمت جا سلسلا به نظر اچن ٿا. جن جو مختصر وچور هيٺين ريت آهي.

1) الجزائر ۾ امير عبدالقادر جي سربراهي ۾ فرينچ فوج/حڪمرانن خلاف عملي ويڙهاند جو هڪ نرالو مثال آهي لڳاتار ورهين جا ورهيہ مزاحمت جو عمل جاري رهيو جيستائين کين گرفتار ڪري 1847ع ۾ شام ڏانهن جلاوطن نہ ڪيو ويو. شام (دمشق) ۾ امير عبدالقادر جيلاني تصوف

جي فڪر ۽ فهم تي شاهڪار ڪتاب لکيا. انهن ڪتابن ۾ ابن عربي جو اثر صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

2) ڪازڪستان ۾ شيخ شمائل جو روسي زار شاهي خلاف ويڙهاند ڪري هڪ آزاد رياست جو قيام عمل ۾ آندو جنهن جو خاتمو 1859ع ۾ آيو.

3) سوڊان ۾ مهدي سوڊاني جو انگريزن خلاف هٿياربند جدوجهد جو آغاز جنهن جو خاتمو 1859ع ۾ ٿيو.

4) سنڌ ۾ سترهين صديءَ جي اڳياڙي ۾ شاهه عنايت شهيد (1655_1718) مغل سامراج جي خلاف جهوڪ ۾ مزاحمتي تحريڪ جو آغاز جنهن جو انت به دردناڪ نموني ٿيو.

5) ڪلهوڙن جي ميان وال تحريڪ جنهن اڳتي هلي گوريلا جنگ جي شڪل اختيار ڪئي ۽ آخرڪار مغلن کين سنڌ لاءِ حڪمراني جي سند عطا ڪئي.

ويهين صديءَ ۾ پير پاڳاري صبغت الله شاهه راشدي (1910_1943) پاران انگريزن خلاف مزاحمتي تحريڪ جو آغاز ٿلهي ليکي ڏٺو وڃي ته امير عبدالقادر کان وٺي پير پاڳاري تائين حر تحريڪ (ماسواءِ ميان وال تحريڪ) جون پيون هڙئي تحريڪون پنهنجي منطقي انجام تائين پهچي ڪونه سگهيون. ان جو اهم ۽ مکيه سبب ان دور جي سماج ۾ ردو بدل آڻڻ لاءِ ڪا به رٿابندي نه هئڻ يا وري محدوديت جي دائري ۾ رهڻ هو.

ائين ويهين صدي ۾ تصوف جي هئڻ ۽ نه هئڻ جي صدين کان هلندڙ سوچ ۽ فڪر کي جنهن ماڻهو ويهين صديءَ پوئين چوٿائي کي هڪ منفرد نوعيت سان پنهنجي شاهڪار لکڻي مستشرق (Orientalism) 1978ع ۾ آڻي پراڻن مفروضن کي رد ڪيو ۽ هڪ بحث جو آغاز ڪيو سو ائڊورڊ سعد (2003) آهي. پنهنجي ڪتاب ۾ ڄاڻايو آهي ته مستشرقيت جي حوالي سان سامراجي قوتون ڪيئن قومن ۽ آدرشن جي لتاڙڪن ٿا ۽ ان جا سياست ۽ سماج ۾ ڪهڙا اثر





پون ٿا. اهڙي ريت ويهين صدي ۾ جنهن ڏاهي انسان مستشرقيت جي نالي ۾ کيل والار جا پتا پڌرا ڪيا سو مائيڪل فوڪالٽ (جون 1984) آهي. هن پنهنجن ٻن اهم لکڻين (The Archeology of Knowledge and Punish to Identity of Orientalism) ۾ مستشرقيت جي آڙ ۾ قبضا گيري جي نشاندهي ڪئي آهي.

اُپکنڊ ۾ تصوف جي آمد سان هڪ نئون دور ۽ زمانو شروع ٿيو جڏهن داتا گنج بخش هجويري (1072_1088) "ڪشف المحجوب" جي نالي سان تصوف تي جامع ڪتاب لکيو. ائين سنڌو ماٿري ۾ تصوف جا مرڪز ڀٽ شاهه، درازا، ملتان ۽ اجوڌيا/پاڪ پٽڻ اهم ۽ اثرائتا شمار ڪري سگهجن ٿا. ان سان گڏ و گڏ تصوف پنهنجي فڪري سٽاءَ ۽ پيشبنديءَ سان ٻن حصن ۾ چٽو ٿي سامهون آيو: هڪ، وحدت الوجودي فڪر جيڪو مختلف مذهبن ۽ عقيدن پويان هڪ ئي جز يا ڪل کي ڏسڻ پرکڻ ۽ پرجهڻ جو پرچارڪ هئڻ ۽ اندر کي اجارڻ ۽ ڪنهن حد تائين خلوت نشيني يا گوشي نشيني جو قائل هو. ان وحدة الوجودي فڪر جو روشن خيال نمائندو ميان مير سنڌي (1531_1653) هو. هوڏانهن ٻئي پاسي مذهبن جي نالي ۾ تفريق پيدا ڪرڻ ۽ هڪ مذهب کي ٻئي مذهب جي مٿان بالادست سوچ کي وحدت الشهودي سڏيو ويو. ان فڪر جو اهم نمائندو مجدد الف ثاني (1564_1624) چيو وڃي ٿو. هن عالم پنهنجي فڪر ۽ عمل سان مذهب جي جارحانه حڪمت عملي کي وڌيڪ ڌيان لائق سمجهيو. انت ته اڳتي هلي وحدة الوجودي دارا شڪوه (1615_1695ع) ۽ وحدة الشهودي اورنگزيب (1618_1707) جي وچ ۾ سياسي اقتدار لاءِ خون ريز ويڙهاند ٿي جنهن ۾ دارا شڪوه کي قتل ڪيو ويو. ائين اورنگزيب پنهنجي سياسي سوچ ۽ سٽاءَ وسيلي مذهبي فڪر جي جارحانه لاڙن سان اپکنڊ ۾ مغل شهنشاهيت جي زوال جو پهريون پيڙهه پٿر رکيو.

ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ هندوستان ۾ تصوف کي هڪ

نئين طرز سان ڏيٺ ڪرائي سو صوفي عنايت الله خان (1927ـ 1882) آهي جيڪو عالم ۾ ماهر موسيقار به هو. ان کان سواءِ سيد حسن ناصر، ڊاڪٽر جاويد بخش جا نالا سامهون اچن ٿا. اجا به هڪ اهم نانءُ گرو بابا محي الدين جو اچي ٿو. جنهن تصوف ۽ ويدانيت جي نسبت ۾ ميلاپ ۾ هڪ نواڻ سان نروار ڪري بيهاريو. سنڌ مان ان سلسلي جا نالا دادا چيتمل پرسرام (1948)، دادا ٽي-ايل واسواڻي، جي - ايم سيد ۽ سام جئسنگهاڻي چئي سگهجن ٿا. دادا چيتمل ته سوشلزم ۽ صوفي فڪر کي هڪ سڪي جا ٻه پاسا سمجهندو هو.

## سرد جنگ جو خاتمو ۽ تصوف:

سرد جنگ جي خاتمي دنيا ۾ هڪ ڀونچال آڻي ڇڏيو. خاص ڪري اهي انقلابي ۽ ڪاهوڙي جيڪي سماج واد (Socialism) کي هڪ سائنسي فلسفو ۽ فڪر سمجهڻ جي برعڪس ان کي سڌانت/ عقيدو/مَت (Dogma) سمجهي تقليد پرستيءَ يا اکيون ٻوٽي پيروي ڪرڻ جا طرفدار هئا انهن جڏهن سويت يونين جو زوال ٿيندي ڏٺو ته سندن وايون ولڙيون ۽ سوچ ۽ عقل جا دروازا بند ٿي ويا. انهن جي اڪثريت مڙهيون، مندر، اوتارا ۽ آستانه وڃي وسايا. ائين انهن انقلابين ۽ ڪاهوڙين ۾ ٽي لاڙا پيدا ٿيا. هڪ مذهب پرستيءَ ۽ ٻيو گيڙو رتا ڪپڙا ۽ ڳاناپائي سماجي صوفي بڻجڻ جو لاڙو. ۽ ٽيون لاڙو غير سرڪاري تنظيمن ۾ ردو بدل جي نالي ۾ سٽيا عهدا ماڻي اڻسڌي طرح سرمايه دارانه عالمي حڪمت عملي جو ڀاڱو بڻجڻ. ائين ڏسندي وائسندي سياسي ۽ سماجي ردوبدل جي عمل ۾ ماٺار اچي وئي.

ان کان پوءِ دنيا جي وايو منڊل ۾ نئون سنيهو ڏٺو ويو ۽ ائين جاٽائڻ جي ڪوشش شروع ٿي وئي. ته عالمي سماج تي جيڪو خال پيدا ٿيو آهي ان ۾ تصوف نئين سر والار ڪري/ جاءِ پري رهيو آهي. ان حوالي سان 1997ـ01ـ22 جي ڊان ۾ Laurie Goodstein جو مضمون بعنوان (Sufism gaining a foot hold in the USA)





ڇپيو. ان مضمون ۾ ذهن نشين ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته مختلف مذهبي برادريون صوفيانه نقطه نگاهه کان پرچار ڪرڻ ۾ محو آهن. ڇو ته دنيا ۾ روحاني خال ۽ بي آرامي پيدا ٿي آهي. ان کي ٽڏوٿانهرو ڪرڻ ۾ چڱو موچارو واڌارو ٿي رهيو آهي. انهي لکڻي ۾ هڪ هنڌ تصوف جي ساراهه ڪندي هڪ پرچارڪ چئي ٿو: تصوف گهڻي ڀاڱي لبرل/ آزاد خيالي کي واڌارو ڏئي ٿو.... ان ڪري سدائين قدامت پرست مذهبي مهندارن ۽ صوفين ۾ ويڙهاند جو سلسلو هلندو اچي پيو. ڇو ته صوفي پاڻ کي ڪنهن بند جاءِ ۾ واڙڻ لاءِ تيار نه هجن ٿا. مون کي مذهب جي جاڻ مسجد ۾ ڪانه حاصل ٿي آهي. مذهب منهنجو تجربو آهي. مان پاڻ کي وڏيڪ آزاد ڀانيان ٿو.”

## ڀڳتي تحريڪ جو سياسي ۽ سماجي پس منظر:

ڀڳتي جو وستار/اپٽار ڪرڻ کان اڳ ۾ ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جي هڪ ضخيم ڪتاب “هندوستاني فلسفو” (Indian Philosophy) مان هڪ اهم حوالو ڏيڻ مناسب لڳي ٿو. هو لکي ٿو ته: مشرق ۾ خدا ۽ انسان جي وچ ۾ ڳانڍاپو محسوس ٿئي ٿو. ان جي ابتڙ مغرب ۾ انسان جو نمائندو پروميٿوس انسان کي خدا جي ڪهر کان بچائڻ لاءِ سامهون اچي بيهي ٿو. جڏهن ته هرڪيولس ڪُلهن تي. دنيا کي کنيو بيٺل آهي ۽ مسيح انسان جو پُٽ آهي. مغرب ۾ انسان ڌيان جو مرڪز هجي ٿو.

ان جي ابتڙ مغرب ۾ انسان ۽ خدا جي وچ ۾ اختلاف موجود آهن. هوڏانهن مشرق ۾ انسان خدا جو شاهڪار ۽ روحاني تجربو هندوستان جي ڪلاسيڪل تواريخ جو هڪ حصو ۽ خدا جو وجود زندگيءَ جي علامت آهي.”

هندوستاني فلسفو ۽ فڪر ٻن اهم عنصرن جو ميلاپ آهي يعني علم جاڻ ۽ قياس آرائي جو اتساهه پيدا ڪرڻ. ان نسبت سان قياس آرائي جو وڏي ۾ وڏو خزانو ويدن کي ٿي مڃيو وڃي ٿو انهن ويدن

جي آڏار تي هندوستاني فلسفو جو ڄاڻ ۽ علم جو ذريعو چيو وڃي ٿو. اڳتي هلي ويدن بابت وڏيڪ نواڻ ۽ وقت جي حالتن سان ٺهڪندڙ جيڪي بہ لکڻيون سامهون آيون انهن کي اپانشدس (Upanishads) جو نالو ڏنو ويو. اهي اپانشدس ئي هندوستاني تصوف جون سڀ کان آڳاٽيون تصنيفون آهن جنهن ۾ هندوستاني ويدانيت جا آسان اصول بيان ڪيل آهن. پروفيسر روائس (Royce) پنهنجي جڳ مشهور لکڻي "ڪائنات ۽ فرد" ۾ اعتراف ڪري ٿو "هندوستاني صوفيانہ عقيدن جو پورو داستان اپانشدن ۾ قلمبند آهي. هندوستاني فڪر ۽ فلسفي جا ماهر ان نڪتي تي بہ سهمت آهن تہ اپانشدن جي تصنيف جو زمانو اٺين صدي قبل مسيح هجي ٿو اپانشد جي لفظي معنيٰ آهي تہ ڪنهن اڳيان با ادب ويهڻ. برهمہ گيان (حقيقت جو معرفت ۽ حاصل ڪري جهالت جو خاتمو ڪرڻ. اپانشدن جو خلاصو ڊاڪٽر راڌا ڪرشن هيٺين ريت ڏنو آهي.

1) برهم گيان (خدا جي معرفت) جنهن سان فلسفي ۽ مذهب جو ڳانڍاپو آهي.
2) هن سنسار ۾ برهم (خدا واجب الوجود)، اعليٰ ۽ ايڪم اَدوتيم (وحده لاشريڪ) آهي
3) معرفت گيان ۽ عرفان الهامي ٿي سگهي ٿو.
4) برهم گيان سان دلي سڪون ۽ ابدي راحت حاصل ٿئي ٿي.

مختصر طور تہ هي سنسار انهيءَ اڪيلي ۽ گياني ذات جو پرتو/مظهر آهي. ان کان سواءِ ڪا بہ وٿ حقيقي معنيٰ ۾ وجود ڪونہ رکي ٿي. اٿين هُو اڪيلو برهما ۽ واجب الوجود آهي. يعني وحدة الوجود.

هندوستاني فڪر ۽ فلسفي جا اوائلي دور ۾ ڏاها ۽ ودوان جيڪي بنيادي ڳاٽيتي ۾ اچن ٿا. انهن ۾ ورڌمان مهاوير (599_527) ۽ سڌارٿ مهاتمابڌ (563_483) آهن. مهاوير ۽ مهاتما ٻڌ هڪ ئي زماني جا همعصر آهن. انهن ٻنهي جي فلسفي ۽ سوچ جو واسطو عدم





تشدد جي اصولن سان لاڳاپيل آهي مهاوير 12 ورهين جي ڄمار ۾ نرواڻ ورتو. هن جي چوڻ مطابق ڪرمن جي چڪرن مان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ سان ئي من کي شانتي ملي ٿي. مهاتما ٻُڌ بہ نرواڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ گنگا جي ميدانن ۾ جوڳين ۽ سادن جي سنگت ۾ تپسيا (پاڻ پلڻ) جا چلا پچايا. اڳتي هلي چوڻ لڳو "مان پنهنجي مَن ۾ سانپيل مستي، اڊمبر ۽ وڏائي جهڙن دشمنن مٿان حاوي پئجي چڪو آهيان. مان نرواڻ ۽ ڪرمَا کي حاصل ڪري ورتو آهي." انهي سلسلي جو ٻيو هڪ نالو بدرايانا (لڳ ڀڳ ٽي صديون ق.م) ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهي ودوان پنهنجي علم ۽ فڪر ۾ "برهم سترا" جو اصطلاح استعمال ڪيو. مختصر تہ برهما سان ويجهڙائي حاصل ڪرڻ جو ڪهڙو سڦلائتو ۽ ڇوٽڪاري جو ڏڳ هجي ٿو. جيتوڻيڪ ٻُڌمت ۾ "سترا" جي معنيٰ ڄاڻائي وئي تہ ٻُڌ سان ويجهڙائي ڪيئن حاصل ٿي سگهندي. اٿين "عدم تشدد" "اندر کي اجارڻ" ۽ "هيڪڙائي" جا ٽي اهم عنصر هندوستاني فلسفي ۾ وحدانيت جي نقطہ نگاهہ کان سفر طئہ ڪندا اهڙي نهج تي پهتا جو انهن کي نئين سر سينگارڻ ۽ سنوارڻ جي گُهرج محسوس ٿي. انهي نواڻ جو نمائندو شنڪر آچاريہ (788_820) آهي. هِن ڏاهپ ۾ علم جي ڀنڊار کي مهاتما ٻڌ کان پوءِ وحدانيت جي سلسلي جي اهم ڪڙي چئجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو. اٿين بہ چوڻ ۾ ڪو بہ هرج ڪونهي تہ شنڪر آچاريہ جو هندوستاني فلسفي ۽ فڪر ۾ اهوئي مقام آهي. جيڪو صوفي فڪر ۾ ابن العربي جو آهي."

شنڪر جو فلسفو يا فڪر "ادويت ويدانيت سڏيو وڃي ٿو. ويدانيت جي اها تعبير جنهن ۾ دوئي يا ٻيائي کي رد ڪرڻ. ادويت جو معنيٰ هجي ٿي تہ جنهن جو ڪو بہ مٽ ثاني نہ هجڻ يعني لاثاني. شنڪر مطابق تہ برهما (خدا) جي حقيقت آهي.

شنڪر جي فڪر کان مغرب جا جيڪي بہ ڏاها ۽ مفڪر فيض ياب ٿيا انهن ۾ اسپونزا (1632_1672) لائبنز (1446_1716) فختي (1762_1814) هيگل (1770_1831)، شمار ڪري

سگهجن ٿا. انهن مان فختي ۽ شنڪر ۾ ايڏي تہ ويجهڙائي آهي جو ڪيس مغرب جو شنڪر آچاريہ پڻ چيو ويجي ٿو. ويهين صديءَ ۾ انهيءَ فڪر جو هڪ نمائندو ڊاڪٽر راڌا ڪرشن (1888_1975) ۽ ان ڪان سواءِ اربندو گهوش (1872_1950)، سواسي وويڪانند (1863_1920)، مهاتما گانڌي (1869_1948) چئي سگهجن ٿا، حاصل مطلب تہ ان ۾ ڪو بہ وَهم ۽ گمان ڪونهي تہ ڏکڻ ايشيا جي سٽاءِ ۾ ڀڳتي تحريڪ يا جديد وحدانيت جو اثر رسوخ رد ڪري نہ ٿو سگهجي. ائين تصوف ۽ ويدانيت/ ڀڳتي تحريڪ جو ميلاپ برصغير ۾ هڪ سدا بهار ٻوٽو آهي. انت تہ شنڪر آچاريہ، ابن العربي، مولانا رومي، گرونانڪ (1469_1539) ميان مير، شاهہ لطيف، سچل سر مست، (1739_1829) سامي، (1743_1850) ساڌوٽي، ايل واسواڻي، (1879_1966) دادا ڄيٺمل پرسرام ۽ جي- ايم سيد (1995) تصوف ۽ ويدانيت جي سلسلي جا روشن مينار آهن.

هاڻي اسان جي آڏو اهم سوال آهي تہ ايڪويهين صديءَ ۾ تصوف/ ڀڳتي تحريڪ جو ڪهڙو ڪارج بڻجي ٿو. سياست ۽ سماج مٿان ڪهڙا اثر پون ٿا. چو تہ هن ڪتاب ۾ سهيڙيل لکڻين جو عنوان پڻ آهي "شاهہ لطيف ۽ ايڪوهين صدي."

انهن مٿين سوال جو جواب يا وراڻي ڪي نشانبر ۽ نروار ڪري بيهارڻ ڪان اڳ ۾ ضروري بڻجي ٿو تہ تصوف جي فڪر ۽ فهم جي ڏِس ۾ سنڌ ۽ ڏکڻ ايشيا جي وايو منڊل تي مٿاڇري نظر اڇلايون.

تصوف جي نالي ۾ سنڌ ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ درگاهن ۽ اوتارن جو ڪلچر چانيل آهي. انهن تي قابض سجاده نشين تصوف يا غير فرقيوارانہ سوچ جو پرچار ڪرڻ جي ابتڙ عام ماڻهن جي اپت مان ڏن، نذراني ۽ پيري مريدي وسيلي گذر سفر ڪري رهيا آهن. اهي درگاهي ڪلچر جا سربراهہ ڪنهن بہ روحاني ۽ فڪري سوچ ڪان گهڻي پاڳي وانجهيل سماج جي ردوبدل ۾ رنڊڪ بڻجي بيٺل ۽ سياست ڪي بہ يرغمال بڻائڻ ۾ حصيدار ۽ وقت جي حاڪمن جا مطيع ۽ فرمانبردار آهن.





اهڙي صورتحال ۾ عام ماڻهن ڪي تصوف جي صحت مندڪارج ڏانهن وٺي وڃڻ جي برعڪس ڪين هنبو ڇيون هڻڻ، نچڻ، ٽپڻ ۽ ڪُڏڻ جي بي سود رسمن ۽ ريتن جي سنگهرن ۾ سوگهو ڪيو ويو آهي.

اڄ تصوف جي نالي ۾ درگاهہ ڪلچر جي ڇانوري ۾، ميلا ملاڪڙا، عقيدت مندي جي سوچ سان سلهاڙيل ذهني پستگي، مايوسي ۽ نراسائي جا انبار بڻيل آهن..

۽ جيتريقدر تصوف بابت لکڻين ۽ اڀياس جو تعلق آهي تہ انهن ۾ ڪا بہ نواڻ جدت جي جوت جلائڻ جي بدران وَرجاءِ، رومانيت پرستي ۽ ذهني لذت پرستيءَ والار ڪري بيٺل آهي.

تصوف ڪي محض اخلاقي قدرن جو پنڊار چوڻ سان جيڪڏهن ان جي سياسي ۽ اقتصادي ڪردار بابت ڪابہ ڇٽي نشاندهي نہ هجي تہ پوءِ اهڙي وٿ وڪر ڪي نہ مئلن ۾ نہ وري جيئرن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

صوفي شاعر جيڪي ديو مالائي ۽ ڏند ڪٿائي خيال آرائي سان سلهاڙيل آهي سي جديد دور جي گُهرجن ۽ تقاضائن ڪان ڪوهين ڏور آهي

اسان جي آڏو هن وقت اهم ۽ وقتائتو سوال آهي تہ صوفي/ ويدانتي فڪر يا قدر سماج جي اقتصادي سٽاءُ تي ڪيترو اثر پذير ٿين ٿا. يا وري انساني حيات تي ڪهڙا نقش ڇٽين ٿا. ڇاڪاڻ تہ هو ڪو بہ آدرش يا نظريو سماج جي فردن تي اثر انداز ڪونہ ٿئي ٿو تہ پوءِ ان جي ڪارج آڏو هڪ سواليہ نشاني ... اڇي ٿو.

هي مونکي سوڏيل ۽ اڻ سوڏيل مواد لڳي ٿو. ان جي باري ۾ لطيفيات جا مَاهر ۽ ڏاها ايڪويهين صديءَ جي نئين سنڌ جي اڏاوت ۾ رهنمائي ڪري سگهن.

ان لازمي آهي تہ تصوف جي موجوده بيهڪ ۽ سٽاءُ ۾ تحقيق، کوجنا ۽ اڀياس وسيلي نواڻ ڏانهن وٺي وڃجي چو تہ تصوف اڄ جي

ايڪويهين صديءَ ۾ ڪنهن نواڻ ڏانهن وڌڻ وني وڃي ٿو يا وَري ذهني، فڪري ۽ شعوري اڏام کي قيد ڪرڻ جو وسيلو بڻجي ٿو.

ڪتاب ۾ شامل لکڻين تي ترتيب وار ٽيڪا ٽپڻي ڪان وڌيڪ مناسب سمجهان ٿو ته پڙهندڙ پاڻ پڙهي، هئين سان هنيائي تورتڪ ڪن ته اها نئين سوچ ئي اسان کي تصوف بابت نوان معيار ۽ ماپا منتخب ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

هن شامل ڪٽين ۾ تصوف جي آڳاٽي دور ڪان ايڪويهن صديءَ تائين احاطو ڪيل آهي. انهن لکڻين ۾ مختلف پهلوئن کان هر هڪ ليک جو پگهر ۽ پورهو نمايان ۽ منفرد نظر اچي پيو پر تصوف اڄ ايڪويهين صديءَ ۾ سياست ۽ سماج تي ڪيئن اثر انداز ٿئي ٿو ته پوءِ تصوف جو هڪ صحت مند ڪارج بڻجي سگهي ٿو. ٻ حالت ۾ تصوف پنهنجي قدامت پرستانه بيهڪ سان مورڳو رنڊڪ بڻجي سگهي ٿو.

وَر ۾ ڪـونــه وَرُ ڏيـرن وَرُ وڏو ڪـيـو
نـهـاريـنـدس نِـڪـٽـي، بـوتـن ڪـارڻ بَرُ
آڏو تـڪـر تَرُ مِـتـان روهه رَتـيـون ٿـيـن!!
(شاهه لطيف سر حسيني)

آخر ۾ ته هِن ڪتاب ۾ لکڻين کي سهيڙي يڪجا ڪرڻ شايد ممڪن نه ٿئي ها جيستائين انهن شخصيتن جو ذڪر نه احسان فراموشي ٿيندي. مان ائين چوڻ ۾ حق بجانب آهيان ته هِن پورهئي جو اصل ثمر منهنجي پيڻ وينا شرنگي ڏانهن وڃي ٿو جنهن صبر، تحمل ۽ بردباري سان "هٽڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ" جي ذميواري نڀائي، ان ڪان سواءِ برادرم اعجاز قريشي ڊاڪٽر سليمان شيخ، نصير سومرو جي سهڪار ۽ صلاح ثباب جي ساراهه نه ڪرڻ پڻ بي واجبي ۾ شمار ٿيندو ۽ ها_پيڪاڪ پرنٽرس جي ٻن پائرن ظفر آفتاب ۽ قمر آفتاب جو ساٿ ۽ سهڪار به ساراهه لائق چوڻ ڪانسواءِ رهي نه ٿو سگهجي.



# هڪ جائزو
# شاهه عبداللطيف انٽرنيشنل ڪانفرنس _دهلي

تازو 'مارئي سوشل، ڪلچرل ۽ لٽرري عورتن جي آرگنائزيشن' پاران واءِ. ايم. سي. اي (YMCA) آڊيٽوريم دهليءَ ۾ ڊسمبر مهيني جي 17،16 ۽ 18 تاريخ 2014 تي هڪ شاندار سماروهه "شاهه عبداللطيف انٽرنيشنل ڪانفرنس" جي عنوان سان منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ اديبن شرڪت ڪئي.

افتتاحي مهورتي اجلاس ۾ مکيه مهمانن ۾ لوڪ سڀا ميمبر ڊاڪٽر ستيه پال سنگهه، جپان، ٿائيلينڊ ۽ لبيا جي اڳواٽي سفير شري ارجن ايسراڻي، پدمشري شانتي هيرانند ۽ سرتين سنستا جي چيئرپرسن ڊاڪٽر ڪملا گدواڻي ۽ ڪنوينر جنرل سيڪريٽري وينا شرنگيءَ سرسوتيءَ اڳيان جوت جڳائي ڦول مالا چاڙهي ڪانفرنس جي شروعات ڪئي. هن موقعي تي گائڪا شانتي هيرانند جي مڌرگيت کان پوءِ جناب ارجن ايسراڻيءَ به اکر ڳالهائيندي پشاور پاڪستان ۾ ٿيل ٻارن جي هتيا تي دلي صدمي جو اظهار ڪيو. ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ لاءِ شڀ ڪامنائون ڏيندي هن صاحب چيو ته اَمن ۽ انسانيت جي صدقي ٻنهي ملڪن جي مُدبرن، عالمن ۽ اديبن کي گنڀيرتا سان سوچ ويچار ڪرڻ گهرجي. ڊاڪٽر ستيه پال سنگهه عالماڻي تقرير ۾ ماروي سنستا جي ڪاريه ڪارڻ پيڻ وينا شرنگي ۽ ٻين واسطيدارن کي مبارڪون ڏنيون. هن صاحب ديش ۾ استري سُرڪشا تي وستار سان ويچار ظاهر ڪيا ۽ خاطري ڏني ته اِن ڪم لاءِ موجوده سرڪار کان جيڪي به ٿي سگهندو ضرور ڪيو ويندو.

ماروي سنسٿا جي باني‌ڪارن ۽ هند واسي هفتيوار جي سمپادڪ شوپا لالچنداڻيءَ شال، شريفل ۽ موميتو سان منچ تي ويٺل سيني مهمانن جو آڌرڀاءُ ڪيو.

هن موقعي تي سنڌ مان آيل سڄڻ صحافي ۽ اديب جناب آمين لاکو خاص وينا لاءِ آندل سوکڙي يڪتارو ڪيس پيش ڪيو.

مهورتي اجلاس ڪانپوءِ شروع ٿي ويو گيت، سنگيت ۽ نرتيہ جو سهڻو سنگم. گائڪا نيتو مٽائيءَ سدا حيات نارائڻ شيام ۽ سچل سرمست جا ڪلام ٻڌايا. دهليءَ جي ئي ٻي گائڪا لجا ڀاٽيا ساميءَ جا سلوڪ ٻڌايا ۽ شاهہ لطيف جو ڪلام "منهنجي راٺل ڪي ڪا ٻاجهہ پوي" ٻڌائي متاثر ڪيو. لکنئوءَ کان آيل گائڪا ڊاڪٽر سرو جني ڪمار ڀڳت ڪنور رام لاءِ "سنڌڙيءَ جا سنت سونهارا" پيش ڪيو. لکنئوءَ جي ٻي گائڪا پدما گدواڻيءَ نارائڻ شيام جو غزل، "جنهن کي سيني ۾ دل ملي هوندي" ۽ شاهہ جو ڪلام "اکيان وڃي رانجهن لئہ لڙيان...." ڳائي ماحول سنگيتميہ بڻائي ڇڏيو دهليءَ جي مقبول گائڪا آما لال، ضيا صاحب جو گيت "دل تنهنجي منهنجي هڪ آ، ڏاڍي اسان ٻنهي ۾ سِڪَ آ..." ڪان پوءِ جڳ پرسڌ گائڪ پنڪج جيسواڻيءَ سچل سر مست جا ڪلام "ننگڙا نماڻي دا...." ۽ "آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان"، ڪان پوءِ رانجهن جو ڪلام "الائي جي ڇا ۾ راضي آ..."پيش ڪري محفل ۾ چار چنڊ لڳايا.

هن محفل جي خاص سونهن هئي، سنڌ کان آيل ڪماري بنش قائم جا ٻہ نرتيہ. سنڌي لباس ۽ لفظن سان سينگاريل ٻئي اسم هال ۾ ويٺلن کي ماروئڙي جي مُلڪ سنڌ مان ڇڻ تہ گهمائي آيا. ممبئيءَ مان آيل سمپادڪا شوپا ۽ سندس پيءُ سنڌو لالچنداڻيءَ خوش ٿي هڪ هزار روپيہ ڪماري بنش کي انعام ڏنا ۽ سڄي ڪاروائي سهڻي نموني شاليني ساگر هلائي.

ٻئين ڏينهن جي شروعات هال جي ٻئين ماڙي تي ڪانفرنس هال ۾ ٿي سڀ کان پهرين هال ۾ شرڪت ڪندڙ سنڌ ۽ هند جي





عالمن اديبن پنهنجو پنهنجو پريچيہ ڏنو. سنڌ کان آيل مکيہ سڄڻ هئا – ڊاڪٽر سليمان شيخ، پروفيسر اعجاز قريشي، ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو جاويد احمد شيخ، جناب منظور ڀٽو جناب غلام نبي مورائي، پروفيسر مهر النساء لاڙڪ، ڪماري بنش قائمک محترمہ ڊاڪٽر نظير ناز، ڪماري مهڪ علي، ڪماري نسيم جلباڻي، ڪماري جنت جان، جناب آمين لاکو، شري ڊاڪٽر سريش واڌواڻي، جناب آمان الله شيخ ۽ جناب امان راشد ۽ ٻيا. هن ڪانفرنس ۾ ڀارت مان شرڪت ڪندڙ هئا ڊاڪٽر ونود آسوداڻي، شري لڇمڻ ڪيسواڻي، شري ٻلو چوٽٿاڻي، شري ڪيمن مولاڻي، شري ناري لچواڻي، شريمتي اومي ميراجا، ديوي ناگراڻي، اندرا شبنم، لڇمڻ درياناڻي ڏبي، گورڌن شرما 'گهايل'، ڀڳوان اٽلاڻي، هري همٿاڻي، ارجن چاولا ماکيجاواڻي، ڀارتي ڪيو لراماڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر روي ٽيڪچنداڻي، ڊاڪٽر آشا سارسوت، موهن همٿاڻي، شريڪانت ڀاٽيا، شاليني ساگر، وينا شرنگي ۽ سندن پياءُ سنڌ مان آيل راجيندر شرنگي ۽ ٻيا ڪيترائي. هن انٽرنيشنل ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي ڪتابن جي رونمائي ٿي جن ۾ مکيہ هئا.

1) اديون عبداللطيف ڇئي– پروفيسر نظير ناز
2) ڏاها هِنَ ڏيهہ جا– پروفيسر اعجاز قريشي
3) ڏور ٻہ اوڏا سپرين– پروفيسر مهر النساءِ لاڙڪ
4) پونا ايڪسپريس– موهن مدهوش
5) سنڌ بچايو– ٻراعظم بچايو– سنڌيڪار: امان الله شيخ
6) ٻہ فڪري ڪتاب – امان الله شيخ
7) شاهہ لطيف سنڌ جي آزاديءَ جو پهريون عظيم شاعر– يوسف شاهين
8) حوصلو– شالني ساگر
9) شهيد هيمون ڪالاڻي– لڇمڻ ڪيسواڻي
10) هسٽري آف سنڌ– لڇمڻ ڪيسواڻي

11) نسيم کرل ۽ سنڌس فن- ڪشمير سومرو
12) وکريل خواب، آڏوري ڪهاڻي- ڊاڪٽر سليمان شيخ
13) اُسات- هري همٿاڻي
14) سفرنامو سنڌ جو- وينا شرنگي
15) (هن ڪتاب جو انگريزي ترجمو Silent path عنوان سان ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ ڪيو آهي)
16) ناڪر جون ڪهاڻيون- سنڌو ناڪر
17) پندرهن سنڌي ڪهاڻيون- ديوي ناگراڻي
18) وينا شرنگيءَ جي سنڌي ڪوتائن جو ڊاڪٽر ونود آسوداڻيءَ جو انگريزيءَ ۾ ڪيل ترجمو

هن محفل ۾ ماروي سنتا جي بانيڪارن سنڌ مان آيل عالمن اديبن جو شال ۽ گلن جي هار سان آڌرڀاءُ هند جي عالم اديبن کان ڪرايو ويو ۽ پارتيہ ساهتيڪارن جو آڌر ڀاءُ ساڳئي نموني سنڌ مان آيل عالمن اديبن ڪيو. مانجهاندي کان پهرين ڪانفرنس جو پهريون مقالو پروفيسر ڊاڪٽر ممتاز پتو پڙهيو. صدارت ڊاڪٽر سليمان شيخ ڪئي. هن مقالي ۾ پروفيسر صاحبہ شاهہ صاحب جي شخصي حياتي، ان وقت جي ساماجڪ ريتين رسمن جو وچور وار احوال ڏنو مقالو داد جو مستحق هئو.

مانجهاندي کان پوءِ سدا حيات نارائڻ شيام ۽ شيخ اياز کي ارپڻ ڪيل مشاعري ۾ هند سنڌ جي ڪيترن ئي صاحب- سخن شرڪت ڪئي. مشاعري جي صدارت لڇمڻ درياڻاڻي ڏبي ڪئي ۽ شري گورڌن "شرما" گهايل قابل داد شاعراڻي انداز ۾ ڪاروائي هلائي. غزل گيت، نظم، ترائيل، وائي ۽ نئين ڪوتا جي روپ ۾ دل جي گهراين مان پلٽ پلٽان ڪندڙ خاص سُخنور هئا.

- **پروفيسر مهر النساءِ لاڙڪ**

  شام ائين تنهنجي آڱر تي مرڪي ٿي!<br>
  چڻ ڪناري، ڪارونجهر تي مرڪي ٿي.





- **بنش قائم**

  هئي هُن پار ڪان جيڪا اُها هِن پار پاتيسين،<br>
  ڪٿي جي ديد دل واري ته ساڳي سارپا تيسين.

- **پروفيسر ڊاڪٽر نظير ناز**

  سڄڻ سامهون هُجن، پو مان غزل چونہ چوان.

- **جناب آمين لاکو**

  روز لاڙي چڏي تي چاندوڪي،<br>
  تنهنجي پاڙي چڏي تي چاندوڪي.

- **پرفيسر ممتاز پتو** – نظم آنسون

- اردو شاعر جناب **شميم عباس**

  بانت لين آ ڪائنات.<br>
  بڙي سرد رات تي.

- **صدر صاحب جي خواهش ڪي مان ڏيندي هن مشاعري جي** شروعات سندس متفرق شعرن سان ڪئي ويئي.

- **لڇمڻ دُبي**

  جي هجي ميرو وڳو بدليون ڪٽي،<br>
  پر اُداسيءَ کي ڪٿي لاهي اچون؟

- **ناري لچواڻي**

  چرڪ پرائي چير سڄڻ جي.

- **وينا شرنگي**- 'وفا' (نئين ڪوتا)
- **شالني ساگر**- 'رزرويشن' ۽ 'سرحد جي هُنَ پار ياءُ جي لئه پيغام'
- **اِندرا شبنم**- ٻڌڻ چاهي هر ڪو بهارن جو ڳالهيون.

- **لڇمڻ ڪيسواڻي**- هڪ غزل
- **ڪيمن مؤلاڻي**- ڳالهه ۾ ڪجهه نه هو پر وڳي ڪيتري.
- **بلو چوئٿاڻي**- مذاحيه مِني ڪوتائون.
- **موهن همٿاڻي**- نيون ڪوتائون.
- **ديوي ناگراڻي**- ٻه غزل
- **ڊاڪٽر ونود آسوداڻي**

توڪي منهنجو مونکي تنهنجو ٿيڻ ڪپي،
تنها تنها جيون نه سچوئي رُئڻ ڪپي.

- هن صاحب سخن هڪ طويل غزل پيش ڪيو جنهن لاءِ **ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب** ڪين چيو "اوهان ميدان ماري ويا."
- **پروفيسر ارجن چاولا**

توجي چاهين ها ته حالات بدلجي ٿي سگهيا.

- **گوورڌن شرما 'گهايل'**

ڏاڍ جو ڏر اَچان ڏريو ناهي،
اڪ جو ڦڙڪڻ اچان ڦريو ناهي.
ڪونهي محتاج مُند جو گهايل.
دِل خزان ۾ ٻه ٿي ٽڙي، پو ڇا؟

آخر ۾ هڪ دفعو وري صدر صاحب ڪجهه شعر ٻڌائيندي، ٽي ڪلاڪ سانده هلندڙ هن مشاعري ۾ ويٺل حاضرين کي ڏنيواد ڏني ۾ محفل پوري ٿي.

ٽئين ڏينهن تاريخ ارڙهين ڊسمبر هن ڪانفرنس جي پهرئين اجلاس ۾ ٽي مقالا پيش ڪيا ويا. صدارت پروفيسر اعجاز قريشيءَ ڪئي.

پهريون مقالو پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ پيش ڪيو جنهن جو





عنوان هئو "ڇڏي ننڍ گهٽي لوچي لاهوتي ٿيا". محترما پنهنجي مقالي ۾ شاهه لطيف جي حياتيءَ زمان مَڪان جون حدون لنگهي وڃڻ ۾ فطرت جو مشاهدو ماڻڻ جو سنو ذڪر ڪيو. هن ٻڌايو ته شاهه صاحب 21 سالن جي عمر ۾ صوفين جي سنگت ڪئي. 30 سال ڀٽڪندو رهيو. تيرٿ آستانن تي ويو. شاهه صاحب سڀ باسڻ متيءَ جائي واپرايا. تاريخي جاين مان مُشاهدو حاصل ڪيائين. حسد، نفرت، بيائي نظر نه آيس هِنگلاج ديويءَ جا مُجاور مسلمان آهن. نفس کي پاسيرو رکي روح کي راحت پهچايائين. چيائين دَر نه مِتجي دوست جو.

ٻيو مقالو محترمه وينا شرنگيءَ جو هو. جنهن جو عنوان: "صوفي شاعري ۾ شاهه جي تخليقي ٻولي" هئي. مقالا نويس ٻڌايو ته شاهه صاحب ۾ احساس عام هوندي به خاص نظر اچن ٿا. سهڻي لباس سبب لفظ رواجي نه پر خاص درجو ماڻن ٿا. شاهه جو رسالو بطور ڏرمي گرنٿ مڃيو وڃي ٿو. سداحيات شيخ اياز صاحب پڻ شاهه جي بهترين بيتن جي سٽن کي ڪتابن جو عنوان بڻايو آهي. سڄو رسالو تخليقي تصويرن ۾ تصورن سان پُر آهي. نيٺ سنڌي اُچارن به، ڏ ڳ ج جو به پريوگ ڪيل آهي، وينا ڪجهه مثال به ڏنا آهن جئين ته

واجهائي وطن کي آءُ جي هِتِ مُياس.
پکا ۾ پنوهار ڏني مون ڏينهن ٿيا.
تون ڇپر تون ڇانو...
ٻڌندڙ ٻوڙن کي هاتڪ هٿ وجهن.
پڙاڏو سو ٿي سَڏَ...

شاهه لطيف عالم فاضل هئو. ٻوليءَ جو معمار ۾ محافظ پڻ هئو.

هن اجلاس جو ٽيون مقالو سائين امان الله شيخ صاحب جو هو. جنهن جو عنوان هو "شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر حال ۾ آئندو" اَول اِول ته هن صاحب ٻڌايو ته جڏهن سياسي سرگرمين ۾ سرگرم هوس تڏهن مهراج گوپي ڪرشن ۾ ياءُ راجيو

ڪمار شرنگيءَ شهدادڪوٽ ۾ پنهنجي گهر ۾ پناه ڏني هئي. اڄ هت پينرن وينا ۽ شالنيءَ جي سڏ تي آيو آهيان، ائين ٿو لڳي ته ڄڻ پيڪن ۾ آيو آهيان. مقالي ۾ هن صاحب ٻڌايو ته ماضيءَ مان آجو ٿيڻ گهرجي شاهه صاحب پير فقير ۽ اولياء ڪونه هو. هو هڪ صوفي دانشور هو. شاهه کي نئين حوالي سان سمجهڻ گهرجي هو وحدت ۽ وحدانيت جو پيروڪار هو. سدا حيات ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر سروپلي، راڌا ڪرشنن ساڌوتي، ايل واسواڻي، ڄيٺمل پرسرام شاهه جي فلسفي کي سمجهيو ۽ سمجهايو آهي. سو اهڙي ريت وويڪانند جا ويچار به اڄ جي دؤر ۾ شاهه جي فلسفي جو تسلسل آهن جنهن ويدن جي نئين تشريح ڪئي آهي. سائين محمد ابراهيم جويو به لطيفي مڪتبءِ فڪر جو هڪ مٽيادار موتي آهي.

ٽئين ڏينهن جي ٻي اجلاس جي صدارت ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب ڪئي. هن اجلاس ۾ پنج پيپر پڙهيا ويا ۽ ٽن ڄڻن مختصر ڳالهايو.

هن اجلاس جو پهريون مقالو جناب اَمين لاکو جو هو جنهن جو عنوان هو ”شاهه عبداللطيف جي شاعري تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر“ مقالي ۾ هن صاحب چيو ته شاعر ۽ اديب سماج کان الڳ نه ٿي سگهندا آهن. شاهه سائينءَ کي روحاني نجات جو شاعر ۽ رهبر طور عالمن پيش ڪيو آهي، پر شاهه سائين سياسي ۽ سماجي تحريڪن سان جُڙيل ۽ وطن پرست ۽ ڏاهو شاعر هو. هن جهوڪ واري شاهه عنايت جو پڻ بيان ڪيو آهي. ڀڳتي تحريڪ جي شروعات ڏکڻ ڀارت ۾ ٿي. اُتر ڀارت ۾ سنت نامديو هن تحريڪ کي لوڪ پريه بڻايو. شاهه صاحب جي دؤر ۾ ناٿ پنٿي تحريڪ جو اثر نمايان آهي. صدين کان هلندڙ پراڻين رسمن ۾ پورب جي روايتن کي پڇم جي روايتن کان وڌيڪ مڃيو ويو آهي. شاهه جي قلمي نسخن ۾ ڪيترائي ڀڄن پڻ مِلن ٿا.

هن اجلاس جو ٻيو پيپر جناب غلام نبي مورائي صاحب پيش





ڪيو. عنوان هو ”ڀڳتي تحريڪ جا شاهه تي اثر.“ هن مقالي ۾ ٻڌايو ويو ته رنگ، ذات فرقن کي ختم ڪرڻ ئي هن تحريڪ جو مقصد هو. ڀڳتي گيتن جي پيار جا پڙلاوَ سيني کي متاثر ڪن ٿا. هن تحريڪ پنڊتن جي هڪ هٽيءَ کان مَڪت ڪرائي ڇڏيو. هن صاحب ڪبير داس، سامي ۽ شاهه صاحب جي شاعريءَ مان ڪيترائي مثال پڻ ڏنا. جيئن:

خلق خالق ۾ خالق ۾ خلق (ساري)
سهسين سجن اُپرئي، چوراسي چندن،
با الله ري پرين سپ اونداهي پائنيان.
(شاهه)

اکين ۾ ٿي ويهه ته آءٌ واري ڍڪيان.
پاٽي مٿي جهوپڙا مورک اُڄ مَرَنِ.
نائين نيڻ نهار ته تو ۾ ديرو دوست جو.

هن اجلاس جو ٽيون پيپر محترمه نظير ناز جو هو. عنوان هوس ”شاهه جي شاعريءَ تي سنت ڪبير جو اثر.“ مانواري ليکڪا ٻڌايو ته سڀ مذهب هڪ جهڙا نظر اچن ٿا. ڀڳتي تحريڪ ڀڳتي پريم ۽ هيڪڙائيءَ تي مدار رکي ٿي. سيني ذاتين ۽ فرقن جو مقصد هڪ آهي. مُلان، پنڊت ۽ پادري ساڳي ڳالهه چون ٿا. هِنَ تحريڪ جا ٻه روپ آهن (1) ٻاهريون روپ، مطلب ته جيڪو ڏسجي ٿو ۽ (2) اندريون روپ، جيڪو اهم ۽ ضروري آهي. ڪبير داس پنهنجي دؤر جو ترقي پسند ويچار رکندڙ شخصيت هئو. مذهب جي رکوالن ۾ نفرت جو ڦهلاءُ ڏسي اهڙين روايتن جي خلاف هو. شاهه صاحب ۾ تصوف جو رنگ پريل هو ته ڪبير ۾ انسان جو درد لڪيل هو. ڪبير جو وشواس هو ته لِذت ۽ موهه کان پاسيرو رهي عَمَل نيڪ رکڻ گهرجن.

ڪبير صاحب جا مثال ڏنائين.

مَين ٿا تب هري نهين، مئن هون تب هري نانهه.
جهيني ري جهيني ري جهيني چدريا.

شاهه صاحب جا ٻه ٻه مثال پيش ڪيائين.

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري..
تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي.

چوٿون مقالو هو ذهين ليکڪا ڪماري بنش قائم جو هو جنهن جو عنوان هو "جهونا ڳُڙهه جُهري، پئي جهانءِ جَهروڪَ ۾" هِنَ نياڻيءَ پنهنجي پيپر ۾ ٻڌايو ته شاهه صاحب سچو سيلاني هئو. فني ۽ فقري لحاظ کان شاهه سائينءَ جو رچنائون اهميت رکن ٿيون. شاهه صاحب تصوف جا روپ تمثيلي نمونن ۾ ڏيکاريا آهن. شاهه جي سچي شاعري روحاني عظمت سان پري پيئي آهي. تواريخي جڳهين جوشاهه جي رسالي ۾ سُٺو ذڪر ملي ٿو. شاهه سائينءَ جي خلقيل ڪردارن ۾ سورمن ۾ خاص ڪري سورمين جو علامتي نظريو قابل داد آهي.

پنجون مقالو نئين دهليءَ جي دؤلترام ڪاليج ۾ اردوءَ جي پروفيسر محترمه سانيا جو انگريزيءَ ۾ لکيل هو. عنوان هوس. "Shah Lateef Bhitai a Sufi Saint" هِنَ پيڻ پنهنجي مقالي ۾ ٻڌايو ته سنڌي ٻوليءَ جي متاز شاعر شاهه جي شاعريءَ کي Golden form of Sindhi Poetry مڃيو ويو آهي. سداحيات شيخ اياز صاحب پڻ شاهه صاحب کي سنڌي ٻوليءَ جو پهريون ۽ پوبون اهڙو شاعر تسليم ڪيو آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاري پنهنجي ڪلام ۾ پيش ڪئي آهي اياز صاحب شاهه جي رسالي جو اردو زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. هن محترما ٻڌايو ته سڀ کان پهرين سنه 1854ع ۾ دنيا اڳيان شاهه صاحب کي آندو ويو. خدا کي شاهه مَن جو محبوب مڃيو. جيڪو سندس نس نس ۾ سمايل هو. راڳين، يڪتاري معرفت اِهو راز عوام اڳيان آندو. هن صاحبه شاهه جي ڪلام مان ڪجهه مثال سنڌي اردو ۽ هندي زبان ۾ پيش ڪيا.





هن اجلاس ۾ سنڌ جي ٻن نياڻين ڪماري مهڪ علي ۽ ڪماري جنت جان جيڪي واڳها باردر تان سفر ڪري ڪانفرنس ۾ آيون هيون. هنن زباني ٻڌايو ته شاهه سائين سيني سورمين جو سهڻو چتر چٽيو آهي. ڪشت ڪشالا ڪٽجي ويندا هڪ هڪ ٿي. پريو وفا چيو آهي. نٿو لڳي ته اسين ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ آيل آهيون. هن قوم ۽ مُلڪ پنهنجين عظيم شخصيتن کي سڃاتو آهي. شاهه سچل ۽ سامي سماج جا عظيم اُستاد ۽ رهنما آهن. فنڪار ۽ مفڪر آهن جيئي لطيف جيئي سچل ۽ جيئي سامي. ٻڙودي مان آيل رٽائرڊ پرنسيپال پارتي ڪيولراماڻيءَ سنڌ جي ماروي وينا شرنگي کي هن شاندار ڪامياب ڪانفرنس لاءِ ڪيل اڻٿڪ محنت لاءِ دلي مبارڪون ڏنيون ۽ ننڍي ٿهيءَ جي ڳالهائيندڙن کي پڻ داد ڏنو.

ٽئين ڏينهن جي پوئين اِجلاس جي صدارت شري پگوان اٽلاڻيءَ ڪئي. هن اجلاس جو پهرين پيپر ڊاڪٽر جاويد شيخ صاحب جو هو جنهن جو عنوان هو "Shah Lateef poet of truth Sufism" پنهنجي مقالي ۾ هن صاحب ٻڌايو ته شاعري عالمي ڀاشا آهي، الڳ الڳ عالمن اِن بابت پنهنجا رايا ڏنا آهن. انگريزي شاعرن وردس ورٿ، ڪيٽس وغيره جا مثال ڏيندي شاهه جي حوالن جو ذڪر ڪيو. هن چيو ته شاهه جي رسالي ۾ 30 سُرن ۾ ڪيترائي سنديش ملن ٿا، جيڪي زندگيءَ ۾ ڪارگر ۽ ڪارائتا آهن.

سَچ جي وصف ٻڌائندي ڪيٽس چيو آهي. Truth is beauty and beauty is truth شاهه سائين کي لاکيڻي لطيف، پٽائي گهوٽ، پٽ جو شاهه وغيره نالن سان مَانُ ڪريون ٿا. سچي دنيا لاءِ خوشي ۽ خوشحالي جو پيغام شاهه ڏنو آهي. ڪجهه مثال ڏنا اٿس.

اکيون اُهي ڏار جنهن سان پَسين پرين کي.
پڙاڏو سو ئي سَڏُ، ٻڌڻ ۾ ٻه هئا.

پريان سنڌي پارجي مڙيئي منائي
اکر پڙهہ الف جو ٻيا ورق سڀ وسار.

هن اجلاس جو اڳلو مقالو پروفيسر اعجاز قريشيءَ صاحب جو هو جنهن جو عنوان هئو. ”شاهه لطيف جا همعصر صوفي شاعر“. وقت جي تنگيءَ سبب هِنَ صاحب پنهنجو مقالو مختصر پيش ڪيو. هِنَ ٻڌايو تہ شاهه صاحب جي همعصر صوفي شاعرن ۾ قابل ذڪر نالا آهن. روحل فقير، شاهه عنايت صوفي شهيد، مير جان الله شاهه رضوي، جنهنجو تذڪر لطفي ۾ ذڪر آهي، مخدوم عبدالرحيم، مدن ڀڳت، ميون شاهه عنايت رضوي ميون عيسيٰ، تمر فقير، بُلي شاهه جنهن جو پنجابي ٻوليءَ ۾ ڪلام مقبول آهي. پشاور جو شاعر رحمان بابا، چام درڪ بلوچي شاعر وغيره وغيره.

هِن اجلاس جو آخرين مقالو ”ايڪويهين صدي ۾ شاهه لطيف“ موضوع تي ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب جو هئو. وقت جي پابندي سبب مقالو پيش نہ ٿي سگهيو.

هن اجلاس جي صدر شري ڀڳوان اپلاڻيءَ پڙهيل مقالن تي ٻہ اکر ڳالهائيندي چيو شاهه انسانيت جو شاعر هو. شاهه بہ انهن پر مپرائن جي اثر سان اڀريو. اسين پنهنجا ويچار زباني سطح تي ورهايون ٿا، ونڊيون ٿا. شاهه کي ڪنهن بہ هڪ مَتَ سان جوڙڻ نٿو سگهجي.

جڳ مشهور ڀاشا وگياني، مفڪر عالم ۽ اديب ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ٻڌايو تہ شاهه لطيف تي وڏ ۾ وڏ ڪم ٿيو آهي. هند سنڌ مان شاهه تي ويهارو ڪن عالمن پي ايڇ ڊي ڪئي آهي ڪڇ گجرات جي ٻني علائقي ۾ جو ٿرپارڪرضلع جي پاسي ۾ آهي، اُتي لوڪ ساهيتہ ۾ شاهه جا بيت مقبول آهن. رام سنگهہ راٺوڙ جي ميوزم ۾ شاهه جي رسالي جا ٻہ قلمي نسخا مليا آهن. ٻني جي ٻن مسجدن ۾ شاهه جي رسالي جا قلمي نسخا رکيل آهن. هن صاحب چيو تہ شاهه صاحب تي اجان بہ کوجنا جي گهڻي ضرورت آهي.





ڪانفرنس جي آخر ۾ ڪماري وينا شرنگيءَ پوني کان آيل شري گورڌن شرما گهايل کي دعوت ڏني تہ سڄي ڪانفرنس جو جائزو پيش ڪري.

شري گورڌن گهايل ٻڌايو تہ شاهه لطيف تي سنڌي اردو هندي انگريزي ايراني ۽ ٻين ٻولين ۾ ڪُل 902 (نو سؤ ٻہ) ڪتاب ڇپيل آهن، جا سچ پچ وڏي اهميت واري ڳالهہ آهي. مُنڍ کان وٺي پڇاڙيءَ تائين ڪانفرنس ۾ ٿيل سڀني ڳالهين جو مختصر پر ڪارائتو جائزو هن پيش ڪيو جو هِتِ شامل آهي.

هن ڪانفرنس لاءِ سنڌ کان آيل وفد جي صدر ڊاڪٽر سليمان شيخ صاحب، ماروي‍ءَ جي مُلڪ ملير مان خاص آندل شال ڪماري وينا شرنگيءَ کي پيش ڪئي. هن صاحب پاڻ سان سنڌ مان آندل سنڌي سوکڙي اَجرڪ سان ڪيترن ئي هندستاني عالمن اديبن جو ستڪار ڪيو جن ۾ مکيہ هئا شري گورڌن شرما گهايل، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، شري لڇمڻداس ڪيسواڻي، ديوي ناگراڻي، شالني ساگر، ڪيمن مولاڻي ۽ ٻيا.

آخر ۾ سڀني عالمن اديبن ڪماري وينا شرنگي، شالني ساگر ۽ ماروي تنظيم جي ٻين باني‌ڪارن کي هن شاندار ۽ ڪامياب ڪانفرنس لاءِ لکين واڌايون ڏنيون. سمورن وفدن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو تمام سٺو بندوبست ڪرول باغ جي هوٽل سارٽڪ ۾ ٿيل هو. رهائشي جاءِ کان ڪانفرنس هال تائين اچڻ وڃڻ لاءِ گاڏين جو خاطر خواه بندوبست پڻ موجود هو. ائين سڀئي شرڪت ڪندڙ سُنيون ۽ سهڻيون يادگيريون ساڻ کڻي پنهنجي پنهنجي ماڳ روانا ٿيا.

## گورڌن شرما ’گهايل‘

# ايڪويهين صدي ۾ شاهه لطيف

## ڊاڪٽر سليمان شيخ

لکين سال پراڻي هيءَ ڌرتي پنهنجي دامن ۾ هزارين تهذيبن ۽ جُڳن کي سموهي اٽل بيٺي آهي. انسان لکين سالن کان هن ڌرتيءَ کي رونق بخشي آهي ۽ مٿس پنهنجي خوشبوءِ جا ڇٽ ڇٽيا آهن. پر ان سان گڏ لکين اهڙا واقعا به هن ڏکويل ماءُ ڏٺا آهن، جن ڪيس جهوري ڇڏيو آهي.

آدجڳاد کان هلندڙ ڪشمڪش مان انسان سوپارو ٿي اڀريو آهي، جيڪڏهن انسان سوڀ نه پائي ها ته اڄ هيءَ مانڊاڻ نظر نه اچي ها. اهو ايندڙ لمحو انسان کي ڪنهن نئين کوجنا سان متعارف ڪرائي پيو. دنيا ۾ رهندڙ اربين انسان هاڻي سماجي نظامن وسيلي ويجها ٿيندا پيا وڃن جيتوڻيڪ علم، و گيان ۽ پئسي جي ريل پيل ماڻهن ۾ خود پسندي، گروهي متڀيد ۽ وگياني برتريءَ جي ڇڪتاڻ وڌائي آهي. دنيا جو چرخو هڪ طرف جنهن کي سڀيتا (تهذيب) سڏي ٿو ٻيو طرف ان کي سستي ۽ جهالت سان تعبير ٿو ڪري (پر سڄي تضادي تصور ۾ هيڪڙائي آهي) انسان جي اها خواهش ته انسانيت جي احساس کي عام ڪرڻ سان ماڻهوءَ کي امن ۽ آزادي وارو سرشتو اربي سگهجي ٿو سگهاري وٽ آهي. سنڌ جو شاهه عبداللطيف ڀٽائي ان فڪر جو وڏو مبلغ آهي جو هن سڄي ڪائنات ۾ هيڪڙائي جو قائل آهي.

ايڪ قصر در لک ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.



انسان ذات لکين عقيدن ۽ مذهبن ۾ يقين رکي ٿي پر هڪ ڳالهه جنهن تي سڀ متفق آهن اها آهي خلقڻهار جي موجودگي. ان جي هيڪڙائي ۽ ان جي قوت، جنهن جا نالا مختلف ٿي سگهن ٿا پر ان جي همه گير حڪمت ۽ هن جهان جي نظام کي هلائڻ جي اختيار کان انڪاري قوتون به انڪار ڪري نه سگهيون آهن.

شاهه سائين ان خلقڻهار، خالق مطلق جهانن جي مالڪ جي وصفن ۽ اختيار جو اپٽار تمام گهرائيءَ سان ڪيو آهي. انسانن جي وچ ۾ فرق ۽ تعصب، جهيڙو ۽ جنگ سڀ ڪجهه ان تصور وسيلي حل ڪري سگهجن ٿا. هيءُ جهان سيني رونقن، مذهبن، ٻولين ۽ رنگن سان الله سائينءَ جوڙيو آهي ۽ سندس تخليق مسلسل آهي، ان ۾ ڪوبه تفاوت ڪونهي سندس هر تخليق سونهن ۽ سوڀيا جو پيڪر آهي، پوءِ انسانن وچ ۾ هي متڀيد ۽ جهيڙو ڇو بي مقصد آهي، جيڪڏهن الله جي تصور کي چڱيءَ ريت پروڙجي ۽ ان جي قوت تخليق تي ايمان رکجي ته پوءِ انسان کي ڪهڙو حق آهي ته هو ٻئي انسان تي تعزيرون ڪڍي، ڇو ته هي سڀ فرق هن جهان جي گلشن ۾ خوبصورتيءَ جو ڪارڻ آهي، (جيئن باغ ۾ يڪ رنگ گل پرڪشش نه لڳندا آهن تهڙي ريت هن جهان ۾ هيءَ وکريل ۽ جدا جدا قسمن جا انسان، ٻوليون، مذهب ۽ تهذيبون سڀ سائينءَ جا رنگ آهن، هن ڪائنات جي دلڪشيءَ جو سبب آهن. لطيف جي پيغام کي چڱي ريت پڙهڻ ۽ ان جي اپٽار ڪرڻ سان ايڪويهين صديءَ جي سماج ۾ ڇڪتاڻ کي گهٽائي سگهجي ٿو ۽ هڪ منطقي سهپ جو سماج جوڙي سگهجي ٿو جنهن ۾ انسان امن ۽ محبت سان رهي سگهي ٿو.

ايڪويهين صديء عيسوي سن جي حوالي سان مشهور تاريخي اهڃاڻ آهي هن صديءَ ۾ انسان پنهنجي علم ۽ گيان جي چوٽيءَ تي پهتو آهي ٿي سگهي ٿو ته اڃا به ان علم ۾ اضافو اچي ڇاڪاڻ جو علم جي تحقيق جا جديد بنياد رکيا ويا آهن ۽ ڏاهپ جو سفر اڳتي وڌي پيو.

www.sindhsalamat.com

سڌريل دنيا جي سامهون جيڪي نئين سماج جوڙڻ جا ماپا موجود آهن اهي هن ريت آهن.

(1) ايماندار_سماج: پنهنجو پاڻ سان سچو ٿيڻ, سماج ۾ سچائيءَ جو نظام قائم ڪرڻ آهي. هيءُ عمل تمام ڏکيو ۽ بنيادي عمل آهي. هن وسيلي سماج جي نابرابري ۽ ناچاڪائيءَ جو علاج ٿي سگهي ٿو. ڀٽائي چواڻي:

پيهي جان پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ,
تہ نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچين ڪاڻ,
پنهون ٿيس پاڻ سسئي تان سُور هئا.

حقيقتن جو منطقي ڇيد انسان کي پاڻ ۾ اعتماد ڪرڻ جو سبق سيکاري ٿو. اهوئي اڄ جي دور جو پيغام آهي ۽ انسان اعتماد ۽ سچائي سان اڳتي وڌي سگهي ٿو.

(2) باعمل زندگي: حياتيءَ ۾ هر هڪ چڱائيءَ جا درس ڏيندڙ آهي پر چڱي راهہ يا رستي واري زندگي گذارڻ سان ئي هڪ مهذب سماج جوڙي سگهجي ٿو محض ڳالهين ڪرڻ سان سڌارو ممڪن ڪونهي.

ٻيڙياتا ٻيئي, تو نہ ڦٻنديون ڳالهيون,
سڄيون راتيون سمهي, پر سڪاڻ ڏيئي,
صباح سيئي, پار پڇندءِ خبرون.

ان ڪانسواءِ اسان جا هي پرم بہ اسان کي ڪاميابي نتا ڏيئي سگهن تہ "اسان عظيم تهذيب جا وارث آهيون." ڀٽائيءَ چواڻي:

ذات نہ آهي ذات, جو وهي سو لهي.

ان لاءِ مسلسل جدوجهد ۽ محبت ئي قومن کي اڳتي وڌائي سگهي ٿي. لطيف جهدِ مسلسل جي تلقين ڪري ٿو. ڪئين مثال عام





طور تي ورجايا وڃن ٿا.

ستا اٿي جاڳ ننڊ نہ ڪجي ايتري,
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي.

***

دنگيءَ ۾ داڻا, وتي وجهہ وڪر جا,
وير چڙهندي ويسرا ويهہ مَ ويڳاڻا,
هي ننڊ مَ جاڻان ڪڏهين هٽنديئي ڪُن ۾.

***

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل وهڻ جي
متان ٿئي اونداهہ پير نہ لهين پرين جو.

(3) اخلاق ۽ عزت نفس: هي ماپو بہ مهذب دنيا جي منطقي راڄ جي سڃاڻپ طور مڃيو وڃي ٿو مارٽن لوٿر ڪنگ جونيئر جي چواڻي:

(To treat people decently and with fairness and guide them according to the content of their Character and not the color of their skin.)

(ماڻهن سان چڱائيءَ سان ورتاءُ ڪرڻ ۽ هنن کي سندن چمڙيءَ جي رنگ وسيلي نہ پر سندن اخلاق وسيلي پرکڻ ئي هڪ عزت ڀرئي سماج جي نشاني آهي) لطيف هن سماج جوڙڻ لاءِ ڪئين اخلاقي سبق ڏنا آهن.

آدمين اخلاص متائي ماتو ڪيو,
ڪونہ ڪائي ڪڏهين سندو ماڻهن ماس,
دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس,
ٻيو سڀ لوڪ لباس, ڪو هڪ دل هوندو هڪڙو

***

هو چون ئي تون مَ چؤ واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، ڪيني وارو ڪينڪي.

(4) ڏيرج ۽ نمرتا: سماج ۾ سهپ، نمرتا ۽ ڏيرج اهي ماپا آهن، جن سان انسان سکي جيون گهاري سگهي ٿو. اڄ جي دؤر ۾ راڄن ۾ ڪٽورتا، ڪينو دولاب ۽ هوڏ اهڙيون بيماريون آهن، جن انسان کي اوڙاهه ۾ اڇلي وڌو آهي.

نئين دور جي سماج اڏڻ لاءِ اسان کي سهپ، نمرتا ۽ ڏيرج جون وٿون آزمائڻيون آهن، نئين دنيا ۾ اهڙا سماج به آهن، جن وٽ فوج به ڪانهي، هنن جو ڪنهن سان به جهيڙو جهٽو ڪونهي، اهي سماج آدرشي سماج بڻجيو پون، لطيف سائين ان سلسلي ۾ به انسان جي رهنمائي ڪري ٿو.

”چنن توءِ مَ چن، پاءِ اميري ان سين“

***

هلو هلون ڪورئين نازڪ جنين جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن چنڻ مور نه سکيا.

(5) وطن پرستي: اڄ جي دنيا ۾ وطن پرستي ۽ قومي سڃاڻپ جي وري ڳالهه ٿيڻ لڳي آهي، جيتوڻيڪ ان بنياد تي هيٺن تي هٿيار هلائڻ ۽ ڏاڍ وسيلي قبضو ڄمائڻ کي منطقي طور ته دنيا رد ٿي ڪري پر ڏاڍ ۽ ڏمر جو نظام جاري آهي. ان بنياد تي هيٺن قومن کي حيلي بهاني هيسائڻ جو عمل پڻ رائج آهي. اها نيتي دنيا ۾ امن ۽ منطقي سهپ واري سماج جي اڏاوت جي نفي ٿي ڪري. لطيف سائين جي شاعري ۽ پيغام جو هڪ پهلو وطن سان محبت آهي. بلڪ لطيف کي اسان سنڌي ماڻهو وطنيت، وطن پرستي ۽ مٽيءَ سان محبت جي اهڃاڻ طور سيني سان سانديو وينا آهيون، لطيف جي شاعريءَ ۾ مارئي وطنيت جو





اهڃاڻ آهي.

اڇي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت ماڙين سين نه مٽيان.

***

الا ائين مَ هوءِ، جيئن آئون مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾ راتو ڏيهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا.

(6) اميد ۽ اعتماد: نئين سماج کي جوڙڻ لاءِ اميد جي آس ناهي لاهڻي، پنهنجو پاڻ ۾ اعتماد انسان کي اَڳاهون ڪري سگهي ٿو. نااميدي انسان کي نابود ڪري ٿي ڇڏي، پر ساڳئي وقت لطيف سائين تڪبر کان روڪي ٿو. تڪبر ۽ غرور انسان مان ساڃاهه ڪڍيو ڇڏي اهي عادتون منفي عادتون جيڪي ماڻهوءَ ۾ لوڀ، لالچ ۽ نفرت جا جذبا جاڳائين ٿيون.

نابوديءَ نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو.

(7) لطيف انهن انساني جبلتن جي مخالفت ٿو ڪري ۽ اسان کي پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ، اعتماد سان اڳتي وڌڻ، لالچ ۽ لوڀ کانسواءِ پنهنجي سماج جي اڳواڻي ڪرڻ جا ڪئين درس ڏئي ٿو جن کي اڄ جي دور ۾ رهمنا اصولن طور زندگيءَ ۾ رائج ڪرڻ جي ضرورت آهي. لطيف سائين چواڻي:

نااميدي نجهرو عدم اوتارون،
رضا راڄ سندون مور نه مڱن کي ٻيو

***

ڪڍيو تڪبر تڪيا، جيڪي ٿا هلن،
موڙها سي نه لهن، ملي راهه لطيف چئي.

***

هڻ هڪلڻ ٻيلي سارڻ، اي مانجهيئين مرڪ،
وجهن ڪونه فرق، رڪ وهنديءَ راند ۾.

(8) ايڪويهين صديءَ ۾ علم ۾ وگيان جي ترقي سان گڏ انسان اڪيلائپ جو شڪار آهي. انسان پاڻ کي هڪ ويران ٻيٽ جو باسي ٻڻائي هرهڪ تي هلان ڪرڻ جو حامي بڻجي پيو آهي. جي اها ريت قائم رهي ته پوءِ هيءَ صدي هن دنيا جي آخري صدي هوندي. لطيف جي راهه انسان لاءِ هڪ نئين اميد جي لاٽ ٻاري ٿي. اچو ته لطيف کي پڙهون.

هتان ڪٽي هت، جن رکيو سي رسيون،
ساجن سونهن سرت، وکان ئي ويجهو ٿيو.



# سنڌي سماج ۾ لطيف سائين

## ڊاڪٽر سليمان شيخ

انساني حياتيءَ جي/ لکها سالن واري سفر جي نتيجي ۾ اج جو سماج وجود ۾ آيو آهي. سنڌو ندي جي ڪنارن تي دنيا جي قديم تهذيب جا آثار هڪ سگهاري سماج جي نشاندهي ڪن ٿا. هنن ئي آثارن جي آڌار تي نئين دنيا سماجي ترقيءَ جا ماڻ ۾ ماپا جوڙيا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو دور سنڌي سماج لاءِ هڪ وڏي للڪار وارو سياسي افراتفري جو دور هو. هن سڪئي ستابي، پرامن ۾ پرسڪون ڌرتيءَ تي ڌارين فوجن جي گهوڙن جون هڪارون ٻڌڻ ۾ آيون. مختلف طبق جي يقيني ۾ لاتعلقي واري صورتحال ۾ اچي ويا. قومون جڏهن غلام بنبيون آهن ته انهن ۾ ڪيتريون ئي وچندڙ بيماريون منهن ڪڍنديون آهن. هنن ۾ خود غرضي، لالچ، مٽيي جو موهه، حاڪم جي سرخروئي جو شوق ۾ درٻاري رويا جنم وٺندا آهن. ان سبب سماج جا بنياد اکڙي پوندا هن ۾ نفسا نفسيءَ جو عالم رونما ٿيندو آهي. ان وقت هڪ رهبر جي ضرورت پوندي آهي. لطيف پنهنجي دور ۾ سماجي رهبر جي حيثيت ۾ اڀريو ۾ سڌ ڏنائين.

ڇاکي وجين ڇو ٻيلي ٿئين ٻين جو؟
وٿ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو.

غلام نفسيات مان ڇوٽڪاري جو پهريون قدم، جڙتو ۾ هٿرادو حاڪمن جي دٻاءَ مان ٻاهر اچي صرف الله جي حاڪميت مڃڻ آهي. اهو احساس ۾ پڪو يقين انسان کي ڏاڍ خلاف وڏي همت ٿو بخشي:

ڪڙو منجهه ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو،
اسان جيءُ جڙي، سپريان سوگهو ڪيو.

سماج جي اوسر لاءِ ٻيو قدم پاڻ ۾ ٻڌي، اتحاد، يڪجهتي آهي، ان لاءِ جيترو به اڳتي وڌي سگهجي وڌجي:

چنن، توءِ مَ چن، پاءِ اميري ان سين.

ان ڪان پوءِ پنهنجي آدرش ۾ پڪو يقين رکڻ جو عمل آهي.

الست بربڪم، جڏهن جت پڇيوم،
قالو بليٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
انهيءَ ويل ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

هنن ٽن بنيادي قدمن ڪان پوءِ، ڏڪارن ماڻهن کي پنهنجي ڏکڻ ۾ پيڙا ونڊڻ کي مجتمع ڪري ان کي طاقت بنائي اڳتي وڌڻو آهي:

ڏکيون جان نه مڙن، تان تان پنڌ نا ٿئي.

ان ڪان پوءِ وقت اچي ٿو معاملن جي ڇيد جو:

پيهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور ويا.

اسان کي پنهنجي مسئلن جو پاڻ جائزو وٺي حل ڳولڻ کپي:

سگهڻ سُڌ نه سور جي، ته گهايل ڪيئن گهارين.

هاڻي ان ڏک، سور ۽ مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ ڇا ڪجي؟ رڙيون ڪرڻ، ڪوڪون ڪرڻ ۽ منهن مٿو پٽڻ سان به ڀلا ڪي مسئلا حل ٿيا آهن؟





آيل آئون نه وسهان، هنجون جي هارين،
آڏيو آب اکين ۾، ڏيهه کي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين، سي نه کي روئن، نه ڇوئن ڪي

پر هن صورتحال کي بدلائڻ لاءِ لطيف جي راهه ڇٽي بيٺي آهي:

جي ڀانئين پرينءَ مڙان، ته سک ڇورا نڪي ڏات،
جاڳڻ جشن جن کي، سک نه ساري رات.

۽ ان ڪان پوءِ:

تَنَ ۾ تراز توهه جي، گهٽو لَهُه گهوري،
ادب ۽ اخلاص جا، سڙهه ٻڌج سوري.

ان منزل طرف وڌڻ ڏکيو ۽ صبر آزما آهي:

سکن واري سڌ، متان ڪا مون سان ڪرين
اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏوريندين.

۽ پوءِ منزل آسان بنجي ٿي:

پاڻهي ملندو هوت، پر تون به ٿج ڪجهه اڳيري،
متان چوي خان بلوچ، ته ڪميٽيءَ مان کين ٿيو.

لطيف سائينءَ سماج جي آدرشي نوجوان جو خاڪو بيحد خوبصورت انداز ۾ چٽيو آهي:

وسارج مَ ويڻ، جوين به تي ڏينهڙا،
لوٺيون سهن لوڪ جا، وِهاڻيءَ ٿيون ويڻ،
اصل آسارين جا، ستي ويڙا سيڻ،
جيڏيون جي مان وِسهو ننڊِ مَ هيريون نيڻ،
راتڙيون جاڳن جي، سي آئون ڪندڙ سيڻ،
آڌيءَ رات اٿي ڪري، جَهل تون نندان نيڻ.

اڄ لطيف جي سنڌ ڏاڍي ڏکاري، زخميل، اجهاميل ۽ اباڻڪي آهي. سنڌ جو نوجوان بي يقينيءَ ۽ بي اطمينانيءَ جو شڪار آهي. هر ڪو شريف ماڻهو پنهنجا ڪن لڪائڻ ۾ لڳو پيو آهي. هرڪو ٻاهران ويهي زخمن تي لوڻ پيو ٻرڪي. سنڌ جي مٽيءَ جو ذرو ذرو پڪاري پيو:

ڪُـنيـس ڪـويـڄـن، تـن طـبـيـب نـہ گـڏيـا،
ڏيـئـي ڏنـپ ڏڏن، پـاڻـان ڏيـل ڏڪـوئـيـو.

هنن حالتن ۾ سنڌ جي مٽيءَ سان محبت رکندڙ ماڻهن کي، سنڌي سماج جي گهٽگهرن کي، هن صورتحال تي غور ڪرڻ کپي:

جيئن جيئن تپي ڏينهن، تيئن تيئن تاڻي پـنڌ ۾
ڪو آڳانجهو نينهن، ٻانيڻ ٻاروچن سين.

نينهن نڀائڻ جو وقت هيءُ آهي، اڄ جڏهن سڄي سنڌ تپي ٽامو ٿي ويئي آهي، تڏهن هر طبقي جي ماڻهوءَ کي ۽ هر مرتبي جي ماڻهوءَ کي پنهنجي مسند ڇڏي هيٺ اچي سوچڻو پوندو.

# بلها شاهہ ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي فڪر ۽ شاعري جو تجزيو

## ڊاڪٽر محمد يعقوب مغل

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي ولادت (1689ع) کان نو سال اڳ 1680ع ۾ پنجاب جو عظيم صوفي شاعر بلها شاهہ صوبي پنجاب جي ڳوٺ پنڊوڪ, تحصيل قصور ضلعي لاهور ۾ پيدا ٿيو. سندس والد جو نالو سيد محمد درويش هو. اهو دور مغلن جي اوج جو زمانو هو. بلها شاهہ جي جاءِ پيدائش جي باري ۾ بہ اختلاف آهن. ڊاڪٽر محمد فقير “ڪليات بلها شاهہ” جي ديباچي ۾ “نافع السالڪين” جي قلمي نسخي جي حوالي سان لکي ٿو تہ بلهي شاهہ جو والد سخي محمد درويش سنڌ صوبي جي هڪ ڳوٺ اوچ گيلانيان ۾ رهندو هو. هيءُ ڳوٺ گيلاني سيدن آباد ڪيو هو. شاهہ محمد ذات جو گيلاني سيد هو ۽ بلها شاهہ هن ڳوٺ ۾ جنم ورتو ۽ سندس پيءُ هن جو نالو عبدالله شاهہ رکيو. جيڪو اڳتي هلي بلهي شاهہ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. بلها شاهہ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪنهن ڪنهن جڳهہ تي پنهنجو اصلي نالو عبدالله بہ استعمال ڪيو آهي. سندس مشهور ڪافي گنڌهان جو آخري شعر هن ريت آهي.

ہن انا اللہ آخ تم کرو نگاہیں
پیاری سج ہوگیا عبداللہ ناہیں.

جڏهن بلهي شاهہ ڇهن سالن جو هو تہ سندس پيءُ ڪن مجبورين جي ڪري ساهيوال جي هڪ ڳوٺ ملڪ وال ۾ وڃي رهيو.
هڪ ٻي روايت مطابق پنڊوڪ جي ماڻهن سخي شاه محمد

درويش کي مسجد جي امامت جي پيشڪش ڪئي جيڪا هن قبول ڪئي. پوءِ اتي امامت سان گڏوگڏ پاڻ ٻارن کي بہ پڙهائيندو هو بلهي شاهہ ڪجهہ وقت پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيو ۽ ان سان گڏوگڏ هُو مال بہ چاريندو هو.

هڪ ٻي روايت مطابق بلها شاهہ پنهنجي ابتدائي تعليم خواجہ غلام مرتضيٰ قصوري ۽ مخدوم محي الدين قصوري کان حاصل ڪئي، بلهي شاهہ جي ڪافين مان خبر پوي ٿي تہ پاڻ ناظره قرآن شريف پڙهيوهئائين ۽ شيخ سعيدي رحہ جو فارسي ۾ لکيل ڪلاسيڪل ڪتاب "گلستان بوستان" بہ پڙهيو هئائين.

بلهي شاهہ جي ڪافين ۾ سادگي آهي ۽ هو وضاحت سان خيالن جو اظهار ڪري ٿو. سندس تعلق قادريہ مڪتبہ فڪر سان هو .سورهين ۽ سترهين صديءَ ۾ پنجاب ۾ انسان دوستي ۽ آزاد خيالي جو پرچار ڪيوويو ۽ گڏوگڏ انتهاپسندي، مذهبي تنگ نظري ۽ روحاني آمريت جي خلاف بغاوت ڪئي وئي. بلهي شاهہ گهاٽ گهاٽ جو پاڻي پيتو هو. سندس ذهني نشو نما ۾ قادريہ کان علاوه شطاريا فڪر ۾ بہ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. بلهي شاهہ جي باغيانا فڪر جو سبب بنيادي طرح شطاريہ فڪر سان تعلق رکي ٿو. شطارين جو امام شيخ با يزيد بسطامي هو.

سنڌ جي سدا حيات عظيم صوفي شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙو تہ عظيم الشان شاهڪار يعني "شاهہ جو رسالو" ڇڏيو آهي جيڪو سنڌ واسين توڙي سنڌي ٻوليءَ جو دستاويز ۽ تهذيبي ورثو آهي. سندس ڪلام آرسيءَ مثل آهي، جنهن ۾ هر هڪ کي پنهنجي اندر جو عڪس نظر اچي ٿو. لطيف سائين جو ڪلام آفاقي نوعيت جو آهي ۽ ڀٽائي گهوٽ لوڪ داستانن کي تمثيلي انداز ۾ حق جي پيغام کي سچائي جي ڦهلاءِ لاءِ استعمال ڪيو آهي. شاهہ جي ڪلام جي اها خوبي آهي تہ سندس آفاقي ڪلام ڀٽڪيل انسانيت جي هميشہ رهنمائي پئي ڪئي آهي.





شاهہ عبداللطيف جيڪڏهن چاهي ها تہ وقت جي حاڪمن جي ساراهہ ۾ گيت ڳائي درٻاري شاعر بڻجي مال ۽ دولت سان مالا مال ٿي سگهيو ٿي. پر پاڻ ائين نہ ڪيائين ۽ ان جي مقابلي ۾ عوام جو شاعر بنجڻ وڌيڪ پسند ڪيائين. اڄ لطيف سائين سنڌ جو آواز آهي ۽ سندس ڪلام عام توڙي خاص، امير ۽ غريب، شاعر توڙي اديب، دانشور ۽ مفڪر لاءِ روشني جو مينار آهي.

1707ع ۾ اورنگزيب عالمگير جي وفات بعد ننڍي کنڊ ۾ فتنو ۽ فساد شروع ٿي ويو ۽ مغلن جي سلطنت جي زوال جو آغاز ٿي ويو. انهيءَ زوال جا اثرات ٻين علائقن جي مقابلي ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ وڌيڪ محسوس ڪيا ويا. سکن جي ظلم پنجاب ۾ انتها ڪري ڇڏي. جنهن جو نفسياتي اثر بلهي شاهہ تي بہ ٿيو.

بهلي شاهہ جي صوفياڻي زندگيءَ جا ٽي دور رهيا آهن. پهريون دور اهو هو جنهن ۾ هو مرشد جي تلاش ۾ سرگردان هو ۽ تصوف جي مختلف مڪاتب فڪر کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. سندس ٻيو دور فنافي المرشد هئڻ جو زمانو آهي، ان وقت سندس خيال هو تہ مرشد "وسيلہ نجات" آهي ۽ سندس صورت ۾ الله تعاليٰ جو جلوو نظر اچي ٿو سندس ٽيون دور اهو هو جڏهن سندس جذبي ۾ پختگي آئي ۽ هو عشق مجازي مان حقيقي ۾ داخل ٿئي ٿو ان بعد هو رسمي مذهب ۽ سطحي عقائد کان آزاد نظر اچي ٿو هن دور ۾ بلهي شاهہ جي شاعري نقطہ عروج تي وڃي پهچي ٿي.

بلهي شاهہ مجازي ۽ حقيقي عشق جو هڪ عظيم شاعر سڏيو وڃي ٿو. پاڻ وجد ۽ سماع جي ڪيفيت ۾ اهڙي ڪلام جو خالق آهي، جنهن کي ڪو بہ راڳي ڏاڍي سولائي سان پنهنجي سرن ۾ ڳائي سگهي ٿو.

پنجاب جي دانشورن جو چوڻ آهي تہ بلها شاهہ پنجابي ڪافيءَ جو نمائندو شاعر آهي، بلها شاهہ جي ڪافين ۾ الله تعاليٰ جي وڏائي ۽ وحدانيت کي وڏي اهميت ڏني وئي آهي.

بلها شاهہ مجازي عشق کان حقيقي عشق جي منزل جي باري ۾

چوي ٿو ته:

جی چڑنا عشق مجازی لاگے
سوئی سیوے نابن دھاگے
عشق مجازی داتا ہے
جس پچھے مست ہو جاتا ہے

ترجمو: جيستائين عشق مجازي جو مشاهدو نه ڪيو وڃي، تيستائين عشقِ حقيقي ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهجي، جهڙي ريت سئي ڌاڳي ڪانسواءِ نٿي سبي سگهي، اهڙيءَ طرح عشق مجازي به هڪ اهڙو دوست آهي، جنهن جي طفيل عشق حقيقي ۾ لطف ۽ سرور نه ٿو ملي.

چيو وڃي ٿو ته بلهي شاهه تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ لاهور هليو ويو هن باري ۾ به روايتون ملن ٿيون. هڪ روايت مطابق هو حق جو متلاشي هو ۽ مرشد جي تلاش ۾ لاهور پهتو هو. ٻئي روايت مطابق هو گهمڻ ڦرڻ جي لاءِ لاهور ويو هو. لاهور ۾ رهڻ دوران مختلف صوفين جي محفلن ۾ ويندو رهيو ۽ اتي شاهه عنايت جي باري ۾ ڪيس معلوم ٿيو ته هو هڪ صاحب علم شخص آهي شاهه عنايت ذات جو آرائين هو ۽ سندس خانداني ڌنڌو باغ باني هو. بلهي شاهه اتي وڃي شاهه عنايت سان مليو ۽ پنهنجو تعارف ڪرايائين ۽ درخواست ڪيائين ته ڪيس هو پنهنجو مريد بڻائي.

هڪ ٻي راويت موجب شاهه عنايت ان زماني ۾ لاهور ۾ شاليمار باغ جو "هيڊ مالهي" هو. گرمين جي موسم هئي، بلهي شاهه جڏهن ان باغ ۾ پهتو چوڪيدار ڏانهن نظر ڊوڙايائين پر اُهو ڪيس ڪٿي به نظر نه آيو. سندس دل ته چاهيو باغ مان انب پٽي کائي، پر چوري جي ڊپ کان بچڻ لاءِ پاڻ انبن کي ڏسندي "الله غني" چيائين، جيئن ئي هن اهي لفظ چيا هڪ انب سندس هٿ تي اچي ڪريو. اهڙي طرح هن اهي لفظ دهرايا ۽ ڪافي انب گڏ ڪري ورتائين. اهي انب ڪپڙي ۾ ٻڌي ڪنهن مناسب جڳهه تي ويهي کائڻ جو ارادو ڪيائين. انهيءَ دوران هيڊ مالهي اچي ويو. ۽ هن ڪيس چيو ته تو انب چورايا





آهن. بلهي شاهه ڪيس معمولي ماڻهو سمجهي طنز ڪندي چيو ته مون انب نه ٽوڙيا آهن پر خود ئي منهنجي جهولي ۾ اچي ڪريا آهن. بلهي شاهه ان ئي مهل وري "الله غني" چيو ته انب پاڻ ئي سندس هٿن ۾ اچي ڪريو. بلهي شاهه جي انهيءَ ڪرامت تي شاهه عنايت ذرو به حيرانگي جو اظهار نه ڪيو پر مسڪرائيندي چيائين ته: "تون ته انهن پاڪ لفظن کي به چڱيءَ طرح دهرائي نه ٿو سگهين. تو ته انهن لفظن جي برڪت کي ئي گهٽائي ڇڏيو آهي." ان بعد شاهه عنايت "الله غني" چيو ۽ باغ جا سڀ انب اچي هيٺ زمين تي ڪريا. ٻيهر "الله غني" چيائين ته سڀ انب خُود به خُود وڻن ۾ لڳي ويا.

بلهي شاهه جنهن کي اَڻ پڙهه ۽ نيچ ذات جو ٻئي سمجهيو هو ته ڪو پهتل شخص ۽ صاحبِ ڪرامت نڪتو. ان بعد پاڻ وڃي سندن پيرن تي ڪريو ۽ مُريد بنجڻ جي درخواست ڪيائين جيڪا قبول ڪئي ويئي. اهڙيءَ طرح بلهي شاهه جو پنهنجي مرشد سان پهريون تعلق قائم ٿيو.

شيخ محمد عنايت الله جيڪو عام طور تي شاه عنايت قادري جي نالي سان مشهور ٿيو قصور ۾ ڄاتو هو ۽ ذات جو آرائين هو. هڪ روايت ۾ اچي ٿو ته هو شاليمار گارڊن لاهور جو هيڊ مالهي هو.

سندس ڄمڻ جي تاريخ ۽ سال نا معلوم آهي ، وظائف ڪلان، ۾ سندس وفات جي تاريخ 1147 هه مطابق 1735 ع ڏني وئي آهي.

اهو دور مغل بادشاه محمد شاه جو هو. باغي احوال هند جي مصنف سندس وفات جي تاريخ 1171 هه لکي آهي جيڪا درست نه پئي لڳي. ڇاڪاڻ ته بلهي شاه جي تاريغ وفات به 1171 هجري آهي. چيو وڃي ٿو ته شاه عنايت رح جي وفات کان پوءِ بلهي شاه سندس درگاه سنڀالي. اهو عرصو هجري سال مطابق ڇوويهه سال ٿئي ٿو. شاه عنايت پنهنجي دور جو وڏو عالم هو ۽ ڪيترن ڪتابن جو مصنف هو. چيو وڃي ٿو ته پاڻ قرآن شريف جو تفسير لکيو هئائين جيڪو هن وقت موجود نه آهي. درگاهه جي خليفي شيخ سراج الدين وٽ هن وقت

بہ فارسي ۾ سندس لکيل ڪتابن جا جيڪي قلمي مسودا موجود آهن. اهي مسودا هيٺ ڏجن ٿا:

1. صلاح الحمل 2. لطائف غائبيہ 3. ارشاد الطالبين 4. محمد غوث گوا لياري جي لکيل ڪتاب "جواهر خمسہ" جي تشريح ۽ تفسير ۾چيو وڃي ٿو تہ عنايت شاه ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب لکيا هئا جيڪي سندس لائبريري ۾ موجود هئا پر مها راجا نصيحت سنگهہ جي وفات کانپوءِ فسادات جي دوران لائبريري کي باهہ لڳائي وئي جنهن ڪري ڪيترائي ڪتاب سڙي ويا. جن ۾ شاه عنايت جا لکيل مختلف قلمي نسخا بہ هئا.

بلهي شاهہ کي سندس ڀيڻن ۽ ڀاڄاين ڏاڍو سمجهايو تہ تون سادات آهين, ڪيئن وڃي ٿو هڪ آرائين جو مريد ٿين تون تہ پاڻ مرشد آهين پر بلهي شاهہ تي مرشد جو ايترو تہ گهرو اثر ٿي چڪو هو جو هن ڪنهن جي بہ ڪا ڳالهہ نہ مڃي. پاڻ چوي ٿو تہ:

*بلھے نوں سمجھاوں آئیاں، بھینا تے بھر جھائیاں،*
*آل نبی اولاد علی دی بلھیا توں کیھ لیکا لائیاں۔*

ترجمو: بلهي کي ڀيڻون ۽ ڀاڄائيون سمجهائڻ آئيون تہ تون سيد, وڏي ذات وارو, نبي صلي الله عليہ وسلم ۽ علي ڪرم الله وجهہ جو اولاد, پاڻ مرشد آهين, سو مريديءَ ۾ ڪيئن ٿو اچين.

پر بلهي شاهہ ڪنهن جي پرواه نہ ڪئي. مرشد جي اثر ڪري مائٽن جي رکيل نالي عبدالله شاهہ (بلهي شاهہ جو ٻانگ جو نالو) کي ختم ڪري شاهہ عنايت جي رکيل نالي بلهي شاهہ کي قبول ڪيائين. پوءِ سڄي زندگي پاڻ کي بلهي شاهہ سڏايائين.

بلها شاهہ کي پنهنجي مرشد سان بيحد عشق هو سندس باري ۾ لکي ٿو تہ:

*پایا ہے، کچھ پایا ہے*
*میرے ست گر اکھ لکھایا ہے*





ترجمو: مون حاصل ڪري ورتو آهي, ڪجهہ حاصل ڪري ورتو آهي. منهنجي سچي رهبر مونکي نا معلوم ڪي معلوم ڪرڻ جي قابل بڻائي ڇڏيو آهي.

وري اڳتي چوي ٿو تہ:

*بنا مرشدوں کامل بلھیا*
*تیری ایویں گئی عبادت کیتی*

ترجمو: مرشد ڪامل جي رهنمائي کان سواءِ (اي بلها) تنهنجي عبادت ڪنهن بہ ڪم جي ڪانهي. حقيقت ۾ محبوب کي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو.

بلها شاهہ پنهنجي ڪافين ۾ هن طرح سان اظهار ڪري ٿو:

*شریعت میری مائی ہے*
*طریقت میری دائی ہے*
*اکوں حق حقیقت آئی ہے*
*تے معرفتوں کجھ پایا ہے*
*ٹک بوجھ کون لک آیا ہے*

ترجمو: شريعت منهنجي ماءُ آهي. طريقت منهنجي دائي آهي, جڏهن کان خدا جي حقيقت سمجهہ ۾ آئي آهي. تڏهن کان معرفت جي ذريعي عرفان مان ڪجهہ حاصل ڪيو آهي, ٿورو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪر تہ ڪير مون ۾ لڪي آيو آهي.

بلها شاه چوي ٿو تہ سڀ مٽ مائٽ خود غرض آهن ۽ هو مطلب جا يار آهن. هو هڪ ڪافي ۾ چوي ٿو تہ:

*ایہہ ماں "بابا" "بیٹا" بیٹی*
*پچھ ویکھاں کیوں رون گے*
*ایہہ رناں "کنجاں" پتر" دھیاں*

ورتے نوں آن کھلوون گے
ایہہ جولٹن تو کیوں ناہی
مر کے آپ لٹاویں گا
حجاب کریں درویشی کولوں
کب لگ حکم چلاویں گا

ترجمو: اسان پڇون ماءُ، پيءُ، پُٽ ۽ ڌيءُ ڪان تہ هو ڇو روئندا. هي زالون، پٽ ۽ نياڻيون پنهنجي ورهاست جي دعوي ڪنديون. جيڪڏهن هيءُ ڦُرِ مار ڪن ٿيون تہ پوءِ تون ڇو نہ ٿو ڦرجين. تون ڦرجي ويندي جڏهن تون مرندين، تون فقيرن کان لڪي ڪيستائين حڪم هلائيندو رهندين. بلها شاه جي ذهن ۾ هن دنيا ئي زندگي ۾ خوشيون عارضي آهن ۽ حقيقيي گهر قبر آهي جتي روح قيامت تائين رهندي. بلها شاه چوي ٿو تہ:

اتھے گوال واساوسن نوں
رہن نوں اُتھے ڈیرہ ہے

ترجمو: هن دنيا ۾ انسان چراگاهه جي ڌنار وانگر آهي ۽ سندس مستقل رهڻ جي جڳهه قبر آهي. بلها شاه کي پنجابي زبان جو وڏو شاعر مڃيو وڃي ٿو جيڪا شهرت بلها شاهہ کي پنجاب ۾ ملي سا ڪنهن ٻئي شاعر کي نصيب نہ ٿي سگهي آهي.

اوائلي دؤر ۾ بلها شاه اسلام جي شريعتي اصولن تي قائم هو ۽ ان باري ۾ پنهنجي ڪلام ۾ تلقين ڪندي چوي ٿو تہ:

بلھا شوہ بن کوئی نہیں
ایتھے اوتھے دوہیں سرائیں
سنبھل سنبھل قدم ٹکائیں
فیر آون دوجی وار نہیں
اُٹھ جاگ گھراڑے مار نہیں





ترجمو: اي بلها! محبوب ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهي، هِتي ۽ هُتي ٻنهي جهانن ۾ سنڀالي سنڀالي قدم رکجانءِ ڇو تہ هن دنيا ۾ ٻيهر اچڻو ڪونهي. اٿ سجاڳ ٿي ڪونگهرا نہ هڻ.

بلها شاهہ هڪ باشعور مسلمان جيان موت ۽ قبر جي عذاب جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ:

ایک روز اس جہان سے چلے جانا ہے
اور قبر میں لیٹ جانا ہے
تیرے جسم کو کیڑوں نے کھانا ہے
اس بات کو یاد رکھ اور ہرگز نہ بھول

ترجمو: هڪ ڏينهن هيءُ دنيا ڇڏي هليو وڃڻو آهي ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻو آهي، تنهنجي جسم کي ڪيڙا ماڪوڙا ڪائي ويندا. ان ڳالهہ کي ياد رک ۽ هرگز نہ وسار. وري ٻي ڪافيءَ ۾ چوي ٿو تہ :

توں ایس جہانوں جائیں گا
پھیر قدم نہ ایتھے پائیں گا
ایہہ جوبن روپ ونجائیں گا
تیں رہنا وچ سنسار نہیں
اُٹھ جاگ گھراڑے مار نہیں

ترجمو: جڏهن تون جهان مان لاڏاڻو ڪري ويندين پوءِ ٻيهر هيڏانهن نہ موٽندين، هيءُ جوڀن ۽ جواني وساري ڇڏيندين، توکي هن دنيا ۾ نہ رهڻو آهي. اٿ سجاڳ ٿي، ڪونگهرا نہ هڻ.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ بلها شاهہ جي ڪلام ۽ فڪر ۾ هڪ جهڙائي جو موازنو. ڀٽائي گهوٽ چوي ٿو تہ:

جڏهن ڪن فيڪن چئي نيو آرياڻي
ارواح انگ اڳهين لکيو منهنجو ميٺاءُ
فڪر ۾ هڪ جهڙائي جو موازنو.

دراصل سسئي جي ذريعي شاهہ لطيف چوي ٿو تہ، جڏهين ڏڻي تعالي ڪائنات کي قائم ٿيڻ لاءِ چيو "قائم ٿي" ۽ ائين ٿي ويو. منهنجو هيئنڙو بہ ائين ئي تو سان جڙيل آهي. سسئي چوي ٿي تہ منهنجو انگ تہ قسمت ۾ اڳي کان ئي تو سان لڳل آهي.

بلهاشاهہ جو بہ شاهہ لطيف وانگر بيان جو اهڙوئي انداز آهي. بلها شاهہ بہ ساڳئي خيال جو اظهار ڪندي چوي ٿو تہ :

"کن فیکون اگے دیاں لگیاں
نیو نہہ نہ لگایا چوری دا"

ترجمو: جڏهن ڏڻي تعالي ڪائنات کي قائم ٿيڻ لاءِ حڪم ڏنو قائم ٿي ۽ ائين ٿي پيو" انهي کان بہ اڳي پنهنجو نيهن جڙيل هو" هي نيهن چوري سان ناهي جڙيو.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح تنبيهہ ڪندي چوي ٿو تہ :

غافل! غفلت ڇوڙ تون ڪئين اٽاسي اوجهرين؟
چپاتا چڙهي ويا، وڃي پهتا توڙ،
نيڻ ننڊ اکوڙ جم ورن ۾ واڪا ڪري
(ڪوهياري)

بلهي شاهہ بہ ساڳيو پيغام ڏيندي چوي ٿو تہ :

اُٹھ جاگ گھراڑے مار نہیں،
ایہہ سوں تیرے درکار نہیں
تیرا ساہ نیڑے آیا
کجھ چولی واج رنگایا اے
کیوں اپنا آپ ونجایا اے
اے غافل تینوں سار نہیں

ترجمو: سجاڳ ٿي ائين کونگهرا نہ هڻ، اها ننڊ توکي ڀائين





نٿي پوي تنهنجو ساهہ (محبوب) تنهنجي ويجهو آهي، پر پوءِ بہ تون ائين ئي ويٺل آهين، تون پنهنجو پاڻ کي وڃائي نہ، اها غفلت توکي ڪم نہ ايندي تنهنڪري اٿ سجاڳ ٿي.

شاهہ لطيف چوي ٿو تہ :

دهشت دم درياهہ ۾ جت ڪڙڪوڪن ڪري
توڏي تاڪن وچ ۾ متان وير وري
آءُ ساهڙ منهنجا سپرين پرتان پير پري
هاري هٿ ڏري اونهي مان اڪارين

ساڳئي طرح بلها شاهہ بہ چوي ٿو تہ:

میں شوہ دریا واں پئیاں
ٹھاٹھاں لہراں دے منہ گئیاں
پڑ کے گھمن گھیر بھوئیاں

ترجمو: آءُ (سهڻي) وچ درياهہ ۾ پئي آهيان. ڇولين جو تيزي سان منهن منجهہ ٽڪرائي ۽ ڪُن گهيري ۾ ونئي ڦيراٽيون ڏئي پريشان ڪري ڇڏيو آهي.اهڙي ڪاري اونداهي رات ۾ مينهن بہ وسڪارا لائيو بينو آهي.

شاهہ لطيف محبوب جي جدائي ۾ پريشان ٿي چوي ٿو تہ:

آيل! ڍولئي ساڻ اڃي تہ جهيڙيان
لائي ڏينهن گهڻا مون سي ڪي تورڙا

بلهي شاهہ بہ محبوب جي جدائي برداشت نہ ڪندي پنهنجي پاڻ سان پٽسي کان بيزاري جو اظهار ڪندي ساڻس جهيڙو ڪري پٽسي کي ڏوهي قرارڏ چوي ٿوتہ:

کوڑی دمڑی پلے نہ کائی
پارو ہنجن نوں میں سدھرائی

*نال ملاحاں دے نہیں آشنائی*
*جھیڑاں کراں دل لیاں.*

ترجمو: پئسي پائي جي ڪا گهرج ناهي فقط سجڻ سان قربائتيون گهڙيون گهارڻ خاطر ساڻس شڪايت ڪري جهيڙو ڪنديس. جيئن ته لطيف سائين چوي ٿو ته:

وڃيئي وسري شال جو تو سودو سڪيو،
اجان آئين ڪالهه. پڻ ٿو سفر سنڀهين
(سامونڊي)

بلها شاهه پنهنجي ڪلام ۾ به محبوب جي جدائي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

*تُسی آؤ ملو میری پیاری*
*میرے ٹرنے دی ہوئی تیاری*

ترجمو: مون سان منهنجي پياري جلدي اچي ملي وٺ. منهنجي هلڻ جي وري تياري آهي.
شاهه لطيف الله تعاليٰ تي ڪامل يقين جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

اڪر پڙهه الف جو ورق سڀ وسار
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا

بلها شاهه به اهڙي طرح چوي ٿو ته:

*اک الف دانکتہ نیارا اے*
*اک الف پڑھو چھٹکارا اے*

ترجمو: هڪ الف جو اکر ئي سيني ڪان نرالو آهي، هڪ الف پڙهه ۽ آجپو حاصل ڪر.





شاهه ڀٽائي وري ٻئي بيت ۾ چوي ٿو ته:

پڙهيو ٿا پڙهن ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاٽان ڏوهه چڙهن جيئن ورق ورائين ويترا

ساڳي طرح بلها شاهه به اهڙي خيال جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

*کیوں پڑھائیں گڈ کتاباں دی*
*سرچاناں ایں پنڈ عذاباں دی*
*ھن ہوئیاں شکل جلاداں دی*
*اگے مشکل پینڈا بھارا اے*

ترجمو: ڇو ٿو ڪتابن جون ٻوريون پڙهين ۽ پنهنجو دماغ ڏوهن سان ڀرين. پوءِ شڪل وڃئي ٿي ٻڌجي جلادن جهڙي. ان ڪان اڳيان اجا به اڙانگو سفر اٿئي!
شاهه ڀٽائي وري فلسفانه انداز ۾ چوي ٿو ته:

احد احمد پاڻ ۾ وچان م فرق
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهه ۾

بلها شاهه ساڳئي فڪر کي وري هن طرح بيان ڪري ٿو:

*احمد احد وچ فرق نہ بُلھیا*
*رتی کو بھیت مروڑی دا*

ترجمو:احمد (رسول صلي الله عليه وسلم) ۽ احد (الله تعاليٰ) جي وچ ۾ ڪو تفاوت نه آهي.

سڄي ڳالهه ميم جي راز ۾ منڌل آهي.

بلها شاه مرشد سان عقيدت جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته:

بلھے شاہ دیسُنو حکایت
ھادی پکڑیان ہوگ ہدایت
میرا مرشد شاہ عنایت
اوہ لنگھاے پار

ترجمو: بلها شاه جي حڪايت ٻڌو. هن پنهنجي مرشد جي هدايت واري رسي کي جهلي چڙهيو آهي جيڪو کيس منزل تي پهچائيندو. شاهه لطيف چوي ٿو ته :

سو هيُ سو هُو، سو اجل، سو الله،
سو پرين، سو پساهه، سو ويري ، سو واهرو.

ساڳيو مفهوم بلها شاهه وري هن طرح بيان ڪري ٿو :

کہوں بیر پڑا، کہوں بیلی ہے
کہوں مجنوں ہے، کہوں لیلیٰ ہے
کہوں آپ گرو، کہوں چیلا ہے

ترجمو: ڪٿي ويري ٿيو آهي ته ڪٿي سڄڻ بڻيو آهي. ڪٿي مجنون آهي. ته ڪٿي ليلا آهي. ڪٿي پاڻ مرشد آهي ته ڪٿي وري پاڻ ئي مريد آهي.

بلهي شاه جي وفات 1758ع ۾ ٿي. اٽڪل سوا سوءَ سالن تائين بلهي شاه جون ڪافيون ڪتابي صورت ۾ نه ڇپجي سگهيون. سندس ڪافيون يا ته قوال ڳائيندا هئا يا مزار تي رهندڙ درويش جن کي بلهي شاه جون ڪافيون ياد هيون. اهي ڳائيندا هئا يا وري مختلف علائقن ۾ گهمندڙ ڦرندڙ ڳائيڻا ڳائيندا هئا. پهريون دفعو 1882 ع ۾ ملڪ هيرا هڪ ڪتاب ڇپايو جنهنجو عنوان هو "ڪافيان حضرت بلهي شاهه." هن ڪتاب ۾ بلهي شاهه جون 47 ڪافيون شامل ڪيون ويون هيون ۽ انهن سان گڏ اوائلي دور جي شاعر شاه حسين جو ڪلام به شامل هو. ڇئن سالن کان پوءِ 1886ع ۾ منشي





ديوان چند بلهي شاهه جي ڪافين جو هڪ مجموعو گجران والا مان شايع ڪرايو. 1889ع ۾ انور علي روهتڪي جو ڪتاب " قانونِ عشق" ڇپيو جنهن ۾ بلهي شاه جون 116 ڪافيون شامل ڪيل هيون. وري 1896ع ۾ پريم چند قصوري 130 ڪافيون ڪتابي صورت ۾ ڇاپيون. 1932ع ۾ وري هڪ صنعتڪار سندن ڪافين جو مجموعو شايع ڪرايو.

1933ع ۾هڪ خاتون ڊاڪٽر لجونتي رامان ڪرشنا کي پنجابي صوفي شاعرِ "Punjabi Sofi Poets" تي پي-ايچ- ڊي جي ڊگري ڏني وئيي.هن ٿيسس ۾ بلهي شاهه جي حالات زندگي ۽ ڪافين تي هڪ باب ۾ تفصيلي احوال ملي ٿو. هڪ اهم ڪتاب 1960ع ۾ پنجابي ادبي اڪيڊمي لاهور مان ڊاڪٽر فقير محمد جو ڇپيو جنهن ۾ بلهي شاه جون 156 ڪافيون شامل آهن.

هي هڪ اهم تحقيقي مقالو آهي جنهن ۾ بلهي شاهه جو احوال ملي ٿو.

1976ع ۾ ڊاڪٽر نذير احمد جو هڪ ڪتاب "ڪلام بلهي شاه" پيڪيج لميٽيڊ لاهور طرفان ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ڪتاب ۾ بلهي شاه جي باري ۾ تفصيلي معلومات ملي ٿي.

بلهي شاه پنهنجي زندگيءِ جو گهڻو عرصو قصور ۾ گذاريو. چيو وڃي ٿو ته هن شادي نه ڪئي، سندس قبر تي لڳل پٿر مطابق هن جي وفات 1171هه (1758 ع) لکيل آهي.

شاعريءَ جو رچاءُ ۽ لاڳاپو ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماڻهن ۽ انهن جي مسئلن سان هو. جنهن ڪري هو سنڌ جو اهو پهريون شاعر آهي، جنهن سنڌي قوم کي پنهنجي وجود جو احساس ڏياريو. ايتري قدر جو ڌرتي تان اٿندڙ ڌوڙ ۽ دز کي به عطر ۽ عنبير برابر سمجهيو آهي:

سـنـدي جـا سـاڻـيـهـه، کـهـه ڪـثـوري پـانـيـان

اهڙيءَ ريت شاهه لطيف پنهنجي ديس جي ماڻهن ۽ ماروئڙن سان محبت کي هر حال ۾ پنهنجي لاءِ مٿانهون سمجهيو:

جـيـهـا جـي تـيـهـا، مـون مـارو مـڃـيـا.

شاهه لطيف جو دور ۽ سنڌ: شاهه لطيف تاريخ جي ان دور ۾ پيدا ٿيو ۽ زندگي گذاري (1752ـ 1689ع) جڏهن:

(1) سنڌ جا وڏا شهر ٺٽو، نصرپور ۽ سيوهڻ ۾ وڏا علمي مرڪز هئا. جتي شاعرن، اديبن ۽ عالمن جون رس رهاڻيون ٿينديون هيون، خيالن جي ڏي وٺ ٿيندي هئي. پرڏيهي عالمن جهڙوڪ رومي ۽ حافظ کان وٺي ڪبير، ميران ۽ تلسيداس تائين ۽ ڏيهي عالمن جهڙوڪ قاضي قادن کان وٺي شاهه ڪريم بلڙيءَ واري تائين جي شاعريءَ جا قلمي ڪتاب نه رڳو پڙهيا ويندا هئا پر انهن ۾ موجود حڪمت ،ڏاهپ ۽ دانائي جي نڪتن تي بحث مباحثا پڻ ٿيندا هئا.

(2) سنڌ، حڪمرانن جي غلط داخلي پاليسين ۽ حڪمت عملين باوجود مغلن ۽ ٻين پرڏيهي حاڪمن جي دست اندازين کان محفوظ رهڻ ۽ خودمختيار حاڪميت جو خواب ساپيان بنائڻ لاءِ ڪوششون وٺي رهي هئي.

شاهه لطيف نه رڳو پنهنجي لافاني ڪلام ۾ ماضيءَ جي ان سموري علمي، ادبي ۽ فلسفيانه ورثي کي اوتيو پر ساڳئي وقت تڏهوڪي سنڌ جي سياسي، سماجي حالتن جي عڪاسيءَ سان گڏ حال ۽ مستقبل جي علمي توڙي عملي ماحول تي پنهنجا نقش ۽ اثر ڇڏيا.

www.sindhsalamat.com

# شاهه لطيف ۽ سندس همعصر صوفي شاعر

پروفيسر اعجاز احمد قريشي

شاهه عبداللطيف ڀٽائي 1689ع ۾ ڏکڻ ايشيا جي ان خطي (سنڌ) ۾ جنم ورتو جيڪو پنهنجي تاريخ جي هر دؤر ۾ تهذيب، ثقافت ۽ علمي ادبي پسمنظر سبب ٻين خطن کان منفرد ۽ نرالو پئي رهيو آهي. شاهه صاحب جو خاندان تصوف، عرفان؛ علم ۽ عمل جي حوالي سنڌ جو هڪ ناميارو خاندان هو. ان کان سواءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي شخصيت، سيرت، ڪلام، فڪر ۽ فلسفي بابت هينئر تائين جيڪا به تحقيق ۽ کوجنا ٿي آهي ان جي روشنيءَ ۾پڻ هينئر اهو سوال بلڪل بي معنيٰ بنجي چڪو آهي ته شاهه لطيف ڪنهن مڪتب ۾ تعليم حاصل ڪئي يا نه؟ شاهه صاحب پنهنجي والد سڳوري شاهه حبيب جي تعليم ۽ تربيت وسيلي علم ۽ معرفت جا ڏاڪا طئي ڪيا ۽ بعد ۾ سير سفر وسيلي فرد کان سماج ۽ تهذيب کان مذهب، دين، ڌرم ۽ مابعد الطبيعات تائين سڀ فلسفا ۽ فڪر پروڙيا ۽ پرکيا. شاهه صاحب پنهنجي ان طويل تپسيا ۽ ذهني ولوڙ کي شاعريءَ جي هڪ اهڙي من موهيندڙ اسلوب ۽ انداز ۾ پيش ڪيو جيڪو بي اختيار ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ جي دل جي تاليف ۽ روح جي غذا بڻجي پوي ٿو.

شاهه لطيف جي شعري خزاني ۾ جيڪي علمي ۽ فڪري نڪتا سمايل آهن اهي انهيءَ انداز ۽ اسلوب ۾ ٻين شاعرن وٽ اڻلڀ آهن، جنهن ڪري ايچ ٽي سورلي کيس دنيا جو عظيم شاعر ۽ شاعرن جو سرتاج قرار ڏنو.

شاهه لطيف جي عظمت جو هڪ وڏو سبب اهو به هو ته سندس

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جن بنيادي نقطن کي نروار ڪيو آهي اهي ٿلهي ليکي هيٺيئن ريت آهن:

1_ تصوف ۾ شاهہ صاحب ويدانت ۽ وحدت الوجود جي پرچار ذريعي مذهبي تفريق ۽ ويڇي جو خاتمو آندو.

2_ سنڌي ٻولي، ثقافت، هنر ۽ پورهئي کي اجاگر ڪري سنڌ جي قومي تشخص کي سگهارو بڻايو.

3_ شاهہ لطيف پنهنجي شاعري ۾ سنڌ جي لوڪ داستانن جي اپٽار وسيلي انساني زندگيءَ جي گوناگون پاسن سان گڏ سماجي، سياسي ۽ فڪري نقطن کي نروار ڪري هڪ نرالو علمي مثال قائم ڪيو.

شاهہ صاحب پنهنجن انهن خيالن جي ڏي وٺ تڏهوڪي سنڌ جي وڏن عالمن، اديبن ۽ شاعرن جهڙوڪ: ميون شاهہ عنايت رضوي، مخدوم محمد زمان لنواري وارو، مخدوم محمدي ڪهڙن وارو، ميان صاحب ڏنو فاروقي، مخدوم محمد معين ٺٽوي، سيد محمد بقا لڪياري ۽ ٻين سان ملاقاتن ذريعي ڪئي. اهي علمي ملاقاتون پڻ تاريخ جو حصو آهن، جن مان معلوم ٿئي ٿو تہ شاهہ صاحب جو دؤر پڻ شاعرن، عالمن ۽ مفڪرن سان ڀرپور هو. هيٺ ان دؤر جي ڪجهہ اهم هم عصر صوفي شاعرن جي زندگيءَ جو مختصر احوال ۽ تعارف ذڪر ڪجي ٿو.

**خواجہ محمد زمان لنواريءَ وارو:**

سلطان الاولياءُ خواجہ محمد زمان جي ولادت 21 رمضان 1125هہ/1713ع تي ٿي. ابتدائي تعليم پنهنجي والد بزرگوار وٽان حاصل ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ ٺٽي ويو، جتي مخدوم محمد صادق نقشبنديءَ جي مدرسي ۾ تعليم حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ خواجہ محمد ابوالمساڪين جو مريد ٿيو، جلد ئي طريقت جون منزلون طيءِ ڪيائين. ڪجهہ وقت کان پوءِ سندس مرشد کيس





خانقاهہ تي ويهاري، حرمين شريفين راهي ٿيو. محمد زمان ڪجهہ وقت ٺٽي ۾ رهي، لڏي وڃي لنواريءَ ۾ ويٺو. اتي وڃي رهڻ کان پوءِ سال 1149هہ/1736ع ۾ سندس والد وفات ڪئي. جيئن تہ پراڻي لنواري ڦٽي رهي هئي، تنهن ڪري 1150هہ/1737ع ۾ نئون شهر ٻڌائي اتي وڃي رهيو ۽ ان جو نالو بہ لنواري رکيائين. خدا جي ڪيتري ئي مخلوق کي فيض ڏيئي، 1188هہ/1774ع ۾ وفات ڪيائين.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سندس همعصر هو پر عمر ۾ کانئس وڏو هو. ڀٽائي صاحب پاڻ کهي لنواريءَ ساڻس ملاقات لاءِ ويو هو ۽ مريد ٿيڻ جو ارادو بہ ڏيکاريو هئائين پر جيئن تہ نقشبندي طريقي ۾ راڳ جي منع آهي، تنهنڪري سندس مريد ٿي نہ سگهيو. باقي لنواري واري کان ايتري قدر متاثر هو جو سندس لاءِ هي بيت چيو اٿس:

مون سي ڏٺا ماءِ، جنين ڏٺو پرينءَ کي،
تنين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي.

خواجہ صاحب جا 84 سنڌي بيت مليا آهن، جن جي عربيءَ ۾ شرح سندس مريد شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ ڪئي آهي. گرهوڙي صاحب جي ان شرح جو علامہ دائود پوٽي صاحب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري، "ابيات سنڌي" جي نالي سان ڇپايو.

بيتن جو مضمون تصوف تي ٻڌل آهي جن ۾ خواجہ صاحب فرمائي ٿو:

جنين ڏٺو پاڻ، تنين ڏٺو سپرين،
غلط اِيءَ گمان، تہ عارف پسي آرسي.

عارف ۽ 'عشاق'، پسڻ گهرن پرينءَ جو،
جنت جا مشتاق، اجا اوراهان ٿيا.

**روحل فقير:**

ميان روح الله عرف روحل فقير زنگيجو 1730ع ۾ ڄائو هو. سندس وڏا اصل پنجاب جي ڳوٺ "لونگره" جا ويٺل هئا. جتان روحل فقير پنهنجي عزيزن سان لڏي اچي، ٿرپارڪر ضلعي ۾ رهيو. جوانيءَ ۾ ميان روح الله ڪجهه وقت ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي ملازمت ۾ به رهيو. جتي حاڪم طرفان ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ ڪري کيس ڪيترائي انعام ۽ اڪرام پڻ مليا.

روحل فقير جي دل جو لاڙو ننڍپڻ کان ئي فقيريءَ ڏانهن هو. جنهن ڪري اڳتي هلي جهوڪ ميرانپور جي مشهور صوفي درويش، شاهه عنايت شهيد جي درگاهه تي خدمت ۾ حاضر ٿيو. اتي هن 25 سال ڏاڍي خدمت ڪئي. راتين جون راتيون بندگي ڪندو هو. مرشد، روحل فقير جي عقيدت ڏسي مٿس عنايت ڪئي ۽ کيس فرمان ڪيو ته، "تون هاڻ ٻِل وڃ، جتي به توکي پنهنجو پاڻ روڪ ٿئي، اتي تنهنجو ٺڪاڻو آهي." فقير، مرشد جي حڪم موجب اتان روانو ٿي ويو ۽ هلندو هليو. آخر هڪ هنڌ سندس پهراڻ جو پلاند، ڪنڊيءَ جي وڻ ۾ اٽڪي پيو ۽ فقير لڏو لاهي اتي ويهي رهيو. آخر انهيءَ هنڌ ڳوٺ ٻڌجي ويو. جيڪو ڪنڊڙيءَ جي نالي سان مشهور ٿي ويو. هي شهر روهڙي تعلقي ۾ آهي. ڪيترائي ماڻهو سندس مريد ۽ معتقد ٿيا. خيرپور جي واليءَ مير سهراب خان جي به ساڻس عقيدت ٿي وئي. جنهن ڪوٺ ڏيجيءَ جي ڀرسان کيس زمينون نذراني طور ڏنيون، جيڪي ڪافي وقت سندس عزيزن جي قبضي ۾ رهيون.

روحل فقير پنهنجي وقت جو وڏو عالم ۽ فاضل، عربيءَ، فارسيءَ ۽ هنديءَ جو وڏو ڄاڻو ٿي گذريو آهي. جوڌپور ۽ جيسلمير ۾، پنڊتن سان روح رهاڻيون به ڪيائين، جتي سندس ڪلام اڄ سوڌو ڏاڍي چاهه سان ڳايو ويندو آهي. هنديءَ ۾ ته سندس ڪافي منظوم تصنيفون آهن جن مان (1) من پربوڌ (2) پريم گيان ۽ (3) انيڙ ڪافي مشهور آهن ۽ تصوف جي وضاحت ڪن ٿيون. هو هڪ سچو صوفي





درويش هو. سنڌيءَ ۽ سرائيڪيءَ ۾ به سندس ڪافي ڪلام آهي؛ جيڪو بيتن، ڪافين ۽ سِهَ حرفين تي مشتمل آهي.

جــن کــي عشــق انــدر ۾، تــن کــي اڄ نــه بــک،
وحــدت مــنــجهــه وصــال جي، سدا مــاڻــيــن سـک،
ڏور تــنــيــن کــان ڏک، جــي روحــل رتــا روح ۾.

**شاهه عنايت صوفي شهيد:**

صوفي شاهه عنايت، شاهه لطيف جو همعصر هو. سنڌ جو هي ناميارو صوفي، انسان دوست، انقلابي درويش، تعلقي ميرپور بٺوري جي نصرپه ڳوٺ ۾ 1656ع ۾ ڄائو. شاهه عنايت جو وڏو ڏاڏو ملا صدو لانگاهه هو، جيڪو هڪ توڪلي درويش هو.

شاهه عنايت جوانيءَ جي دور ۾ حق ۽ علم جي طلب ۾ پنهنجو وطن ڇڏي پرديس ويو. سير سفر ڪندو حيدرآباد دکن (ڀارت) ۾ هڪ درويش شاهه عبدالمالڪ سان مليو. ظاهري علم شاهه غلام محمد کان حاصل ڪيائين. اُهو شاهه عنايت سان گڏ شاهه جهان آباد/ دهلي کان سنڌ موٽيو. شاهه غلام محمد جي عقيدت ۽ شاهه عنايت ڏانهن خلق جي رجوعات ٺٽي جا ظاهر پرست برداشت ڪري نه سگهيا ۽ نه ئي مقامي مُلا موراٽا، وڏيرا، گادي نشين ۽ حاڪم سهي سگهيا.

همه اوست جي نعري سبب عالم به برخلاف ٿي پيا هئا. صوفين کان ڍل طلب ٿي، هنن چيو ته زمين بادشاهه جي طرفان مليل آهي، تنهنڪري ڍل نه ڏبي. اڳوڻي گورنر مير لطف عليءَ کان پوءِ نواب اعظم خان ٺٽي جو گورنر ٿي آيو. ڍل کان صوفين پوءِ به جواب ڏنو. هوڏانهن حاڪم جي چاڙتن اهو مشهور ڪيو ته شاهه عنايت ۽ صوفي فقير پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ گهرن ٿا. هڪ سازش سٽي وئي ۽ اُن ۾ ٺٽي جي نواب، مقامي ماڻهن مان ڪريمي درگاهه جو سجاده نشين سيد عبدالواسع، وڏيرو نور محمد پليجو ۽ حمل جت شامل ٿيا. سازش

گهري سگهيل هئي. اُنڪري شاهي دربار مان "باغين" جو بنياد پٽڻ جو حڪم اچي ويو. سازشين جو مڪومتو ۾ شاهه عنايت ۽ سندس مريدن جانثارن تي خوني حملو شروع ٿيو. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي مدد سان مقامي ڇاڙتن صوفين تي لشڪر چاڙهي موڪليو. هن حملي ۾ شاهه عنايت جا ڪافي مريد شهيد ٿيا. شاهه عنايت جي مريد مير جان الله شاهه رضويءَ مقابلي جي اجازت گهري، پر صوفي شاهه عنايت کيس اجازت نه ڏني. گهيرو اٽڪل ڇهه مهينا هليو. ٺاهه جون ڪوششون ٿيون، شاهه عنايت کي قرآن وچ ۾ وجهي، گورنر نواب اعظم خان جي دربار ۾ گهرايو ويو. اها به هڪ سازش هئي. ڳالهين مان جڏهن ڪڙتيل نه نڪتو ته گورنر نواب اعظم خان، شاهه عنايت کي ڪاوڙ ڏيارڻ جي ڪوشش ڪئي. نواب ۽ شاهه عنايت جي وچ ۾ ٿيل گفتگو ۾ شاهه عنايت هر سوال جو جواب فارسي شعر ۾ ڏنو آهي. جڏهن هي ارڏو ۽ اڏول انسان پنهنجي اصول تان نه هٽيو ته جلاد کي اشارو ڪيو ويو.

شاهه عنايت شعر پڙهيو:

رها نيدي مرا از شر هستي،
جزاک الله في الدارين خيرا.

سر ڌڙ کان ڌار ٿيو. شاهه عنايت جي جانَ جان آفرين جي حوالي ٿي ويئي. صوفي شاهه عنايت جي شهادت جو واقعو 1130هه/ 1718ع ۾ ٿيو. اُن وقت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عمر 28 سال هئي. چيو وڃي ٿو ته شاهه صاحب شاهه عنايت شهيد جي شهادت جو ٻڌي هيٺيان شعر چيا:

اڄ نه اوطاقن ۾ سندي جوڳين جوڙ،
ساري سنياسين کي، ڪامي ٿيس ڪوڙ،
من جنهين سان موڙ سي لاهوتي لڏي ويا.
جهڃان پسيو جهوڪ، آيل سنگهارن جو،
جن ٿي پهي پياريا، منجهان متن موڪ،





لڏي وڃان لوڪ، ائي ويا اڪري.

گهڙي گهڙو هٿ ڪري، پهون پهاري ٻنگ،
سر در قدم يار شد چه بجا شد، وصل اهوئي ونگ،
رات جنجو رنگ، الا سي اڪارئين.

**مير جان الله شاهه رضوي:**

سيد مير جان الله شاهه رضوي روهڙيءَ ۾ پيدا ٿيو. مير علي شير قانع "تحفة الڪرام" ۾ لکي ٿو ته: " مير جان الله شاهه رضوي مير حيدر شاهه جي اولاد مان هو.... تمام لائق ۽ حق جي واٽ جو طالب هو. شاهه عنايت الله صوفيءَ جي خدمت مان ارشاد جو رستو پرائي خاندان جو خليفو ٿي. معرفت جو جهنڊو کڻي پنهنجي اصلي شهر ڏانهن موٽي آيو. مير تخلص استعمال ڪندو هو. مير شعرن سان ڀريل هڪ ديوان جو مالڪ هو. پنهنجي طلب ۽ مرشد تائين پهچڻ ۾ سندس ٻڪ ٻوڙ متعلق هڪ مثنوي حقيقت سان ڀريل هڪ يادگار ڇڏي ويو آهي."

مير جان الله شاهه رضوي بابت پروفيسر لطف الله بدوي "تذڪره لطفي" ۾ ڄاڻايو آهي ته "مير جان الله شاهه پنهنجي دؤر جو وڏي ۾ وڏو عارف، شاهه عنايت الله صوفي جي شهادت وقت ميرانپور ۾ موجود هو. هن پنهنجي سچي مرشد جي بچاءَ خاطر ڪلهوڙن جي فوج سان وڙهڻ چاهيو مگر شاهه عنايت کيس هٿيار کڻڻ کان منع فرمائي. هن هولناڪ واقعي کان پوءِ مير صاحب روهڙيءَ اچي رهيو هو جتي سندس فيض کان هر خاص و عام مستفيض ٿيو." مير جان الله شاهه 6 ربيع الاول 1167هه/1754ع ۾ وفات ڪئي. مير جان الله شاهه جي شاعريءَ جو مجموعو "ديوان مير" فارسي ۾ آهي. سندس شاعريءَ ۾ تصوف جي اپٽار ڪيل آهي.

**مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي:**

مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، شاهه عبداللطيف جو همعصر هو. هو تفسير، حديث ۽ فقهه جو عالم ۽ نقشبندي طريقي جو صوفي هو. سندس مائٽ مڱريي قبيلي جا وڏا زميندار هئا. مخدوم صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪٿي پاڻ کي عبد، عبدالرحيم، مڱريو ته ڪٿي وري گرهوڙي سڏيو آهي.

چاڻ وڃايو تاڻ، ڪيترن راهه گم ڪيو
ان در مٿي، ”مڱريا“ پاڻ مَ ڪٽج ساڻ،
روڄاڻي راڄاڻ، آهي اپوڄهن جو.

مخدوم صاحب کي گرهوڙي انڪري ٿا سڏين، جو گرهوڙ جو رهاڪو هو. گرهوڙ تعلقي ساماري (اڪڙي) ۾ پٿوري جي اسٽيشن کان ڇهه ميل پري آهي، جتي هينئر سندس عاليشان قبو آهي. چيو وڃي ٿو ته مخدوم گرهوڙي پنهنجي همعصر عالمن کي ليکي ۾ ئي ڪين آڻيندو هو ۽ وقت جي پيرن، فقيرن ۽ ساداتن جي پرواهه نه ڪندو هو. لنواريءَ وارن بزرگن تي ٺٺوليون ڪندو هو.

هڪڙي پيري ڪو درويش مخدوم گرهوڙيءَ سان مليو. جڏهن مخدوم صاحب کي معلوم ٿيو ته اهو درويش پنهنجي مرشد سلطان الاولياءَ محمد زمان لنواريءَ واري ڏانهن ٿو وڃي، تڏهن ٺٺولي ڪندي چيائين ته، ”يار تون پنهنجي مُرشد کي منهنجي پاران سلام چئجان ۽ پڇجانس ته ’معراج‘خاص طرح حضرت نبي ڪريم جن لاءِ هو يا بين لاءِ به آهي؟“ درويش جڏهن لنواريءَ واري بزرگ جي خدمت ۾ پهتو تڏهن صحبت جي فيض ۽ محويت ۾ گرهوڙيءَ وارو پيغام وسري ويس. جڏهن اهو درويش موڪلائي پنهنجي وطن ڏانهن موٽيو تڏهن لنواريءَ واري صاحب فرمايس ته ”ابا، توکي هيڏانهن اچڻ وقت اسان ڏانهن ڪو نياپو مليو هو، سو ته تو اسان کي پهچايو ئي ڪونهي.“ هاڻي انهيءَ نياپي ڏيندڙ گرهوڙيءَ کي چئجان ته بغداد جي خليفي لاءِ هڪ پل اڏائي وئي هئي، جيڪا اڄ ڏينهن سوڌو قائم آهي، جيئن ته اها خاص





ان لاءِ جوڙائي وئي هئي، جڏهن ته جيڪو چاهي، سو اڄ تائين ان مٿان لنگهي سگهي ٿو. ساڳيءَ ريت حضرت نبي ڪريم جن پڻ معراج جي وسيلي هن جهان کان هُن جهان تائين هڪڙي پل ٺهرائي. اها پل ڀڃڻ جي ئي ڪانه هئي، البته ان تان لنگهڻ جو حق ۽ شان حضرت پيغمبر جن کي هو. پر سلطان پنيان سندس لشڪر به لنگهي سگهي ٿو ۽ انهيءَ ڳالهه ۾ ته پاڻ سلطان جو فخر آهي.“ اهو نياپو جڏهن مخدوم صاحب کي پهتو تڏهن اکين جا اولا لهي ويس ۽ گرهوڙ کان ڪهي لنواريءَ ۾ آيو ۽ محمد زمان لنواريءَ جو اچي مريد ٿيو ۽ پوءِ وڏي روحاني منزل تي وڃي پهتو. پوءِ سدائين چوندو هو ته، ”مون کي فخر هوندو هو ته مون جهڙو عالم ملڪن ۾ ڪونه ليندو، پر جڏهن حضرت جن جي روبرو ٿيس، تڏهن سڀ ڪجھ وسري ويو. سندن اڳيان پاڻ کي اهڙو هيچ سمجهندو هوس، جهڙو جاهل ڪنهن فاضل اڳيان.“ گرهوڙي صاحب جي مزار گرهوڙ ۾ آهي. جتي سندس قبو مير احمد خان شاهواڻيءَ ٺهرايو هو.

**مدن ڀڳت:**

مدن ڀڳت، شاهه لطيف جو محبتي ۽ دوست هو. سندس تعلق ڪوٽڙي مغل سان هو ۽ سندس گهڻو وقت لطيف سائينءَ سان گڏ گذرندو هو. مدن ڀڳت ويدانت جو وڏو ودوان هو ۽ سندس خاص خوبي اها هوندي هئي ته هو وڏو حاضر جواب هوندو هو. هن کي احترام ۽ عزت مان ”مدن“ جي نالي سان پڻ ياد ڪيو ويندو آهي. مدن، هڪ سٺو شاعر به هو ۽ ڪيترائي دفعا شاهه لطيف جي پڇيل سوالن جا جواب شعرن ۾ ڏيندو هو. سندس شاعريءَ ۾، دنيا جي فاني هجڻ ۽ آخرت بابت خيال شامل آهن. هن جي شاعريءَ ۾ تصوف ۽ ويدانت جو به رنگ نظر اچي ٿو.

**ميون شاهه عنايت رضوي:**

ميون شاهه عنات الله رضوي ڪلهوڙن جي دور (1718ع۔ 1782ع) ۾ سنڌ جو ناليوارو شاعر ۽ صوفي بزرگ ٿي گذريو آهي. سندس وڏا اصل بکر يا روهڙيءَ جا وينل هئا. سندس وڏو ڏاڏو بکر مان لڏي, نصرپور ۾ آيو. شاهه عنات جي ولادت نصرپور ۾ سن 1030۔35 هه / 1621۔26ع جي وچ واري عرصي ۾ ٿي. وقت جي دستور موجب فارسي تعليم مدرسي مان حاصل ڪيائين. سندس روحاني استاد, "خير الدين شاهه" سکر وارو هو جيڪو سندس والد جو پڻ مرشد هو. شاهه عنات کي پيري مريدي ورثي ۾ ملي.

شاهه عنات سنڌي ٻوليءَ جو پلوڙ شاعر هو. هي سنڌ جو پهريون شاعر آهي, جنهن جو مڪمل رسالو ملي ٿو. سندس ڪلام جو مڪمل متن, ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ترتيب ڏئي ۽ سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيو. سندس رسالي ۾ بيتن سان گڏ وايون پڻ شامل آهن. سندس شاعريءَ ۾ پرهيزگاري, موت, قبر ۽ نيڪ ڪمن جي تلقين ڪيل آهي. ان کان سواءِ تصوف, حسن ۽ عشق, هجر ۽ وصال جا مضمون پڻ سندس شاعريءَ ۾ شامل آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جڏهن اجا جوانيءَ ۾ پير پاتو هو ته "ميون شاهه عنات" پير مرد ٿي چڪو هو. جيتوڻيڪ هو شاهه صاحب کان عمر ۾ گهڻو وڏو هو پر ٻنهي جي وچ ۾ محبت جو رشتو هو ۽ شاهه صاحب ساڻس ملڻ لاءِ ڪيترائي ڀيرا نصرپور پڻ ويو. شاهه صاحب تي شاهه عنات جي ڪلام جو وڏو اثر ٿيو. جيڪو شاهه صاحب جي شاعريءَ مان واضح انداز ۾ پرکي سگهجي ٿو:

چنڊ تنهنجي بات, مون کي آهي من ۾,
الله لڳ, عنات چئي, تون اچو ۾ رات,
تن جنهن جي تات, سي ڏسي تون ڏيکار مون.
(شاهه عنايت ۔ سر کنيات)

شاهه لطيف چوي ٿو:





چنڊ تنهنجي ذات, پاڙيان تان نه پرينءَ سين,
تون اچو ۾ رات, سڄڻ نت سوجهرو.
(شاهه لطيف — سر کنيات)

**ميون عيسيٰ:**

ميون عيسيٰ, شاهه لطيف جو وڏو همعصر هو ۽ ٻارهين صدي هجريءَ جي آخر ۽ ٻارهين صدي هجريءَ جي شروع ۾ ٿي گذريو آهي. اتر کان درياءَ رستي مرشد سان گڏ هيٺ لاڙ ڏانهن ٿي آيو. جڏهن ٻيڙي ڪاٽوٽ وٽ بيٺي, ته مرشد چيس ته تنهنجي رهائش اتي آهي. ان کان پوءِ اتي رهي پيو. پوءِ سندس مريد, جيڪي ذات جا ڪوڪر هئا, کيس لڏائي پنهنجي ڳوٺ وٺي ويا, جيڪو ملا ڪاتيار ۽ سيد پور ٽکر واريءَ جي وچ تي آهي. ان کان سواءِ ڪلهوڙا به سندس مريد هئا. طريقت جي لحاظ کان قادري طريقي سان لاڳاپيل هو. سندس شاعريءَ کي ممتاز مرزا "ميين عيسيٰ جا سنڌي بيت" جي نالي سان مرتب ڪيو. سندس ڪلام ۾ تصوف ۽ معرفت جو ذڪر ٿيل آهي. ان کان سواءِ هجر ۽ وصال جو ذڪر به دلگداز انداز ۾ بيان ٿيل آهي. جنهن مان هيءُ نموني طور پيش ڪجي ٿو:

سک ساهيڙي جن جي, سي اکثر اسهيون,
ڪونجون قطارون ڪري, راتين روهه رميون,
ان پر اڏاٽيون, جيئن ڪل نه پيئي پکٽين.

**تمر فقير:**

تمر فقير, شاهه لطيف جو همعصر ۽ شاهه جي خاص پيارن فقيرن مان هو. پاڻ راڳ جو به وڏو ڄاڻو هو. سندس اصل نالو حاجي علي هو پر شاهه صاحب کيس تمر جو نالو ڏنو.

هڪ سني راڳيءَ کان سواءِ, تمر فقير هڪ سنو شاعر پڻ هو.

سندس ڪلام ۾ بيت ۽ ڪجھہ وايون پڻ مليون آهن جن ۾ وڏو فراق ۽ وڇوڙو آهي، جن لاءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو چوڻ آهي تہ اِهو جدائيءَ وارو عرصو سوز ۽ فراق وارو دور هو. سندس وائيءَ ۽ بيت جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

**وائي:**

مــئــي مَ مــارجــا! ٻــاروچــا! پــنــيــور ۾،
ڏڪـي ڏونـگـر وٽ سـان، ڇُـڪـي چـاڙهـيـجـا،
سـائـيـنءَ ڪـارڻ سـپـريـن، مـحـبـن ميـڙيـجـا.

**بيت:**

مـنـهـنـجـو مـن مـنـجـهـايـو، جـتـن جـي جـمـال،
وڏو سـور سـريـر ۾، ڪـيـچـيـن جـي ڪـمـال،
هـوت نـہ پـائـي حـال، مـٿ نـہ مـوٽـيـا مـعـذور جـا.

تاريخي روايت موجب تمر فقير جي پيدائش جو سال 1120هہ/1708ع ۽ وفات 1181هہ/68_1767ع آهي.

### بلهي شاهہ

پنجابي ٻولي جو عظيم شاعر بلهي شاهہ ولد سخي شاهہ محمد درويش ڳوٺ اچ گيلانيان لڳ بهاولپور ۾ سن 1680ع ۾ پيدا ٿيو. تاريخ جي ڪجھہ ڪتابن مطابق بلهي شاهہ جي جنم ڀومي وارو اهو پرڳڻو تنهن دور ۾ سنڌ جي حدن ۾ شامل هو. مائٽن سندس نالو عبدالله شاهہ رکيو پر بعد ۾ سندس مرشد شاهہ عنايت قصوريءَ سندس نالو بدلائي بلهي شاهہ رکيو، جيڪو پوءِ سندس مستقل نالو ٿي ويو. بلهي شاهہ کي ابتدا ۾ ان دور جي رواج موجب مذهبي تعليم ملي. هن اچ شريف مان نڪري قصور ۾ وڃي تعليم پرائي، جتي شاهہ عنايت





قصوريءَ جو نالو ۽ نيڪي ٻڌائين جيڪا دل ۾ گهر ڪري ويس، ان ڪري سندس ديدار لاءِ هُو لاهور ويو. ساڻس ملڻ بعد ڪانئس بيحد متاثر ٿيو. جيتوڻيڪ شاهہ عنايت ذات جو آرائين هو ۽ سيد نہ هو، ان باوجود بہ بلهي شاهہ کيس پنهنجو مرشد بڻايو. جيڪا ڳالهہ سندس مائٽن کي ڏکي لڳي. مائٽن کيس ڳوٺ واپس موٽڻ لاءِ زور ڀريو، پر هُو مرشد وٽ رهي پيو ۽ مائٽن جي ناراضگي قبوليائين.

بلهي جي ڪلام ۾ 156 ڪافين ڪانسواءِ ، اٺواره، باران، ماه، دوهيڙي، سي حرفي ۽ ڳنڍيان جو صنفون شامل آهن. بلهي شاهہ ۽ شاهہ عبداللطيف جو زمانو ساڳيو هو جنهن ڪري سندن ڪلام ۾ گهڻن هنڌن تي فڪر ۽ خيال جي هڪجهڙائي ملي ٿي. ٻئي وحدة الوجود ۽ تصوف جي رنگ ۾ رڱيل هئا ۽ عشق حقيقي ۽ عشق مجازي پڻ سندن شاعريءَ جو موضوع هو. سندن ڪلام ۾ انسان دوستيءَ ۽ رواداري جو درس ملي ٿو. مثال طور لطيف سائين الله جي هڪڙائيءَ ۾ فنا ٿيندي، فرمائي ٿو تہ:

ســوهــيءَ، ســو هُــو، ســو اجــل، ســو الله،
ســو پـريـن، ســو پسـاهــ، ســو ويـري، ســو واهــرو.
(ڪلياڻ)

ساڳيءَ ريت بلهي شاهہ فرمائي ٿو تہ:

کہوں بیر پڑا، کہوں بیلی ہے
کہوں مجنوں ہے، کہوں لیلی ہے
کہوں آپ گرو، کہوں چیلا ہے

(ڪٿي ويري ٿيو آهي تہ ڪٿي سڄڻ بڻيو آهي. ڪٿي مجنون آهي تہ ڪٿي ليلا آهي، ڪٿي پاڻ مرشد آهي تہ ڪٿي وري پاڻ مريد آهي.)

اهڙي طرح بلهي شاهہ پڻ شاهہ لطيف وانگر عظيم لوڪ

داستانن جي ڪردارن سهڻي ميهار ۽ سسئي پنهون کي پنهنجو موضوع سخن بڻائي پنجابي ٻوليءَ ۾ هميشہ لاءِ پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو. سندس شاعري پنجابي قوم جي دل جي ڌڙڪن آهي، هُو ساڻس بيحد محبت ڪن ٿا. بلهي شاهہ 1785ع ۾ وفات ڪئي.

**رحمان بابا:**

رحمان بابا جو پورو نالو عبدالرحمان ولد عبدالستار هو. هُو 1042ع هہ مطابق 1653ع ۾ پشاور جي ويجهو هڪ ڳوٺ "بهادر ڪلي" ۾ پيدا ٿيو. هن قرآن، فقهہ ۽ تصوف جي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي عالم ملا محمد يوسف زئي کان حاصل ڪئي. ان ڪانپوءِ ڪوهاٽ وڃي جذب ۽ سلوڪ جون منزلون طئي ڪيائين ۽ جوانيءَ ۾ ئي الله ۽ ان جي رسول جي عشق ۾ دنيا ۽ دنيا جي لذتن کي ترڪ ڪري گوشہ نشيءَ ۽ فقيريءَ جي زندگي اختيار ڪيائين ۽ شاعري ڪرڻ لڳو. ڪيس پشتو ٻوليءَ جي وڏن شاعرن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. هُو صوفي مسلڪ جي چشتي طريقي جو بزرگ هو جنهن ڪري موسيقيءَ سان خاص دلچسپي رکندو هو. سندس ڪلام ۾ تصوف ڪانسواءِ اخلاقيات، خدمت خلق، عشق حقيقي ۽ مجازي عشق جا موضوع پڻ ملن ٿا. شاهہ عبداللطيف ۽ رحمان بابا جي شاعريءَ ۾ هڪجهڙائيءَ جا هتي ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

خدمت خلق بابت شاهہ لطيف چوي ٿو:

خدمت ڪر خلق سين، پانڌڳچيءَ ۾ پائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا،
اديون عبداللطيف چئي، اتاهين ڪي آهي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا

رحمان بابا چوي ٿو:





هفہ زره چہ عرش الله دي ڪرام ڪرم دي
خود تران دي دجملہ زرو نوخدمت ڪره.

(جيترو ٿي سگهي تہ الله سائين جي مخلوق جي خدمت ڪريو ڪنهن جي دل نہ ڏکايو ڇاڪاڻ تہ دل ئي خدا جو عرش آهي).

شاهہ سائين عشق جي هڪ ڦڙي جي سڪ کي بہ شهادت جو درجو ڏئي ٿو:

ملهہ مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت،
اسان عبادت، نظر ناز پرين جو.

رحمان بابا چوي ٿو تہ:

ڪہ اعلي مرتبہ عزاري عاشقي ده،
نور همہ واره، ادني دي ادني مہ شي،

(جيڪڏهن توکي اعلي رتبي جي گهرج آهي تہ اهو عاشقيءَ جو رتبو آهي، باقي سڀ هيٺيان رتبا آهن ۽ تون ڪو بہ هيٺانهون رتبو قبول نہ ڪر)

ٻين صوفي شاعرن ۽ اڪابرن وانگر رحمان بابا جي جذب ۽ مستيءَ جي زندگي ۽ صوفياڻي ڪلام تي سندس دور جي تنگ نظر ملن مولوين ڪيس پڻ ڪفر جي فتوائن سان نوازيو ۽ سندس ويجهن ماڻهن پڻ ڪيس طرح طرح جون تڪليفون ڏنيون. سندس زندگي زهر ڪري ڇڏي، جنهن ڪري هُو پنهنجي اباڻي ڳوٺ مان لڏي هزار خواني ڳوٺ ۾ رهڻ لڳو جتي 1118 هہ ۾ وفات ڪيائين.

**چام درڪ**

بلوچي ٻوليءَ جو عظيم شاعر چام درڪ 1714ع ۾ قلات (بلوچستان) ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو سردار ڪرم خان هو جيڪو

پنهنجي قبيلي ”ڏومڪي“ جو سردار هو. سرداري روايتن مطابق ڄام درڪ گهوڙي سواري، تلوار بازي، شڪار ۽ ٻيون رانديون بہ خوب ڄاڻندو هو. پر ان سان گڏ هُو هڪ شاعر پڻ هو. پاڻ اڳتي هلي جيتوڻيڪ خان قلات مير نصير خان جو درٻاري بڻيو پر هن ڪڏهن بہ درٻاري شاعري نہ ڪئي. هڪ عام روايت آهي تہ ڄام درڪ جو هڪ عورت سان عشق ٿيو جيڪا مير نصير خان جي خاندان سان تعلق رکندڙ هئي. مير نصير کي خبر پوڻ تي ڄام کي مختلف اذيتون ڏيڻ جو سلسلو شروع ٿيو. آخرڪار 1784ع ۾ ڪيس ان ڏوهہ ۾ قتل ڪيو ويو. ڄام درڪ پنهنجي شاعريءَ ۾ فطرت جي منظرن کي انساني ڪيفيتن سان هم آهنگ ڪري پيش ڪيو آهي، جنهن ڪري بلوچي عوام ۾ هو تمام گهڻو مقبول آهي. ڄام درڪ ۽ لطيف سائين جو زمانو لڳ ڀڳ ساڳيو آهي ۽ ممڪن آهي تہ سندن ملاقات بہ ٿي هجي، ڇاڪاڻ تہ شاهہ سائين بلوچستان پڻ ويو هو. شاهہ لطيف رح سُر سارنگ ۾ برسات جي منظرن کي هن ريت چٽيو آهي:

بر وٺا تر وٺا، وٺيون ترايون
پرهہ جو پٽن تي، ڪن ولوڙا وايون
مکڻ ڀرين هٿڙا، سنگهاريون سايون
ساري ڏُهن سامهيون، ٻولايون رانيون
ٻانهيون ۽ ٻايون، پکي سُنهن پنهنجي.

ڄام درڪ بہ سارنگ جو ذڪر ڪيو آهي، هو فرمائي ٿو تہ:

دوشي گرو خان، پہ حشر
نوزو جڙان بستہ متر
گوڙتهہ خراسان ءَ نغور
شالڪوٽ و مستونگ ءِ گدر
مينتہ امل ءِ سيم بر





آن نازنين اين لب شکر

(گذريل رات ڪنوٽين ۽ گوڙين وڏو ويل ڪيو. گهاٽن ڪڪرن مان تيز مينهن وسڻ لڳو ڪڪر خراسان، شالڪوٽ ۽ مستونگ تي وسيا. جن لچڪدار بدن ۽ منڙن چپڙن واريءَ محبوبا کي پسائي ڇڏيو)

سنڌ ۾ گهڻو ڪري مينهن اُتر کان ايندو آهي، جيڪو صفا ٻوڙ ٽوڙ لائي ڏيندو آهي. شاهہ صاحب بہ ان جي تصديق ڪئي آهي، هو فرمائي ٿو تہ :

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
پرين جي پرديس، مون کي مينهن ميڙيا.

بلوچستان ۾ بہ گهڻو ڪري اتر کان مينهن ايندو آهي، جنهن بابت ڄام درڪ جا ويچار هن ريت آهن.

زور ڪپتگان بدر وشمال
مهنا وشار ءِ ڪهينتغال
ملگور و زلف ءِ مينتغان
جان ءِ گلابي پيرهن
زربفت سمينان جان وتن
شهيمت ڪهلي شعلوان
من ليل و تاريڪين شفان

(اتر جي ڪڪرن پورو زور ڏيکاريو آهي، انهن هن ( محبوبہ ) جي مٺي جو رئو کسڪائي ڇڏيو آهي. ڪاڪل زلفن کي پسائي ڇڏيو اٿن. هن جي زريءَ سان پيريل وڳي ۽ تن بدن کي بارش پسائي ڇڏيو آهي. ڪارين ۽ اونداهين راتين ۾ هن جي جسم مان آڳ جا اُلا پيا نڪرن.)

**مددي ڪتاب**

1. ڪمال ڄامڙو، طارق عزيز شيخ: "شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ پاڪستاني ٻولين جا صوفي شاعر". شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي. سال 1998ع
2. شاهواڻي، غلام محمد: "شاهہ جو رسالو". سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، سنڌ. سال 2005ع
3. فارغ بخاري، رضا همداڻي: "رحمان بابا" (اردو)، لوڪ ورثہ اسلام آباد. سال 1987ع
4. ممتاز مرزا، "ميين عيسيٰ جا سنڌي بيت". ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز. سال 1993ع
5. پروفيسر محمد علي مانجهي، "صوفي شاهہ عنايت شهيد ۽ سندس سلسلي جا شاعر". ثقافت کاتو حڪومت سنڌ. سال 2010ع



# شاهہ جي شاعري ۾ فلاسافي

## وينا شرنگي

پراڏو سو سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين
هئا اڳهم گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻہ ٿيا.
شاهہ لطيف

انسان پنهنجي او ائلي جيوت کھڙيءَ ريت جهنگن ۾ جبلن ۾ گذاري هوندي، پيٽ پالڻ لاءِ کھڙا کھڙا ڪشالا ڪڍيا هوندا، سندس جذبا ۽ اُمنگ اُن وقت کھڙا هوندا، سندس اندر جي سوچ ۽ لوچ ٻاهرين دنيا لاءِ نهار ڇا هوندي؟ ان جو موضوع سان واسطو نہ آهي، اسين سڀ ڄاڻون ٿا انسان جي سوچ، سندس ٻاهرين دنيا جون سڀ تبديليون، سندس مسئلن ۽ مامرن جي شروعات اُتان ٿي آهي، جتان هن حياتيءَ جي سفر جو پهريون ڏينهن شروع ڪيو هو. سندس ڏک پيڙا جي پئدائش بہ ساڻس گڏوگڏ شروع ٿي. ان جو احساس بيشڪ اڳتي هلي ٿيو هجي. هونئن اُتان ئي سندس سماجي زندگيءَ جو مرحلو شروع ٿيو هوندو. جڏهن زندگيءَ جي پوڳنائن کي ختم ڪرڻ جا جتن ڪيا هوندا. ڪيترن جُڳن کان پيغمبر اولياءَ ۽ فيلسوف ايندا رهيا آهن تن جي تعليم جو بنيادي مقصد اهو ئي رهيو آهي تہ انسان جي ڏک ۽ پيڙا کي گهٽائجي. سندس من کي شانتي پهچائجي قاعدن قانونن منجهان جڙيل مَتَ، ۽ مذهب، انسان جي انهيءَ سوچ جي بنياد تي اُسريا ۽ نسريا آهن ۽ ڏاهن ان سچ کي پکيڙڻ جو ڪمُ ڪيو. مذهب ڪانپوءِ تصوف يا ويدانت بابت نيڪ انسانن تہ دراصل مذهب کي ماڻڻ لاءِ سادو ۽ سولو بڻائڻ ۽ ان کي پرماريت وارن اٿرن کان آجو ڪرڻ جو ڪمُ

ڪيو. اسان جي صوفي بزرگن پيار ۾ امن جو پيغام ڏنو آهي.

صوفي شاعرن جي شاعري، فڪر ۾ فلاسافي تي نظر ڪنداسين، جنهن ۾ انسانيت، امن حق ۾ سچ جي صدا بلند ڪيل آهي. جا هر دور سان لاڳاپيل نظر ايندي. پوءِ چاهي ڀٽائي گهوٽ شاهه عبداللطيف هجي، سچل سر مست ۾ يا وري ٻيا صوفي شاعر هجن، پيغام ساڳيو نظر ايندو. شاهه جي شاعريءَ ۾ اسان جي سماج جو عڪس ملندو، هر دور ۾ نئين ۾ دل کي ڇهندڙ جنهن ۾ وقت ۾ حالتن سان مُڙس ماڻهو ٿي مُنهن ڏيڻ ۾ وک وک تي رهنمائي ڪندڙ عام انسانن جي ڏکن سورن، غمن خوشين، عشق محبت جي جذبن، عقيدن ۾ ڏٽي جي عبادت جا انيڪ رنگ پسڻ وٽان ملندا. ڪهڙي ڳالهه آهي جو انساني جذبن، خوابن جي ترجماني ڪندڙ اهي احساس عام هوندي به خاص ۾ علحده نظر اچن ٿا اهو ئي ته لطيف سائين جي عظيم سوچ فلاسفافيءَ جو ڪمال آهي. شاه لطيف جي شاعري ۾ انهن ئي احساسن ۾ جذبن جو ذڪر ملندو. ڪائنات طرفان خلقيل حسين منظر - وڻ ٽڻ، گل ڦل، نديون نارا، ڍنڍون ڍورا ٽڪريون، پهاڙ پکي پسون، يا ماڻهو مرون، زرعي پيداوار هجي يا معدني، عام ۾ خاص پورهيت يا حڪمران ڌارين جون يلغارون، وطن واسين جي ريتن رسمن، پهراءُ تهذيب ۾ تمدن کي پيش ڪرڻ لاءِ بيتن ۾ پنهنجي ماروئڙن طرفان ڳالهيندڙ ٻوليءَ جو ته ئي سهارو ورتو آهي. تخليقي شعور ذريعي لفظن کي اهڙو ته لباس اوڙاهيو جو عام انسانن اڳيان اهي شيون هوندي به، اُهي انهن کي پسڻ جي باوجود پرکي ۾ ايترو ماڻي نه سگهيا.

سمنڊ ۾ جڏهن برسات جون بوندون ٽپ ٽپ ڪري پون ٿيون تڏهن انهن بي شمار بوندن مان وري ڪن ٿورين بوندن کي سپ جي صدقي انمول موتي جو درجو نصيب ٿئي ٿو. ان طرح لطيف سائين جي بيتن جي ٻوليءَ جا لفظ عام رواجي نه پر اعليٰ رتبو ماڻين ٿا. عام ۾ خاص ماڻهن جي لبن تي رقص ڪن ٿا. انهن تي نظر وجهنداسين ته اسان کي نه صرف لطيف جي فلاسافي ۾ تخليقي ٻوليءَ جي جلووي ۾





جمال جو ديدار ٿيندو. جيئن سنگتراش رواجي پٿر کي پنهنجي فني قابليت ذريعي ڇيڻي ۾ هٿوڙيءَ سان تراشي شاهڪار روپ بخشي ٿو جيڪي صدين بعد به ڪاريگريءَ جو نادر نمونو ڳاٽ اونچو ڪيو نظر اچن ٿا. اجنتا الورا هجي يا ڪجرائو جون مورتيون يا ڪونارڪ جي سوريه مندر جون مورتيون. صدين کان ڳاٽ اونچو ڪيون بيٺيون آهن. ساڳيءَ طرح شاهه جا بيت پنهنجي شاندار تخليقي ٻوليءَ ڪري ٽن سئو سالن جي عرصي بعد به مقناطيس وانگر پاڻ طرف ڇڪين ٿا. اڄ جي دور ۾ به جڻُ اسان جي جذبن جي ترجماني ڪن ٿا. لطيف سائين پنهنجي بيتن لاءِ پاڻ فرمائين ٿا:

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن (شاهه)

شاهه جو اهو اظهار خود ثنائي نه بلڪ سچ جو پڙاڏو آهي. اڄ به هندو چاهي مُسلمانن وٽ شاهه جي رسالي کي ڌارمڪ گرنٿن سان گڏ رکڻ جو شرف به رهيو آهي. جنهن وقت عربي فارسي جو اثر ۾ دٻدٻو هو، تنهن وقت شاهه انهن ٻولين جي لفظن کي پنهنجي تخليقي عمل ۾ ڏوڪي ڪاهُڻ کان پري ڪري ٻيهاريو. انهن ٻولين جاکي لفظ گهڙي ڀيا پر شاهه اُنهن مٿان پنهنجي مٽيءَ مان پيدا ٿيل ٻوليءَ کي ترجيح ڏيندي، اُن جو اهڙو استعمال ڪيو جو ٽن صدين بعد به وقت جي لتاڙ ۾ ذَرَ ان کي نه ميرو ڪيو نه لٽيو. اهو ئي ڪمال آهي. جيستائين انسان ذات جو وجود آهي تيستائين ان عظيم شاعر جي تخليقي ٻوليءَ جو به جلوو ۾ جمال برقرار رهندو. سندس شاعري، دل کي ڇهندڙ ۾ رنگن جي اندلٺ عام ۾ خاص جو من موهيندي رهندي.

ڏات ڏٽي جيٺمل پرسرام شاهه لاءِ فرمايو آهي ته- شاهه سنڌي ٻوليءَ جو ڇٽُ آهي.

شاهه جي اظهاريل ٻوليءَ ۾ سيئي خوبيون نظر اينديون- (1) سلاست- (روزمره استعمال ٿيندڙ لفظ) (2) فصاحت- (زبان سولائي سان جهٽي) (3) بلاغت-(علحدا مضمون، جي ساڳيا به هجن ته ان جو

انداز انفرادي هجي.) (4) جدت. (وقت ۽ حال سان ٺهڪي)

شاهه سائينءَ سنهي سٺي ڪان وٺي ڪک کي به مان بخشيو آهي. چاهي سنڌ جا هنر هجن، تاريخي ڪردار، ٽر بر هجي يا سنڌي جي جاگرافي. انهن جو ذڪر ڪري ٻوليءَ ۾ اضافو ڪيو. سندس چيل بيتن جون سٽون مُحاورا به بڻجي ويا آهن. شعوري ۽ لاشعوري طور هرڪو پاڻ کي ان سان جڙيل محسوس ڪري ٿو. بيتن جي سٽن کي اُچاريندي ڪنهن کي به ڏکيائي نه ٿيندي، پوءِ ڀلي ڳوٺاڻي گهريلو عورت هجي يا جستجو ڪندڙ انسان ياوري پنهنجي وطن سان محبت ڪندڙ. شاهه جو ڪلام جهڙو ٽي سؤ سال اڳ وقت مطابق هو تهڙو اڄ به وقت ۽ حال جي ڪسوٽيءَ تي ثابت قدم نظر ايندو. عشق هجي يا درد جي دانهه، خوشي هجي يا غم.

ضروري نه آهي ته عام فاضل، تحقيق ڪندڙ يا پارکو هجي اُهو ئي شاهه جي فلاسافي، شاعري سمجهي ۽ ماڻي سگهندو. عام سنڌي ڳالهائيندڙ به ان کي پاڻ سان واڳيل ڪري سگهي ٿو. اهائي ته خوبي آهي. جيڪڏهن جدت جي ڳالهه ڪجي ته شاهه جا موضوع ته ڌرتي، انسان ذات، مُندن ۽ ڪائنات وغيرهه سان وابسته ڪيا. پر هر طبقي ۽ هر علائقي جي زبانن جي لفظن کي ڪٺي پنهنجي بيتن ۾ انهن جو سُهڻو استعمال ڪيو ۽ اهڙي ڍنگ سان پيش ڪيو جو اُهي ٻين کان الڳ ٿي پنهنجي انفرادي حيثيت قائم ڪري بيٺا آهن. پوءِ چاهي ٽر هجي يا ٻرُ، وڇولو يا وري سرو، لاڙ ۽ ڪاڇو سنڌ جي عوام کي ٻوليءَ ذريعي جوڙيو جنهن ڪري هر ڪنهن سندس ٻولن کي اکين تي رکيو.

ينائي گهوٽ جي فلاسافي، فڪر ۽ تخليقي ٻوليءَ جي چڱيءَ طرح پروڙ تڏهن پوندي جڏهن اسين سندس تخليق ڪيل ڪن چونڊ بيتن تي نظر اڇلايون. ائين ته سڄو رسالو تخليقي ٻوليءَ جي پيالي سان پُر آهي. جنهن ۾ وحدت الوجود، حقيقي عشق جا منظر پسي سگهون ٿا. عام ڪردارن کي ڪٺي جن جو مختلف سُرن ۾ ذڪر ڪيو آهي، تن مان چند بيت پيش ڪرڻ چاهيندس جن مان لطيف سائين





جي فن فڪر ۽ فلاسافيءَ جي بخوبي ڄاڻ پوندي. سُر سهڻي:

ڀڏندڙ ٻُوڙن ڪي، ڪي هاٿڪ هٿ وجهن،
پسو لڄ لطيف چي، ڪيڏي ڪي ڪکن،
توڻي ڪنڌيءَ ڪُن، نات ساڻن وڃن سير ۾.
(شاهه. سُر سهڻي)

شاهه جي سورمي مارئيءَ جو ڪردار سادگي وفا ۽ حب الوطني جو مجسم آهي. پنهنجي لاثاني ٻوليءَ ۾ مٽي ماءَ جي گود ۾ سمائڻ واري خواهش جو ان ڪردار ذريعي شاهه شاندار چٽ چٽيو آهي.

و اجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گور منهنجي سومرا! ڪِج پهنوارن پاس
ڏج ڏاڏاڻين ڏيهه جي، منجها ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙه ملير ڏئي.
(شاهه)

شاهه پنهنجي فن فڪر ۽ فلسفي سان ٻوليءَ کي به مالا مال ڪيو. شاهه جا ڪلام هجن يا وري لوڪ ڪهاڻيون هجن، عام ۽ خاص ۾ مقبول رهيا. هڪ هڪ سٽ ۾ مڪمل معنيٰ نظر ايندي، ڪيترا پهاڪا، چوڻيون، محاورا ۽ استعارا ڏنا. اڳي اسان جون وڏڙيون مائر پينر چاهي علم جي روشنيءَ کان محروم هيون پر شاهه جي شاعري نه صرف سندن سوچ جو راهون روشن ڪيون بلڪ زندگيءَ جي هيٺ مٿاهين کي بُردبار ٿي مُنهن ڏيڻ جي سگهه به حاصل ڪيائون. شاهه جا بيت سندن دل تي هميشه هميشه لاءِ اُڪر جي ويا. موقعي ۽ مهل سان ٺهڪندڙ بيت سندن لبن تي اچي ويندا هئا. شاهه جي شاعري ۽ مقبوليت جو راز ڏسجي ته عام جي زبان جي ترجماني ڪندڙ آهي. عورت کي سماج ۾ برابري جو درجو عطا ڪيو. پڙهيل چاهي اڻپڙهيل عورت پنهنجي جذبن جي اظهار لاءِ ان جو سهارو ورتو. شاهه کي پڙهڻ

ڪان پھرين پنھنجي گھر ۾ امڙ جي واتان ڪيترا بيت ٻُڌا. يا وري دل جي ڳالھ اظھارڻ لاءِ سندن زبان تي ازخود سٽون اچي وينديون. يا وري ڪيترين عورتن جي واتان شاھ جي بيتن جون سٽون ٻُڌيون.

الله ڏاهي مَ تيان ڏاهيون ڏک ڏِسن،
تتيءَ ٿڌيءَ ڪاھ ڪانھي ويل وھڻ جي،
اچو تہ سورن واريون ڪريون سور پچار،

پنھنجي ماروئڙن ۾ اباڻن پکن سان محبت جو اظھار ڪندي.

سنھيءَ سوئيءَ سبيو مون مارن سين ساھُ،
پکن جي پريت ماڙين سين نہ مٽيان.
اي اي نہ مارن ريت جي سيڻ مٽائين سون تي.
ادي آئون اڻ ڄاڻ، جو سڱ سڄاڻي نہ ڪيو.
ستر ڪر ستار آئون اُگھاڙي آھيان.

ان طرح سندن جيون جو سچو سار پٽ ڏٽيءَ جي ھڪ سٽ ۾ پاتو. شاھ جي شاعريءَ جي وڏي خوبي اھا آھي جو بيت چاھي پورو پڙھجي يا اُن جي ھڪ سٽ- اُن مان مڪمل معنيٰ اُجاگر ٿيندي-

جيئن ويا مور مري ھنج نہ رھيو ھيڪڙو،
وڳر ڪيو وطن پرت نہ چنن پاڻ ۾،
ڪنھن ڪنھن ماڻھوءَ منجھہ اچي بوءِ بھار جي.

ڪيترن ڏات ڏٽين پنھنجي ڪتابن ۾ مضمونن جا عنوان شاھ جي ڪلامن مان ورتا آھن. انھن ڪان متاثر ٿي خود مقالو لکندڙ پنھنجي تخليقي پورھئي ڪي شاھ جي ڪلامن مان سٽون ڪٽي عنوانن ڪي سينگاريو آھي (1) پکا ۾ پنھوار ڏني مون ڏينھن ٿيا (2) وايون وڻجارن جون (3) تون چپر تون چانوءَ (4) ڪيچان آيو قافلو وغيرھ شيخ اياز جي ڪتابن جي نالن تي نظر وجھنداسين (1) ڪپر ٿوڪڻُ ڪري (2) رمندا بادل (3) وڄون وسڻ آيون. نارائڻ شيام- آڇيندي لڄ مران فتاح ملڪ بہ پنھنجي شاعريءَ جي ڪتاب جو عنوان- اسان آئونگ چاڙھيو- عنايت بلوچ ديسي سيڻ ڪڄن پرديسي کھڙا پرين





وغيرھ ۾ ٻين بہ ڪيترن جا ڪتاب نظر ايندا- ان طرح ٻي شمار مضمونن ۾ ڪالمن جا عنوان بہ ڏنا- اھي شاھ جي شاعري ۾ تخليقي ٻوليءَ ڪان ئي مُتاثر ٿي ڏنا آھن. سچڻُ ۾ ساٿيھ پلئہ پايو سچ، عاشق زھر پياڪ، وغيرھ

شاھ لطيف جي فن فڪر شاعري ۾ فلاسافيءَ تي ڊاڪٽر گربخشاڻي جيڪو ڪمُ ڪيو آھي سو پڻ ساراھ جوڳو آھي، اُن بعد ڪيترن تحقيق ڪندڙن ان عالم جي تحقيقي ڪم کي سوُنھن ٻڌائي وڪ اڳتي وڌائي آھي ڊاڪٽر گربخشاڻي فرمائين ٿا شاھ سائين شريعت جو پابند ھئڻ جي باوجود پنھنجي سوچ کي ڪن حدن ۾ قيد نہ ڪيو. ڪنھن شخص شاھ ڪان سوال ڪيو- "شاھ سائين توھين سُني آھيو يا شعيا؟" تہ ورااٽي ڏنائون- "ابا ٻنھي جي وچ ۾ آھيان." اُن شخص چيو "ٻنھي جي وچ ۾ تہ ٻيو ڪي ڪين آھي-" شاھ جو اب ڏنو- "آئون آھيان بہ اھو ڪي ڪين." شاھ جي ھر سُر ۾ سُندرتا ۾ سونھن نظر ايندي پر سُر ڪيڏاري ۾ ڪربلا جي جنگ تي ٻڌل امامن جي شھادت واري سُر ۾ جيڪو چتر چٽيو آھي سو لڱن ۾ سيسراٽ وجھي ٿو ڇڏي. ھيءُ سرُ منھنجي دل جي قريب آھي. بيت جون ڪي سٽون پيش ڪنديس:

ڏاڙھيءَ رت رَتياس، ڏند تہ ڏاڙھونءَ گُلَ جن
يا: ڏاڙھيءَ رت رتياس، ڏند تہ موتن ڳُتيا
چوڏھي ماھ چنڊ جن، پڙَ پيشانياس
الله نورُ السماوت، جلوو زميناس

(داستان پنجون جي بيت 9 ۽ 10 ۾ شھادت جو ذڪر ڪندي فرمائين ٿا)

جڏھن امام حسين کي تير وات ۾ لڳو تہ سندس ڏند ڏاڙھونءَ جي گلن وانگر ڳاڙھا ٿي پيا. امام حسين جي دستار جنگ جي ميدان ۾ چوڏينھن جي چنڊ مثل پئي لڳو. اتي ئي اگر ٻيو ڪو شاعر ھجي ھا تہ

ان جي دردناڪ منظر چٽي ها پر رت سان ڀريل ڏندن کي ڏاڙهون جي ڪڻن سان ڀيٽڻ شاھ جي تخليقي ٻوليءَ جوئي ڪمال آهي.

شاھ جي شاعريءَ جي مٺيادار ٻوليءَ جي اها ئي خوبي آهي جو جيڪو لکي پڙهي نہ ڄاڻندو هو سو بہ برزبان ڪلام پيو جهونگاريندو هو. ڪڏهن من ۾ اُمنگ تہ ڪڏهن جوش ۽ غيرت پيدا ڪندڙ جذبا جهڙوڪ

سوُرہ! مرين سوپ ڪي، تہ دل جا وهم وسار
هُڻ ڀالا، وڙهُ ڀاڪرين، آڏي ڀال م ڀار
مٿاءَ تيغ ترار، مار تہ متارو ٿيين
يا
سارنگ کي سارين، ماڻهو مرگهہ مينهون
يا
ڪڪر منجهہ ڪپارَ جهُڙَ نيڻي نہ لهي

شاھ عالم ۽ فاضل هو، قوم کي جاگرافي، تاريخ تمدن، ثقافت، سورمن، سورمين مذهبي رواداري جي تاريخ جو رڪارڊ پنهنجي ٻوليءَ ۾ قلمبند ڪري محفوظ ڪري ڇڏيو. شاھ ٻوليءَ جو معمار بہ آهي تہ محافظ بہ.

ساٿ سلامت!



# شاھ لطيف جي ڪيل تاريخي ماڳن جي سير ۽ سفر جي روشني ۾ سندس ڪلام ۾ آيل لوڪ ڪهاڻين جو جائزو

ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

ڪڏهن تان ٻاجهہ پَئي، ساجن سُنجُ سلامُ،
سڪ تنهنجي سپرين ڪيو تن تمام،
هٿين هاجَ وهُ ٿي نِيڻين ننڊ حرام،
دوس نہ سَهان دامُ، تون ونڊُر ٿو ويلا ڪرين.

**تعارف**

دنيا جي هر عظيم شخصيت کي ان دؤر جي تاريخ جون معروضي قوتون جوڙينديون آهن. شاھ جو بابرڪت جنم 1689ع ۾ انهيءَ دؤر ۾ ٿيو جڏهن سنڌ تي دهليءَ جي گورنر جو حڪمران هو. هندستان جي مغل حڪمران اورنگزيب پنهنجي والد شاهجهان کي قيد ڪري وڏي ڀاءُ دارا شڪوه کي ماري 1658ع ۾ دهليءَ جي تخت تي ويٺو. هو صوفين، ويدانتن، فنڪارن ۽ راڳيندڙن جو مخالف هو جيڪي ماڻهن ۾ سچ ۽ حق جي جوت جاڳائيندڙ هئا. شاھ جي جمڻ وقت، مغل سلطنت زوال پذير هئي. شاھ جي وقت ۾ سنڌ تي دهلي تخت طرفان نواب خانزاد خان گورنر هو. شاھ کان پهرين سنڌ تي سمن جي حڪمراني هئي ۽ 1520ع ۾ هڪ وڏي رتوڇاڻ ڪانپوءِ سنڌ ارغونن جي ظالماڻي تسلط هيٺ آئي. اهو دؤر ساندهہ 200 ورهيہ هليو. شاھ لطيف جي جنم ڪانپوءِ رڳو ڏهن ورهين ۾ سنڌ جي ڪلهوڙا

خاندان جي هڪ سپاهي سنڌ جي مٿئين حصي (اتر سنڌ) تي 1700ع ۾ سبيءَ کان سيوهڻ تائين، ملتان جي مغل گورنر کي شڪست ڏيئي پنهنجي حڪمراني شروع ڪئي، جنهن سنڌ ۾ آبپاشي سرشتو قائم ڪري سنڌ جي معيشت کي سگهارو ڪرڻ شروع ڪيو.

سمن جي دؤر تائين سنڌ جو واپار وچ اوڀر ۽ آفريڪاکان يورپ تائين پکڙيل هئو. جيئن شاهہ سُر سارنگ واري وڏي سرود ۾ بيان ڪيو آهي:

موتي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آيون، چوڏس ۽ چوڌار.
ڪي اٿي ويون استنبول ڏي، ڪن مڙيون مغرب پار،
ڪي چمڪيون چين تي ڪي لهن سمرقند سار،
ڪي رمي ويون روم تي ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دهلي ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪنهين جَنبي جيسلمير، ڏنا بيڪانير بَڪار،
ڪنهين ڀُڄ ڀڄايو ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪن اچي عمر ڪوٽ تان وسايا ولهار،
سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪري.*

(سُر سارنگ، ص 200)

سنڌ ۾ ارغونن کانپوءِ سنڌ مسلسل 200 سالن تائين ڌارين جي تسلط هيٺ رهي. سنڌ تي مغل دؤر جي گورنرن جي مقرريءَ سبب

* استبول=ترڪيءَ جو شهر، جيڪو مغرب ۾ آهي. چين=اڄ جي دنيا جو هڪ وڏو اقتصادي طرح سان مضبوط ملڪ آهي. سمرقند=سينٽرل ايشيائي شهر. روم=يورپ جو شهر. ڪابل= افغانستان جو شهر. قنڌار=افغانستان جو شهر. ڀُڄ=ڪڇ جو علائقو/ڪڇ جو شهر. ڍٽ=ٿر جو شهر،سنڌ 1947ع تائين هڪ ملڪ رهيو.





سنڌ ۽ هند جا لاڳاپا وڌيا ۽ هڪ ٻئي جي ڪلچر جو اثر پيو. هونئن بہ سنڌ جي رهواسين ۽ ننڍي کنڊ ۾ شاهہ لطيف جي دؤر تائين شاعريءَ جي صنف اوچائي تائين پهچي چڪي هئي. سنسڪرت، اپڀرنش ۽ هندي جو ادب، پراڻن، ويدن، اپنشندن، مها ڀارت ۽ رامائڻ کانپوءِ ٽيندو، ڪرشن ڀڳتي ۽ رام ڀڳتيءَ کان اڳتي هلي "نرگن واد" تائين اچي پهتو هو. هندي ادب ۾ ٻڌمت جي "ناٿ پنٿي " تحريڪ جو اثر پڻ سمائجي چڪو هو. ڪاليداس، تلسيداس، ميران ٻائي، هيم چندر، چندر بردائي، ملڪ محمد جائسي، عبدالرحيم خان خانان، ڪبير ڀڳت، دادو ديال ۽ ٻيا شاعر پنهنجو وارو وڄائي چڪا هئا.

جنهن ڪري سنڌي شاعريءَ ۾ ٻاهن، گنانن ۽ ڏوهيڙن کان هلي بيت ۽ وائيءَ جو رواج اچي چڪو هو. خود شاهہ لطيف جو خاندان بهترين ادبي روايتن جو مالڪ هو. شاهہ ڪريم ٻُلڙيءَ وارو سندس ڏاڏو هو. مخدوم معين ٺٽوي، ميان صاحبڏنو فاروقي، خواجہ محمد زمان لنواري، مدن ڀڳت جهڙو سنت سندس ساٿي هو.

تاريخي نقطہ نگاهہ کان ننڍي کنڊ جو علم ادب ۽ ان جي تاريخ هزارين سال پراڻي آهي. ويدن، مهاڀارت، رامائڻ وغيره هتان جي ماڻهن کي متاثر ڪيو. سنسڪرت ۽ ان کانپوءِ پالي، اپڀرنش ۽ هندي ٻوليون سنڌي فڪر ۽ علم و ادب تي پنهنجو اثر ڇڏينديون رهيون آهن. ڊاڪٽر جميل جالبي مطابق برصغير ۾ خالص مقامي روايتون هندي هيئتن، وزنن، راڳن ۽ راڳڻين تي ٻڌل آهن، جنهن ۾ شاهہ لطيف بہ شامل آهي.

شاهہ عبداللطيف جي رسالي کي پڙهندي اهو تاثر ضرور ملي ٿو تہ هُو هن خطي جي تاريخ، جاگرافي، سماجي ۽ اقتصادي حالات کان واقف هو. هو انسانن سان محبت ڪندڙ هڪ اهڙو صوفي بزرگ هو، جنهن اڳيان خانداني متڀيد يا مذهبي ڪٽرپڻو ڪونہ هو. هو هر هنر مند، هر ڪِرت ڪندڙ هر محبت ڪندڙ جي انت تائين پهچي وجدان ۾ هليو ويندو هو. شاهہ سائين اکين سان گهٽين جڳهين جو مشاهدو بہ

ڪيو ۽ تصور ٻه ڪيو. هو ان ۾ ايترو سمائجي ويندو هو جو هڪ لاثاني شاعريءَ کي جنم ڏيندو هو.

هڪ روايت موجب شاهه محبت جي فراق ۾ بيخود ٿي هڪ دفعي ماٺ ميٺ ۾ مهيسي جوڳين ڏانهن هليو ويو.

شاهه صاحب کي جبلن، ماٿرين ۽ کليل ميدانن ۾ گهمڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. برسات جي موسم ۾ جڏهن وڻ ٽڻ ڏوپجي صاف ٿي ويندا هئا، تڏهن قدرت جو جمال ۽ جلال کيس ڪشش ڪري گهر مان ٻاهر ڪڍندا هئا، جو قدرت جي نرمل نظارن سندس قلب کي قوت ۽ روح کي راحت ٿي ڏني.

شاهه صاحب سچو پچو سير تي ورهيه ساندهه جوڳين جي سنگ ۾ ڪيو ۽ هندن جا ڪيترا تيرٿ ۽ تڪيا پيٽيائين. پنهنجي ٽولي جي جوڳين ۽ فقيرن سان وڏين تيرٿن جي جاين تي وڃڻ ۽ ڪائنات جوڳ وديا پرائڻ معنيٰ الله کان ميلاپ حاصل ڪرڻ وارو علم حاصل ڪرڻ جيڪو ٽن رستن سان ٿئي ٿو:

- ڌيان ۽ گيان
- خلق جي خدمت
- ڀڳتي يا محبت

پٽ ڌڻيءَ جي انهيءَ مٿاهين مقام ۽ عظمت جو هڪ سبب سندن اهو اونهو مشاهدو آهي، جيڪو کين سير و سفر جي ذريعي حاصل ٿيو جنهن ۾ پاڻ نه رڳو قديم دؤر جي بزرگن جي آستانن تي چلا ڪڍي روحاني سڪون حاصل ڪيائون، ۽ وقت جي بزرگن، عالمن ۽ فقيرن سان ملاقاتون ڪري قيمتي سبق پرايائون، بلڪ ملڪ جي مکيه جاگرافي، سندن تاريخي ماڳن، ثقافتي نشانين جو ڳوڙهو اڀياس ڪري پنهنجي شاعريءَ ۾ تمثيلن، تشبيهن، استعارن، ڪناين ۽ صنفن طور ڪم آڻي ماڻهن کي ڇاتل حقيقتن جي ذريعي حقيقي پيغام کان واقف ڪري ڇڏيائون.

شاهه لطيف جيئن ته نندي کنڊ جي تاريخ ۽ سياست کان





چڱي طرح واقف هو ۽ ناموافق حالات هن کي ڏُکائي ڇڏيندا هئا، پر سندس سفر دؤران ٿيل شاعريءَ ۾ شاهه جي ڏاڻ ۽ ذات جي خبر پوي ٿي.

لنڪا لنڪا ڪن، لئي لنڪا جي اوهريا،
(ڪلياڻ، سامونڊي، بلوچ/ص 103)

بند بارو هَل نه هلي، باربين
(بلوچ/120)

مُنهه مديني سامهون، جت محمد شاهه موچار،
(سُر سريراڳ، بلوچ، 115)

ڪي اويين عربَ ۾، ڪي ڪابل منجهه ڪٿن.
(سُر ڪاپائتي، بلوچ، 189)

جيتوڻيڪ شاهه لطيف انهن ملڪن ڏانهن نه ويو هو پر پنهنجي دماغ ۾ انهن جو تصور رکي شاعري ڪئي اٿس.

تنوير عباسي ٽليارڊ جو ريفرنس ڏيئي لکي ٿو ته: ”هر اهوفن جيڪو داستان گوئي ناهي، اهو اهڃاڻي آهي.“ هن وٽ سورمن ۽ سورمين لاءِ تصور آهي. انهن تصورن کي سمجهائڻ لاءِ جيڪي آفاقي ۽ ازلي آهي، اهي جاڻ يا عرفان ڏين ٿا.

سنڌ جوهي عظيم شاعر نندي کنڊ جي ڪيترين جاين تي پنهنجي جوڳين ۽ فقيرن سان پيرين پنڌ هليو آهي. هو ڪشمير کان قنوج، مڪران کان سوراشٽر جيسلمير کان ٻاڙمير. ان سياحت ۾ يقيناً شاهه صاحب جو ڪو مقصد هوندو، اسين ان ڳالهه تي متفق آهيون ۽ يقين ڪريون ٿا ته شاهه صاحب جي سفر سان بر صغير جي نقشي تي

* لنڪا=هڪ وڏو ڪاروباري ملڪ. مالابار=بندر. مدينو= عربستان جو شهر (سندس سڪ مديني ۾ پيغمبر حضور جن جي). عرب= عربستان. ڪابل=افغانستان جو شهر

ڪيترين جڳهين تي موجود هجڻ، جنهن مان عظيم سنڌ جو پتو پوي ٿو اتي هن سر ڳايا آهي.

پنهنجي شاعريءَ ۾ هن پاڙيسري ملڪن ۽ ڏورانهن ملڪن جيئن استنبول ۽ سمرقند جو ذڪر ڪندي سُر سامونڊي ۾ جهازن جو سفر، انهن جي ٽيڪنڪ، سامونڊي بندرن جهڙوڪ: ملبار، سريلنڪا ۽ سامونڊي ٻيٽ جاوا جو ذڪر ڪيو آهي.

سُر سريراڳ ۽ سُر سامونڊي ۾ سنڌ جي واپارين، وڻجارن ۽ بندرن ڀرسان رهندڙ هر طبقي جي ماڻهن جو ڪلچر، سماجي زندگي ۽ اقتصادي حالتن جو بيان ڪيو آهي، خاص ڪري ٺٽي ۽ ديبل بندر ۽ شاهه بندر جيڪو هڪ هاڪارو بندر هو جنهن کي ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي نالي پٺيان "شاهه بندر" سڏڻ ۾ فخر محسوس ڪندو هو.

## شاهه صاحب جو سفر

شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڀٽ کان پهرين ڀٽ شاهه کان حيدرآباد جنهن کي ان وقت ۾ نيرون ڪوٽ چوندا هئا، اُتي پهتو ۽ ان کان پوءِ گنجي ٽڪر آيو اُتان جي رهندڙ جوڳين سان مليو جن جي اٺ ئي پهر هنگلاج ڏانهن نهار هئي. شاهه صاحب انهن جوڳين جي صحبت ۾ هنگلاج وڃڻ لاءِ تيار ٿيو.

هلڻ جو هنگلاج ڏي آديسن اتوم،
نيٺي پورب پار ڏي ويراڳين وڏام،
هو جو تيرٿ تڪيو سامين سونهايوم.

شاهه صاحب جي رسالي ۾ ڪينجهر ڍنڍ جو ذڪر قابل تعريف آهي. سمن جو گهراڻو جنهن سنڌ تي حڪومت ڪئي هئي، انهن جي هڪ حڪمران ڄام تماچي، نوريءَ نالي هڪ مُهاڻي، جيڪا سونهن ۽ سوڀيا ۾ مشهور هئي، تنهن سان هن شادي ڪئي، انهيءَ





عاشقاڻي قصي بابت شاهه سائين سُر ڪاموڏ ۽ سُر ڪارايل ۾ ڪيترائي بيت چيا آهن.

هنج مڙيئي هنجَ، ميرو منجهن ناهه ڪو،
جتي رهن سنجهه سو سرءُ ڪن سُرهو.

شاهه صاحب ٺٽي پهچي ٿو جنهن جو سمن جي دؤر ۾ گاديءَ جو هنڌ ساموئي هو. هونئن ته سهڻي ميهار جي قصي بابت مشهور آهي ته اهو پنجاب جو قصو آهي، پر گهڻن جو چوڻ آهي ته سهڻي ۽ ميهار جا لاش ننگر طرف ٺٽي ڏانهن تي گذريا آهن. شاهه صاحب پنهنجي خيالي قوت ذريعي سهڻيءَ جي ٻڏڻ جي ڳالهه اهڙيءَ طرح ڪئي اٿس، ڄڻ اهو واقعو سندس اکيان پيو ٿئي.

سهسين سائر ٻوڙيون، منڌ ٻوڙيو مهراڻ،
وَهَ وڃايو پاڻ هٺي ڪنڌ ڪپن سين.

ڀنڀور ڏانهن ويندي، جتي سسئي محمد ڪتيءَ جي گهر نپي ۽ پنهونءَ سان عشق ۾ اڙجي شادي ڪيائين. پر پنهونءَ جا ڀائر پنهونءَ کي رات پيٽ ۾ کٽي ويا ۽ سسئي، پنهونءَ پٺيان پنڌ هلي آئي. شاهه صاحب جيترو سسئي لاءِ ڪلام چيو آهي، ايترو ٻئي ڪنهن لاءِ نه ڳايو آهي.

جوڳيئڙا جهان ۾ هُيا منجهه حمام،
آرامان آرَڳ تيا، اوڏا نه آرام،
ڪيائون قيام، آءُ نه جيئندي اُن ري.

شاهه صاحب اُتان ڪراچي آيو جيڪو هڪ ڳوٺ جي صورت ۾ هو. شاهه اُتي صرف مورڙي مهاڻي بابت بيت چيا آهن. شاهه صاحب حب نديءَ جو به احوال ڏنو آهي، جنهن جو رستو ڏکيو آهي. هتان هنگلاج اٺ ڪوهه پري آهي. پنڌ اٽانگو آهي، جتي جوڳي

منزلون جهاڳيندا ويندا هئا. لفظ “منزل” لاءِ شاهه صاحب “پاڌو” لفظ استعمال ڪيو آهي، جنهن کي ڪراچيءَ جا ماڻهو عام اُچاريندا هئا. شاهه صاحب سسئيءَ جي واتان سُر آبري ۾ سسئيءَ کي صلاح ڏئي ٿو:

پـهـروئـي پـاڌو سـڦـرو ڪـريـن سـاٿ ڪـي.

سونمياڻي ۽ هنگلاج جي وچ ۾ چئن ڪوهن جي فاصلي تي گرو چيلي جو رڻ يا صحرا آهي، جتي پاٽيءَ جو هڪ ڦڙو نٿو ملي. شاهه صاحب سسئيءَ جي واتان چوايو آهي:

سرتيون سجي سج، متان ڪا مونسين هلي،
پاٽـي نـاهـي پـنڌ گـهـٽـو اڳـيـان رائـو رڃ،
متـان مـري اڄ ڪـا ڏيـئـي پـاراتـو پـنـهـل ڪـي.

هتان کان پوءِ شاهه پتائي سامهون هاڙهو ۽ هنگول اچن ٿا. هاڙهو جبل آهي ۽ هنگول هاڙي جبل جي پيچڙيءَ وٽ ندي آهي. اها ندي آهي، جنهن جي اٿل سبب سسئي اڳيري نه ٿي سگهي آهي ۽ ٻيو رستو ڏئي (پپوٽي ناڪي) کان ويئي هئي.

هنگلاج جو ٿان هاڙهي جبل جي پاڙ وٽ هڪ غار آهي، جنهن ۾ 400 کان به وڌيڪ ماڻهو اچي ويهي سگهن ٿا. هنگلاج کي هندو ديوي، ماتا امبان (امان) جهڙن نالن سان سڏين ٿا، پر مسلمان هن کي عام طرح ناني سڏين ٿا. هتي شاهه صاحب ۽ جوڳين جي وچ ۾ اٽڪٽ نظر اچي ٿي. جوڳين جدا رستو ورتو ۽ شاهه جدا. شاهه لسٻيلي کان ٿي ڪراچي موٽيو ۽ پٽ تي وڃي مائٽن سان مليو.

## شاهه صاحب جي لاهوت ڏانهن روانگي

سنڌ ۾ لاهوت لامڪان جي هڪ تاريخي حيثيت آهي. هڪ دفعي شاهه صاحب لاهوت وڃڻ جي تياري ڪئي. شاهه لطيف تڪليفن ۽ جاکوڙن تي هريل هو. هي گهر ڇڏي ڪراچي پهتو ۽





لاهوت وڃڻ لاءِ منگهي پير جو رستو ورتائين. لاهوت پهچڻ لاءِ منگهو پير کان حب ندي ۽ ٿاڻو ويراب کان ٿيندو لاهوت پهتو. شاهه لطيف لاهوت ڏانهن ويندي جيڪي خوف خطراءِ تڪليفون ڀڏايون هيون، سي ڪيس حقيقتاً سامهون آيون.

چـيـتـا چـور چـنـجـن ۾، ٻـر ۾ ٻـلائـون.

سُر سريراڳ ۾شاهه صاحب صرافن، موتين ۽ وينجهارن جو ذڪر ڪيو آهي، سي شايد ٺٽي جي شهر ۾ ڏٺا اٿس. سنڌ جو هي عظيم سيلاني شاعر اسان کي ٻڌائي ٿو ته سنڌ جا وڻجار پاڻ سان معلم يا رهبر کڻندا هئا.

سـودي ڪـارڻ سـنـبـهـي ويـهـون وڻـجـارن،
ويـا چـيـن بـنـگـال ڏي، رکـي مـاڻـڪ مـن.

اوريـائـيـن آڻـيـن مـيـڙيـو مُـعـلـم خـبـرون،
سـا تـان هـڌ نـه ڏيـن، جـتـي وَهُ ويـڌ ڪـري.

شاهه صاحب جي سفر ۾ ڪڇ، ڀُڄ، دوارڪا، پوربندر، جهونا ڳڙهه ۽ گرنار شامل آهن. شاهه صاحب جڏهن جهونا ڳڙهه پهتو ته راءِ ڏياچ ۽ سورٺ جي قصي متعلق ڪيترا بيت چيا اٿس:

جهونا ڳڙهه جهرنـدو، پـونـدي جهانءِ جهروڪ.
جـاجـڪ جـهـونـا ڳـڙهـه ۾ ڪـو عـطـائـي آيـو.
ڏيـئـي تـنـگـن تـاڻ ڪـوڪ ڪـاريـنـدا ڪـچـڙي.

شاهه صاحب ڪنيات جي رياست جيڪا گجرات جي الهندي طرف سابرمتي ۽ ماهي ندين جي وچ ۾ آهي، هن رياست جي ذڪر ۾ ڪنيات جو شهر آهي، جنهن تي مختلف قومون وقت بوقت حملا ڪنديون رهيون، تنهن جو سبب اهو هو ته هاڪارو ۽ وسيل بندر هو.

جنهن جو واپار ڏيهان ڏيهه مشهور هو.

ڪٽي نيڻ خمار مان جان ڪيائون نار نظرُ،
سورج شاخون جهڪيون ڪوماڻو قمر،
تارا ڳتيون تائب ٿيا، ديڪيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهرُ جانب جي جمال سين.

شاهه صاحب ڏورانهن ملڪن جي سئر ۾ مشاهدي ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ ڏانهن روانو ٿيو. واپسيءَ ۾ هو ننگر پارڪر، پائر جي ٿر ۾ ملير آيو. ملير جو ڳوٺ ننگر پارڪر تعلقي ۾ ٻارهن ڪوهه ۾ گيڙڙي استيشن کان انٽيهه ڪوهن تي پالوا نالي، جنهن کي مارئيءَ جو ڳوٺ سمجهيو ويجي ٿي، جتي عمر مارئي جو قصو ٿي چڪو هو شاهه سائين اُتي پهتو. مارئي متعلق شاهه کان اڳ ۾ ئي سنڌ جي شاعرن سُر مارئي تي گهڻو ئي لکيو آهي، پر شاهه صاحب جنهن نموني هن سُر ۾ بيت چيا اٿس، ڏکن ڏولاون جو ذڪر ڪيو اٿس، تمثيلون ۽ تشبيهون ڏنيون آهن، ان جو مثال نه ٿو ملي.

سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون،
پٽولا پنوهارن کي عمر آڇ مَ تون،
وَرُ لوئيءَ جي لون ڏاڏاڻ ڏنيام جا.

ان ڪانپوءِ هو گوري، ويڙهي جهپ، پراڻ جيڪو ڪڇ جو رڻ آهي، ان رڻ ۾ ڪنهن وقت سمنڊ ۾ درياءَ وهندا هئا. پر هاڻي صرف صحرا آهي، جنهن جو مشاهدو شاهه صاحب ڪيو. ڪڇ جي رڻ کان ٽن ڪوهن تي سومرن جو تختگاهه "وڳهه ڪوٽ" هو جتي دودي سومري جي شهادت ٿي هئي. شاهه سائين ان جنگ متعلق سُر بلاول ۾ ڪجهه بيت ڏنا آهن:

علاؤالدين آيو تنهنجي هاٿين هاڪ هنئي،





آرڻ ٻڌي ابڙي تي رڻ رُڪ رَئي.

شاهه جيسلمير ڏانهن ويندي، عمر ڪوٽ پهتو. ان وقت مسافر ۽ سياح جيسلمير وڃڻ لاءِ امر ڪوٽ کان گيڙڙي ۽ پوءِ جيسلمير ۾ جوڌپور ويندا هئا.

ان وچ ۾ شاهه صاحب مومل راڻو ليلان چنيسر جي قصي متعلق ڪيئي بيت چيا اٿس ۽ ڦتل ڪنڊرات جو نظارو به پسيو آهي. نه صرف اهو پر هت جيڪي به تاريخي قصا مشهور هئا، جن جا محل هينئر ڪنڊر هئا، اتي به شاهه صاحب پهتو آهي ۽ مختلف سُر چيا اٿس. شاهه صاحب امر ڪوٽ جي هر گهٽ گاهه جو سئر ڪري نظارا پسي جيسلمير جيڪو ٽن ٽڪرين جي وچ ۾ آهي، هن شهر جي رهواسين وڏيون تڪليفون ڏنيون ۽ شاهه صاحب سنڌ مان جيلسمير پهچي ان جو حقيقي رنگ اکين سان پسيو. شاهه صاحب لڊاڻو ۽ ڪاڪ به ويو آهي، جيڪو جيسلمير کان پنجن ڪوهن جي فاصلي تي آهي. ڪاڪ جي ڪنڌي لڊاڻي واري ٽڪريءَ سان لڳي بيٺي آهي. شاهه صاحب ان سرزمين تي پهتو ۽ هن ڪاڪ جي ڪناري بدران "لڊوڻي ڪنڌئين" لفظ استعمال ڪيو آهي.

ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، ٻريا رنگ رتول.

مومل جو ڏاگهه چڙهڻ ۽ راڻي جي سڙڻ جا نشان "راڻي جي پڙي" لڳ موجود آهن. جن کي مومل جو پڙو سڏيندا آهن. شاهه سانده ٽي سال جيڪو سفر هن پنهجن جوڳين سنياسين سان ڪيو اهو امن جي تلاش ۾ امن جو پيغام ڏيندي پنهنجي شاعريءَ ۾ سمائيندو رهيو.

سڪين ڪهه سلام کي، ڪرين ڪهه نه سلام،
ٻيادر ٽن حرام، اي در جنين ديکيو.

## شاهه جي رسالي جي تدوين ۾ ننڍي ڪنڊ جو حصو:

هونئن تہ شاهہ صاحب جي فقيرن ۽ جوڳين سندس رسالي جي مختلف طريقن سان تدوين ڪئي، پر ننڍي ڪنڊ ۾ انگريزن جي راڄ ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پهريون شخص هو جنهن 1866ع ۾ شاهہ جي رسالي جو پهريون ايڊيشن شايع ڪيو. 1940ع ۾ ڊاڪٽر ايڇ.ٽي.سورلي پهريون شخص هو جنهن شاهہ جي زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيو ۽ سندس ڪجهہ سُرن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو پڻ ڪيو.

مير عبدالحسين پڻ گهڻو مواد لکيو. انگريزن جي دؤر حڪومت ۾ شاهہ صاحب تي ۽ سندس رسالي تي تحقيق ڪانسواءِ سنڌ جي هندن جو بہ ان ۾ وڏو حصو آهي. ڏيارام گدومل جيڪو جج پڻ هو، ان شاهہ جي نج شاعري مختلف ذريعن ڪان هٿ ڪري 1882ع ۾ ڪتابي صورت ۾ آندي. ليلارام سنگهہ وطڻمل جج 1890ع ۾ شاهہ صاحب جي شروعاتي زندگيءَ بابت هڪ وڏو مواد جمع ڪيو.

تعليمدان تارا چند ۽ شوقيرام 1900ع ۾ شاهہ جي شاعري سرڪاري سطح تي آندي.

لالچند ويهين صديءَ جي پهرئين ڏهاڪي ۾ ٽي رسالا "شاهہ نمبر" جي نالي ڪڍيا. ڄيٺمل پرسرام ويهين صديءَ جي ٻئي ڏهاڪي ۾ شاهہ صاحب تي تمام گهڻو لکيو ۽ هن جي شاعري ۽ شخصيت کي واضح ڪندي ڪيس سنڌ جو صوفي قرار ڏنو. ڀيرومل مهرچند آڏواڻي شاهہ لطيف جي سئرن متعلق "لطيفي سئر" 1928ع ۾ لکي دنيا تي هڪ وڏو احسان ڪيو آهي، جنهن ۾ شاهہ جيڪو ٿر جو سفر ڪيو آهي، انهن علائقن جي رهواسين، جاگرافي، تاريخ، ثقافت ۽ لوڪ ورثي جو هڪ وڏو مواد موجود آهي. ٿر ضلعو سنڌ جي ڏکڻ اوڀر واري سرحدي حصي ۾ آهي، جنهن جي تاريخي، ثقافتي توڙي جاگرافي لحاظ کان نهايت اهميت آهي. هتي قديم دؤر ۾ وڏا وهڪرا جنهن ۾ لوڻي، سرسوتي ۽ جمنا جون شاخون نار، جهول ۽ گلهو جون شاخون، واهن دامن، هاڪڙو، ريڻي، ٻوڏاري، پوراڻ، پينگهارو، ڳونيرو، ميٽي،





ڍاڳي ۽ ڍور وغيره اچن ٿا. سنڌ جي مشهور لوڪ ڪهاڻين ۽ لوڪ داستانن جون مکيائون گهڻو ڪري سڀ هن ضلعي سان وابستہ آهن، جن ۾ رپ، سارنگا، مارل، مارئي،سونل، هوٿل، سکر، مهر، ملهي، همون، ليلان، ليلا، پوري، ڪپوري ۽ نوران گهڻو مشهور آهن. شاهہ ڀٽائي هن کي ڳايو جيڪي اجا تائين ڳائجن ٿا.

نارائڻداس ڀمڀاڻي شاهہ جي سورمين تي هڪ جامع ڪتاب لکيو آهي. پروفيسر ٽي ايل واسواڻي، ايم ايم گدواڻي شاهہ صاحب جي شاعريءَ تي مختلف مقالا لکيا آهن.

ڊاڪٽر ايم گبياڻي (Gubuyani) 1923ع کان شاهہ جي شاعريءَ تي ٽي جلد لکيا ۽ شاهہ صاحب جو بهترين طريقي سان تعارف (Muqadmah Latif) لکي پنهنجي محبت، چاهہ ۽ خلوص جو اظهار ڪيو آهي. انگريز دؤر حڪومت ۾ محمد صديق ميمڻ "سنڌي ادب جي تاريخ" نالي ڪتاب لکي ان ۾ شاهہ صاحب جي شاعريءَ کي نمايان ڪيو آهي. ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي پڻ شاهہ تي هڪ قابل ڪمال ڪم ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح علامہ آءِ آءِ قاضي، عثمان علي انصاري ۽ موجوده دؤر ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو نهايت ئي تفصيلي ڪم موجود آهي، جنهن ۾ شاهہ صاحب جي ڪلام کي مختلف سُرن ۾ ورهائي انهن جو تفصيلي مطالعو ڪيو ويو آهي.

شاهہ صاحب جيڪو سنڌ ۽ دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي دلين جي ڌڙڪن برابر آهي، هو هن کي نہ صرف شاعر سمجهن ٿا، پر هن کي هڪ صوفي، بزرگ ۽ روحاني رهبر پڻ سمجهن ٿا. اها هن جي روحاني اهميت هن جي شاعريءَ ۾ سمايل آهي، جنهن ۾ هن چپندڙ لفظن کي استعمال ڪيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ اهڙا راڳ سمايل آهن، جن جي موسيقيءَ ذريعي ماڻهن جون دليون جهومن ٿيون، جنهن ۾ پڙهيل لکيل ماڻهن سان گڏ عام پڻ شامل آهن. هن جي شاعري عام ماڻهن کي ملڪ سان محبت ۽ آزاديءَ جو درس ڏنو. ارغونن کان وٺي نادر شاهہ جي

حملي تائين سنڌ ۾ ڌار پوندا رهيا. عظيم شاعر ڀٽ ڌڻيءَ جي روحاني انقلاب بعد سنڌ هر زنجير ٽوڙي آزاد ٿي. شاهه صاحب اها آزادي اکين سان ڏٺي.

پڙاڏو سو ئي سڏ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهين،
هئا اڳهين گڏ، ٻُڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

### مددي ڪتاب


1. معمور يوسفاڻي، "لطيف جا ٽر تان پيرا"، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2001ع.
2. پروفيسر پيرو مل مهر چند آڏواڻي، "لطيفي سئر"، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه، 1989ع.
3. محمد ابراهيم جويو "شاهه سچل سامي"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، 1990ع.
4. تنوير عباسي، "شاهه لطيف جي شاعري"، نيوفيلڊس پبليڪيشن، حيدرآباد، 1989ع.
5. ڪينجهر جرنل جا مختلف شمارا، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو.
6. ڪلياڻ آڏواڻي، "شاهه جو رسالو"، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو 1993ع.
7. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، "شاهه جو رسالو" (ڇاپو ٻيو)، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2004ع.




# شاهه جي شاعريءَ تي ڀڳت ڪبير داس جو اثر

نذير ناز

دنيا جي تاريخ ۾ مختلف دؤرن ۾ آيل فلاسافي ۽ آئيڊيالوجيءَ جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو ته ڪيترائي قدر سيني مذهبن ۾ هڪ جهڙا نظر اچن ٿا. جيڪي مذهبن جي وحدتِ فڪر ڏانهن رهنمائي ڪن ٿا. اهڙي ريت تصوف جي تاريخ جو مطالعو اُهو واضح ڪري ٿو ته هي فڪر، جدا جدا دؤر ۾ هئڻ جي صورت سان پنهنجي جملي خاصيتن، رمزن، شناسائين جي باوجود هڪ تسلسل رکي ٿو جنهن جي جامع صورت اسان کي ڀڳتي تحريڪ جي ويدانت ۽ تصوف ۾ ملي ٿي.

ڀڳتي تحريڪ هندستان جي تاريخ جي دؤر 700ع کان 1600ع ۾ اُڀري. ڀڳتيءَ تحريڪ جو بنياد ٽن عنصرن تي رهيو. هڪ پريم، ٻيون ارپنا ٽيون هيڪڙائي. انهن ٽن عنصرن کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڀڄن ذريعي ڳائي انهن جذبن جو پرچار ڪيو ويندو هو. ڀڳتي تحريڪ جا پيروڪار هيڪڙائيءَ/وحدانيت کي مڃيندڙ هيا ۽ ان جو پرچار ڪندا رهيا.

ڪن تاريخدانن جو خيال آهي ته هيءَ هندستان ۾ نئين سجاڳيءَ جي لهر هئي. اها ڀرين ته مذهبي سڌارن جي تحريڪ هئي. ڇاڪاڻ ته هندو مذهب مختلف طبقاتي اصولن تي ٻڌل هو جنهن ۾ سڀ کان اعليٰ طبقو برهمڻ جو هو ان ڪري اعليٰ طبقي جا ماڻهو گهٽ ذات وارن سان غيرانساني سلوڪ ۽ پوري طرح نانصافي ۽ اڻ برابريءَ وارو ورتاءُ رکندا هئا، ۽ هڪ طرح اهي اعليٰ طبقن ۽ ذاتين جا غلام بنجي رهجي ويا هئا. جڏهن ڀڳتيءَ تحريڪ جي ڀڳتن، مذهبن ۽

ذاتين ۾ برابريءَ جو پرچار ڪيو. تڏهن هيٺئين طبقي جا ماڻهو اڪثريت سان ڀڳتي تحريڪ ۾ شامل ٿيندا ويا. هن تحريڪ جو ٻهريون مول متو اُهو هو تہ سڄي مخلوق جو خلقڻهار هڪڙو آهي، ٻيو تہ انهن سڀني ذاتين ۽ برادرين ۾ انسان، ذات، پات ۽ ڌرم جي فرق کان سواءِ خدا جي نظر ۾ هڪ آهن. تصوف بنيادي طرح سان مذهب جو حصو آهي.

مذهب ڪهڙو بہ هجي، حقيقت ۾ جڏهن مذهب تي مفاد پرستن جو قبضو ٿي وڃي ٿو ۽ خدا تائين پهچڻ تي مُلن برهمڻ ۽ پادرين وغيره جي اجاره داري ٿي وڃي ٿي، تہ پوءِ وحدانيت للڪار بڻجي سامهون اچي ٿي. تصوف ڪنهن حد تائين بغاوت بہ آهي. ان ۾ هڪ سچائيءَ جو پيغام بہ سمايل هو. اها سچائيءَ انهن انسانن لاءِ هئي، جيڪي مذهبي ٺيڪيدارن جي اڳيان يرغمال هئا. چاڪاڻ تہ دنيا جي تقريباً سڀني صوفين جو نظريو هو تہ مذهب جا ٻہ روپ ٿين ٿا، هڪڙو ٻاهريون ٻيو اندريون.

ٻاهريون روپ اهو آهي، جيڪو عام فهم ۽ رسمي عبادتن ۽ رتبن وغيره تي ٻڌل آهي، ۽ ٻيو روپ اندريون وڌيڪ اهم ۽ ضروري آهي. يعني اندر جي صفائي سچائي. تصوف انسانن کي محبت، رواداري، ايثار، قرباني، همدردي ۽ ٻين بيشمار اعليٰ انساني قدرن جي پاسداري ڪرڻ سيکاري ٿو.

اها آهي ڀڳتيءَ تحريڪ جي تعريف، ۽ ڀڳتيءَ تحريڪ جا اهم اڳواڻ هئا شنڪر آچاريا، رامانج، ماڌو آچاريا، رامانند، ڪبير داس ۽ گرونانڪ.

هاڻي مان مختصر طور ڀڳت ڪبير داس جي باري ۾ عرض ڪنديس.

ڀڳت ڪبير داس جي شاعريءَ منجهان اها ڳالهہ واضح طور ڇِٽي آهي، تہ هن پنهنجي دوهن ذريعي مذهبي ريتن ۽ رسمن تي ٽوڪون ۽ چٿرون ڪيون آهن. ڀڳت ڪبير داس پنهنجي دؤر جي





عقيدائي نظام جي ظاهري طريقہ ڪار ۽ اڻ برابريءَ جي سلوڪ کي ناپسند ڪيو آهي. هو هڪ لحاظ کان پنهنجي دؤر جو ترقي پسند سوچ رکندڙ هو. جنهن ۾ هندو ٻائي ۽ مسلمان مُلي جي ڪابہ گنجائش نہ هئي. هتي هيءَ ڳالهہ بہ ضروري آهي، تہ ڀڳت ڪبير داس، روايت پسنديءَ جي بلڪل خلاف هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙا مثال قائم ڪيا، جيڪي روايت پسنديءَ ۽ ڪٽر ڌرمي پوئواريءَ جي ٽوڙ لاءِ اهم ثابت ٿيا.

اهڙيءَ طرح شاهه عبداللطيف جي دؤر ۾ سياسي ۽ مذهبي حالتون بد کان بدتر هيون. انهي دؤر ۾ مذهب جي رکوالن ۾ جنون ۽ ڪٽرپڻو پريل هو. سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي دلين ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت جا جذبا پيدا ڪرائي ڇڏيا هئا. سنڌ جي هندن کي زور زبردستيءَ ۽ ڏاڍ جي طريقي سان مسلمان بنائڻ جي تحريڪ هلائي.

هندن جو زندگي گذارڻ مشڪل ٿي پيو هو. اگر ڪنهن هندوءَ جي واتان "الله" لفظ نڪرندو هو تہ، ان کي اسلام جي دائري ۾ آڻڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندا هئا. سنڌ جي هندن ۾ خوف، حراس پکڙجي ويو هو پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهڻ لڳا هئا. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ همدرديءَ جو جذبو ختم ٿيڻ لڳو. هندن ۽ مسلمانن ۾ اڳ واري محبت، ٻڌي ۽ هيڪڙائي نہ رهي.

سنڌ ۾ ڏڦيڙ ۽ ٻيائيءَ جي فضا ڇانئجي وئي هئي، ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ ڌارين جا سنڌ تي حملا، ڦرلٽ، افراتفري سنڌ ۾ هئي. انهن حالتن شاهه سائينءَ جي دل ۾ جذبہءِ فڪر پري ڇڏيو هو. انهيءَ فڪري جذبي، جنهن ۾ تصوف جو رنگ سمايل هو. جيتوڻيڪ تصوف جي انهن باريڪ نقطن کي هن فلسفيانہ انداز ۾ بيان نہ ڪيو آهي، پر هن جي خيالن، ان جي مقامات، مشاهدن، روحاني ڪيفيت، قلبي واردات کي ڪردارن وسيلي ٻوليءَ جي نهايت سهڻي صورت گريءَ سان پنهنجي شعر ۾ بهتر کان بهتر انداز ۾ پيش ڪيو آهي. جيئن ڀڳت ڪبير داس جي شعرن ۾ انسانيت جو درد لڪل آهي. اُهو ئي درد شاهہ

سائين جي دل ۾ سمايل آهي.

ڀڳت ڪبير داس چون ٿا:

سنتو جا ڳت نيند نه ڪيجيئي،
ڪال نا ڪائي ڪلپ نه ويا پئي،
ديهه ذرا نه ڇهيجيئي.

مطلب ايڏي ننڊ نه ڪر جيڪي ڪجهه ڪرڻو آهي، ڀرپور انداز سان ڪرڻو آهي نه سمهڻو آهي، ۽ سؤفيصدي هر هڪ پل سجاڳيءَ سان جيئڻو آهي.

شاهه سائين جي شعر ۾ به هڪ جهڙائي ۽ سجاڳيءَ جو پيغام آهي.

شاهه سائين فرمائين ٿا:

ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ملي.

ٻيو وري هي درس ڏين ٿا:

تتيءَ ٿڌي ڪاهه، ڪانهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه پير نه لهين پرينءَ جو.

ماڻهن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ پيغام هڪڙو ئي آهي. انهن ڏينهن ۾ ماڻهن تي بي حسي طاري هئي، چاڪاڻ ته سنڌ ۽ سنڌي سماج لڳ ڀڳ ٻه سئو سال غلاميءَ ۾ گذاريا هئا. انهيءَ دوران سنڌ ۾ آزاديءَ جون تحريڪون به هليون هُيون جن ۾ ڀڳت ميڪڻ بدين واري جي جوڳ تحريڪ، شاهه عنايت شهيد جي گيڙو فقيرن جي تحريڪ ۽ شهيد بلاول جي مريدن جي بلاولي تحريڪ ۽ انهن کان پوءِ ٻيون تحريڪون به هليون. انهن سڀني تحريڪن جا روح روان ۽ سرواڻ وقت جا وڏا عالم، درويش ۽ روحاني رهبر هئا. انهن سڀني تحريڪن





جو مقصد هڪ هو آزادي ۽ خوشحالي.

ڀڳت ڪبير داس چون ٿا:

مين ٿا، تب هري نهين، اب هري هي مين ناهين،
پريم گلي اتني ساڪري، تامين دو نه سمائين.
(ڪبير داس)

ڀڳت ڪبيرداس جي خيال مطابق دل ۾ ٻه محبت نٿي سمائجي سگهي. پريم جي گلي هڪ آهي، ٻه رستي نٿو هلي سگهجي.

-مڏ پيئندي مون، ساجن صحيح سڃاتو.

-ٻن ترارين جاءِ، ناهي هڪ مياڻ ۾.
(لطيف)

ٻنهي جو نظريو هڪ، ته جنهن پريت جو پيالو پيتو تنهن جي دل ۾ فقط اُهو پريتم سمائجي سگهي ٿو ٻي گنجائش هرگز ناهي، جيئن هڪ مياڻ ۾ ٻه ترارون نٿيون اچي سگهن.

ڀڳت ڪبير داس چون ٿا:

جهيني جهيني ري بيني چدريا،

سو چادر سُرمني اوڙهي، اوڙهه کي ميلي ڪيتي چدريا،
داس ڪبير جتن سي اوڙهي، جئون کي تون ڌهر ديني چدريا!
(ڪبير)

هن دوهي جو مطلب:

رشي، مُني، علامه "نر" يعني عام ماڻهو ۽ مُني مطلب ساڌو ۽ تارڪ الدنيا. انهن مڙني ساڳي چادر اوڍي پر آخر ۾ ميري ڪري لاٿائون، چو جو هنن ۾ پنهنجي ظاهري دنياوي عملن جي نتيجي طور

دنيا جي مزي جو موهہ موجود هو، پر ڪبير اهڙي موهہ ۽ لذت کان پري رهيو ۽ نتيجي طور چادر جهڙي پاتائين، تهڙي لاٿائين!

ساڳيو خيال شاهہ سائين هن ريت چوي ٿو:

ڪچي ڪاچوٽي، نانگن ٻڌي نينهن جي،
سُک نہ سُتا ڪڏهين، لاهي لانگوٽي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تنين جي چوٽي، پورب ٿيندي پڌري.

اهي ٻئي خيال هڪ جهڙا آهن. هڪ ئي پيغام آهي. هن دنيا ۾ انسان جهڙي طرح صاف سٿرو دنيا ۾ آيو آهي، پنهنجي پاڻ کي سمهجهي تہ هُن جو جنم هن دنيا ۾ انهيءَ ڪري ٿيو آهي، پنهنجي عمل سان ڪردار سان اهڙو صاف سٿرو ٿي موٽي پنهنجي مالڪ ڏانهن وڃي. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسان جا عمل نيڪ هوندا، پنهنجي مالڪ جي مرضيءَ مطابق زندگي گذاري هوندي، انسانيت سان محبت ڪئي هوندي.

هاڻي ڏاهن جو خيال آهي تہ شاهہ عبداللطيف تي ڀڳت ڪبير جو اثر آهي. هنن جو اُهو چوڻ صحيح آهي، ڇاڪاڻ تہ هر صوفيءَ جو هر خيال، انسانيت جي ڀلائي آهي ۽ صوفي قدرت جي ذري ذري خلقيل شيءِ تي غور فڪر ڪن ٿا.

مددي ڪتاب:
1) پروفيسر پيرومل مهرچند آڏواڻي
2) محمد ابراهيم جويو، شاهہ-سچل- سامي، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو
3) شاهہ جو رسالو بمبئي وارو ڇاپو، ڪلياڻ بولچند آڏواڻي

# شاهہ عبداللطيف جي شاعري تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر

امين لاکو

شاعر يا اديب سماج کان الڳ ٿلڳ رهڻ وارا فرد نہ هوندا آهن. ادب ۽ شاعري سماجن سان گڏ گڏ هلندا آهن. ان ڪري ڪنهن بہ خطي جي ادب ۽ شاعري کي ان سماج کان الڳ ڪري نہ پر ان معاشري جي معروضي ۽ داخلي حالتن سان گڏي ڏسڻ سان ئي سماجن جي اندروني حالتن، تحريڪن ۽ اوسر جو پتو پوندو آهي. ان ڪري ئي برٽرينڊ رسل چيو هو تہ "ڪنهن بہ دور جي حقيقي تاريخ ڏسڻ لاءِ ان دور جي شاعري کي ڏسڻ گهرجي."

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي دنيا جو مؤرخ ۽ فيلسوف شاعر آهي، جنهن پنهنجي دور جي حالتن جو ڏاڍو گهرائيءَ سان مطالعو ۽ مشاهدو ماڻي انهن حالتن جا عڪس پنهنجي شاعريءَ ۾ چٽيا آهن. هن هوا ۾ تير اڇلائڻ بدران جن بہ واقعن تي قلم کنيو آهي، انهن جو گهرو مطالعو ۽ مشاهدو ڪيو اٿس. پر اسان وٽ شاهہ جي اڪثر پارکن سندس شاعري کي ان وقت جي سياسي، سماجي ۽ مذهبي حالتن جي پس منظر ۾ ڏسڻ بدران روحاني نجات واري شاعر طور پيش پئي ڪيو آهي.

جيئن تہ شاهہ صاحب جو زمانو 1689ع کان 1752ع تائين انتهائي طاقتور تحريڪن ۽ سياسي اٿل پٿل جو زمانو هو.. شاهہ سائين انهن تحريڪن جو نہ صرف اثر قبوليو پر انهن مان ڪجهہ تحريڪن سان سڌي ۽ اڻ سڌي طرح لاڳاپيل پڻ رهيو.اهڙين تحريڪن ۾، سنڌ ۾ صدين کان جاري صوفي نظريو وحدة الوجود ۽ ان سان ملندڙ جلندڙ

ويدانتي نظرئي تحت جاري ڀڳتي تحريڪ بہ شامل آهي. ان کان علاوه انهيءَ دور جي تازي سياسي ۽ سماجي حالتن پٽاندڙ ڪجهہ نون نظرين ۽ تحريڪن بہ زور ورتو جن ۾ شاه عنايت جي، "جو ڪيڙي سو کائي" واري فلسفي تحت اڀندڙ پورهيت تحريڪ، سياسي سماجي (سوشيو پوليٽيڪل) تحريڪ، ميانوال جنهن ۾ ڪجهہ مذهبي عنصر بہ شامل هيو ۽ مذهبي تحريڪ وحدت الشهودي تحريڪ شامل آهن. شاهہ صاحب متي ڄاڻايل مڙني تحريڪن کان ڪنهن نہ ڪنهن طور (مخالفت توڙي موافقت)متاثر ٿيل ڏسجي ٿو. ڇو تہ اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ شاهہ سائينءَ جهڙو وطن پرست ۽ ڏاهو شاعر جنهن سماج ۾ ڄائو پليو نپيو ۽ وڏو ٿيو هو اتان جي ماڻهن جي تحريڪن کان الڳ رهيو هجي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو تہ شاعر جنهن بہ دور ۾ پيدا ٿيندو آهي تہ ان جي چوڌاري ڪو خاص ادبي، سماجي يا فڪري ماحول موجود هوندو آهي ۽ ان ماحول ۾ ڪائنس کان اڳ آيل اديبن، ڏاهن ۽ شاعرن جو حصو هوندو آهي ۽ عظيم ۽ ڪلاسيڪي شاعر اها حد ٽپي پنهنجو انفرادي اسلوب پيدا ڪري پنهنجي ڇاپ هڻي ڇڏيندا آهن.

منهنجي هن مقالي جو موضوع آهي "شاهہ عبدالطيف جي شاعري تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر" انهيءَ حوالي سان , ڀڳتي تحريڪ جا شاهہ سائين جي شاعريءَ تي اثر جاچڻ کان اڳ موضوع کي چٽو ڪرڻ لاءِ شاهہ سائين جي دور ۽ ان کان ڪجهہ اڳ وارن واقعن، تحريڪن ۽ حادثن کي جاچڻ ضروري آهي تہ جيئن اها ڄاڻ ملي سگهي تہ هو ڪهڙي خاص ماحول ۾ رهيو.

## تاريخي واقعا:

شاهہ سائينءَ جي ڄمڻ کان گهڻو اڳ حسين بن منصور الحلاج کي قتل ڪرايو ويو. جنهن جي تعليم ۽ نظرئي جو بہ شاهہ





سائينءَ جي شاعريءَ تي تمام گهڻو اثر ٿو ڏسجي. ڊاڪٽر تنوير عباسي لکي ٿو تہ شاهہ سائين منصور الحلاج کي خاص اهميت ڏني آهي. حسين بن منصور الحلاج جو قتل سياسي هو، مذهبي فتوائون محض بهانو هيون.

1600ع ۾ مغلن ۽ ميان وال تحريڪ جي باني ڪلهوڙن ۾ جنگ دوران ميان آدم دين محمد ۽ شاهل محمد ڪلهوڙو مارجي چڪا هئا. جڏهن تہ 1708ع ۾ ٻيهر سبي ۽ ڍاڍر ۾ مغلن ۽ ڪلهوڙن وچ ۾ جنگ لڳي. شاهہ سائين جي ولادت کان 11 سال اڳ نندي ڪنڊ ۾ هڪ ٻيو وڏو واقعو وحدت الوجودي فلسفي تي ايمان رکندڙ دارا شڪوهہ جي شهادت جو آهي. دارا شڪوهہ کي پنهنجي ڀاءُ اورنگزيب قتل ڪرايو۽ ان ئي وقت ۾ سرمد کي بہ شهيد ڪيو ويو.

شاهہ لطيف اڃا 11 سالن جو مس هو تہ ان وقت اورنگزيب جي پٽ معزالدين هٿان سنڌ جو ڪلهوڙو حڪمران ميان دين محمد ساٿين سميت شهيد ڪيو ويو.

جڏهن شاهہ سائين ڦوهہ جواني يعني 21_22 سالن جي عمر تي پهتو تہ 1716ع ۾ شاهہ عنايت جهوڪ واري جي شهادت جو واقعو پيش آيو. اسلم آزاد پنهنجي ڪتاب "تصوف جو سياسي ڪردار" ۾ جرمن دانشور اين ميري شمل جي تحرير pearls from Indus مان حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ شاهہ سائينءَ جون صوفي شاهہ عنايت شهيد سان نہ صرف ملاقاتون هيون پر هو انهن محفلن ۾ بہ شريڪ رهيو جن ۾ هارين ۽ مزدورن کي روشن صبح جا پيغام ڏنا ويندا هئا ۽ شاهہ سائين جهوڪ واري شاهہ عنايت جي تحريڪ ۾ عملي طور حصو ورتو.

## تحريڪون

پاڻ ٿلهي ليکي متي اهڙن واقعن جو ذڪر ڪري آياسين، جن نہ صرف ان دور تي تاريخي اثر ڇڏيا پر انهن جي گونج اڄ تائين ٻُري

رهي آهي. هاڻ ان دور جي تحريڪن جو به مختصر جائزو وٺندا هلون.

## ميانوال تحريڪ:

مغل سلطنت خلاف سنڌ جي مقامي ڪلهوڙا قبيلي جي هيءَ تحريڪ شاهه سائين جي پيدائش کان اڳ شروع ٿي، جيڪا سندس موجودگيءَ ۾ ڪلهوڙن جي پيهر حڪمراني حاصل ڪرڻ تائين جاري رهي، سنڌ ۾ شاهه سائينءَ کي ڪلهوڙا دور جي شاعر طور سڃاتو وڃي ٿو. هن تحريڪ هلندي سنڌ ۾ ڪيترائي ڪونڌر ڪٽا ويا. مختلف هنڌن تي جنگيون هلنديون رهيون، جيڪي شاهه سائينءَ پنهنجي اکين سان ڏٺيون.

## جو ڪيڙي سو ڪائي:

سن 1716ع ڌاري شاهه عنايت جهوڪ واري هن تحريڪ کي منظم ڪيو. هيءَ تحريڪ نج سياسي ۽ جاگيرداري نظام خلاف سنڌ ۾ سڀ کان وڏي تحريڪ هئي. سنڌ جي نامور مورخ پير حسام الدين راشدي شاهه عنايت کي سنڌ جو پهريون سوشلسٽ اڳواڻ چيو آهي. هيءَ تحريڪ شاهه سائينءَ جي ڀر جواني ۾ صوفي عنايت جي شهادت تي ختم ٿيءَ پاڻ اڳ ۾ ئي ذڪر ڪري آيا آهيون ته شاهه سائين هن تحريڪ جو حصو به رهيو.

## وحدت الشهود:

مغل بادشاهه جهانگير جي وقت ۾ هڪ مذهبي عالم شيخ احمد سرهندي عرف مجدد الف ثاني عرف امام رباني هندستان جي تاريخ ۾ پهريون پيرو وحدت الوجودي فلسفي کي ناڪام ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي وحدت الشهود جو فلسفو دنيا جي آڏو رکيو(ناڪام ان لاءِ لکيو اٿم جو اڄ به سڄي دنيا ۾ وحدت الوجودي فلسفو نه صرف جيئن جو تيئن موجود آهي پر ان جي پوئلڳن ۾ ڏينهون ڏينهن واڌ ٿي





رهي آهي)

ڊاڪٽر تنوير عباسي وحدت الشهود فلسفي بابت لکي ٿو ته هندستان ۾ پرماري طبقن جي ضرورتن هيٺ هم اوست جي فلسفي کي چيلينج ڪرڻ ضروري ٿي پيو هو ڇو ته صوفين جيڪا بي تعصبي ۽ مذهبي رواداري قائم ڪئي هئي. اها ان پرمار طبقي جي مفادن جي ابتڙ هئي.

جهانگير جي پوٽي اورنگزيب جنهن کي عالمگير به سڏين ٿا. ان پنهنجي اقتدار جو بنياد ئي مجدد الف ثاني جي نظرين مطابق رکيو ۽ اڇڻ سان ئي محبت جي پرچارڪ ۽ مذهبي رواداريءَ جي ( Symbol) دارا شڪوه کي شهيد ڪيو. داراشڪوه جو قتل به سياسي قتل هو. ڇو ته هو اهڙي نظرئي يا فلسفي کي مڃڻ کان انڪاري هو. جنهن تحت مذهبي منافرت پکڙجي. ڊاڪٽر تنوير لکي ٿو ته داراشڪوه ميان مير سنڌي جو شاگرد هو. جنهن گيتا ۽ اپنشند جو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ۽ هن لکيو هو ته وحدانيت ۾ ڪنهن به مذهب جو ٺيڪو ڪونهي. شاهه لطيف جي ڄمڻ کان ٿورو پوءِ 1703ع ۾ جنم وٺندڙ شاهه وليءَ الله عرف عام محدث دهلويءَ وري هڪ اهڙي تحريڪ هلائڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن ۾ محيءَ الدين ابن العربيءَ جي فلسفي وحدت الوجود ۽ امام رباني جي وحدت الشهود هڪ ٿي سگهن، پر اها ڪوشش ڪامياب نه ٿي سگهي ڇو ته بقول ڊاڪٽرتنوير جي ته انهن مان هڪ نظريو پرمار ڪندڙ ۽ ٻيو ان جي ابتڙ جو هو سو اهي هڪ نه ٿي سگهيا.

## ڀڳتي تحريڪ:

انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا موجب ڀڳتي تحريڪ به کان نائين صدي جي وچ ڌاري ڏکڻ ڀارت ۾ اڀري جتي تامل صوبي جي ادواڙ ڀڳتن جو گروهه پيدا ٿيو ۽ انهن ڀڳتي رچنائون ڪري ڀڄن ۽ ڪيرتن ڪرڻ کي ئي ايشور جي حاصلات جو صحيح طريقو سمجهيو. تيرهين

صديءَ ۾ اها تحريڪ سنت نام ديو ذريعي اتر ڀارت ۾ پکڙي. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا مطابق سنڌ ۾ ساڌن، ڀڳت، قاضي قاضن، شاهه عبداللطيف، سچل سرمست ۽ سامي ڀڳتي ڀاونا جي پکيڙ ڪئي.

آغا سليم مهراڻ رسالي ۾ پنهنجي هڪ مقالي ۾ لکيو آهي ته شاهه سائين جي شاعري کي گهڻو ڪري اسلامي تصوف سان ڳنڍيو ويو آهي. پر جيڪڏهن گهرائيءَ سان غور ڪنداسين ته سندس شاعري ويدانتي فلسفي کي تمام گهڻو قبوليو آهي. سندس رسالي ۾ ٿي سُر ڪاهوڙي، رامڪلي ۽ پورب ويدانتي فلسفي مطابق آهن. جن ۾ هو جوڳين ۽ سنياسين جي سُنگ ۾ ان وقت جي حالتن جو ذڪر ڪري ٿو.

جي پانئين جوڳي ٿيان، ته طمع ڇڏ تمام،

يا وري

هڪل حقيقت جي، ٻوڙو ٿي نه ٻڌ،
انڌو ٿي پسج، مشاهدو محبوب جو.

اهڙو ساڳيو فلسفو ويدن ۾ به آهي ته انسان ۽ خدا هڪ آهن، سو جڏهن خدا کي پسجي ته انڌو ٿي پسجي. موتي لعل جوتواڻي پنهنجي انگريزي ڪتاب (Shah Abdul Latif) ۾ لکيو آهي ته شاهه سائين ڀڳتي تحريڪ ۾ حصو ورتو. هو لکي ٿو ته ڀڳتي ازم وانگر صوفي ازم پڻ ڪٽرپڻي، ملائيت ۽ پاپائيت جي غلبي جي خلاف احتجاج ۽ مخالفت ڪئي. ڀڳتي تحريڪ هڪ اهڙو متبادل اصطلاح آهي. جيڪو ڪيترن ئي قسم جي ڌرمي تجربن لاءِ استعمال هيٺ اچي ٿو. جيڪي ڪنهن هڪ شاعر يا ساڳئي دور جي مختلف شاعرن جي ڪلام ۾ ملن ٿا. اهڙي شاعري کي سَڳُڻ (Saguna) چئجي ٿو. جڏهن ته سيوا ۽ ويسناؤ وارو رستو ۽ شاعري نِرڳُڻ (Nirguna) آهي. يعني صفاتي خدا يا غير ذاتي خدا جي ڳولا آهي. هو لکي ٿو ته ڀڳتي





جو مطلب ئي آهي ارپڻ، نوڙت ۽ رب کان مان لهڻ.

موتي لعل جوتواڻي انسائيڪلو پيڊيا آف رليجن ۽ اٿڪس جو حوالو ڏيندي لکي ٿو ته ڪجهه عالمن جي راءِ آهي ته صوفيت يا تصوف ۾ هندستاني فڪر ٻڌمت جي ذريعي سان پهتو. مٿين راءِ جي برعڪس هو لکي ٿو ته صوفي ۽ اپنشدي فڪر پنهنجي خاصيت ۾ ٻڌمت جي تعليم کان بلڪل مختلف آهن. ڇاڪاڻ ته هي ٻئي پنهنجي بنيادي صورت ۾ مابعدالطبعيات ۾ يقين رکن ٿا. جڏهن ته ٻڌمت حقيقت ۾ ذهني ڌيان جي اهڙي ٽيڪنڪ آهي، جنهن سان اخلاقيات جي قدرن کي وڌائي سگهجي ۽ اهائي ڳالهه مغالطي جو سبب بڻي. ان جي ابتڙ صوفي مت توڙي ويدڪ تعليم جو اساسي بنياد ئي آتما يا روح جي مستقل ڇوٽڪاري جي حاصلات لاءِ پتوڙ آهي.

نائين نيڻ نهار، ته تو ۾ ديرو دوست جو.

“پر منهنجو خيال آهي ته نه صرف سنڌ جو صوفي مت پر سنڌ اندر خود ڀڳتي تحريڪ به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٻڌ مت جي تعليم کان به متاثر ضرور ٿي آهي. پر جيئن ته اهو اسانجي بحث جو موضوع نه آهي. ان ڪري پاڻ اڳتي وڌون ٿا.”

ڊاڪٽر تنوير عباسي پنهنجي ڪتاب شاهه لطيف جي شاعري ۾ لکي ٿو ته شاهه لطيف جي دور تائين ننڍي کنڊ ۾ سنسڪرت ۽ ان کان پوءِ اپڀرنش ۽ هنديءَ جو ادب، ويدن، اپنشدن، مهاڀارت ۽ راماڻ کان ٿيندو ڪرشن ڀڳتي ۽ رام ڀڳتي کان اڳتي وڌي نرڳن واد تائين اچي پهتو. هندي ادب ۾ ٻڌمت جي ناٿ پنٿي تحريڪ جو اثر پڻ سمائجي ويو. ڪاليداس، تلسي داس، ميران ٻائي، هيم چندر، چندر بردائي، ڀڳت ڪبير، دادو ديال ۽ ٻيا شاعر پنهنجو وارو وڄائي چڪا هئا. ۽ شاهه سائين انهن سمورين ادبي تحريڪن توڙي مقبول شاعرن کان نه فقط پليءَ پت واقف هو پر ننڍي کنڊ جي عظيم ۽ مقبول شاعرن کان متاثر پڻ ٿيو جنهن ۾ هو ڀڳت ڪبير داس جي شاعريءَ ۾ موجود

ڀڳتي تعليم، فلسفي يا تصور کان گهٽ متاثر ٿيل ٿو پائنجي.هو سندس شاعريءَ کان ايترو تہ متاثر آهي جو ڪٿي ڪٿي تہ ڪبير جي بيتن جا سڌا سنوان ترجما ڪيا اٿس. جيئن ڪبير چوي ٿو

" نينن ۾ آ بيٺ موءِ، توهي وار ڪي ڍانپ لون .
توهي ديک نہ ڪوءِ، نان مين ديکون اور"

شاهه صاحب وري فرمائي ٿو

اکين ۾ تي ويهہ، تہ واري ڇپر ڍڪيان.
توکي ڏسي نہ ڏيهہ، آئون م پسان ڪي ٻيو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکيو آهي تہ شاهه سائين ڪبير، گرو نانڪ، دادو ديال، تلسي، رحمان ۽ ڪالو وغيره جي هندي دوهن جو قدر ڪندي پنهنجي شاعري ۾ دوهن کي دهرايو ۽ سندس رسالي ۾ سر "بيراڳ هندي" هيٺ دوهن جو اهم باب قلمبند ٿيل آهي.

ڊاڪٽر تنوير لکي ٿو تہ ناٿ پنٿي تحريڪ جو باني گرو گورک ناٿ آهي ۽ شاهه لطيف سر رامڪلي ۾ سندس نالو پڻ ورتو آهي.

شاهه لطيف جي رسالي ۾ سُر پورب بہ آهي ۽ بيتن ۾ بار بار پورب جو ذڪر آيل آهي. جيتوڻيڪ اسلام پڇم (اولهہ) کان آيو ۽ صديون ٿي ويون تہ بہ شاهه لطيف ناٿ پنٿي جوڳين ۽ هندي شاعري جي تحريڪن جيڪي پورب ۾ شروع ٿيون جي روايتن جي خيال کان پورب جو ذڪر ڪيو.

ريتا شاهاڻي جي ڪتاب جو مهاڳ لکندي سائين محمد ابراهيم جويي لکيو آهي تہ ڀڳتي تحريڪ سورهين صديءَ ۾ پڇاڙيءَ تي پهتي، جڏهن تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ جوڳ جي شاعري جو اوج سورهين صديءَ تي پورو ڄاڻائي ٿو. پر منهنجي خيال ۾ اهو سلسلو شاهه سائينءَ کان پوءِ واري دور ۾ بہ هلندو رهيو آهي. موتي لعل





جوتواڻي پنهنجي ڪتاب جي صفحي نمبر 143 ۽ 144 تي ڪي ايم سين جي ڪتاب هندو ازم جي صفحي نمبر 102 جو حوالو ڏيندي لکيو آهي تہ

The Sufism which was tampered with the thought of Vedanta and the emotion of Bhakti Found on embedment.

يعني صوفي ازم/ تصوف ويدانتي فڪر ۽ ڀڳتي جي جذبي کان متاثر يا رليل مليل هو. تنهن هتي هڪ صورت حاصل ڪري ورتي هئي. جڏهن تہ ڪي ايم سين ساڳئي ڪتاب ۾ وڌيڪ لکي ٿو تہ:

Just as in the medieval mysticism of other areas the Bhakti tradition was influenced by sufi thought, so here (in Sindh) the sufi tradition did not remain un influenced by bhakti thought.

The 17th century gave the movement shah karim and shah Inayat. Shah Latif born in 1689A.D and this tradition has continued to the present day.

(وچئين دور جي روحانيت جيئن ٻي دنيا ۾ هئي، بلڪل انهيءَ وانگر ڀڳتيءَ جون روايتون بہ صوفي فڪر کان متاثر ٿيون، سو هتي سنڌ ۾ بہ صوفي مت جون ريتون ۽ روايتون ڀڳتي تحريڪ کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيون.)

مٿيان حوالا ان لاءِ ڏنا اٿم تہ جيئن اهو ثابت ڪري سگهجي تہ نہ صرف شاهه لطيف پر سنڌ جي سموري صوفي ازم تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر رهيو آهي. موتي لعل جوتواڻي لکي ٿو تہ شاهه سائين هندن ۽ مسلمانن ۽ انهن جي مختلف فرقن ۽ ذاتين وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن هڪ جهڙي پوشاڪ لاءِ آواز اٿاريو. ڀڳتي تحريڪ بادشاهن جي غلط روش ۽ بودباش جي خلاف هئي، انهن جي ٻوليءَ جي خلاف هئي ۽ شاهه سائين پڻ درٻاري زبان فارسي هجڻ باوجود عام لوڪ واري ٻولي استعمال ڪري عوامي سورمن ۽ لوڪ ڪهاڻين کي ترجيح ڏني. هن عام ماڻهن جي عبادت

گاهن مٿان مڙهيل ڏن ۽ محصول کي ننديو.

انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا مطابق ڀڳتي تحريڪ جي پکڙجڻ جي پسمنظر ۾ مذهبي سياسي، سماجي ۽ معاشي ڪارڻ به هئا. ڇو ته راجائن ۽ اميرن ۾ عيش عشرت جو ماحول چوٽ چڙهي ويو هو. رعيت ڏانهن سندن لاپرواهي ۽ دٻدٻي واري رخ عوام جي دلين ۾ مايوسي پکيڙي.

تنوير عباسي پڻ لکي ٿو ته آرين پاڻ سان اوچ نيچ ۽ ذات جا ويڇا آندا. برهمڻ ۽ شودر ان مذهب جي پيداوار آهن. ٻڌمت ڪجهه عرصي تائين اهي ويڇا ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان کان پوءِ اسلام آيو جنهن ۾ اهي ويڇا نه هئا. پر مقامي روايتن جي اثر هيٺ سيد ۽ امتي پيدا ٿيا. شاهه لطيف ان اونداهي جاگيرداري سماج جي رائج قدرن کي قبول نه ڪيو ۽ هن چئي ڏنو ته

ذات نه آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
آريون اپوجهن جون، سپڙ ڄام سهي،
جو راءَ وٽ رات رهي، ته ڄُڪي تان نه ٿئي.

شاهه سائين جي گنج ۾ ٻين ڪيترن ئي قلمي نسخن ۾ ڪافي هندي ڪلام ۾ ڀڄن پڻ ملن ٿا.

خود شاهه سائينءَ جي شاعري کي اڄ به ڀڳتين طور ڳايو وڃي ٿو. جنهن مان ثابت آهي ته شاهه سائينءَ تي ڀڳتي تحريڪ جو خاصو اثر رهيو آهي. بنيادي طور تي ڀڳتي تحريڪ يا صوفي ازم اوچ نيچ، ذات پات، مذهبي منافرتن خلاف اڀريون تحريڪون هيون. جن انسان ۾ انساني قدرن کي ويجهو رکي هڪٻئي سان جڙڻ جي ڳالهه ڪئي ۽ اڄ به اسان جيڪڏهن ان پيغام تحت پنهنجي زندگيءَ جو رخ موڙيون ته اها نه صرف مٿين تحريڪن پر سڄي دنيا جي انسانن جي وڏي ڪاميابي هوندي.

**مددي ڪتاب**






1. شاهه لطيف جي شاعري، ڊاڪٽر تنوير عباسي، جنوري 1995ع
2. شاهه عنايت جو ڪلام، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
3. تصوف جو سياسي ڪردار، اسلم آزاد
4. سه ماهي مهراڻ، آغا سليم
5. ڀٽ جو شاهه، ايڇ ٽي سورلي
6. شاهه عبداللطيف، موتي لعل جوتواڻي
7. انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا
8. انسائيڪلوپيڊيا آف رليجن اينڊ اٿڪس

لطيف سائين چيو:

"پاڻي مٿي جهوپڙا مورک اُڃ مرن"

گرونانڪ چيو ته:

"سڀ ڪجهه گهر ۾، ٻاهر ناهين"

لطيف سائين چيو ته:

"سوهي سوهُر سو اجل سو الله"

ميران چيو ته:

"نه مين جانون آرتي ٻنڌن، نا پوجا ڪي ريت،
تير مين توپريم ديواني، ميرا درد نا جاني ڪوئي."

"هر مندر ايهه سرير هئه" – (گرونانڪ)

ٺمورتي جي تصور ۾ قاتل انسان، جپ تپ، پاٺ پوڄا، هو ون يگيه ۽ تاتر ائن جون مشڪلاتون ۽ مامرن ۾ منجهيل مٿان اشٽ ديو، ڪٿي راما، ڪٿي ڪرشن، ڪٿي هنومان، ۽ اڪيچار ديوين جا تصور ۽ پوڄائون، ڀڳتي تحريڪ سيني کي گڏي هڪ ۾ جمع ڪيو ۽ اعلان ڪيو ته ڇوٽڪاري لاءِ انهن سين جو پوڄا پاٺ ڪرڻ ضروري ناهي، بس پيار ۽ عشق جي ضرورت آهي. پريو پائڻ لاءِ فقط پريم گهرجي، پنڊت ٿيڻ لاءِ:

"پوٿي پڙهه جگ موئا پنڊت ڀيا نه ڪوءِ،
ڍائي اکشر پريم ڪي پڙهي سو پنڊت هوءِ"
(ڀڳت ڪبير)

گرو گوبند چيو:



# ڀڳتي تحريڪ جا شاهه تي اثر

## غلام نبي مورائي

ڀڳتي تحريڪ بنيادي طرح تي هڪ اهڙي تحريڪ هئي، جا ذات پات جي ورڻ آشرم خلاف هڪ انقلاب جي صورت ۾ اُڀري، جنهن جو خاص فڪر هيو ته نجات يا مڪتي سڀ جو هڪجهڙو حق آهي ۽ سڀ ئي هن جنم مرڻ جي ڦيري مان ڇوٽڪارو پائي سگهن ٿا. هي فڪر اسلامي تصوف جي بلڪل ويجهو هيو. هي تحريڪ هندستان ۾ 7 صدي ۾ شروع ٿي، جا اتر طرف پکيڙ ڪندي تامل ناڊو ۽ ڪرناٽڪا مان ٿيندي مهاراشٽر پهتي. 15 صدي ۾ اها اچي بنگال ۽ اتر هندستان ۾ پهتي. هي سنتن جي ڀڳتي گيتن ذريعي عام ماڻهن جي دلين ۾ لٿي جيڪي ويچارا سنسڪرت سلوڪن ۽ برهمڻن جي اجائي غرور مان تنگ ٿي چڪا هئا. جتي مختلف ديوتائن ۽ ڀڳوانن جي اڪثريت هئي جن جا پوئلڳ پئي پاڻ ۾ وڙهيا ۽ اڪيچار رسمن، رواجن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهيا، پر ڀڳتي شبدن ۾ دل جي شرڌا ۽ پيار جا پڙلاءُ سيني کي هڪجهڙا موهن پيا. ايشور ڀڳتي جا گيت، موسيقي جي چاشني ۽ عام ٻوليءَ جي چشڪي ملڪ سڄي بنگال ۽ اتر هندستان کي مست ڪري ڇڏيو. ڪٿي جپ تپ، پوڄا جا ورت اُپواس ۽ ڪٺن ڪريائون ۽ ڪٿي سڀ هڪجهڙائي جا شبد "سڀ گوبند هئه" ڪبير جا سڏ ۽ سُڌ سمجهه جا هوڪا.

"جل مين مين پياسي موهي سن ڪر آئي
هانسي"

ته تون خود خدا آهين، پر ڀُولين ٿو ٻاهر تير ٿن تڪين ٿي.

”ساچ ڪهون سُن ليهه سبي، جن پريم ڪيو تن هي پرڀ پايو.“

سيني ٻڌو تہ جن پريم ڪيو جو ايشُور مان ماڻهو جي وحدت کي پيار ڪري ٿو تنهن کي ئي پريو (پرڀ) ملي ٿو. ائين ڀڳتي تحريڪ سيني ٻنڌڻن/بندشن مان آزاد ڪري سيني کي مڪتي لاءِ حقدار قرار ڏنو شرط آهي دل جي سچائي، صفائي، ايشور سان پريم ۽ خلق جي خدمت.

جيئن بابا فريد گنج شڪر چيو:

”فريدا خالق خلق ۾، خلق وسي رب مانهہ“

اسان جي سامي چيو:

”خلق خالق ۾، خلق ۾ خالق.“

ائين ڀڳتي ڪم سٽائو ڪري ڇڏيو ويدن جي سلوڪن کي بہ سٽائو ڪري ٻڌايو ويو ۽ تہ تصوف وحدت الوجود فلسفي سان تهڪيل آهن.

راجا واشڪليءَ رشي باهوءَ کي وينتي ڪئي تہ آتما ڇا آهي تہ رشي ماٺ ٿي ويو.

لطيف سائين چيو:

”جنين ڏٺي ست، تنين ڪڇيو ڪين ڪي.“

گرونانڪ جي ست:

”هر مندر ايهہ سرير هئہ.“

اصل هري، مالڪ جو گهر تہ هي جسم ئي آهي.

لطيف سائين سمجهايو:

”نائين نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو“





ڀڳتي تحريڪ چيو:

”سڀ گهٽ رام بولي راما بولي رام نيا ڪو ٻولي ري“

لطيف سائين جي ٻولي سولي، سُرلي ۽ وڏيڪ سمجهائيندڙ آهي، جيئن چيائون:

”صوفي سير سين ۾ جيئن رڱن ۾ ساهہ“ يا ” ڏسڻ ڏسين جي همہ کي حق چوين“

دنيا ۾ ڪابہ نئين شئي ڪانهي نہ ڪا ايجاد ڪري سگهجي ٿي. هيءَ ڪائنات جي ڪمن مان اتساهہ ميڙي ڪجهہ نواڻ سان پيش ڪجي ٿي. ڀڳتي تحريڪ اسلام جي وحدانيت کان متاثر ٿي، امير خسرو جي شاعري موسيقي، معين الدين چشتي، بابا فريد گنج شڪر جي شعر جن کي گرونانڪ خود هٿ ڪري گرنٿ صاحب ۾ سهيڙيو ۽ گرنٿ صاحب ۾ ڏنل 15 ڀڳتين جون ٻاڻيون ان وحدت جا گيت آهن جي لطيف سائين جي بيتن ۾ ڳولي سگهجن ٿا. بلڪ وڏيڪ اثر ائتا، سٽاوا ۽ پُر اثر آهن. جيئن:

”جي سوچندا اُگوي، سورج چڙهي هزار
ايسي چانڻ هونديان، گُربن گهور انڌيار“

شاهہ سائين چيو:

”سهيسن سجن ايري چوراسي چندن،
باالله ري پرين سڀ اونداهي پائنيان.“

وري شعر آهي:

”نينان انتر آئيو پلڪ ڍانپ توهي لون
نہ مين ديکون اؤر نہ توهي ديکن دون“

شاهہ صاحب چيو:

"اڪين ۾ تي ويهه ته آءَ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نه ڏيهه آءُ نه پسان ڪي ٻيو."

اهڙي طرح هڪ ٻئي کان متاثر ٿيڻ ۽ متاثر ڪرڻ صدين تي پکڙيل ادب جو ڏانءُ آهي. باقي تحريڪ ۾ تصوف جو محور ته هڪ ئي آهي، جو عشق عبادت ڏانهن مڙڻ، پاڻ کي رب طرف متوجهه ڪرڻ، اڪيلائي ۾ بندگي ڪرڻ، ماڻهن سان ڀلائي ڪرڻ ئي اصل واٽ آهي پرينءَ پسڻ جي. صوفي سڀ سماع ۾ جڙڻ جا مشتاق ۽ ڀڳتي ڪير تن ۽ ڀڄن ڳائڻ سان ان رنگ ۾ رنڱيا رهن ٿا. حرس هوس، لالچ ۽ ميڙڻ جي ڏچن کان آزاد ٿيڻ، پيار ڪرڻ ۽ بخشڻ جو ڪم ڪندڙ دين ديال، ديناناٿ يا غريب پرور، بي پرواهه بادشاهه! نماڻا غريب پاڻ مارڻ ۾ خودي ڪائڻ وارا اعليٰ ظرف انسان جيڪي عشق جي ذريعي پاڻ وڃائي عدم جي جزي کي ناس ڪري حق سان هيڪڙائي ماڻن ٿا ته سندن ٻولي ئي ٻي آهي: چيائون

"پاڻهي پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهي طالب تن جو"
(سُر ڪلياڻ)

"آپي رسيا رس آپ، آپي راوڻهار"

ڀڳتي جي ڀاو ۾ سڀ پاڻ ئي پاڻ آهي، وجود ته بس حق آهي، هڪ آهي.

"آپي پٽي قلم آپ اوپر ليک ڀه تون،
ايڪو ڪهيئي نانڪ دوجا ڪاهي ڪون."

لا موجود الا الله جو ڪلمو ڪافي آهي. الاالله کي ايڪو يتيم يا ايڪ لؤنڪار چئي سڀ ٻيائي جا پڙدا دور ڪيا ويا، پرم لاٽا ويا، سڀ جي برابري ۾ هڪجهڙائي جا دليل ڏنا ويا.





ڪبير چيو:

"اول الله نور اپايا قدرت کي سب بندي
ايڪ نور تي سڀ جڳ اُپجيا ڪوڻ ڀلي ڪون مندي"

پر شاهه سائين شاهڪار بي مثل ۽ لاجواب شاعر موسيقي جو ماهر ۽ تصوف جو شهنشاهه آهي، جنهن وٽ شاعري جي اعليٰ ترين نسل جا واهپا آهن. لفظن جي سائنس، عشق جي شراب جا مٽ ۽ عشقيه داستان جو الڳ ورثاءُ آهي. هي سنڌ سنڌين ۾ ساڻيهه جي اها سڃاڻ آهي جنهن جو ڪوٺاني ڪونهي. مونکي چوڻ ڏيو ته جيئن هومر سواءِ يونان جي سڃاڻپ ناهي، ورجل ئي اٽليءِ جي اصل ساڃاهه آهي، فردوسي ايران جو غرور آهي، شيڪسپيئر سواءِ راڻي ايلزبيٿ بي معنيٰ دؤر جي مالڪ، جو ان دور ادب ۾ چئون: Shakespeareanage، مائيڪل اينجلو جو ستائين چيپل ڪيو ته سڄي يورپ جو وچ وارو دور ڀُسو لڳندو ته ساڳي ريت سنڌ جي سڃاڻپ، ٻوليءَ جي حفاظت روايتن، تهذيبن ۾ لوڪ ڪهاڻين جي ڪا معنيٰ ناهي سواءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي. لطيف سنڌ آهي سنڌ لطيف آهي ۽ هر سنڌي هاڻي هوڪتي ٻه رهي ڀٽائي جي بيت جو حوالو آهي. 1923ع ۾ ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي جي جديد انداز سان شاهه تي ڪيل تحقيق اڄ ٻه بي مثل آهي. 1947ع بعد هند ۾ رهندڙ اسانجي سنڌي ڀائرن شاهه کي نه وساريو. 1951ع ۾ ڪلياڻ آڏواڻي "شاهه" ڪتاب لکيو.

1953ع ۾ اجمير مان شاهه جي ڪلام جو انتخاب شايع ٿيو. بمبئي مان چينمل مختلف عنوانن تي بيت گڏي "ڪامل جو ڪلام" ڪڍيو. 1958 ۾ ڪلياڻ آڏواڻي شاهه جو رسالو مرتب ڪيو. توهان وٽ نهيل سنڌالاجي ۾ ان جو ڪم ڪيل نه وسارڻ جو آهي نه وسرڻ جو آهي، جا جاڪوڙ اڄ توهان جا محقق شاهه تي ڪن پيا، سا ڳاٽيتي جوڳي آهي، پر ايڏي علم جو ڀنڊار پاڻ کي ڪينجهڙو ڪري لال ٿو ٿيئي.

“پاڻ وڃايم پنهنجو، پئي پريان جي پاس،
رتي علم نہ راس ڏاران پسڻ پرين جي.”

ائين جي خودي کي ڪائين ٿا هلو تہ تڪيا پسون تن جا، مان ۾ طلب کي موٽ ڏئي هوت پاتائون، جو موتي خزانا تہ مٿي پيا لڳن.

“طلب جي تنوار متان ڪرين مڱڻا
ڏڪي ڪندئي ڏار، موتي ڏئي مٿ ۾.”

بندگي، ڀڳتي عشق ۾ سارڻ جا عجب رنگ فڪر ۾ ڦرهيون آهن.

“توجني جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي،
فاذ ڪروني اذڪُر ڪُم اي پروڙج بات،
هٿ ڪاتي ڳڙ وات، پڇڻ پر پرين جي.”

هن بيت کي پيار سان پڙهجو، قرآني آيت کي سولي سنڌي ۾ سموئي “تون مونکي ياد ڪر تہ مان توکي ياد ڪيان” جو مطلب پهرين سٽ ۾ چا ڪمال ڪيو اٿس ۾ آخري سٽ تہ سوچ لوچ جو پورو نصاب آهي، پيو پڙهہ.

“پڇن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار
ترهو تنين بار عشق جنين کي آڪرو”
(سر سهڻي)

“سيت پچار پرينء جي سيت هوت حضور
ملڪ مڙيوئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا”

توهان سڀ خود شاهہ جا پارکو آهيو، ڪهڙي ويهي شرح ڪيان، بس ماٺ ڪري مزو وٺو هن عشق جي آڪاس جو.





“ڀلا هوئا مسيري گهاگهر ڦوٽي،
مين تان پٽيان ڀرڻ سي چوٽي”
(ڪبير)

“گهڙو ڀڳو تہ گهوريو، پاٽان هو حجاب،
واڄٽ وڄي وجود ۾ رهيو روح رباب،
ساهڙيءَ ثواب، آءُ گهٽو ئي گهوريان.”

“چتان جي نہ چُرن الا اَن مَ وسران.
ڪانہ گهرجي مون حياتي هوتن ري.”

“ڪهڙي منجهہ حساب هئڻ منهنجو هوت ري”

آهي ڪنهن وٽ ههڙو ميناج، فڪر ۾ فلسفو بس ان منڊ ۾ منڊيا وڃو تہ ڏسو:

“ڪانهي ٻي ورونهن ٿيو مڙيوئي مينڊرو،
راڻو ئي راڻو راڻي ريء راڻي ڪو نانهہ ٻيو”!

ڪائنات خود برهم جو ڦهلاءُ آهي۔ Its projection not creation،

شنڪر آچاريہ وضاحت ڪندي لکيو تہ آتما برهم جو جز ڪونهي جو برهم کي جزن ۾ ورهائي نٿو سگهجي. برهم هڪ آهي نہ ٻہ، نہ ئي برهم جو هو بدليل روپ آهي ( اوٽار کي ايشور چوڻ غلط آهي تہ بدليل روپ برهم نہ ٿيندو) ڇو جو برهم تبديل کان آجو آهي. ها جيو آتما ۾ پرماتما ساڳي شئي آهي.

هاڻي شاهہ سائين کي ٻڌو ۽ غور ڪيو:

“عاشق چئو مَ ان کي مہ۔ چئو معشوق،
خالق چئو مَ خام تون مہ۔ چئو مخلوق،
سلج تنهن سلوڪ جو ناقصئا مڱيو”

(سرڪلياڻ)

ڀڳتي عشق جي عوامي تحريڪ هئي ته تصوف به عشق جو عقيدو هو. ڀنهي جو چوڻ هو ته ڏٺي تائين رسڻ جو وسيلو مذهب جون ظاهري رسمون ۽ عبادتن کان وڌيڪ عشق آهي، انڪري شاهه چيو:

”روزا نمازون اِيءَ پُڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرين ڪي“

اهو ٻيو فهم عشق آهي. ساڳي ڳالهه ڀڳتي تحريڪ جي شاعر ڪبير پنهنجي انداز سان هيئن ڪئي.

”پوٿي پڙهه جڳ مئا، پنڊت ڀيا نه ڪوئي،
ڍائي اکشر پريم ڪي پڙهي سو پنڊت هوءِ“

ڀڳتن ۽ صوفي شاعرن عورت ۽ مرد جي محبت جي تمثيل ۾ ڏٺي سان عشق جو اظهار ڪيو.

ڀنهي عورت ٻڌجي محبوب مرد سان محبت ڪئي ۽ پنهنجي پرينءَ جي هر عمل جي سرشاري ۽ هجر جي درد کي شاعري جو روپ ڏنو. هونئن صوفي شاعرن هندي زبان ۾ ڀڳتي واري شاعري ڪئي، جنهن جو وڏو مثال امير خسرو ۽ عبدالرحيم خان خانان آهن.

خان خانان جو شعر آهي ته:

”رحيمن ڌاگا پريم ڪا، مت توڙو جهٽڪاءِ
ٽوٽي تو ڦر نا جُڙي، جڙي گانٺ پڙ جاءِ“

خسرو جو شعر آهي:

”خسرو ايسي پريت ڪرو جونه هندو ڪي جوءِ،
پرائي پريت ڪي ڪارٽي، جل جل ڪوئلا هوءِ“





هندي جي انهن صوفي شاعرن جو ڀڳتي شاعرن تي سڌو اثر پيو. ڪبير ته سڌو سنئون خسرو کان متاثر هو.

حضرت بابا فريد شڪر گنج جو شعر آهي:

”ڪانگا ڪرنگهه ڍنڍوليا، سگلا کايا ماس
اي دو نيڻ نه چوليو، پريه ڏيکڻ ري آس“

ميرا ٻائي اهو ساڳيو شعر هندي ۾ چيو:

”ڪانگا سب تن کائيو چن چن کائيو ماس،
يه دو نينان مت کائيو پيا ملن ڪي آس“

ڀڳتي ۽ صوفي شاعر جيئن ته عشق جا شاعر هئا ۽ سندن احساس جي ڪيفيت ساڳئي هئي. انڪري ڀنهي جا خيال ۽ احساس هڪٻئي سان مليا پئي.

جيئن گرونانڪ جو شعر آهي ته: ”هر مندر ايهه سرير هئه“

يعني هري جو مندر هي جسم آهي. اها ساڳئي ڳالهه شاهه صاحب پنهنجي انداز سان ڪئي:

”نائي نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو“
يا
”پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو توکي لڳي“

پر ڪن شعرن کان شاهه سائين ايترو ته متاثر ٿيو آهي جو انهن کي پنهنجو پاڻ ۾ جذب ڪري انهن کي نئين سر تخليق ڪيو آهي.

جيئن گرونانڪ جو هي شعر:

”جي سوچندا اُگوري، سورج چڙهي هزار،
ايسي چائڻ هونديان، گُربن گهور انڌيار“

اهڙو ئي شاھ جو شعر تہ:

سهيسن سجن اپري چور اسي چنڊن،
باالله ري پرين سڀ اونداهي پانئيان”

ڪنهن ٻئي ڀڳتي شاعر جو شعر آهي تہ:

“نينان انتر آئيو پلڪ ڍانپ تو هي لون
نہ مين ديکون اؤور نہ تو هي ديکن دون”

ان شعر کي شاھ سائين هيئن نئين سر تخليق ڪيو آهي:

“اکين ۾ ٿي ويهہ تہ آءُ واري ڍڪيان،
توکي ڏسي نہ ڏيهہ آءُ نہ پسان ڪي ٻيو”

تہ انجي کهڙي تعريف ڪري کهڙي ڪجي، کهڙا ڳڻ چئي کهڙا چئجن، هو ڳٽ کان ٻاهر اڪث آهي، بس سندس مهانتا ئي هڪ سِٽَ تي ختم ڪيان ٿو.

“پريم تنهجا پار کهڙا چئي کهڙا چوان”

مهرباني.



# شاھ لطيف ۽ سندس هم اثر سرائيڪي، پنجابي ۽ ٻيا صوفي شاعر

## پروفيسر ڪشمير سومرو

هن نندي کنڊ ۾ صوفي مت جا بنياد ٻُڌمت ۾ ملن ٿا، جنهن ۾ خدا ۽ ڀڳوان جو ڪو واضح تصور موجود ناهي. ٻُڌ جي تصورن جي طاقت جو اندازو اِن مان لڳائي سگهجي ٿو، جو اُن مضبوط بنياد رکندڙ هندو ڌرم کي شڪست ڏني. ايم-اين راءِ چواٽي تہ “هن نندي کنڊ جي بدقسمتي آهي، جو ٻڌمت کي هندو ڌرم وري شڪست ڏيئي ڇڏي”

اسان جي عالمن ۽ محققن صوفي مت کي وچ اوڀر ۾ روشن خيال مسلمانن ۽ ڪٽر ملائن جي وچ ۾ هليل هلچل جو نتيجو قرار ڏنو آهي. اهو ڪافي حد تائين درست بہ آهي. مذهبي ڪٽر پڻي کان بغاوت جو نالو صوفي مت آهي. صوفين وحدت الوجود کي پنهنجي دين جو حصو ڄاڻايو، جڏهن تہ ڪٽر مُلا وحدت الشهود کان ٻاهر نڪري نہ سگهيا.

نندي کنڊ ۾ صوفي مت جو ٻج، شهيد اعظم حسين ابن منصور الحلاج (922ع-858ع) جو پوکيل آهي. جيڪو 905ع ۾ گجرات کان سنڌو ندي وسيلي ملتان کان بہ اڳتي ويو هو. منصور جو نعرو “انالحق” اڄ بہ هند ۽ سنڌ ۾ گونجي رهيو آهي. صوفي مت جي تعليم سبب مذهبي عبادت گاهن ۽ درگاهن ۾ رقص ۽ سماع جو بنياد پيو.

صوفي مت موجب، ڪائنات جي اندر ۽ ٻاهر جيڪو ڪجهہ بہ آهي، هڪ ئي وجود جي جُزن تي مشتمل آهي. هر مظهر انهيءَ جو روپ ۽ پرتوو آهي. ان وجود کي سڃاڻڻ لاءِ وجدان جي ضرورت آهي.

اهو وجدان حاصل ڪرڻ لاءِ نفس کي مارڻو پوندو آهي. نفس مارڻ لاءِ وڏا ڪشالا ڪڍڻا پوندا آهن. هڪڙا صوفي چون ٿا ته "شر" کان بچڻ لاءِ دنيا ترڪ ڪجي ۽ ٻيا چون ٿا ته "شر" کان بچڻ لاءِ "شر" جو مقابلو ڪجي. "شر" سان مقابلي لاءِ عمل جي ضرورت پوي ٿي. علم يا سمجهه جا ماخذ پنج حواس آهن. پر پنجئي حواس عقل ۽ دانش جا محتاج آهن. صوفي شاعرن وٽ انسان ۽ سندس تخليقڪار هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا رهيا آهن. سندن مطابق وحدت (فرد) ۽ ڪل (فطرت/قدرت/خدا) پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ اٽوٽ آهن.

نئين ڪنڊ جا سڀ صوفي "ڪُل" يا قدرت يا فطرت يا خدا کي وحدت چئي ان سان عشق ڪن ٿا ۽ اهو عشق جو اظهار پنهنجو پاڻ سان عشق ڪرڻ جي برابر آهي.

اهڙي طرح صوفي شاعر مذهبي ڪٽر پڻي جو مقابلو ڪن ٿا ۽ خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ وڇوٽيون گهٽ ڪرڻ جي جدوجهد ڪن ٿا. هُو خالق کي سراپا سونهن ۽ سچ سمجهن ٿا ۽ ان کي ويجهي ٿيڻ لاءِ هو سونهن ۽ سچ سان پيار ڪرڻ ۽ مٿان جان گهورڻ کي به عبادت سمجهن ٿا.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1689ع-1752ع) سنڌ جو اهو سر موڙ شاعر آهي، جنهن صوفي مت جي سوچ کي پنهنجي شاعري ۾ سموئي ڪيس آفاقي ۽ لازوال بڻائي ڇڏيو. شاهه سائين جي شاعري تي ايراني صوفي شاعرن رومي، عطار ۽ شيخ سعدي جي شاعري ۽ نظرين جو وڏو اثر رهيو آهي. شاهه سائين جي شاعري جو اثر ٻين صوفي شاعرن تي تمام واضح آهي، جن ۾ بلها شاهه (1680ع-1757ع)، وارث شاهه (1722ع-1798ع)، خواجه غلام فريد (1845ع-1901ع) ۽ سچل سرمست (1739ع-1829ع) شامل آهن.

ڪجهه حوالن مان اهو پتو پوي ٿو ته سنڌ ۾ پهريون صوفي 9 صدي ۾ حاجي طراب هو. 13 صدي تائين صوفين جو هڪ ئي طريقو رائج هو. انهي ڪانپوءِ صوفين جون چار شاخون 1 سهروردي 2 نقشبندي





3 چشتي 4 قادري جو وجود پيو. گڏيل هندستان ۾ صوفين جو پهريون طريقو سهروردي وجود ۾ آيو. سهروردي طريقي جو اصل وطن بغداد (عراق) هو. سهروردي طريقي کي تغلقن جي حمايت به حاصل رهي.

سنڌ ۾ صوفي شاعرن جي ڪم کي انگريز حڪمرانن گهڻو اڳتي وڌايو. (1843ع) ۾ سربارٽل فريئر سنڌي ٻولي کي تعليم جي ٻولي بڻايو. 12 لهجن کي ملائي هڪ لهجو تيار ڪرايو ۽ هن پنهنجي انگريز آفيسرن کي به سنڌي ٻولي سکڻ جو حڪم ڏنو. ٻيو لائق ذڪر جرمن عالم ٽرمپ صاحب هو جنهن شاهه سائين جي شاعري کي روشناس ڪرايو ۽ شاهه صاحب جو رسالو ڇپرائي پڌرو ڪيو.

صوفي حضرت محمد جي هن حديث تي عمل ڪندا آهن، جنهن ۾ فرمايل آهي ته، "جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن ڄڻ الله پاڪ کي سڃاتو."

قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته "انسان منهنجو ڳجهه آهي ۽ مان انسان جو ڳجهه آهيان."

حضرت عيسيٰ ع فرمايو "ڏسو خدا جي سوا طاقت انسان جي اندر ۾ آهي."

قرآن جي آيتن ۾ به "آئون يا "مان" جي صيغي جي بجاءِ اسان جو صيغو استعمال ٿيل آهي.

نئين ڪنڊ جي صوفين جو پرچار ۽ عبادت انسان ذات جي چوڌاري گهمي ٿي. دين ڌرم سڀ انسان لاءِ آهي، انسان دين ڌرم لاءِ ناهن پيدا ڪيا ويا، انهيءَ ڪري سڀني صوفين انساني رواداري جو سبق ڏنو ۽ مذهبي انتها پسنديءَ کي ننديو آهي. صوفين انسان ۽ سندس خلقڻهار کي هڪ ٻئي ۾ ضم ڪري ڇڏيو. انسانن جي برابري لاءِ ڪنهن به ڏک، تڪليف جي پرواهه نه ڪئي ۽ پنهنجو پاڻ کي گهاٽن ۾ پيڙائي ڇڏيو.

سنڌي، سرائيڪي، پنجابي، پشتو بلوچي ۽ هندي هن ڪنڊ جي صوفين جون ٻوليون رهيون آهن. انهن ٻولين جي آواز ۾ فطرت جو

هڪ وجدان ۽ ميٺاج موجود آهي. پيار جو اظهار انهن ٻولين ۾ سڀ کان بهتر انداز ۾ ڪري سگهجي ٿو. صوفين جي نظر ۾ بندو ۽ خالق هڪ ئي سڪي جا ٻه پاسا آهن. عاشق ۽ معشوق هڪ ئي وجود ۾ ساهه کڻن ٿا. شاهه سائين جن فرمائين ٿا:

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل،
حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀُل،
هو هلاچو هُل، ٻاالله سندو سڄڻين.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته جيستائين دل ۾ دغا آهي، پوءِ ڀلي ظاهري شڪل صورت مسلمان واري هجي، ايمان وارو ٿي نٿو سگهجي، شاهه سائين فرمائين ٿا:

ان پر نه ايمان، جو ڪلمي گو ڪوٺائين،
دغا تنهنجي دل ۾ ، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهئين.
(شاهه رح)

شاهه سائين حق جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي آهي:

مُئي هاٿين سين مامرو، اڇي پيو انڌن،
مُناڙين هٿن سين، اڪئين ڪين پسن،
في الحقيقت فيل کي، سڃا سڃا ٽين،
سندي سردارن، بصارت بينا ڪري
(شاهه رح)

شاهه سائين حق کي هيئن به بيان ڪيو آهي:-

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ،





هندو هڏ نه آهين، جٽيو تو نه جڳاءِ،
تلڪ تنهين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

صوفي جو دشمن سندس اندر آهي. شاهه سائين فرمائي ٿو:-

صوفي لاڪوفي، ڪونه پاڻئين ڪير،
منجهائي منجهه وڙهي، پڌر نه آهين پير،
جنين ساڻ وير، هي تنين جو واهرو.
(شاهه رح)

پاڻهين پسي پاڻ کي، پاڻهين محبوب،
پاڻهين خلقي خوب، پاڻهين طالب تن جو.
(شاهه رح)

عقل جي انڌن لاءِ فرمائين ٿا:-

پاڻي مٿي جهو پڙا، مورک اُڃ مرن،
ساهان اُوڏا سپرين، لوچي تان نه لهن،
دم نه سڃاڻن، دانهون ڪن مُنن جيئن.

سڄڻ ۽ سوري، ٻئي اڪر هڪڙي،
وِهڻ وا تڙين تي، ڪارڻ ضروري،
ٻنهي جي پوري، جي ڏني ري نه جُڙي.

جن خيالن جو اظهار شاهه سائين جن ڊِڪيل انداز ۾ ڪيو آهي سچل انهن کي کليل نموني بيان ڪيو آهي سچل سائين جن فرمائين ٿا:-

مسجد ۾ تون آهين، ته مئخاني ۾ ڪير آهي؟
بنايو گهر ڪعبي کي تو ته بتخانن ۾ ڪير آهي؟
لباس المومنين اوڙهي، قلوبِ الڪافرين آيا،

سچاڻو ڪيئن "سچو" انسان ته انسان ۾ ڪير آهي.

عام لوڪن ۾ شاهه لطيف ۽ بلهي شاهه ڪافين جي شاعرن طور سڃاتا وڃن ٿا. سندن زمانو به ساڳيو هو ۽ ٻئي مغلن جي ڏاڍ ۽ جبر جا شاهد رهيا ۽ انهن خلاف پنهنجي شاعري ذريعي جدوجهد ڪيائون. ٻنهي صوفين جو صوفين جي سلسلي قادريه سان تعلق هو. سندن دور ۾ صوفي دارا شڪوه شهيد ٿيو ۽ شيعه سُني وارو تضاد به انهن جي دؤر ۾ اڀري سامهون آيو.

بلهي شاهه فرمائي ٿو ته:

نه مين مومن نه مين ڪافر، نه سيد نه سيد،
چوڏهين طبقين سرا، ساڏا ڪتي نه هوندا قيد.

اڳتي وري هن ريت فرمايو اٿن:

ڪتهي شيعه اي، ڪتهي سُني اي،
ڪتهي جٽاداري، ڪتهي مُني اي،
ميري سب سي، فارغ ڪُني اي،
جو ڪها، سويار منيندا.

بلهي شاهه سيني تعصبن کان آجو هو. هن کي فقط پنهنجي مرشد جي هدايت موجب "حق ۽ سچ" چوڻو هو. پوءِ ڪٽي هندو هجي يا مسلمان ان لاءِ بلها شاهه آواز اٿاريندو هو. بلها شاهه مُلن جي طرفان ويچا وجهڻ جي ڪري مٿن ڏاڍو ڪاوڙيل هو. هنجي نظر ۾ ملا ماڻهن کي منجهائي مارين ٿا. شاهه لطيف به پنهنجي شاعري ۾ مُلن کي تمام گهڻو ننديو آهي:

مُليئن مُنـي ماءُ، جو پتو قتو پيٽ ۾،
سڄاڻي الله، تبي ڏنائين ڏوڙ ۾،
ظاهر ۾ زاني، فڪر منجهه فنا ٿي،





تنين کي تعليم جي، ڪڙهه اندر ڪاني،
حرف حقاني، دور ڪيائون دل مان.

بلها شاهه به پنهنجي شاعريءَ ۾ هن ريت اظهار ڪري ٿو:
سڄي ڄمار مسيت ۾ گذري، پر تنهنجي دل مان پليتي نه ويئي ۽ نه ڪڏهن سچي دل سان هڪ هيڪڙائي جي نماز پڙهيئي.

عمر گوائي وچ مسيتي،
اندر پريا نال پليتي،
ڪدي توحيد نماز نه نيتي.
(بلها شاهه)

صوفي شاعرن ڪُل ۽ جُز کي ملائي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. هنن جي اڳيان سڄڻ، مجنون، ليلا، دشمن، مرشد ۽ مريد سڀ هڪ ئي وجود جو نالو آهي.

سُو هيءُ، سوهُو، سو اجل، سوالله،
سو پرين، سوپساه، سو ويري، سو واهرو. "شاهه"

ساڳيو مفهوم بلها شاهه وٽ هن ريت آهي:

ڪهون بير پڙا، ڪهو بيلي هي،
ڪهون مجنون هي، ڪهون ليلي هي،
ڪهون آپ گرو، ڪهون چيلا هي.

صوفي شاعر محبت ۾ مات ٿيڻ کي عشق چون ٿا ۽ ڪاتيءَ هيٺان ڪسجڻ ۽ باهه ۾ سڙڻ کي برابر سمجهن ٿا. شاهه سائين ڪاتيءَ کي پهرين پوڻ جو حال پُر شدت بيان ۾ عاشق کي ڏيکاريو آهي.

پهرين ڪاتي پاءِ، پُڇج پوءِ پريتڙو،

ڏک پريان جو ڏيل ۾، واڄٽ جيئن وڄاءِ،
سيخن ماه پچاءِ، جي نالو ٻيڙءِ نيهن جو (شاه)

بلها شاهه به ساڳين خيالن جو اظهار ڪجهه هن ريت ڪيو آهي.

جدون يحيٰ ني پائي جهاتي،
رمز عشق دي لائي ڪاتي،
جلوه دتا اپنا ذاتي،
تن خنجر ڪيتا لال،
ايس نيو نيهه دي الٽي چال.

صوفين جو خدا ۽ رسول هڪ ئي آهي ۽ دنيا وي علم انهن جو پرتوو آهي. جيئن بلها شاهه فرمائي ٿو:-

علمون بس ڪري اويار،
اڪو الف تيرا درڪار.

شاهه لطيف ساڳي ڳالهه هن طرح ڪئي آهي:

هارائج هنئين ۾، الف سندي اوڙ،
ڪتابن جي ڪوڙ، منجهان ئي معلوم ٿئي.

بلها شاهه الله پاڪ ۽ رسول ﷺ جن جي محبت جو عڪس بهترين طريقي سان بيان ڪيو آهي. فرمائين ٿا:

احمد احد وچ فرق نه بلهيا،
رتي ڪو بهيت مروڙي دا.

موضوع ۽ خيال هڪڙو بيان ڪرڻ جو انداز به ساڳيو جڻ ته سنڌي ۽ پنجابي ۾ ترجمو ٿيل هجن. شاهه سائين ساڳي ڳالهه بيان ڪئي آهي سُهڻي انداز ۾:-





احد، احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهه ۾.
(شاهه)

مُلن طرفان مذهب جي پيانڪ شڪل پيش ڪرڻ تي صوفين کي ڏاڍي ڪوفت ٿيندي هئي. صوفين مُلن کي تمام گهٽو نِنديو آهي. شاهه سائين ڪجهه هن ريت فرمائين ٿا:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاڻان ڏوه چڙهن، جي ورق ورائين وترا.

جِيئن جِيئن ورق ورائين، تِئن تِئن ڏنو ڏوه،
تنهن کهٽي ڪيو ڪوهه جي رهٽي رهيو نه سپرين.

بلها شاهه به مُلن مٿان ڪاوڙيل هو. ڪين تلقين ڪندي چون ٿا:

ڪيون پڙهائين، گڊ ڪتابان دي،
سر چانان اين، پنڊ عذابان دي،
هُن هوئيا ئين، شڪل جلادان دي،
اگي مشڪل پيندا، بهارا اي.

جتي صوفين شاعريءَ ذريعي زندگي جي سڀني پهلوئن کي چٽو ڪيو آهي، اُتي پنهنجي رهبر ۽ شهيد اعظم منصور حلاج کي به نه وساريو آهي. بلها شاهه فرمائين ٿا:

شاهه منصور کهاوي،
رمز اناالحق آپ سناوي،
آپي آپ نون سولي چڙهاوي،
تي ڪول کهلو کي هسدائي!
بي حد رمزان رسدائي،

ڍهولن ماهي.

ٻئي طرف شاهه سائين پنهنجي رهبر کي ڪيئن سهڻي انداز ۾ ياد ڪيو آهي:

جر ٿر تک تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهين.

سنڌي ۽ پنجابي ٻولين جي ميلاپ مان نڪتي آهي سرائيڪي ٻولي، جنهن ۾ ٻنهي ٻولين جو رس ۽ چس موجود آهي. سرائيڪي ٻولي جو سرموڙ شاعر آهي خواجه غلام فريد (1901ع-1845ع) جنهن جي ڪافي هند ۽ سنڌ ۾ تمام گهڻو مشهور ۽ مقبول آهي. مٺڻ ڪوٽ جي هن صوفي شاعر تي شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ سچل سر مست جي ڪلام جو اثر ملي ٿو هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ ۽ سنڌي ثقافت جو ذڪر ڪيو آهي. محققن جو چوڻ آهي ته خواجه غلام فريد پنهنجي شاعري جو بنياد ئي سنڌي شاعري تي رکيو آهي. شاهه لطيف جي خيال وانگر خيال پڻ ملي ٿو. هن رب پاڪ جي ذات جو جلوو هرجاءِ، هر هنڌ ۽ هر جڳهه تي پسيو آهي. هن وٽ وجوديت اهم موضوع آهي. فرمائين ٿا:

وحدت ذاتي سڀ دا،
هي آغاز انجام،
تڪڙي تيغ لقي دي،
غير ڪيتا قتلام.
(خواجه فريد)

خواجه فريد جڏهن هوش سنڀاليو هُيو. تڏهن کان سندس ذهن ۾ هيڪڙائي جو فلسفو ويهي رهيو. هن وٽ هيڪڙائي ڪجهه ان ريت





آهي:

هِڪ هَي، هڪ هَي هِڪ هَي،
هِڪ دِي هر دم سِڪ هَي.

پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ خواجه فريد به شاهه لطيف وانگر پنهنجي شاعري ۾ چوي ٿو:

خود واجد خود موجود اور خود موجود،
خود عالم خود معلوم اور خود علم،
خود منور خود مُنوک اور خود نور،
خود شاهد خود مشهود اور خود شهود.
(فريد رح)

ساڳيو خيال شاهه سائين اڳ ۾ بيان ڪري چُڪو آهي:

پاڻهين جل جلالُ، پاڻهين جان جمال،
پاڻهين صورت پرينءَ جي، پاڻهين حسن ڪمال،
پاڻهين پير مريد ٿئي، پاڻهين پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

خواجه غلام فريد به شاهه لطيف ونگر سونهن ۽ محبت جو شاعر هو. خواجه فريد به عشق جي باهه جو سيڪ ڪاڏو آهي، ان سبب ڪري سندس ڪردار پرُ جوش آهن. فرمائين ٿا:

تتي نينهن دي، پنڌ اڙانگي نين،
ڏکي ڏونگر اوکي لانگهي نين،
ڏنگڙي راهه اولڙي وَلڙي دي،
ٻيا پنڌڙي روه جبلڙي دي،
متان سمجهن مفت سهانگي نين.

“فريد رح”

شاهه لطيف خواجه فريد کان گهڻو اڳي سسئي جي ۾ اٽانگن واٽن جو ذڪر ڪيو آهي، فرمائين ٿا ته:-

آڏو تراڇا، آهُڙا، ڏونگر ڪي ڏاڪا،
ڪيم آه عجيب ڪي، سڪ منجهان ساڪا،
پيئي هٿيڪي هوت ڪي، ڪُوڪ وڃي ڪَنِ ڪا،
منهنجو وس واڪا، ٻڏڻ ڪم ٻروچ جو.
(شاهه رح)

فريد به شاهه سائين جيئن وحدت ۽ هيڪڙائي کي پنهنجي ڪلام جو موضوع بڻايو آهي، چوي ٿو:

احد اوهي هي، احمد اوهي،
ميم دي اولي، دلڙي موهي.

وري چوي ٿو:

احد تي احمد فرق نه ڪوئي،
واحد ذات صفات نين.

شاهه سائين ساڳئي ڳالهه هن طرح چئي آهي:

احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهه ۾.

صوفي شاعرن وٽ راڳ رهاڻ ۾ رقص وسماع جو وڏو درجو رهندو اچي پيو. ۽ انهي کي هو عبادت سمجهندا هئا. ان لاءِ ته انهن ڌڻي پاڪ کي هر جاءِ ۾ هر روپ ۾ پسيو آهي. هر صوفي انهي لحاظ کان هڪ خيال نظر ايندو. فريد فرمائي ٿو:





هر صورت وچ يار داجلوه، ڪيا آسمان زمين،
احدا هابڻ احمد آيا موهين چين بچين.
“فريد رح”

سيني صوفين جو مقصد ساڳيو آهي. پر انهن جي ٻولي ۾ انداز الڳ رهيا آهن. شاهه سائين به ساڳي ڳالهه هن طرح چئي آهي:

سپ ڪنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالي ناهه،
احد جي ارڪ ٿيا، سي ڪانئر ڪبا ڪانهه،
محب منجهين من مانع، مون اچا ٽندي اجهيو.
(شاهه رح)

صوفين ڪنهن به هڪ گروه يا فرقي جي پرچار ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي. هنن وحدت ۽ ڪثرت ۾ اهائي هيڪڙائي ڏٺي ۽ اُن کي ڳايو.

وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُل ،
حق حقيقي هيڪڙو ٻوليءَ ٻي م ڀُل،
هُو هُلاچو هُل، باالله سندو سڄڻين.
(شاهه رح)

غلام فريد به وحدت ۾ ڪثرت کي ڏٺو آهي. الله پاڪ جي تعريف پنهنجي ڪلام ۾ ڪئي آهي. فريد فرمائي ٿو:

هر مظهر وچ آپ سماوي، اپڻا آپ ڪري ديدار،
هر صورت وچ آوي يار، ڪرڪي ناز ادا لک بار.

شاهه سائين وحدت ۾ ڪثرت واري خيال کي خوبصورت انداز ۾ بيان ڪيو آهي فرمائين ٿا:

ايڪ قصر، درلک، ڪوڙين ڪٽس ڳڙڪيون،

جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

شاهه لطيف جي هن شعر جو غلام فريد تي ڪيترو اثر ٿيو آهي. ان جو اثر سندس هن شعر مان واضح طور تي نظر اچي ٿو. خواجه غلام فريد فرمائين ٿا:

هر صورت وچ يارڪون، جاڻين غير نهين موجود،
سڀ اعداد ڪونه سمجين، واحد ڪثرت هي مقصود

خواجه غلام فريد ۾ شاهه سائين جا اهڙا سوين شعر خيال ۽ مفهوم جي لحاظ کان ڄڻ هڪ ٻئي جو ترجمو هجن. شاهه لطيف ڏيڍ سو سال اڳي اُهي خيال ڏئي ۽ چئي ڇُڪو آهي. حاصل مطلب ته تصوف جو فهم ۽ فڪر اڄ به ايڪوهين صَديءَ ۾ چوڏس چوڏاري مثل مانڊاڻ ۾ نخلستان جو ڏيک ڏئي ٿو ۽ ڏيندو رهندو.



# صوفي شاعرن جي تخليقي ٻولي
# شاهه جا تخليقي ٻول

## وينا شرنگي

مرڪزي ساهتيه اڪادمي سيمينار 22 مارچ
2014ع اجلاس پھريون

سنڌ جي صوفي شاعرن جي تخليقي ٻولي تي نظر ڪنداسين ته انهن طرفان ڪتب آندل ٻولي ۾ عام انسانن جي ڏکن سورن، غمن خوشين، عشق محبت جي جذبن، عقيدن ۽ ڌڻي جي عبادت جا انيڪ رنگ پسڻ وٽان ملندا. ڪھڙي ڳالهه آهي جو انساني جذبن، خوابن جي ترجماني ڪندڙ اهي احساس عام هوندي به خاص ۽ علحده نظر اچن ٿا. شاهه لطيف به ته انهن ئي احساسن ۽ جذبن جو ئي ذڪر ڪيو آهي. ڪائنات طرفان خلقيل حسين منظر وڻ ٽڻ، گل ڦل، نديون نار، ڍنڍون، ٽڪريون، پهاڙ، پکي پسون، يا ماڻهو مرون زرعي پيداوار هجي يا معدني، عام ۽ خاص پورهيت يا حڪمران، ڌارين جون يلغارون، وطن واسين جي ريتن رسمن، پهراءُ تهذيب ۽ تمدن کي پيش ڪرڻ لاءِ بيتن ۾ پنهنجي ماروئڙن طرفان ڳالهيندڙ ٻوليءَ جو ئي ته سهارو رتو آهي. تخليقي شعور ذريعي لفظن کي اهڙو ته لباس اوڙاهيو جو عام انسانن اڳيان اِهي شيون هوندي به، اُهي انهن کي پسڻ جي باوجود پرکي ۽ ايترو ماڻي نه سگهيا. سمنڊ ۾ جڏهن برسات جون بوندون ٽپ ٽپ ڪري پون ٿيون تڏهن انهن بيشمار بوندن مان وري ڪن ٿورين بوندن کي سڀ جي صدقي انمول موتي جو درجو نصيب ٿئي ٿو. ائين لطيف

سائين جي بيتن جي ٻوليءَ جا لفظ رواجي نه پر غير رواجي رتبو ماڻين ٿا، عام ۽ خاص ماڻهن جي لبن تي رقص ڪن ٿا. انهن تي نظر وجهنداسين ته اسان کي تخليقي ٻوليءَ جي جلوي ۾ مال جو ديدار ٿيندو. جيئن سنگتراش رواجي پٿر کي پنهنجي فني قابليت ذريعي ڇيڻي ۽ هٿوڙيءَ سان تراشي شاهڪار روپ بخشي ٿو جيڪي صدين بعد به ڪاريگريءَ جو نادر نمونو ڳاٽ اونچو ڪيو نظر اچن ٿا. اجنتا الورا هجي يا کجراتو جون مورتيون يا ڪونارڪ جي سوريه مندر جون مورتيون. صدين کان ڳاٽ اونچو ڪيون بيٺيون آهن. ساڳيءَ طرح شاهه جا بيت پنهنجي شاندار تخليقي ٻوليءَ ڪري ٽن سئو سالن جي عرصي بعد به پاڻ طرف ڇڪين ٿا. اڄ جي دور ۾ به جڻُ اسان جي جذبن جي ترجماني ڪن ٿا. لطيف سائين پنهنجي بيتن لاءِ پاڻ فرمائين ٿا:

جي تون بيت ڀانئيا، سي آيتون آهن
(شاهه)

شاهه جو اهو اظهار خود ثنائي نه بلڪ سچ جو پڙاڏو آهي. اڄ به هندو چاهي مُسلمانن وٽ شاهه جي رسالي کي ڌارمڪ گرنٿن سان گڏ رکڻ جو شرف به رهيو آهي. جنهن وقت عربي فارسي جو اثر ۽ دٻدٻو هو تنهن وقت شاهه انهن ٻولين جي لفظن کي پنهنجي تخليقي عمل ۾ ڌوڪي ڪاهُڻ کان پري ڪري ٻهاريو. انهن ٻولين جاڪي لفظ گهڙي پيا پر شاهه اُنهن مٿان پنهنجي مٽيءَ مان پيدا ٿيل ٻوليءَ کي ترجيح ڏيندي، اُن جو اهڙو استعمال ڪيو جو ٽن صدين بعد به وقت جي لتاڙ ۽ دَزَ ان کي نه ميرو ڪيو نه وري لٽيو. اهو ئي ڪمال آهي. جيستائين انسان ذات جو وجود آهي تيستائين ان عظيم شاعر جي تخليقي ٻوليءَ جو به جلوو ۽ جمال برقرار رهندو. سندس شاعري، دل کي ڇهندڙ ۽ رنگن جي اندلٺ عام ۽ خاص جو من موهيندي رهندي.

ڏات ڏٽي ڄينمل پرسرام شاهه لاءِ فرمايو آهي ته- شاهه سنڌي ٻوليءَ جو چِٽُ آهي.





شاهه جي اظهاريل ٻوليءَ ۾ سيئي خوبيون نظر اينديون- (1) سلاست- (روزمره استعمال ٿيندڙ لفظ) (2) فصاحت- (زبان سولائي سان جهٽي) (3) بلاغت- (وقت ۽ حال سان ٺهڪي) (4) جدت- (علحدا مضمون، جي ساڳيا به هجن ته ان جو انداز انفرادي هجي.)

شاهه جي ٻوليءَ ۾ اضافو ڪيو جنهن جو ثبوت آهي ته عام ۽ خاص ۾ ڪلام مقبول رهيا. مڪمل شعر نه پڙهڻ چوڻ يا لکڻ جي باوجود ڀرپور اظهار ملندو ڪيترا پهاڪا چوڻيون محاورا ۽ استعارا ڏنا:

- الله ڏاهي مَ ٿيان ڏاهيون ڏک سهن
- ٽتيءَ ٽڏيءَ ڪاهه ڪانهي ويل وهڻ جي،
- اڄو ته سورن واريون ڪريون سور پچار،
- اي نه مارن ريت جي سيڻ مٽائين سون تي
- سنهيءَ سُوئيءَ سبيو مون مارن سين ساههُ
- پکن جي پريت ماڙين سين نه مٽيان.
- ويا مور مري هنج نه رهيو هيڪڙو
- وڳر ڪيو وطن پرت نه ڇنن پاڻ ۾
- ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي
- ستر ڪر ستار آئون اُگهاڙي آهيان
- جنين لاءِ مياس، سي ڪانڌي ئي نه ٿيا
- ادي آئون اڻ ڄاڻ، جو سڳ سڄاڻ نه ڪيو

مارئي جي ڪردار لاءِ هڪ هنڌ شيخ اياز فرمايو آهي- اگر

لطيف مارئي، جو رسالي ۾ ذڪر نہ ڪيو هجي ها تہ اُها ٻين پڇاڙيل عورتن جيان عام ڪردار بڻجي پوي ها. اهو ئي تہ تخليقار جو ڪمال آهي. هيءَ سُر منهنجي دل جي قريب آهي ان ڪردار مان ئي پريڻا حاصل ڪري تنظيم جو نالو مارئي رکيو- جيڪو ڪردار سادگي وفا ۽ حب الوطني جو مجسم آهي. پنهنجي لاثاني ٻوليءَ ۾ مٽيءَ ماءَ جي گود ۾ سمائڻ واري خواهش جو ان ڪردار ذريعي شاهه شاندار چٽ چٽيو آهي.

واجهائي وطن ڪي، آئون جي هت مياس
گور منهنجي سومرا! ڪج پهنوارن پاس
ڏج ڏاڏاڻين ڏيهه جي منجها ولڙين واس
مُيائي جياس، جي وڃي مڙه ملير ڏئي
(شاهه)

لطيف جي ٻوليءَ جو ڪمال اهو آهي جو چاهي بيت جي ڀرين سٽ هجي يا اڌ پر اُها اٽپوري نہ لڳندي، ڪيترن ذات ڏٺين پنهنجي ڪتابن ۾ مضمونن جا عنوان شاهه جي ڪلامن مان ورتا آهن. انهن ڪان متاثر ٿي خود مقالي لکندڙ پنهنجي تخليقي پورهئي ڪي شاهه جي ڪلامن مان سٽون ڪٽي عنوانن ڪي سينگاريو آهي (1) پڪا ۾ پنهوار ڏني مون ڏينهن ٿيا (سنڌ جو سفر نامو) (2) وايون وڻجارن جون (ولائت جو سفر نامو) (3) تون ڇپر تو ڇانوءَ مضمون (4) ڪيچان آيو قافلو وغيره شيخ اياز جي ڪتابن جي نالن تي نظر وجهنداسين ( 1) ڪپر ٿو ڪنُ ڪري (2) رمندا بادل (3) وڄون وسڻ آيون (4) ڇپر منجهہ ڇڙيون وغيره. عنايت بلوچ بہ پنهنجي ولائت جي سفر نامي جو نالو- (1) پرديسي ڪهڙا پرين ۾ (2) پرين جي پرديس ۾ انڪان علاوه شاعري جا ڪتاب (3) تندڪتار ڪنڌ وغيره ڏنا آهن. فتاح ملڪ بہ پنهنجي شاعريءَ جي ڪتاب جو عنوان "اسان آئونگ چاڙهيو" ڏنو آ ۽ ٻين بہ ڪيترن جا ڪتاب نظر ايندا ان طرح بي شمار مضمونن ۾





ڪالمن جا عنوان بہ ڏنا آهن اهي شاهه جي تخليقي ٻوليءَ کان ئي متاثر ٿي لفظ گهڙيا آهن. سچڻ ۾ ساٿيهہ، پلئہ پايو سچ، عاشق زهر پياڪ، آچيندي لڄ مران وغيره

شاهہ لطيف جي تخليقي ٻوليءَ جو ئي ڪمال آهي جو سنهي سئي ڪان وٺي ڪڪ ڪي بہ مان بخشيو آهي. چاهي سنڌ جا هنر هجن، تاريخي ڪردار، ٿر بر هجي يا سنڌ جي جاگرافي، انهن جو ذڪر ڪري ٻوليءَ ۾ اضافو ڪيو. سندس چيل بيتن جون سٽون مُهاورا بہ بڻجي ويا آهن.شعوري ۽ لاشعوري طور هر ڪو پاڻ ڪي ان سان جڙيل محسوس ڪري ٿو جيئن مون اڳ ۾ ذڪر ڪيو فصاحت، بلاغت، سلاست ۾ جدت ورا عنصر ملندا. بيتن ۾ فصيح ڪلام انهن سٽن ڪي اُچاريندي ڪنهن ڪي بہ دقت نہ ٿيندي، چاهي ڳوناٽي گهريلو عورت هجي يا جستجو ڪندڙ انسان يا وري پنهنجي وطن سان محبت ڪندڙ ماتر پوميءَ ڪي ياد ڪندڙ. اگر بلاغت جي لحاظ ڪان ڏسون تہ شاهہ جو ڪلام جهڙو ٽي سؤ سال اڳ وقت مطابق هو تهڙو اڄ بہ وقت ۽ حال جي ڪسوٽيءَ تي ثابت قدم نظر ايندو. عشق هجي يا درد جي دانهن، خوشي هجي يا غم، وري جي سلاست تي نظر ڪريون تہ مٿين بيتن جو سٽون اُچارڻ ۾ پريشاني نہ ايندي. ضروري نہ آهي تہ عالم فاضل تحقيق ڪندڙ يا پارکو هجي اُهوئي سمجهي سگهندو عام سنڌي ڳالهائيندڙ بہ ان ڪي پاڻ سان لاڳو ڪري سگهي ٿو. اهائي تہ شاهہ جي ٻوليءَ جي خوبي آهي. جيڪڏهن جدت جي ڳالهہ ڪجي تہ شاهہ موضوع تہ ڌرتي، انسان ذات، مُندن ۽ ڪائنات وغيرهہ سان وابستہ ڪنيا پر هر طبقي ۾ هر علائقي جي زبانن جي لفظن ڪي ڪٽي پنهنجي بيتن ۾ انهن جو سهڻو استعمال ڪيو ۽ اهڙي ڍنگ سان پيش ڪيو جو اُهي ٻين ڪان الڳ ٿي پنهنجي انفرادي حيثيت قائم ڪري بيٺا آهن، پوءِ چاهي ٿر هجي يا بَرُ، وچولو سرو، لاڙ ڪاڇو سنڌ جي عوام ڪي ٻولي ذريعي جوڙيو آهي، جنهن ڪري هر ڪنهن سندس ٻولن ڪي سر اکين تي رکيو آهي.

ٻئي گهوٽ شاهه عبداللطيف جي تخليقي ٻولي جي چڱي طرح پروڙ تڏهن پوندي جڏهن اسين سندس تخليق ڪيل ڪن چونڊ بيتن تي نظر ثاني ڪيون. ائين ته سڄو رسالو تخليقي ٻوليءَ جي پيالي سان ڀُر آهي. جنهن ۾ وحدت الوجود، حقيقي عشق جا منظر پسي سگهون ٿا. عام ڪردارن ڪي ڪٽي جن جو مختلف سُرن ۾ ذڪر ڪيو آهي، اگر انهن مان ڪي نه شامل ڪنديس ته لڳندو مقالو اڌورو آهي. حالانڪ هيءَ جهان ئي مڪمل نه آهي ته اهڙي حالت ۾ مڪمل جي دعوا ڪرڻ به ٺيڪ نه ٿيندي. وقت جي محدودگيءَ ڪي ڏسندي ڪن سرن مان ڪي بيت پيش ڪري رهي آهيان. جن ۾ مٺيادار ٻولي ڇوليون ماريندي نظر ايندي- سُر سهڻي:

ٻـڏنـدڙ ٻـوڙن ڪـي، ڪـي هـاتـڪ هـٿ وجـهـن،
پسـو لـڄ لـطـيـف چي، ڪـيـڏي ڪـي ڪـڪـن،
توڙي ڪنـڏيءَ ڪـن، نـات سـاڻـن وڃـن سـيـر ۾.
(شاهه- سُر سهڻي)

چوٽي آهي: ڊوبتي ڪو تنڪي ڪا سهارا- تخليقي ٻولي جي سُونهن ته نظر ايندي پر سُر ڪيڏارو ڪربلا جي جنگ تي ٻڌل امامن جي شهادت واري سُر ۾ جيڪو چتر چٽيو آهي سو لڱن ۾ سيسراٽ وجهي ٿو ڇڏي هيءُ سرُ منهنجي دل جي قريب آهي. بيت جون ڪي سٽون پيش ڪنديس:

ڪن دانشورن جو چوڻ آهي ته شاهه جي رسالي ۾ ٻارهان هزار لفظ استعمال ٿيل آهن ڊاڪٽر نوازعلي شوق لکي ٿو صرف اُٺ لاءِ ويهه لفظ ڪتب آندا آهن اُٺ لاءِ ٻُختي لفظ جو به استعمال ڪيو آهي جيڪو عربي لفظ آهي جنهن جي معنيٰ اُٺ آهي. ڳاڙهي رنگ جو هوندو آهي ان جي تصوير جمشيد جي تخت تي اڪريل آهي:

ٻُـخـتـي بـلـوچـن، ڏاڙي خـاطـر ڏاريـا





(شاهه)

علي احمد عرس ويهه هزارن جو ذڪر ڪندي شاهه طرفان ٺيٺ سنڌي لفظن جي ور ور اچڻ جو ذڪر ڪيو آهي ٻ، ڄ، ڏ و وغيره. مرزا قليچ طرفان لغت تيار ڪرڻ جو ذڪر ملي ٿو حالانڪ ڪيترن ٻين طرفان به ڪم ڪيل آهن، الڳ الڳ دستخن جو ذڪر ملندو. ڏنو وڃي ته ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي جي رسالي هرپهلوءَ کي اُجاگر ڪيو آهي هر ٻوليءَ جو پنهنجو مزاج ۽ لهجو ٿيندو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي فرمائين ٿا. ٻولي ئي شاعريءَ جي صحت جو ماپو آهي. ان جو بهترين مثال شاهه جو رسالو آهي.

مطلب ته مجموعي طور ڏٺو وڃي ته شاهه لطيف زمان ۽ مڪان جي حد بندين کان ٻاهر نه رڳو پنهنجي دور جو مفڪر ۽ شاعر آهي پر جڏهن اڄ دنيا ايڪويهين صدي ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي مهابي آسمان جي بلندين کي به پار ڪري چڪي آهي تڏهن به ايڪويهين صديءَ ۾ شاهه جديد سنڌ جي اڏاوت ۾ مشعل جو ڪردار ادا ڪري ٿو.

ڪنهن ڪم جو ناهي. معاشرتي نقطئه ڪان پڻ انسان ڪي اِها روش اختيار ڪرڻي آهي جنهن ۾ انساني لاڳاپن جا قدر (Values) برقرار هجن چو ته اهي لاڳاپا تڪبر، ڪيني ۽ پاڻ پائڻ سان برقرار رهي نه ٿا سگهن. زندگي آرام ۽ آسائش جو نالو نه آهي. جياپي جو انساني مفهوم اهو آهي ته پنهنجي ذات سان گڏ ٻين لاءِ جيئڻ گهرجي. پنهنجي ذات لاءِ جيئڻ حيواني جيوت جو اهڃاڻ آهي. انسان زندگي گذارڻ ۾ هڪ جوڳيءَ مثال آهي، اڃ آهي سڃاڻي نه هوندو. جوڳي ڪيترين تڪليفون سهن ٿا، نه هُنن کي بک جي پرواهه آهي ۽ نه ئي اُڃ جي.

"جوڳيئڙا جَهان ۾، هُئا منجهه حَمام،
آرا مان اَرڳُ ٿيا، اوڏا نه آرام،
ڪيائون قيام، آئون نه جيئندي اُن ري."

اهوئي سبب آهي جو شاهه سائين گهڻو عرصو سير ۽ سفر ۾ گذاريو. جَر، ٿَر، جبل ۽ ڏنگر ڏوريائين. شاهه سائين جڏهن 21 سالن جو نوجوان هو تڏهن سامين جي صحبت ۾ سڄا سارا ٽي سال سفر ڪيائين. پاڻ 12 ڏينهن ۽ 12 راتيون جوڳين سان گڏ حيدرآباد جي ويجهو گنجي ٽڪر جي هنج ۾ ڪالي ديوي جي مڙهي ۾ گذاريائين، پوءِ جوڳين سان گڏجي مڪلي ويو. جنهن ڪري هن شروع ۾ تصوف جي اصولن کي ويدانت جي عينڪ سان ڏٺو هو. جوڳين سان گڏ، جُوءِ به جُوءِ ڀٽڪندو رهيو.

جوڳي ويدانت جي اصولن مطابق تن کي تپسيا ۽ جسم کي فاقا ڪڍرائيندا آهن. شاهه سائين به ساڌن ويدانت جي واديءَ ۾ قدم رکيو. تپيسائون ڪري، جسم کي ڳاري پرپوءَ کي پائڻ لاءِ جوڳي پاڻ جلائيندا رهيا ۽ شاهه سائين به ساڌن جوڳ پچائيندو آيو. انهن سان گڏ تير ٿن تي به ويو. هندو فقيرن سان سير ۽ سفر دوران انهن جي ريتن رسمن ۽ زندگي جي مقصد جو گهرو مطالعو ڪيائين، پراڻن ڪتابن ۽ سفر نامن کي پڙهڻ مان اهو معلوم ٿئي ٿو ته، هندو جوڳي ۽ ٻيا فقير،



# "ڇڏي ننڊ گهڻي لوچي لاهوتي ٿيا"

## پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ

شاهه سائين جي حياتي وارو دؤر، اضطراب ۽ شورش وارو دؤر هو. سمنڊ جي وهڪري وانگر هر شئي متاثر ٿي رهي هئي. زندگيءَ جا سمورا پهلو ڳر موڙي تاريخ جي نئين تحقيقاتي دؤر لاءِ تيار ٿي رهيا هئا اهڙي صورتحال ۾ عوام الناس جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ جڏهن شاعر پنهنجي شاعراڻي ذات جو استعمال ڪري ٿو تڏهن سندس پيغام زمان ۽ مڪان جون حدون ٽپي هر ملڪ ۽ قوم لاءِ هڪ جهڙو مفيد ۽ اثرائتو ثابت ٿئي ٿو. شاهه سائين ڪائنات کي تخيل جي رنگ ۾ چٽي پيش ڪيو آهي ۽ عين فطرت جي مطابق پنهنجي فڪر ۽ فهم، وجدان ۽ ذوق سليم سان ان جي تعليم ڏني ۽ ان مان ڀرپور فائدو وٺڻ جي تلقين ڪئي. انساني تخليق ارتقا جي آخري تصوير آهي. انسان ڏسڻ ۾ گهڻو ئي نازڪ ۽ نفيس آهي پر عزم ۽ ارادي ۾ ايڏو ئي پربت وانگر مضبوط پڻ-

لطيف سرڪار پنهنجي شاعريءَ ۾ انساني فطرت جي جذبات ۽ احساسات جي ترجماني ڪئي آهي. انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري جو پيغام ڏنو اٿس. پنهنجو پاڻ سُڃاڻڻ سان گڏ فطرت جو مشاهدو ماڻڻ ۽ اُن تي غور و فڪر ڪرڻ جو چيو اٿس:

ڳُل ڳُل پسي ڳوڏڙيا! گهڻا مَ پائيج،
سوئي سڃاڻج، هيءُ هُو آهي هيڪڙو.

انساني زندگيءَ جو بنياد عمل تي آهي پوءِ اهو عمل مذهبي نقطئه نظر کان هجي يا معاشرتي نقطئه نظر کان هُجي. عمل بنا انسان

قديم زماني کان، هند ۽ سنڌ جو سير سفر ڪندا رهيا ۽ جوڳ پچائيندا رهيا ۽ تيرٿ پيٽيندا رهيا.

جوڳي ۽ سنياسي آدرشن موجب، هُو پاڻ سان هرشيءَ مٽي مان ٺهيل ڪٽندا آهن، جيئن مٽيءَ جا باسڻ (ٿانو) جهڙوڪ ڪُني، دانگي، پاٽ، تَس، جمني، چَل، دَڪي، لوٽو مٽيءَ جو سَرهاٽو (ويهاٽو) وغيره

نَڪي ڪٽن پاڻ سين، نڪي ساٽن پاڻ،
اَهڙا جن اُهڃاڻ، آئون نه جيئندي ان ري

لطيف سرڪار پنهنجي سفر هنگلاج ۽ لاهوت ياترا ۾ جوڳين جي تحريڪ کي اکين سان ڏٺو هو ۽ اُنهن سان گڏجي ساڳئي مقصد لاءِ ڪم به ڪيو هئائين. شاهه سائين جي مشاهداتي قوت تمام تيز هئي. هن نهايت گهرائيءَ سان، هندو فقيرن جي هلت چلت، رهڻي ڪهڻي ۽ زندگيءَ جي مقصد جو نهايت گهرو اڀياس ڪيو جيئن ته شاعريءَ جو واسطو جذبن سان گڏ سوچ سان به آهي جيڪڏهن سوچ منطقي هوندي ته اهڙي حالت ۾ لفظ اهڃاڻ جو رُوپ وٺندا. سائين، جيڪو 3 سال جوڳين سان گڏ سير سفر ۾ گذاريو اُن ۾ ڪيترين ئي تاريخي جاين کي ڏٺائين، پَرڪيائين ۽ انهن تاريخي جاين ۽ جوڳين جي زندگي مان گهڻو تجربو حاصل ڪيائين. هر جاءِ تي لڪين انساني پلائي، پيار ۽ خوبصورتي جا منظر ڏٺائين۽ اهي منظر پنهنجي جذبن ۾ سمائي چڙيائين. ڪٿي به ڪو حسد، نفرت ۽ ٻيائي نظر نه آيس. شاهه سائين پهريون وڏو شاعر آهي جنهن پنهنجي مشاهدي ۽ صلاحيت سان شاعريءَ ۾ حقيقي ۽ چٽو رنگ پريو آهي.

"جاڳُر ڏني گودڙي، سامُون ڪي تي مَرڪ،
چيلا! ماري چَرخ اوڏي ويهه ادب سين"

شاهه سائين، جوڳين سان صحبت واري دؤر ۽ هنگلاج ۽ ديوي آستان جو ذڪر سُر رامڪليءَ، ڪاهوڙيءَ سُر پرڀاتي ۾ خوب ڪيو آهي.





سُر رامڪليءَ ۾ جن تاريخي ماڳن، مَڪانن يا اوتارن تير ٿن جو ذڪر ڪيو آهي انهن ۾ اسين ماتا هنگلاج ديوي آستان جي جاگرافيائي ۽ تاريخي حيثيت کي ڏسنداسين.

## هنگلاج:

لس ٻيلي ۾ 30.35 اُتر ۽ 31.65 اوپر ويڪرائي ڦاڪ ۾، هنگلاج جبل تي سمنڊ جي سطح کان هڪ هزار کن فوٽ مٿي ۽ هنگلور نديءَ جي عربي سمنڊ ۾ چوڙ واري هنڌ کان 15 کان 16 ڪلو ميٽر اڳتي هڪ سوڙهي ماٿري ۾ آهي. هنگلاج جي ڏکڻ ۾ مالڻ (Malan) جبل آهي هتان هالار جبل جي پڇڙيءَ ۾ مڪران جي ساموندي ڪناري واري جابلو سلسلي جي شروعات ٿئي ٿي.*

هنگلاج واري ماڳ کي، "اڪل پنٿ" به چون ٿا. هِتي هڪ ديوي جو مندر آهي، جنهن کي مسلمان ناني ۽ هندو ڪالي امبا، پار بتي ۽ درگا ماتا وغيره چون ٿا.

"نانگا نانيءَ هَليا، هِنگلاجان هَلي،
ديکي تَن دُوارڪا، مَهيسِين مَلهي،
آڳه جن عَلي، آئون نه جِئندِي اُن ري"

هندو ديو مالا واري ڊڪشنري مطابق هن کي مهاديوي (شِوجي زال) پاربتي (پربت جي ڌيءَ) مهاوت (هماليه جي ڌيءَ) ديوي چون ٿا. هيءَ شِوِ جي مؤنث سگهه آهي. هِن جا به رُخ آهن هڪ جلالي ۽ ٻيو جمالي. سندس پهريون رُخ پوڄيو ويندو آهي، سندس جمالي رُخ اما آهي. ٻيا نالا اٿس گوري، هيماوَتي، جگن ماتا ۽ ڀواني ماتا، سندس هڪ شديد رُخ "درگا" به آهي.

سنڌ جو ڏاهو ۽ محقق دانشور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو ته سنڌي صوفي درويشن جوڳ جي عقيدي وارن انهن جوڳين،

* بدر ابڙو- "هنگلاج لاهوت" سنگم پبليڪشن ڪراچي 1991ع ص 26

فقيرن ۽ ڀڳتيءَ جي انهن ڀڳتن جو قدر ڪيو جيڪي ڏٽيءَ جي هيڪڙائي جي پرچار ۾ پورا هئا توحيد جي پرچار لاءِ مسلمان درويشن جوڳ ۽ ڀڳتيءَ جي عنوان کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو ۽ رسمي ناٿ ۽ رسمي رام جي بجاءِ حقيقي ناٿ ۽ حقيقي رام يعني الله سان عقيدت ۽ محبت جو سبق ڏنو. انهي سبق کي مؤثر بنائڻ لاءِ شاهه سائين پنهنجي ڪلام ۾ جوڳين جي جوڳ ۽ جاٿائن کي وڏيڪ روشني بخشي تہ جيئن برهمڻ نظرئي يا ڪنهن دشمن منصوبي جي خلاف سنڌ جو سادو ماڻهو پنهنجي جدوجهد جوڳين وانگر اڪيلي سرانجام ڏئي سگهي.

شاهه سائين جي فڪر جو ڪمال آهي جو جوڳي فقيرن جي عادتن، بندگي، تپسيا، گڻن ۽ گيان کي، پنهنجي شاعريءَ ۾ اهڙي تہ پُر اثر انداز ۾ بيان ڪيو اٿس جو پڙهندڙن جي دل تي گهرو اثر ڪري ٿو. ڇو تہ جوڳي اَڻ هوند وارا ٿيا ۽ خوديءَ کي پيچي پرزا پرزا ڪري ڇڏيائون. جوڳين وٽ سچي عشق جو سمورو خزانو آهي. هُو پنهنجي گُرو سان خالص محبت ڪن ٿا. لطيف سرڪار هنگلاج ۽ ماتاديويءَ جو سير ڪري اهوئي درس ڏنو تہ انسان کي مالڪ حقيقي سان محبت ڪرڻ گهرجي ۽ دنياوي لوڀ لالچ کان پاسو ڪرڻ گُهرجي.

”جي پائين جوڳي ٿيان، تہ وٺي وحدت ويهہ
اُونهو مُلڪ الله جو ڪُنهن ڇُلي ڏنو نہ ڇيهہ
ماٺ مڙهيءَ جي پيهہ، تہ ويني ئي ويرناٿ ٿئين.

# ”پئي جهانءِ جَهروڪَ ۾“

## بينش ماها قائم وريا ماڻي

سنڌ جي سرزمين ڪيئي سُهڻا سُخنور ۽ شيرين زبان شاعر، اديب، دانشور ۽ سُورهيہ پيدا ڪيا آهن، جن هن حيرت ڀري واديءَ ۾ هميشہ محبت، امن ۽ آشتي جي جوت جڳائي، انساني دلين کي روشن ۽ مُنور پئي ڪيو آهي. سنڌ جي سرزمين، سچائي ۽ سُونهن ڀري آهي. اهڙي محبت واري ڌرتيءَ تي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو 1689ع ۾ جنم ٿيو. شاهه سائين سراپا محبت ۽ امن آهي. شاهه سائين جو رسالو هيرن جي کاڻ آهي. شاهه سائين جي شاعري تي هڪ نگاهہ وجهنداسين تہ خبر پوندي تہ هِن وقت سنڌ توڙي ان کان ٻاهر سڄي دنيا ۾ علم ۽ ڄاڻ جي صاحبن، علم ادب جي پارکن ۽ نقادن، ان ڳالهہ کي تسليم ڪيو آهي تہ لاکيڻو لطيف نہ رڳو آفاقي شاعر آهي، پر سندس عظمت جي بلندين کي ڪير بہ ڇهي نہ سگهيو آهي.

شاهه سائين ۾ تخليقي سگهہ بدرجہ اُتم موجود هئي ۽ تخليق تڏهن اوسر حاصل ڪندي آهي، جڏهن اُن ۾ تحرڪ هجي. احساس، جذبو ۽ فڪر اهڙا ادراڪ آهن جن سائينءَ جي ذات کي وڌيڪ مضبوط بڻايو.

شاهه سائين پيڙهيل طبقي کي جيئڻ جو ڍنگ سيکاريو. سماج جي اوسر لاءِ اتساهيندڙ نظريا ڏنا. هُن سنڌ کان علاوه، هند جي ڪيترن ئي شهرن جو سير ۽ سفر ڪيو ۽ مشاهدو ماڻيو. پاڻ سيلاني محقق هو. سندس رسالي ۾ جن قصن ۽ ڪردارن جو ذڪر ڪيل آهي، انهن هنڌن ماڳن جو شاهه سائين خود سير ڪيو هو ۽ سندس انداز بيان سائنسي ۽ تحقيقاتي هو.

سُر سورٺ جو سورمو راءِ ڏياچ سنڌ جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق آهي، جنهن کي لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾ امر ڪري ڇڏيو آهي. راءِ ڏياچ جي قصي کي، پنهنجي فڪري روين مطابق مختلف طريقي سان بيان ڪيو آهي.

سُر سورٺ، شاهه جي رسالي جي سيني سُرن ۾ نهايت منفرد معنيٰ خيز ۽ اهميت وارو سُر آهي هن تاريخي داستان جي ڪهاڻيءَ جا تاڻا تڪاڻا ۽ انهن سان منسوب روايتون ۾ ڳالهيون، هڪ اهڙو منظر پيش ڪن ٿيون، جيڪو جيءَ کي جهوريندڙ ۽ عبرت آموز هئڻ سان گڏ، "ڏياچ جي خود قرباني يعني سِرَ جي سخا جي عمل کي پيش ڪري ٿو. سنڌ جي سخين ڏاتارن ۾ راءِ ڏياچ جو نالو نهايت احترام ۽ عزت سان ورتو ويندو. ڪانياواڙ رياست ۾ سفر ڪندي جڏهن لاڪيٽي لطيف "گِرنار" جي قلعي جو سير ڪيو تڏهن راءِ ڏياچ بابت مقامي معلومات حاصل ڪيائين ۽ چيائين ته:

"ٿيو غلغلو گرنار ۾، ته ڪو عطائي آيو"

هي قصو ڏهين صدي عيسوي جو آهي، جڏهن سنڌ ۾ عرب دؤر پنهنجي پڇاڙي کي پهچي رهيو هو مقامي سومرا اُڀري رهيا هئا ۽ سنڌ جا سما، سنڌ مان وڏي ڪڇ، گجرات ۽ ڪانياواڙ ۾ پنهنجون جُدا جُدا رياستون قائم ڪري چڪا هئا. اُنهن ۾ "چاڏن سمن" (چوڙن سمن) جي ڪانياواڙ ۾ راجائي قائم هئي.

سمن جي گهراڻي سنڌ تي 1350ع کان 1520ع تائين حڪومت ڪئي، جيتوڻيڪ سنڌ تي 170 سال حڪومت ڪيائون پر سندن مکيه قبيلا آڳاٽي وقت سنڌ جي وچولي ايراضي ۾ رهندڙ هئا. اٺين صدي عيسويءَ جي شروعات ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ جي فتح وقت موجوده شهيد بينظير آباد (نواب شاهه) ضلعي جي مشهور بستي "سمن ساوڙي" سمن جو مکيه مرڪز هئي. پوئين دؤر ۾ خاص ڪري "لاکاٽ" وارو ڀاڱو سندن طاقت جو مرڪز هو. ڊاڪٽر گربخشاڻي، سمن قبيلن جي ڪانياواڙ ۾ حڪومت ڪرڻ بابت لکيو آهي ته، "875ع ڏاري راءِ





چوڙا سمي ڪانياواڙ ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي ۽ گاديءَ جو هنڌ، "ونٿلي" کي مقرر ڪيائين، سندس پويان پاڻ کي "چوڙاسما" سڏائڻ لڳا. راءِ "گرهرپو" هن گهراڻي جو هاڪارو حاڪم ٿي گذريو آهي.

جهوناڳڙهه جو مشهور قلعو به سندس ٺهرايل آهي، هي قلعو ونٿلي کان اٺ ميل پري گرنار جبل جي اولهه طرف آهي. جهوناڳڙهه جي ساري شهر کي عالم پناهه آيل آهي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. راءِ گرهرپو 982ع ۾ وفات ڪئي، ڪانئس پوءِ سندس پُٽ راءِ ڪوات گادي نشين ٿيو جنهن 1003ع ۾ وفات ڪئي جنهن ڪانپوءِ سندس پُٽ راءِ دياس تخت تي وينو. "ڏياچ" دياس جي بگڙيل صورت آهي.

راجا راءِ ڏياچ سورٺ جو سهاڳ هو. جهوناڳڙهه کان ڏهه ميل اوپر، ڪانياواڙ رياست ۾، گرنار جي پويتر ٽڪري آهي، جنهن تي جين ڌرم جا زبون حال مندر موجود آهن. سنگ مرمرجهڙي پٿر (سماق Granite) جي جُڙيل هي مقدس ٽڪري، سطح سمنڊ کان ساڍا ٽي هزار فٽ بُلند آهي، تقريبن ٽن هزار فوٽن جي بلنديءَ تي 16 جين مندر ٺهيل آهن. گرنار ٽڪريءَ جي تري وٽ تاريخ اُڪريل آهي: مهاراجا اشوڪ جا 14 فرمان (اٽڪل 251ق.م)

سترپ ردرادمن جا نقوش (151ع) ۽ گپتا مهاراجا سڪند گپتا جا احڪامات (455ع)، هن مقام جي مذهبي ۽ تاريخي اهميت جا شاهد آهن (چئمبرس،ج 6،ص 355) سنڌ ۾ سمن قبيلن آڳاٽو اسلام قبول ڪيو هو ۽ عربن سان گهٽو اُٺي ويني هُئن. جنهنڪري سخاوت سندن شعار بڻجي ويئي. سما خوشحال هوندا هئا. منگتا، مڱڻهار وتائن دل گهريادان وٺندا هئا. سوالي سندن در تان ڪڏهن به خالي نه موٽيو تنهن ڪري سندن سخا جي هنڌين ماڳين هاڪَ هُلي وئي. دل کولي سخا ڪيائون ۽ ڏان ڏنا. پڻن، پانن ۽ چارڻن کي ويتر ورسايائون. سمن مان ڏهه ڏاتار مشهور ٿيا:1 وڪيو ڏاتار 2 جاکرو جادماڻي 3 ڄام ڪرن 4 راءِ ڏياچ 5 راهو هوٿياڻي 6 ڄام اُنڙ 7 سپڙ چوٽاڻي 8 ڄام لاکو 9 ڄام اونو ڪکراڻي 10 هٽند ٽڏياڻي.

پٽن، پانن، انهن ڏاتارن جي قصن ڪي خوب ڳايو. شاهه لطيف جهڙي عظيم شاعر پڻ انهن ڏاتارن جي سخاڪي خوب ڳايو. چو ته هن قصي ۾ سخاوت جو طريقو عجيب آهي جيئن شاهه سائين فرمائي ٿو ته:

"چارڻ تنهنجي چنگ ۾، توحيد جي تار،
وحده لاشريڪ له ، تندن ايءُ تنوار،
مون کي تنهن وار، فڪر هٽي فنا ڪيو.

شاهه سائين دراصل سنڌ جي ماڻهن کي انهن لافاني ڪردارن تمثيلن ۽ علامتن ذريعي تصوف جا طريقا سمجهايا آهن. لطيف سائين تصوف جون ڳالهيون، تصوف جا نقطا ۽ فلسفو تمثيلي انداز ۾ سمجهايا آهن.

سورٺ، ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ جي قصي ۾ ڪردارن وسيلي پنهنجي نيڪ ۽ صالح فڪر کي هڪ فرد کان پوري قوم ڏانهن ۽ پوءِ دنيا جي سمورين قومن ڏانهن ڪٽي وڃي ٿو. يعني اسان پنهنجو انفرادي ڪردار جڏهن اعليٰ نموني سان ادا ڪندا سين ته پوءِ عالم انسانيت لاءِ اعليٰ ڪردار ادا ڪرڻ جي لائق بڻجي سگهنداسين مثال:

ساري رات صاحب کي، ڳڙهه ئي ڳايائين،
اُنس ماڻڪ مينهن جئن، هٿ نه ڇُيائين،
تي لائق لڌائين، جيئن هو ميراثي مڱڻو.

حاصل مطلب جهوناڳڙهه علائقي جو هي لازوال داستان سخاوت، همت، حوصلي ۽ سورهيائي جو اهڙو مثال آهي جو اڄ به هر پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ ان ڪردار تي فخر محسوس ڪري ٿو.

هر عورت جي ڪهاڻي، انسانيت ۽ پيار سان ڀرپور ڪهاڻي آهي پر هتي سورٺ جو ڪردار هڪ اهڙي سنڌي عورت جو ڪردار آهي جيڪا راج ماتا (راءِ ڏياچ جي اصل ماءُ) کان هڪ قدم اڳتي وڌي ٻيجل جي ٻانهي ٻنجڻ لاءِ تيار آهي ته جيئن ڏياچ کي بچائي سگهي.





سورٺ جي محبت انتهائي منزل تي پهتل آهي. هوءَ جڏهن پنهنجي وَر کي بچائي نه ٿي سگهي ته پوءِ پاڻ راءِ ڏياچ سان گڏجي سَتي بڻجي وڃي ٿي. هيءَ ڪردار سنڌ ڌرتيءَ جا لازوال ۽ حيرت انگيز ڪردار آهن. هڪ پاسي راءِ ڏياچ سخاوت جي انتها ڪري ڇڏي ۽ ٻئي پاسي سورٺ پنهنجي سهاڳ ۽ پيار خاطر جيئري ستي بڻجي پاڻ ملهايو.

راءِ ڏياچ جو سادگي ۽ سخاوت وارو ڪردار اهم آهي جنهن کي سخاوت ۽ واعدي نڀائڻ ۾ ڇوٽڪارو (Solution) نظر اچي ٿو. هن جي آڏو سِر، مُلڪ يا حڪومت ڪا حيثيت نه ٿا رکن. اهڙا انسان تاريخ جي هر دؤر ۾ ملن ٿا. راءِ ڏياچ بنا ڪنهن لالچ ۽ مفاد جي سِر ڏئي سَرهو ٿيو. سورٺ اهڙو اهڃاڻ آهي جيڪو جهڙن ڪردارن جي، حفاظت لاءِ ساڻن گڏ گڏ ڪم ڪندو رهندو آهي. جيڪڏهن هو ڪوشش جي باوجود چڱائي ۽ طاقت جي سرچشمي کي بچائي نه سگهندو آهي ته پوءِ پاڻ به اهڙي ماحول ۾ رهڻ بدران اُن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندو آهي چاهي اُن لاءِ اُن کي ڪيتري قرباني ڏيڻي پوي. حالانڪ اهو چيو ويندو آهي ته عورت جي طبيعت ٻاجهاري ۽ نرم هوندي آهي. هُو رفيق القلب ٿئي ٿي. پر هِتي سورٺ پنهنجي وَر تي جان نڇاوَر ڪري محبت جو ڪنڌ مٿي ڪيو اهڙي شان ۽ مان کي ڏسي، جهوناڳڙهه جون سڀ عورتون ڏکاريون ٿي پون ٿيون ۽ سورٺ جي محبت کي سلام پيش ڪن ٿيون ۽ بهادري تي داد ڏين ٿيون. سڄي جهوناڳڙهه جي ڏک واري ڪيفيت کي شاهه سائين، هِن بيت ۾ بيان ڪيو آهي.

"محلين آيو منگڻو ساز ڪٽي سُري،
سِسي تنهن سلطان کان، اچي گهوٽ گُهري،
هنڌين ماڳين هاءِ ٿي، ٻيجل دانهن ٻُري،
جهونا ڳڙهه جُهري، پئي جَهانءَ جهروڪ ۾"

نوٽ: جنهن زماني ۾ هي قصو وجود ۾ آيو اُن زماني ۾ جهوناڳڙهه سنڌ ۾ هو تنهن ڪري هي سنڌ جو داخلي داستان آهي.

ورهائجي ويو.

ڀڳتي تحريڪ جو مکيه علائقو تامل ناڊو کي ڄاڻايو وڃي ٿو. ان جي ابتڙ ڏکڻ هندوستان ۾ شوِ-وشنو ۽ سندس اوتار جي ته مورتي کي فڪر ۽ فلسفي جو مرڪز ڄاڻايو ويو.

ڀڳتي تحريڪ جي فلسفي ۽ فڪر جو بنياد هيڪڙائي يعني هڪ هستي کي ڄاڻايو ويو جنهن موجب سندس ڪوبه مَٽ ۽ ثاني ڪونهي، ان کي برهما (Barhama) جو نالءُ ڏنو ويو.

جڏهن هندوستاني فڪر ۽ فلسفو محض عقيدت پرستي ۽ قدامت پرستيءَ جي گرداب/ڳُن ۾ ڦاسي پيو هو ان ۾ جنهن منش نواڻ آڻي ڪيس متحرڪ ڪيو ان عظيم فيلسوف جو نالو مهارشي شنڪر آچاريه (820ع-788ع) آهي. سندس فڪر ۽ فلسفي کي ادوتا ويدانت (Advita Vedant) چيو وڃي ٿو ۽ سندس تحريڪ کي ڀڳتي تحريڪ چيو وڃي ٿو.

## ڀڳتي تحريڪ جو تواريخي پس منظر

هندستان جي فيلسوفيانه فڪر جي تواريخ ۾ جيڪا وٿ لکت جي شڪل ۾ پڌري ٿي سامهون آئي، ان ۾ ويدن (Vedas) کي سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ مهانتا حاصل آهي. ويدن کي قديم هندستان جي فڪري ادب جو اهم ۽ بنيادي سرمايو چئي سگهجي ٿو. هونئن جيتريقدر ويدن جي قديم/آڳاٽي هئڻ جو تعلق آهي ته عالمن ۽ محققن جي وچ ۾ اختلاف راءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هندوستان جي فلسفي کي سوڌڻ، سموهڻ ۽ ان کي اجاگر ڪرڻ وارن مان ميڪس ملر (Max Muller) جو اهم پَد ليکجڻ ۾ اچي ٿو جنهن جي راءِ مطابق ويدن جي ڄمار 400 ق-م آهي. جڏهن ته بال گنگا ڌر تلڪ جي ڳڻ ڳوٽ مطابق 2400 ق-م ۽ ڊاڪٽر راڌا ڪرشن جي ڪوڃنا مطابق 1200 ق-م ڄاڻايل آهي. انهن اختلافن جي باوجود به صاف ظاهر آهي ته ويد هِنَ ڌرتي جا سڀ کان آڳاٽا پُراڻ آهن. ان کان سواءِ ويدن بابت اها به



# شاهه لطيف جي شاعريءَ تي ڀڳتي تحريڪ جو اثر

امان الله شيخ

ڪوبه فلسفو فڪر، آدرش ۽ اصول پاڻمرادو اوچتو نروار ٿي سامهون ن ڪونه ايندو آهي، پر انهن جي اوسر ۽ آبياري ۾ صدين جو سفر ۽ اڪيچار انسانن جو علمي ۽ عملي پورهيو شامل هجي ٿو. هونئن ڀڳتي تحريڪ ايتري ئي آڳاٽي/ قديم آهي، جيترو هي پنهنجو مهاڀارت. مطلب ته انساني سماج ۾ جيئڻ شعور ۽ ساڃاهه جا سَلا نسريا ته انهن جي سنگم جو هڪ اظهار ڀڳتي تحريڪ پڻ آهي.

ائين جڏهن ڪوبه فڪر يا فلسفو ڪنهن جاءِ تي پهچي اڳتي وڌڻ جي سگهه وڃائي ويهندو آهي ته بيٺل پاڻي جي تلاءَ وانگر سُڪوت (Stagnant) ۾ ٿي وڃي ٿو. ان جي نتيجي ۾ اهو فلسفو يا فڪر مورڳو رسمن ۽ ريتن جي نالي ۾ ڏيک ويک ۽ نماءَ جو نمونو بڻجي ته اهڙي صورتحال جي خاتمي لاءِ رد عمل به اٽتر بڻجي پوي ٿو. ڀڳتي تحريڪ به مذهبي قدامت پرستيءَ جي خلاف ردعمل يا جواب بڻجي سامهون آئي ۽ ڀڳتي تحريڪ پنهنجي اُڀار ۾ نواڻ سان مذهبي ريتن، رسمن ۽ پوڄا پاٺ کي پاسائتو ڪندي ڄاڻايو ته ڪوبه مذهب بالادست ۽ قابض نه هجي ٿو. ان جي برعڪس پُر امن بقائي باهمي (Peaceful Co_Existence) جي اصولن تي ڪاربند رهڻ ۾ ئي آڄپو ۽ ڇوٽڪارو هجي ٿو. مطلب ته ڀڳتي تحريڪ هندو ڌرم ۾ آيل قدامت پرستي/ راسخ العقيده (Orthodoxy) جي آڏو للڪار بڻجي آئي. ائين هي وشال اپکنڊ علمي ۽ فڪري لحاظ کان ٻن حصن ۾

چٽائي موجود آهي ته اُهي ڪنهن به هڪ ماڻهوءَ جو پورهيو يا ثمر ڪونه آهن، پر مجموعي طور انهن رشين ۽ گيانن جي گيان ۽ ڌيان جو ثمر آهن، جن پنهنجي شعور ۽ ساڃاهه وسيلي علم ۽ عرفان حاصل ڪيو. هونئن به ويدن جي معنيٰ ۽ مفهوم: علم، گيان، وديا (Knowledge) ڄاڻايو ويو آهي.

صدين جي سفر کان پوءِ ويدن جي علم ۽ گيان جي پيڙارن جو ڪارج محض ريتون، رسمون شاستر وڏي (Rituals) وڃي رهيو. اڳتي هلي انهن ۾ نواڻ آڻڻ لاءِ فيلسوفيانه ڪلپنائن/ خيالن کي سوڌڻ ۽ سموهڻ جي ضرورت محسوس ٿي ۽ ان جي نئين شڪل اپنيشدس (Upanishads) جي نالي سان نروار ٿي. اپناشدس جي آمد جو مقصد هندوستاني فلسفي ۾ قدامت پرست سوچ ۽ فڪر کي رد ڪري آزادانه ۽ باعمل فيلسوفيانه نوعيت جو اپٽار ڪرڻ هو. اپناشدس جي اهميت جو ڪاٿو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته اُهي هندوستاني فلسفي جي ڇهن ڌارائن/شاخن تي به اثر انداز ٿيا.

## اپنيشد(Upanishad) جي معنيٰ ۽ مفهوم

ميڪس مولرمطابق ته ان جو ڌاتو: "سيډ" (Sad) يعني مشروط گڏڻ، اسپگرگُ ۽ "ني" (Ni) يعنيٰ ته ويهڻ. ان جي ٿلهي ليکي معنيٰ ويهي ٿي ته گروُيا مرشد جي آڏو مودبانه/ ادب ۽ احترام سان ويهي پرائڻ. انجي برعڪس پال ڊيوئسن (Paul Deussen) جي ڪوجنا مطابق آچاريه شنڪر کان وڌيڪ اپنيشدس کي ڪوبه وڌيڪ اجاگر ڪري ڪونه سگهيو آهي، جنهن مطابق اپنيشدس جي مختصر ۽ جامع معنيٰ آهي اندر ۾ سانڍيل ڳُجهه يا راز (Secret). ميڪس مولر کان وٺي داس گپتا ۽ راڌ ڪرشن تائين سڀئي سهمت آهن ته ڊيوئسن کان وڌيڪ اپنيشد جي تز ۽ ٺهڪندڙ معنيٰ ٻي ڪونه آهي، ڇو ته اپنيشد ابتدائي ايامڪاري ۾ سيني به سيني منتقليءَ جي عمل مان لانگهائو ٿيندا رهيا ۽ لکت جي صورت ۾ ڪونه آيا هئا. ڇو ته جن به مفڪرن اپنيشدن جي واڌ





ويجهه ۾ هٿ ونڊايو انهن اندر جي شڪتي کي اجاگر ڪري آئينو ٻڌائڻ تي وڌيڪ زور ڏنو هو.

داس گپتا جو خيال آهي ته ادبي لحاظ کان اپنيشدس جي ترڪيب ۽ تفهيم ڪرڻ جي بدران ڏنو وڃي ته اُهي پنهنجي سٽاء ۽ ڄاڻ ۾ ويدن کان جداگانه ۽ منفرد آهن، اپنيشدس اسان کي ڄاڻ جي راهه ( Path of Knowledge/ Janan Morga) ڏانهن رهنمائي ڪن ٿا، جڏهن ته ويد عمل جي راهه (Karma Morga/ Path of Action) ڏانهن سونهون ڪن ٿا.

راڌا ڪرشن جي راءِ موجب ته اپنيشدس پنهنجي جوهر ۽ خيال ۾ حتمي طور ويدن جي اپٽار/تشريح جو ذريعو آهن.

شنڪر آچاريه جي خيال مطابق 11ئي راڌا ڪرشن انهن کي 18 ڄاڻائي ٿو جڏهن ته داس گپتا جي راءِ موجب اپنيشدس جو انگ 12 هو. هونئن اپنيشدس کي تواريخ ۾ وڏي پذيرائي دارا شڪوه ( 1615ع_1659ع) جي دور ۾ حاصل ٿي. هندوستان جي هِنَ روشن خيال، انسان دوست ۽ صوفي سپاه رکندڙ اپنيشدس کي فارسي زبان ۾ منتقل ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏنو جن جو ڳاڻيٽو 50 ٻڌجي ٿو.

رينڊ (Rende) جي ڇوڻ مطابق ته ويدن کان اپنيشدن جو رستو مختصر لفظن ۾ هيئن جداگانه هجي ٿو ته اهو پوڄا پاٺ ۽ ظاهري ريتن رسمن کان اڳيرو فلسفي ۽ ڏاهپ جي دائري ۾ داخل ٿيڻ جو وسيلو آهي. اپنيشدس اڪيچار ديوتائن آڏو آزي نيزاري ڪرڻ جي برعڪس وحدانيت (Monotheism) ڏانهن گهڻي ياڱي مائل ڪن ٿا. ڊيوڊ هيوم (David Hume :1711_1776) جي راءِ ۾ ته اپنيشدس جو فلسفو "برهما ازم" کي پنهنجي اپٽار جو مرڪزي نُقطو سمجهي ٿو.

راڌ ڪرشنن چواڻي ته برهما جي معنيٰ سچائي آهي جنهن جي وصف ۽ واکاڻ نس نس ۾ سمايل هجي ٿي. ان جو مطلب ته برهما جي معنيٰ اهو مرڪزي اهڃاڻ يا شڪتي آهي، جيڪا دنيا جي جوهر

۾ سَت بابت ڄاڻ جو ڪارڻ هجي ٿي.

جديد هندستان جو عمارت ساز ۽ پهريون وزير اعظم جواهر لال نهرو (وفات 1964ع) پڻ 1958ع ۾ گوهاٽي يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن کي خطاب ڪندي چيو: ”اپنيشدس جو جوهر /روح/ ست ۽ مهاتما ٻڌ جي تعليم بنيادي طور سائنسي سوچ سان واسطو رکن ٿيون. جنهن ۾ کوجنا ۽ تحقيق جا عنصر اوهان جي ذهني سوچ کي ڪارائتو بڻائين ٿا ۽ اجا به وڌيڪ ته اسين دليل ۽ تجربي جي آڌار تي اڳيرائي ڪيئن ڪري سگهون ٿا.“

هونئن هندوستاني فلسفي جي تواريخ ۾ ان ۾ مختلف شخصيتن جي پورهئي ۽ جدوجهد تي مٿاڇري نظر اڇلائڻ جي ضرورت هجي ٿي جن جي مُهابي پڳتي تحريڪ ۾ اڳڀرائي ٿي. انهن شخصيتن جي فڪر ۽ سوچ جو پنڌ ترتيبوار مختصر طور هيٺين ريت ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

## ورڌمان مهاوير (540-568 ق-م) Vardhamana (Mahavir))

ورڌمان جنهن کي مهاوير به چيو وڃي ٿو ان جي معنيٰ آهي سورهيه يا سورمو جيڪو ”جين مت“ (Jain Doctrine) جو باني ڪار چيو وڃي ٿو. جين مت جو بنيادي اصول آهي ته بدي ۽ بڇڙائي جي قوتن کي زير ڪرڻ لاءِ تياڳ/ تارڪ الدنيا (Ascetism) بڻجڻ سان ئي مَن کي ڪامنا حاصل ٿئي ٿي. مهاوير 28 وَرهين جي ڄمار ۾ حق/ روحانيت جي ڳولا ۾ گهر کي تياڳ ڏنو ۽ سڄا سارا ٻارنهن وَرهيه جهنگ جهاڳيندو رهيو. هو عملي طور تن تپسيا_Self) (mortification ۾ مستغرق/ محو رَهيو. انت ته ڪيس ابدي نجات (نرواڻ) حاصل ٿي.

مهاوير جي فلسفي ۽ فڪر جو بڻ بڻياد اهنسا (Ahisa) ۽ ڪرما (Karma) آهن:





**اهنسا** (Ahisa): سيئي ساهوارا هڪ جيترو ملهه ۽ قدر لَهن ٿا ۽ انهن ڏانهن پنهنجو رويو/لاڙو جارحانه يا اڳرائي وارو نه هئڻ گهرجي.

**ڪرما** (Karma): ڪائناتي قانون ۽ شڪتي، جنهن مطابق جيڪو پوکبو سوئي لڻبو. جين مت جا پوئلڳ هندوستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ويا پر انهن جا اهم ٿاڪ يا ٺڪاڻا گجرات ۽ راجستان ۾ آهن.

(نوٽ: راجستان ۽ سنڌ جون سرحدون هڪ ٻئي سان ملن ٿيون.)

جيئن ته مهاوير ئي سڀ کان پهريائين ويدن جي آخري ۽ سچ هجڻ کان نابري ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ان انڪار جي اصول کي به جين مت جو اهم جز ڄاتو وڃي ٿو.

## سڌارٿ گوتم ٻڌ (563-483 ق-م )

(Sidhartha Gutama The Bhudha)

سڌارٿ گوتم به ڇوٽڪاري/نجات جي ڳولا ۾ گنگا جي ميدانن ۾ سير سفر ڪندو رهيو ته جيئن جوڳ حاصل ڪري سگهي. انت ته ڪيس هڪ ڏينهن نرواڻ حاصل ٿيو. امالڪ سندس وات سان نڪتو:

> ”مان پنهنجن سيني اوگڻن مٿان سَرسي حاصل ڪري ورتي، مون ساڃاهه وسيلي ننگ ناموس کان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو. مان سيني شين کي تياڳ ڏئي ڇڏيو ۽ مون کي مُڪتي حاصل ٿي وئي. جيئن ئي مون خواهشن کي لتاڙيو... مون ۾ ٺڌائي ۽ ٺهرم واسو ڪيو آهي، ان جي نتيجي ۾ نرواڻ ۽ ڪرما حاصل ٿيا آٿم. ڇو ته هي سڄو سنسار سُروم_ڏُکوم_ ڏُکوم آهي. معنيٰ سڀ ڪجهه ڏک_ ڏک آهي.“

شنڪر آچاريه(820ع-788ع) (Sankar Acharya)

شنڪر آچاريہ جو شمار هندوستان جي فلسفي ۽ فڪر جي تاريخ ۾ علم ۽ ڏاهپ جي مهندارن ۾ ڪيو وڃي ٿو. شنڪر، مهاتما ٻڌ (483-563 ق-م) کان پوءِ فڪري سلسلي جي هڪ اهم ڳڙي ليکيو وڃي ٿو تہ وڏاءُ نہ ٿيندو. هي ويدانتي باغ جو اهو سدا بهار ٻوٽو آهي جنهن جي خمير ۾ هندوستان جي اَساسي فلسفي جي آبياري ٿيل ۽ ان جي هُڳاء کي مختصر لفظن ۾ ادوتا (Adivita) چيو وڃي ٿو. ان مان مراد آهي تہ دُوئي (Dualism)کي رد ڪري وحدانيت جو پرچار ڪرڻ. شنڪر ٿوري ڄمار ۾ ڏهن اپنيشدن، "برهم سوتر" ۽ "شريمڏ" ڀڳوت جون جيڪي بہ شرحون/تفسير لکيا، ان حوالي سان هلندي دنيا تائين ڪيس وحداني قدرن جي مفڪرطور ياد ڪيو وڃي ٿو. مطلب تہ وحدانيت کي هندوستان ۾ نواڻ بخشڻ وارو شنڪر آچاريہ ئي آهي. شنڪر جو فلسفو "ادوتا ويدانت" (Adivita Vedanat) چيو وڃي ٿو.

شنڪر جي تعليم ۾ برهما (خدا) ئي حقيقت آهي. اهو ئي واجب الوجود آهي. ان کان سواءِ ڪوبہ حقيقي معنيٰ ۾ موجود ناهي. سندس فڪر کان اولهہ جا ڏاها ۽ مفڪر پڻ فيضياب ٿيا. جن ۾ اسپنوزا (1677-1632)، لائبرز فختي (1814-1762)، هيگل (1830-1770)، شوپنهار (1860-1788) شمار ڪري سگهجن ٿا. انهن مان فختي ۽ شنڪر ۾ ايڏي ويجهڙائپ آهي جو ڪيس اولهہ جو شنڪر آچاريہ چيو وڃي ٿو.

اسان کي ڄاڻ آهي تہ ڀڳتي تحريڪ جي فڪر ۽ فلسفي جو بڻ بنياد ادوتا ويدانت آهي. پر ان جو شاهہ جي شاعري تي ڪيئن اثر پيو ان لاءِ پاڻ کي مختصر نموني تصوف جو تواريخي پس منظر ۽ اپڪنڊ تي پيل اثرن جو جائزو وٺڻ پڻ لازمي هجي ٿو.

## تصوف جو تواريخي پس منظر





## تصوف جي معنيٰ ۽ مفهوم

تصوف جي معنيٰ عربي ٻوليءَ جي ٽن عنصرن جو ڌاتو ڄاڻايو وڃي ٿو. سَا (Sa) وا (Wa) ۽ فا (Fa). ان جو عربي ۾ ڌاتو يا لفظ "صفوي" بيهي ٿو جنهن جي لغوي معنيٰ آهي تہ اهي جيڪي چونڊيل هجن ٿا.ڪجهہ عالمن جي راءِ آهي تہ: "تصوف" جي اصليت "صف" سان واڳيل آهي جنهن جي معنيٰ صف بندي يا قطار ۾ بيهڻ هجي ٿي. ان کان اڳيرو ڪجهہ عالم ان راءِ جا آهن تہ ان جو بنيادي نُڪتو "صفا" مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ رهڻ جو نئيو ورانڊو يا ڇاپرو. ڪجهہ محقق ان خيال جا آهن تہ "تصوف"جو مطلب يا معنيٰ تہ اهي ماڻهو جيڪي اندروني علم ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکندڙ هجن ٿا. البيرونيءَ جي اشتقاق مطابق تصوف لفظ جو ڳانڍاپو يوناني لفظ صوفوس (Sophos) سان يعني ڏاهپ سان هجي ٿو.

اڄ جي دور ۾ تصوف بابت ٻن عالمن سَر وليم جونس (وفات 1794ع) ۽ سر جان مالڪم (وفات 1833ع) جي راين کي وڏيڪ وزندار سمجهيو وڃي ٿو. جيڪي مستشرقيت (Orientalism) جا پارکو ۽ ڄاڻو هئا. انهن ٻنهي جي راءِ آهي تہ صوفي پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ آزاد هئا. انهن جو مذهب سان نالي ماتر ڳانڍاپو هو. انهن ۾ آزادانہ فڪر جي ايڏي تہ اڏام هئي، جو اهي ڪرستانن، يوناني فلسفي ۽ ويدانت جي ڄاڻن سان بحث مباحثو ۽ ويجهڙائي ۾ رهڻ پسند ڪندا هئا. هُو اسلام ۾ مذهبي ڪٽرپڻي کان پاڻ کي پاسيرو ۽ پرانهون رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

جديد دور جي اولهہ جي فلاسافرن ۾ وحدة الوجود جو اصطلاح ڪتب آڻيندڙن ۾ اسپنوزا کي وڏيڪ اهميت حاصل آهي. اهڙيءَ ريت پهريون ماڻهو جنهن تصوف جو نالو علمي لحاظ کان ڪتب آندو سو شام جو هڪ ڏاهو ابو هاشمي الصوفي (767ع) آهي.

تصوف بہ ايترو ئي آڳاٽو آهي جيترو انساني سماج جو شعور

۽ ساڃاهہ پر تصوف جو هڪ نئون دور صحراءِ عرب ۾ اسلام جي آمد سان ليکي ۾ آندو ويجي ٿو. تصوف بہ ان وقت متحرڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو جڏهن اسلام ۾ انتها پسندي، ڇڙواڳي، ظاهري نمائش، ڏيک ويک، رسمن ريتن ۾ واڌارو ايندو رهيو. اسلام ۾ تصوف جي اوسر ستين صدي جي شروعات ۾ محسوس ٿئي ٿي جڏهن حڪمرانن پنهنجي حاڪميت کي جائز ۽ حقيقي ڄاڻائڻ لاءِ مذهب جي نالي کي ڪتب آڻڻ جو وهنوار شروع ڪيو. انهن سيني اصولن ۽ آدرشن کي لتاڙڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس ڪانہ ڪئي جيڪي سندن مفادن ۽ حڪمراني جي آڏو رنڊڪ بڻجي بيٺا. انهي عمل خلاف تواريخ ۾ ٽن لاڙن جنم ورتو:

(الف) **احياء پرستي** (Revivalism): انهي قدامت پرست تصور جي حوالي سان مختلف گروهن جي ذهن ۾ ويهجي ويو تہ اسلام ۾ آيل بدعتن ۽ بڇڙاين کي ختم ڪرڻ لاءِ حضرت محمد ﷺ جي نج ۽ حقيقي پيغام کي عملي طور سخت گيري وسيلي قائم ڪرڻ جي ٻيهر ضرورت آهي.

(ب) **تصوف** (Tasuwaf): هيءُ ان سوچ ۽ فڪر جو نالو آهي جنهن مطابق اسلام ۾ انتهاپسندي، ڇڙواڳي، ڪٽر پڻ ۽ احياء پرستي جي مخالفت ڪرڻ سان گڏوگڏ حڪمرانن پاران مذهب کي هٿيار طور استعمال ڪرڻ خلاف بہ محاذ آرائي ڪرڻ هو. تصوف ڪنهن بہ مرڪزيت هئڻ کان سواءِ مقامي طور منظم تحريڪن جي شڪل ۾ اُڀريو. تصوف جا فڪري ڏاڪا روحانيت (Spiritualism)، آزادي/ڇوٽڪارو (Emancipation)، ڄاڻ (Knowledge) ۽ پيار (Love) ٻڌايا وڃن ٿا. صوفي تحريڪن جو پڙاڏو ساڳي ريت ٻين مذهبن جهڙوڪ: يهوديت ۾ ڪبالاازم، عيسائيت ۾ رهبانيت ۽ ٻڌ مت ۾ ڇنتي نموني نظر اچن ٿا. مطلب تہ تصوف جو فڪر روحاني سجاڳي، آزادي، پيار ۽ ڄاڻ وسيلي پيروي ڪرڻ سان سلهاڙيل هجي ٿو.

تصوف جي دنيا ۾ جنهن شخص پڌري پٽ سياسي، سماجي





ڦرلٽ ۽ مذهبي آمريت خلاف عَلم بلند ڪيو اهو حسين بن منصور (920ع) آهي. انهي بغاوت جي صلي ۾ حسين کي ڦاسي تي ٽنگيو ويو ۽ سندس لاش کي ساڙي درياهہ فرات جي حوالي ڪيو ويو. حسين بن منصور جي شهادت کان پوءِ تصوف جا طرفدار ٻن حصن ۾ ورهائجي ويا: هڪ اهي جيڪي امام غزالي ۽ القشيري جي سربراهي ۾ وحدة الشهود ۽ قدامت پرستي جا طرفدار هئا، ٻيا اهي جيڪي حق ۽ هيڪڙائي جا طرفدار ٿيا ۽ وحدة الوجود جي فڪر جا پرچارڪ هئا. پوئين صوفي فڪر جي هڪ آرماڻ شخصيت شيخ بايزيد بسطامي (وفات 874ع) چيو وڃي ٿو. انهيءَ صوفيءَ تصوف ۾ وحدانيت پسندي جي نسبت سان ويدانت کي بہ جاءِ ڏني. مطلب تہ تصوف ۽ ويدانت جي ٻن ٻوٽن جي هڪ ڪونڊي ۾ آبياري ڪئي. بايزيد، ويدانتي فڪر ۽ فلسفي جي ڄاڻ پنهنجي هڪ استاد بُوعلي سنڌي کان حاصل ڪئي. حسين منصور بہ بايزيد جو پيرو ڪٽندو سنڌ ۾ ملتان تائين آيو ۽ ويدانت جي ڏاهن ۽ عالمن کان ڄاڻ پرائي پوئتي موٽيو ۽ بصري ۾شوري جي ڪاٽين ۾ پورهيتن کي پڻ منظم ڪيو. منصور جي مجذوبي فڪر ”اناالحق“ ۾ ويدانت جا چٽا اثر پڻ نظر اچن ٿا.

پر جنهن شخص تصوف کي نئين نهج ۽ نقشن سان نواڻ بخشي ان جو نالو شيخ محي الدين ابن عربي (1240_1165) آهي. هونئن تہ تصوف جي فڪر ۾ ابن عربي جي لکڻي ”فصوص الحڪم“ (The Wisdom of the Prophets) کي اڄ بہ عالمي حيثيت حاصل آهي. پر هتي سندس رسالي ”ترجمان الا شواق“ مان ڪجهہ سٽون ڏيڻ مناسب لڳي ٿو. ”سنسار جي هر هڪ وٿ ۾ انهي حقيقت جو دليل موجود آهي. اها وٿ پاڻ رب پاڪ آهي.“ هونئن هن صوفي سالڪ جي ذهني فڪر ۽ سوچ جو عڪس سندس ڪتاب ”فتوحات مڪہ“ مان هيٺين بيت سان روشن ٿي سامهون اچي ٿو:

منهنجي دل ۾ هر هڪ صورت جو آشيانو آهي،
هي هرڻن لاءِ هڪ چراگاهہ آهي،

عيسائي راهبن لاءِ خانقاهه،
بت پرستن لاءِ مندر،
۽ حاجين لاءِ ڪعبو،
۽ لوح محفوظ، توريت ۽ قرآن آهي.
مان محبت جي مذهب جو پوئلڳ آهيان،
۽ اوڏانهن وڃان پيو جيڏانهن اهو قافلو وٺي وڃي
ڇو ته اهو ئي منهنجو دين ۽ ايمان آهي.

اپکنڊ ۾ ابن عربي جو ڇوهول تيرهين صديءَ جي آوائل ۾ شروع ٿي چڪو هو. انهن ۾ اهم نالو شيخ صدر الدين عارف جو سامهون اچي ٿو. ان کان پوءِ ابن عربي جي فلسفي ۽ فڪر جو اهم شارح شيخ امان الله پاڻي پتي هو جنهن کي ابن عربي ثاني پڻ چيو وڃي ٿو. جڏهن ته وحدة الشهود يا قدامت پرستيءَ جو سگهارو نمائندو مجدد الف ثاني کي چئي سگهجي ٿو جيڪو پنهنجي سوچ ۾ سخت گير ۽ فرقيوارانه ورتاءُ رکندڙ هُو. انهيءَ جا اڳتي هلي خوفناڪ نتيجا نڪتا جو مغل سلطنت ڊهي وڃي پٽ پئي. مولانا عبيدالله سنڌي (1872_1944) وحدة الوجود متعلق خيال آرائي ڪندي چوي ٿو: ”وحدة الوجود عملي طور قومن ۽ مذهبن جي وچ ۾ پُرامن بقائي باهمي جو وايو منڊل پيدا ڪري ٿو. ان جي ئي نتيجن ۾ اهڙن لاڙن کي نقصان پهچي ٿو ته محض هڪ ئي مذهب سچو آهي ۽ ٻيا ڪوڙ آهن.“

## ڀڳتي تحريڪ جو سنڌو ماٿريءَ تي اثر

حاصل مطلب ته ويدانت ۽ وحدة الوجود هندوستان ۾ هندو مسلم ايڪتا کي وڌيڪ هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو. انهي دانشورانه ۽ عالمانه تحريڪ کي ڀڳتي تحريڪ جو وچولو دور (Medieval Period) چئي سگهجي ٿو. انهيءَ تحريڪ کي جنهن صوفي ۽ سنت اڳتي وڌائڻ ۾ شاندار ڪردار ادا ڪيو سو ڀڳت ڪبير (1425_1528) آهي. ڀاڪاڻ ته ڀڳت ڪبير مروج سماجي ۽ روحاني





جبر جي خلاف انساني ضمير جي بغاوت جي علامت بڻجي اُڀريو. انهي راهه جو هڪ ٻيو اهم اسم گرو نانڪ (1459_1539) جو اچي ٿو جنهن جي معرفت ڀڳتي تحريڪ کي سنڌو ماٿري ۾ نئين سِر شناسائي حاصل ٿي. انهي سلسلي جو اهم نالو سيوهڻ جائو ميان مير سنڌي (1550_1635) به آهي. ڀڳتي تحريڪ جو سنڌ جي آسمان تي سهائي ڪندڙ شاهه عبداللطيف ڀٽائي (1689_1752) پڻ چئي سگهجي ٿو.

## ڀڳتي تحريڪ جو شاهه جي شاعري تي اثر

شاهه لطيف جو ذڪر ايشيا جي صوفي دانشورن ۾ هڪ جداگانه، منفرد ۽ اعليٰ پد ليکي سگهجي ٿو. شاهه جو رسالو گهڻ پاسائين موضوعن سان ٽمٽار آهي پر موضوع جي لحاظ کان پاڻ کي شاهه جي ڪلام ۾ ڀڳتي تحريڪ سان لاڳاپيل سُرن جو احاطو ڪرڻ تائين محدود رکون ٿا.

اهڙي ريت ويدانت ۽ وحدة الوجوديت جي سنگم سان سنڌ ۽ ان جي آسمان تي سهائي ڪري ٻيهندڙ شاهه لطيف ذڪڻ ايشيا ۾ صوفي دانشورن جي سَٽ ۾ هڪ جداگانه، منفرد ۽ روشن خيال فڪر جو سگهارو نمائندو آهي. ”شاهه جو رسالو“ شاعري جي پد ۾ ڀڳتي تحريڪ جي ٻئي دور جو هڪ شاهڪار ۽ اهم دستاويز ليکي سگهجي ٿو. شاهه جي رسالي ۾ مجموعي طور سُرن جو ڳاڻيٽو (30) آهي. انهن مڙني سُرن ۾ ڀڳتي تحريڪ جو پاڇولو ۽ عڪس ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پر ڀڳتي تحريڪ جي فڪر ۽ فلسفي جو واڌارو جڙاءُ سُر پورب ۽ رامڪلي ۾ نظر اچي ٿو. انهن ٻنهي سُرن ۾ جوڳين، ويراڳين، لاهوتين، سامين، آديسين، ڪاهوڙين جو ذڪر جججهي انداز ۾ ملي ٿو. انهي ٻنهي سُرن مان اڃا به سَرس سُر رامڪلي ۾ ملي ٿو. انهيءَ سر ۾ حق جي ڳولا لاءِ ڪاهوڙين تارڪ الدنيا بڻجي تياڳ ورتو آهي، جنهن کي شنڪر آچاريه ”برهما“ ۽ تصوف جي جهان ۾ بايزيد بسطامي ”سبحاني ما اعظم شاني“، جڏهن ته حسين بن منصور ”اناالحق“، ابن عربي ”الحق“ ۽ شاهه لطيف جو هينيون بيت مڪمل احاطو ڪري ٿو:

سپت پچار پرينءَ، سپت هوت حضور،
ملڪ مڙيوئي منصور، ڪُهي ڪهندين ڪيترا؟

انهي حق ۽ هيڪڙائي جي ڳولا لاءِ شاهہ چوي ٿو تہ سامي ٿيڻ لاءِ جيڪي وصفون ۽ خصلتون گهربل آهن، انهن مان اهم وصف آهي مان ۽ پاڻ کي تياڳ ڏيڻ:

سامي چائين سُک طلبئين، هوندن جئن م هُو،
توکي ويس وڃايو ويس وڃايو تو
سامي آهي سو جهن پاڻ وڃائي پُوريو.

جهان ۾ جوڳيئڙن/ماڻهن جا گهڻ پاساوان رخ آهن. پر انهن ۾ بنيادي طور ٻہ قسم هجن ٿا. جيڪي وڏيڪ مانائتا ۽ معتبر آهن جن پاڻ کي ٻارڻ طور ڪتب آندو. انهن جي عاقلانہ نموني شاهہ ڇيد ڪندي چوي ٿو:

جوڳيئڙا جهان ۾، نوري ۽ ناري،
ٻَري جَن ٻاري، آئون نہ جيئندي اُن ري.

جڏهن حق جي ڳولا ۾ ڪاپڙي لاهوت ۾ قدم پائين ٿا تہ انهي ڪيفيت کي نروار ڪندي چوي ٿو تہ انهن ڪاپڙين وٽ اهڙو اسرار ۽ يا قوتي آهي جنهن ۾ منهنجو ساهہ سرير آهي:

قدم ڪاپڙين جا لڳا ۾ لاهوت؛
جنين سين ياقوت، آئون نہ جيئندي اُن ري.

جڏهن جُهد ڪندڙ نانگا ۽ سامي پڻ وارو وڃائي وڏي ويا تہ پنهنجي حال تي ارمان ۽ افسوس جي ڪٿا بيان ڪندي چوي ٿو:

نانگا نانيءَ هليا، سامي سيئي،
وِهَڪَ مون ويئي، آئون نہ جيئندي اُن ري.





شاهہ ويدانت ۽ وحدانيت جي سنگم جي عڪس بندي ڪندي اظهار ڪري ٿو:

نانگا نانيءَ هليا، هنگلاجان هَلي،
ديکي جَن دوارڪا، مهيسين مَلهي،
آڳهہ جن علي، آئون نہ جيئندي ان ري.

جتي ڀنيءَ ويل تائين باهہ ٻڙڪي ٿي ۽ هن جِندُ ۾ سنياسين جي جڙ لڳي آهي:

ڀنيءَ ٿيون ٻڙڪن باهيون بيراڳين جون،
هلو تہ سيڪيون هٿڙا، مٿي تن مَچن،
ملاسنياسين، جڙ لڳي مون جان ۾.

اهي جيڪي پنهنجي مَن ۾ خوديءَ کي ڪاٽِن ۽ ختم ڪن ٿا انهن جي ساراهہ جون سرڪيون پريندي چوي ٿو:

ڪن ڪَٽ، ڪاپَٽ، ڪاپڙي، ڪَنَ جي ڪتائين،
لاهوتي لطيف چي، ماڳ نہ مٽائين،
هُو جي خودي کي ڪائن، هلو تَڪيا پسون تن جا.

جوڳ پڇائڻ لاءِ گرؤ جي پارَ ڏانهن هلڻ جي نصيحت ڪندي شاهہ چوي ٿو:

جي پائيين جوڳي ٿيان تہ ٻَرِ گرؤ جي پار،
هوائون هنگلاج ڏي ويندي سَپ وِسار،
نانگا ناٿ نِهار، سامي وڏي سڪ سان.

پر ناٿ جي ڳولا بابت هن سَر ۾ شاهہ ڪاپڙين کي ويساهہ کان خالي روح جاڳائيندي تنبيه واري نوع ۾ چوي ٿو تہ ناٿ تہ هِتي ئي آهي ۽ مَن ۾ وسرام ڪري ٿو:

ناٿ جنهين ننڊ، تت نہ نهاريو جوڳين،
ڪي ڪُو ساهيا ڪاپڙي پُريا پرانهين پنڌ،
هو هنين هنڌ، تي هُنهين ويا هنگلاج ڏي.

چوٿو:

ڪُوڙا سامي، ڪُوڙا سامين پنڌ

چا اهو ڀڳتي تحريڪ جو پنڌ پڇاڻيءَ تي پهتو. منهنجي خيال ۾ تہ اهو پنڌ پڇاڻي تي ڪونہ پهتو آهي شاهه جي چواڻي

قيام ملن سپرين، پڻ اوڏا پانئج

## ڀڳتي تحريڪ جو مستقبل

اسان کي سمجهڻ گهرجي تہ شاهه جي دور کان اڄ ايڪويهين صدي تائين مفاصلو يا وٿي ٽن سؤ ورهين تي محيط آهي. شاهه جي دور جو سنڌي سماج قبائلي قدرن، انتشار ۽ ڇڙواڳي سان سلهاڙيل هو. شاهه جو ڪلام جنهن کي اسان عالمي سطح جي شاعري چوڻ ۾ حق بجانب آهيون، اهو سمورو ڪلام سنڌ ۾ ڇڙو اڳي ۽ گهرولڙائي جي ماڻڌاڻ جي پيداوار آهي. پر قومن جي تواريخي پنڌ ۾ اهڙا شاعر بہ هجن ٿا جيڪي صدين جو پنڌ اورانگهي بہ سماج تي اثر انداز هجن ٿا. انهن مان شاهه پڻ هڪ آهي. ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻي شاهه لطيف جي صوفيانہ واٽ کي پنهنجي تحقيق ۾ کوجنا مطابق "لطيفي مڪتبہ فڪر" سڏي ٿو جنهن کي پاڻ ويدانتي/وحدة الوجود پڻ چئي سگهون ٿا. ان کان پوءِ شاهه جي سلسلي جو ويهين صديءَ جي دائري ۾ وڏو شاعر شيخ اياز (1997ع) آهي.

ڀڳتي تحريڪ ويهين صديءَ جي پهرين اڌ ۾ پنهنجي ٽئين دور/مرحلي ۾ پير پاتو جڏهن سنڌ جي هڪ محسن ۽ مدبر ڊاڪٽر هوتچند گربخشاڻي شاهه لطيف جي ڪلام کي نئين سر مرتب ڪري





ان جي هڪ جامع ۽ وزندار شرح لکي. هونئن ڏٺلهي ليکي ڀڳتي تحريڪ جي ٽئين دور جي سلسلي جي ڪيرڏارا (Milky way) سوامي وويڪانند (1863_1920)، آربندو گهوش (1872_1950)، سرو پالي راڌا ڪرشن (1888_1975) سان فاصلو طئي ڪندي اچي پئي. ان سان گڏوگڏ سنڌ مان تصوف ۽ ويدانت جا اهم سفير/ نمائندا ساڌو ٽي-ايل واسواڻي (1879_1966)، دادا جيٺ مل پرسرام (وفات:1948)، علامہ آءِ آءِ قاضي (1886_1969) ۽ جي ايم سيد (1904_1995) انهي سٽ ۾ شامل آهن.

اسين اڄ جڏهن ايڪويهين صديءَ ۾ ڀڳتي تحريڪ جي ڪارج بابت سوچ ويچار ڪريون ٿا تہ سنڌ جائو ساڌو ٽي-ايل-واسواڻي اسان جي رهنمائي ڪندي ڀڳتي تحريڪ ۽ تصوف جو پيغام هيئن بيان ڪري ٿو:

Be transformed! Be new men, by passing fire of devotion

(ڪايا پلٽ/ تبديلي جو ذريعو بڻجو نوان نڪور بڻجو تپسيا وسيلي)

پر محمد ابراهيم جويو اڃا بہ اڳتي وڌي ڀڳتي تحريڪ جي اڄوڪي دؤر ۾ عمل جي راهہ متعين ڪندي لکي ٿو: "هِن دور جي ڀڳتي اهائي آهي تہ اسين هن برصغير جي جهان ۾ هڪ ٻئي جي سهڪار سان، آزاديءَ جي دائميت سان رهي سگهون ٿا. ۽ هن ئي اڄ جي جهان ۾ هند سنڌ ۾ پنهنجي گڏيل زندگيءَ جو مقصد ماڻي سگهون ٿا." (اڪٿ ڪهاڻي ڪبير، ريتا شاهاڻي، ص_23)

مددي ڪتابن ۽ مخزنن جو وچور:


1. Indian Philosophy (The Vedas, Upanishads Early Bhudhasim) by: Saif-u-Rehman Lahore.
2. Poetics and Politics of "Sufism & Bhakhati in South Asia, Edited by: Kavita Panjabi, Orient Black Swan Private Ltd.

Himayat-nagar, Hyderabad Indai.2011
3. Fifty Great Eastern Thinkers, by: Diane Collinson, Kathryn Plant and Robert Wilkinson, Routledge, Chennai, India.2004.
4. Daily Dawn Karachi “In Search of Nehru’s Republic” by: Lata Jishnu, December, 2014.
5. The life, Religion and Poetry of Shah Latif, by: Lilram Watanmal Lalwani, Indus Publications, Karachi. 1985.
6. Sindh and it’s Sufis, by: J.P. Gulraj, Sang-e-meel Publications, Lahore. 1979
7. Sufi Saints of East and West Sadhu T.L. Vaswani P-113
8. “ميان مير سنڌي :سنڌو ماٿر جو منفرد دانشور”، امان الله شيخ، ٽماهي مهراڻ، 1_2/2007ع، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو
9. اڪٿ ڪهاڻي ‘ڪبير’، ريٽا شاهاڻي، ص_23، ڪويتا پبليڪيشنس، حيدرآباد، سنڌ، سال2008ع.
10. لات جا لطيف جي، آغا سليم، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ، سال 2008ع.
11. صوفي لا ڪوفي (علامه آءِ. آءِ قاضيءَ جون تقريرون ۽ تحريرون) مترجم/ سنڌيڪار: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو سنڌ، سال 2009ع.
12. شاهه جو رسالو مرتب : ڪلياڻ آڏواڻي.
13. ہندی مسلم تہذیب، قاضی جاوید، وین گارڈ بکس، لاہور، ص، 241-242، سال1983۔



# شاهه صاحب جون سور ميون ۽ عورت جي اهميت

## جنت علي جان

انساني ارتقا جي پهرين ابتدائي ڏاڪي تي جڏهن انسان اجا اڻ سڌريل هو، تڏهن به هو مرد ۽ “عورت” جي ٻن جنسن ۾ ورهايل هو. سندس زندگي جي بنيادي ۽ پهرين تجربن ۾ اهو سنگ ۽ ساٿ بنيادي حيثيت رکي ٿو. انساني تهذيب جي پراڻي ۾ پراڻي دور کان وٺي هن وقت تائين، مرد ۽ عورت هڪ ٻئي جا پل پل جا ساٿي رهيا آهن ۽ اهو به ثابت ٿي چڪو آهي ته انسان جي سفر جو آغاز مرد ۽ عورت جي سنگم سان ٿيو. انهيءَ سنگم سان هنن جو نسل پيدا ٿيو، وڌيو ويجهيو. علم، فن، صنعت، حرفت، تهذيب ۽ تمدن جي به ارتقا ٿي ۽ دنيا جا سڀ رشتا ناتا انهيءَ ساٿ ۽ سنگ جا سڌا يا اڻ سڌا نتيجا آهن.

مختلف سماجي سٿائن ۾ ڌار ڌار حالتن ۾ هنن جو هڪ ٻئي سان ورتاءُ ۽ رويو مختلف رهيو آهي.

اها به هڪ اٽل حقيقت آهي ته انسان پنهنجي انهن ٻن مختلف جنسن جي حيثيت ۾ مختلف سُٻائن ۾ مختلف حيثيت ماڻي آهي.

عورت ماءُ جي روپ ۾ تمام گهڻيون خصوصيات رکي ٿي. تخليق جي عمل دوران پنهنجي وجود ۾ پلجندڙ جيو کي پنهنجو رت ۽ ست ڏيڻ، تخليق جي پيڙا، درد سهڻ، پنهنجي سهپ جي قوت ثابت ڪرڻ کانپوءِ دنيا ۾ آندل ننڍڙي وجود يعني نئين انسان کي ٿڃ جي شڪل ۾ امرت پيارڻ ۾ راحت محسوس ڪرڻ، راتين جو مٺي ننڊ ڦٽائي اوجاڳن کي عبادت سمجهڻ، ننڍڙي وجود کي نپائڻ، تاتڻ، سانڍڻ

ڪانپوءِ هن دنيا ۾ منهن مٿي ڪري هلڻ جهڙو بنائڻ واري هستي ماءُ جي آهي. سندس قرباني، مامتا ۽ پيار جو اڻکٽ خزانو کٽڻ جو ناهي، سندس ان محبت واري محنت ۾ غرض يا لالچ ڪونهي.

عورت هڪ زال جي حيثيت ۾ جيون ساٿي آهي، ڏک سک ۾ هڪ جيتري ڀاڱيوار آهي. پنهنجا سک ورهائيندي ۽ ڏک پاند ۾ لڪائيندي، عورت زال جي حيثيت ۾ مڙس جي زندگي ۾ سونهن ۽ سڪون جي بهار آڻي ٿي ۽ ان جي پل پل ۾ نواڻ ڀري ٿي.

اها ساڳي عورت ڀيڻ جي روپ ۾ ايترو تہ پيار ونڊيندي آهي ۽ ايڏيون تہ قربانيون ڏيندي آهي جو دنيا ۾ هي رشتو ڄڻ تہ ايثار ۽ قرباني، سک ۽ پيار جو اهڃاڻ بنجي ويو آهي. خدمت ۽ محبت هن جي خوبي آهي. هوءَ صبر ۽ تحمل جو نمونو، فراغ دل، سڀاجهي، سلڇڻي ماءُ ڄائي هر ڏکيءَ مهل حاضر هوندي آهي.

ڌيءَ جي روپ ۾ عورت ايڏي تي پياري آهي جيتوڻيڪ اڄ تائين مختلف معاشري ۾ بہ سندس جنم تي رنج ٿيڻ باوجود، جڏهن هوءَ گهر جي اڱڻ ۾ بانبڙا پائڻ لڳندي آهي تہ ماءُ ۽ پيءُ جي اکين جو ٺار بنجي ويندي آهي. ٻئي سندس چهري جي مسڪان ڏسي دنيا جا سڀ غم ڀلجي ويندا آهن. جڏهن پيءَ جي ڳلي ۾ پنهنجي ٻانهن جو هار وجهندي آهي تہ سندس سڄي ٿڪاوٽ لاهي ڇڏيندي آهي. سنڌي سماج ۾ ڪيس "امڙ" ۽ "نياڻي ست قرآن" چئي مان ڏنو ويندو آهي.

شاعرن، اديبن ۽ دنيا جي سمورن فنڪارن عورت جي جنهن روپ کي ڳايو آهي سان آهي محبوبہ، پيار جي علامت ۽ سونهن جي اهڃاڻ.

چيو وڃي ٿو تہ "عورت نصف انسانيت آهي" مرد انسانيت جي هڪ حصي جي ترجماني ڪري ٿو تہ عورت ٻئي حصي جي. عورت کي نظرانداز ڪري انسان ذات جي ڀلائي لاءِ هر ڪوشش هر جدوجهد اڌوري ۽ اڻپوري رهندي. انسان جون ٻئي جنسون هڪ ٻئي جي ضرورت آهن. نہ مرد عورت کانسواءِ پنهنجو وجود قائم رکي سگهي





ٿو ۽ نہ ئي عورت مرد کان بي نياز رهي سگهي ٿي. هڪ طرف سماجي ۽ معاشرتي زندگي ۾ عورت ۽ مرد جو ساٿ زندگي جي هر شعبي ۾ کپي ٿو تہ ٻئي طرف جنسي تقاضا کين مجبور ٿي ڪري تہ هو هڪ ٻئي جي دامن ۾ سک ۽ اطمينان ڳولين ۽ انسان جي ايندڙ نسلن جي تخليق ڪن. پر سندن سيئي لڳ لاڳاپا، سندن اجتماعي زندگي ۾ ساٿ ۽ سهڪار توڙي ترقي تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن ٻنهي جا جنسياتي، نفسياتي، ۽ سماجي ۽ سياسي ناتا بہ صحيح هجن ۽ سندن سيئي عمل فطري حدن ۾ هجن ۽ منجهن برابري ۽ توازن هجي. جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ سماج ۽ معاشري ۾ توازن ختم ٿي ويندو. جيڪڏهن دنيا جي ڪنهن سماج ۾ اڌ آبادي کي برتر ۽ اڌ آبادي کي ڪمتر ڄاڻي انهن جي وچ ۾ ويڇو پيدا ڪيو ويو تہ اهو سماج ترقي جي رفتار ۾ ٻين سماجن کان پٺتي رهجي ويندو. انساني سماج جي هر ترقيءَ ۾ سماج جي جسم جا سيئي انگ هڪ جهڙا صحت مند هئڻ تمام ضروري آهن. پر افسوس تہ هن ڌرتي جي مظلوم انسانن ۾ وڏيڪ انگ عورتن جو آهي کين لطيف "جنس" نازڪ هستي، يا "صنف نازڪ" چئي بہ وڌ ۾ وڌ ظلم سهڻ تي مجبور ڪيو ٿو وڃي. دنيا جي هر قسم جي سماج، ڌرتيءَ تي ازل کان وٺي جتي بہ نظر ڊوڙائجي ٿي مختلف دورن ۾ عورت ڏاڍ جوشڪار رهي آهي پوءِ ڪٿي گهٽ تہ ڪٿي وڌ!

اسان مختلف دورن ۾ ادب ۽ شاعريءَ مان مثال چونڊي عورت جي حيثيت کي بهتر نموني سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آيا آهيون. سنڌي ادب ۽ شاعري جي حوالي سان سنڌ جي اساسي شاعرن وٽ عورت جو ڪردار ڪهڙو رهيو آهي. جنهن جي هڪ ڪڙي سرزمين سنڌ جي ان عهد آفرين شخصيت، شاهه گهوٽ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي آهي، جنهن پنهنجي شاعري وسيلي هڪ نئين سرت هڪ نئين جوت جاڳائي، پنهنجي دور جي اخلاقي اعتمادي، سياسي معاشرتي ۽ اقتصادي حالتن کي آڏو رکي ڏند ڪٿائن کي تمثيل بڻائي نهايت سنهڙي ۽ مٺڙي ٻولي ۾ معرفت جا موتي، راز ۽ رمزون بيان ڪيون اٿس. جا هليت شرڪ،

بدعت ڪوڙ ۾ ڪپت، ڪدورت ۾ نفرت ۾ ڪٽرپڻي ۾ قاتل انسانن کي هدايت جي راهه ڏانهن راغب ڪرايو اٿس.

شاهه سائين پنهنجي سورمين وسيلي عورت جون اهي خوبيون اجاگر ڪيون آهن، جيڪي هن عورت ۾ ڏٺيون آهن جتي هن عورت جي وفاداري، سڪ، ڳولا، جدوجهد، مستقل مزاجي برداشت جي قوت ۾ خود اعتمادي جا جذبا بيان ڪيا اٿس، اتي عورت جي فطري ڪمزوري به ٻڌائي اٿس.

شاهه سائين پنهنجي سورمين وسيلي عورت کي جيڪا عظمت ڏني آهي ان جو مثال ملڻ محال آهي. شاهه صاحب مطابق عورت هڪ ماڻينو درياهه آهي ته صبر و قرار ۾ اندر جو ٺار به آهي، ثابت قدم به آهي ته گڏوگڏ جدوجهد ڪندڙ به آهي، نياز ۾ نوڙت واري به آهي ته محبت ۾ ايثار واري به آهي، پورهيت به آهي ته راڻي به آهي شاهه صاحب پنهنجي سورمي سسئي جي روپ ۾ عورت کي ثابت قدم، مضبوط ارادي سان منزل ماڻڻ واري راهه ۾ رڪاوٽن جي باوجود جدوجهد ڪرڻ واري، ٻاهرين رڙ ۾ دل جي دانهن جو مقابلو ڪرڻ واري ڏيکاريو آهي.

سُڪن واري سَڏَ متان ڪا مونسين ڪري،
انڊر جنين آڏ، ڏونگر سي ڏوريندِيون.

شاهه صاحب پنهنجي سورمي سهڻي جي روپ ۾ عورت کي اڏولتا ۾ استقلال واري، وفادار، اندروني توڙي ٻاهرين مشڪلاتن سان اٽل ارادي ۾ نهايت بهادر سان منهن مقابل ٿيڻ واري ۾ منزل مقصود تي رسڻ وارو ٻڌايو آهي.

وَهَ تِڪ، واهُڙ تِڪَ، جِت نينهنُ، تِڪَ نرالي،
جن کي عشق عَميق جو خَلوت خيالي،
وارثين سي، والي! هنئڙو جن هٿ ڪيو.





شاهه صاحب پنهنجي سورمي نوري جي روپ ۾ عورت کي نياز ۾ نوڙت ڪرڻ واري، فطرتا سادي ۾ عجزو انڪسار ڪرڻ واري ڄاڻايو آهي.

نوري جي نياز جو عَجَبُ اَجَهلُ هوءِ،
سَمو سِرُ سَين ۾، مي مُور ڇيو سوءِ،
اڇيو اُپينَ پوءِ، حُجت پڳي راڻين.

ائين وري شاهه صاحب پنهنجي هڪ ٻي سورمي مومل ذريعي عورت کي قرباني ۾ صبر ۾ ايثار سان ڀرپور ٻڌايو آهي.

شمع ٻاريندي شب، پره ٻاڪون ڪيون،
موٽ، مران تي، ميندرا، راڻا! ڪارڻ رَب.
تنهنجي تاتِ طَلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

شاهه صاحب پنهنجي سورمي ليلا جي ذريعي عورت جي فطري ڪمزوري کي به اجاگر ڪيو آهي ته هو ڪيئن هار تي هر ڪجي چنيسر کي وڃائي ٿي ۾ پوءِ پڇتائي ٿي.

هيس هندرون ۾، پيم ڪانه پروڙ،
مٿي سندي مامري، ڪوجهي وڌيس ڪوڙ.

شاهه صاحب پنهنجي حب الوطني مارئي ذريعي عورت جي حب الوطني سان سرشار جذبي کي جهڙي طرح بيان ڪيو آهي ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي ڇن ۾ ڇپر ساڻيهه ۾ سانگين سان بي پناهه محبت ڪندڙ ۾ ڌن و دولت کي ٺڪرائي پنهنجي اباڻي ڪکن کي ترجيح ڏيندڙ ٻڌايو آهي.

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه،
بت منهنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاهه،

پر ڏيهياڻي پرين ري، ڏار مَ ڏريجاهه،
تڏي وسائجانءِ ٿرن جي، مٿي مُئيءَ مٿان ،
جي پويون ٿئي پساهه، ته نجانءِ مڙهه مليرڏي.

۽ اهڙي طرح شاهه صاحب پنهنجي سورمي سورٺ ذريعي عورت کي عالم انسانيت جي سِرن جي خيرخواهه ڄاڻايو آهي.

گل چنو گرنار جو، پٽڻ ٿيون پٽين،
سهسين سورٺ جهڙيون اپيون اوسارين
چوٽا چارڻ هٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناڏ ڪرين، راڄا رات رمگيو.

انهن حقيقتن جي باوجود به اڄ به مان ۽ تقريباً دنيا جي هر عورت اهو سوال پڇڻ تي مجبور آهيو ته:

هر سماج هر معاشري ۾ عورت پست حالت ۾ ڇو آهي؟ دنيا جي سيني مادي وسيلن تي مرد جا صرف اختيار ڇو آهن؟ اڄ به عورت ظلم و جبر ۽ ڏاڍائي جوشڪار ڇو آهي؟

هڪ جهڙا انسان تخليق هئڻ جي باوجود هڪ جنس جو ٻئي جنس سان اهو ورتاءُ ڇو آهي؟

“Since women’s are half and sometimes more than half of mankind, they always have shared the world and work with men.”

Then why still women’s are ignored??

(ترجمو: جيتوڻيڪ عورتون انساني آبادي جو اڌ حصو يا ان کان به وڌيڪ انگ رکن ٿيون ۽ اهي مَرد سان ڪم ڪار به ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي هلن ٿيون ته پوءِ عورتن کي نظرانداز ڇو ڪيو وڃي ٿو....؟)

www.sindhsalamat.com

تقرير

# منهنجو جِيءُ جلايوم اندر آديسين

مدد علي سنڌي

]ڊسمبر 2014ع ۾، مارئي تنظيم طرفان، نئين دهلي ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪانفرنس ٿي هئي. ان موقعي لاءِ هي تقرير لکي ويئي هئي. پرويزا دير سان ملڻ سبب فاضل ليکڪ ڪانفرنس ۾ نه وڃي سگهيو. هتي تقرير پڙهندڙن لاءِ پيش ڪجي ٿي.[

مانواري ليکڪا، وينا شرنگي، ۽ هند سنڌ مان آيل شاهه لطيف جا پانڌيئڙا!

آئون سڀ کان پهريائين، مارئي ويلفيئر آرگنائيزيشن کي واڌايون ٿو ڏيان دهلي جهڙي تاريخي شهر ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت هيءَ عاليشان ڪانفرنس سڏائڻ هڪڙو ساراهه جوڳو ڪم آهي. شاهه صاحب بابت هند ۾ ڪانفرنس جو ٿيڻ هن ڳالهه جو ثبوت آهي، ته هند ۾ رهندڙ سنڌين، پنهنجي هن عظيم شاعر ۽ فڪر ڏيندڙ انسان کي نه وساريو آهي. ۽ اها هڪ حقيقت به آهي ته اسين شاهه کي ڪڏهن به نٿا وساري سگهون.

اصل ۾ سنڌي ٻولي، سنڌ، سنڌي ۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي هڪ ٻئي لاءِ لازم آهن. صديون گذري وڃڻ بعد به سنڌ ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. آئون سمجهان ٿو ته ائين ڪرڻ تمام ڏکيو آهي. ڪي ڪي شخص ان ملڪ جي تاريخ ٿين ٿا. انهن کانسواءِ تاريخ اڻپوري هوندي آهي. اهي ماڻهو تاريخ جا پيير هوندا آهن، جن کانسواءِ تاريخ جڏي ٿي پوندي آهي.

شاهه ڀٽائي به سنڌ کي هڪ ڊگهي سڃاڻپ ڏيئي ويو آهي. هن ڪانسوءِ سنڌ جي تاريخ اڻپوري ۽ اڌوري آهي. وقت جا ڀلي ڪيترا به دور لنگهي وڃن، پر شاهه ڀٽائي جي ڇاپ سنڌ تي ايندڙ صدين تائين قائم ۽ دائم رهڻي آهي.

سنڌي ٻولي جي هڪ وڏي اديب گني سامتاڻي هڪ ڀيرو چيو هو:

“سنڌ اونداهي هجي ها جيڪڏهن موهن جو
دڙو ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي نه هجن ها!”

واقعي سنڌ جو اهي ٻئي سڃاڻپون، اعليٰ ۽ ڪڏهن به نه متجندڙ آهن. شاهه صاحب جو نالو ونڻ سان سنڌي ٻولي، سنڌ جو فڪر، سنڌ جو شعور، سنڌ جي سياسي، سماجي، ۽ اقتصادي ماحول اسانجي آڏو ٿو اچي بيهي رهي ٿو. چوندا آهن ته هر وڏو شاعر پنهنجي دور جو شعور هوندو آهي. پر شاهه صاحب سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل جو آواز ۽ اهڃاڻ آهي. شاهه سائين نه رڳو هڪ شاعر هو پر هو سنڌ جي آزاديءَ لاءِ بلند ٿيندڙ پهريون آواز هو. هن ڏکويل ماتري عظيم ماضي، حال ۽ ايندڙ ڪيترين صدين جو حاذق حڪيم به هو.

سنڌ جي تاريخ به ڏاڍي عجيب آهي. ان ۾ ڪيترا خال آهن. جن کي ڀرڻ ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته تاريخ سنڌ جا ڪيترا گذري ويل دور ۽ انهن بابت اعتبار جوڳو مواد ڪتابن ۾ موجود ڪونهي. پر قدرت خدا جي، ته اسان وٽ ڀٽائي جو رسالو موجود آهي. اسانکي ان دور جي حالتن بابت شاهه صاحب جي شاعري مان خبر پوي ٿي. ان وقت جي حالتن جي عڪاسي اڇيو اسانجي اکين آڏو بيهي ٿي. اڄ به سال 1689 ۽ 1752 واري وقت جو سياسي، سماجي ۽ معاشي پس منظر بابت شاهه جا بيت پڙهڻ ڪانپوءِ خبر پوي ٿي، مثال طور ان دور جي رهڻي ڪهڻي، وڻج واپار، ريتن رسمن جو مڪمل وچور اسانکي شاهه جي رسالي مان هٿ اچي ٿو.

سنڌ جي هڪ بزرگ عالم اي ڪي بروهي هڪ ڀيري چيو هو.





“جيئن ته لطيف جي لات منهنجي ڪن ۾ ماءُ جي کير سان گڏ پيتي آهي. تنهن ڪري منهنجي رڳ رڳ مان اها لات ڪار فرما رهي ٿي: جيڪڏهن آئون اهو اعتقاد رکان ته مان ٻئي جنم ۾ وري دنيا ۾ ويندس ۽ يونانين وانگر ملائڪ مونکان پڇن ته ٻيو ڀيرو دنيا ۾ ڇا ٿيڻ ٿو گهرين ته آئون چوندس ته آئون وري به سنڌي ٿيڻ ٿو گهران!”

اوهان پاڻ ڏٺو هڪ مذهبي شخص اي ڪي بروهي جيڪو جنم جنم جي ڦيري ۾ ڪوئي ويساهه به نه رکندو هو پر ڀٽائي جي عشق ۾ ٻڏي ڪيڏي وڏي ڳالهه ڪري ويو! اها ڳالهه واقعي شاهه جي شاعري جو ڪمال آهي

سنڌي ٻوليءَ جو هڪ وڏو ڏاهو عالم ۽ شاهه جو پارکو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي هڪ هنڌ لکيو آهي:

“شاهه جو ڪلام ماڻهن جي دلين ۾ حياتيءَ سان هڪ ٿي ويو آهي جيئن چنڊ جي ڪشش ڪري وير چڙهندي آهي ۽ آس پاس وارن وارياسن مڪانن کي مهراڻ جا موتي اڇلندي آهي، تيئن شاهه عبداللطيف جي شاعراڻي طبع به الهام جي اثر هيٺ موج ۾ اچي، هن دنيا جي ويراني تي ڇولو ماري، امل ماڻڪن جي اوت ڪئي آهي!”

سنڌ جو عظيم مفڪر ۽ فلاسفر علامه آءِ آءِ قاضي چوندو هو ته “مون دنيا جي مشهور يورپي شاعرن کي پڙهيو آهي. پر هڪ ڳالهه شاهه ڀٽائي ۾ اهم آهي ته شاهه جي شاعري کي پڙهيو به وڃي ٿو اها ساڳئي وقت ڳائي به وڃي ٿي، جيڪا ٻين وڏن شاعرن سان لاڳو نٿي ڪري سگهجي.”

مشهور سنڌي سياستدان، دادا جيرامداس دولترام شاهه لطيف جي رسالي جي مهاڳ ۾ لکيو آهي:“شاهه عبداللطيف پنهنجي روحاني ڪلام کي سنڌي زبان جو ويس پهرايو. جا ٻولي سندس زماني ۾ ماڻهن جي ڇپن تي چالو هئي، سائي جهڙي پنهنجي بيتن لاءِ ڪتب آندائين. ننڍا منا، سڌا سوڌا، ٽُڙ اکر، جن مان معنيٰ پاڻيهي ٻهڪي اهي ئي رسالي ۾ موتين جي مالها وانگر پُوتا اٿس. منهنجي ڄاڻ گهٽي نه آهي، پر

جيڪا اٿم تنهن مان اهو رايو ٺاهيو اٿم ته هندستان ۽ پاڪستان جي برک شاعرن مان ڪي اهڙا آهن جن پنهنجي ٻولي کي ٻالڪ جي ڪچڙي وار جيان،ائين واريو هجي، جيئن شاهه صاحب واريو آهي، سندس ٻولي ۾ ٻل آهي. ان ڪري چئجي ته سنڌي ٻوليءَ کي ئي مُلايم ۽ ٻلوان بڻايو اٿس، تجنيس ۾ ته سندس مَٽُ ٻنهي ملڪن ۾ ڪوورلي ملندو. جيسين سنڌي ٻولي آهي ۽ سنڌي آهن، جيسين ڪين روحاني اپياس آهي ۽ انساني جذبا آهن، جيسين سندن سامهون جيون جي او ڪي رڻ پونءَ آهي، جيسين شاهه جو رسالو آهي. هي رسالو اسان جي روحاني، اخلاقي، دنيوي، راڄنيتي ۽ سماج جي سڀني مسئلن لاءِ سڪيا جو ساڪر آهي ۽ رهندو.”

شاهه جو پارکو پروفيسر ڪلياڻي آڏواڻي، پنهنجي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي ۾ ڪيڏي نه سٺي ڳالهه چئي آهي “شاهه صاحب جي زندگيءَ ۾ تواريخ جا اهم ورق وريا، پر رسالي ۾ انهن ڏانهن ڪو به اشارو نٿو اچي، ان وقت جي تقاضا جي لحاظ کان، شاهه صاحب وطن پرستي ۽ ٻيا اعليٰ خيال پنهنجي ڪلام ۾ آندا آهن. انهي ڪانسواءِ ديسي سيڻن لاءِ قرب ۽ پرديسي پرين کان بيزاري ڏيکاري اٿس .... هي جهان رڳو ساگر يا صحرا ناهي، پر ڪاڪ محل جهڙو هڪ عجيب ۽ دلفريب محل به آهي. ان ۾ گلاب جي گل جهڙن ويسن ۾ سون ورنيون سوڍيون آهن. منجهس سون ۽ رپي جي راند آهي ۽ چؤطرف باغ بهار بيٺا آهن. سجاڻ پرک راڻي وانگر انجو طلسم پروڙي ٺاوڻن ۽ امير طالب مومل وانگر تو شڪون ۽ تڪيا ترڪ ڪيو ڇڏن.... شاهه جو رسالو اخلاقي موتين ۽ معنوي ماڻڪن سان مڙهيو پيو آهي انهن مان هڪ ئي هيرو جنهن کي هٿ لڳو سو پُر ٿيو:

جي ماسو جڙيئي مال، ته پوڃارا پُر ٿئين!

دوستو!
اچو ته شاهه جي سُر ديسي جي هيءَ وائي ته پڙهي ڏسون:





هوت نه پانيم هيئن، آئون جاماري سڄڻ تنهنجي نينهن،
ڇڏي تون ڪو ڇپر ويندين!
لُڪون لڳن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن
عِشق آريءَ ڄام جي، ڳيس نماڻي نينهن،
جهونگاريندي جهنگ ۾، ڏوٿين ڏنڙي ڏينهن،
اَن جا ڇڏي ڇپرين، ڪيچ رسندي ڪيئن؟
ولهيءَ هِت وسائيا، سدا مُحبت مينهن،
اديون عبداللطيف چئي، پُهچان سيڻن سيئن!

يا وري سندس هي بيت سُر ڪنيات مان پڙهندي مونکي شاهه صاحب جي مشاهدي تي ڏاڍو عجب لڳو:

اونداهي اڌ رات ۾، پريءَ پسايو پاڻ،
سندس چنڊ، ڪتين ساڻ، پيهي ويو پڙلاءُ ۾.

خبر ناهي ته هن جي زندگيءَ جا ڪيترا ورهيه فقط سفر ۾ پنڌ ڪندي سنڌ ۽ انجي پسگردائي وارا علائقا ڏسندي لنگهي ويا هئا. من جو ڪوئي ويراڳ، ننڊون ڪوهين ڏور اڏائي ڇڏيندو آهي “سرتيون جي مان وسهو ننڊ نه هيريو نيڻ،” جي ڳالهه شاهه ئي چئي سگهيو ٿي. چاڪاڻ ته ننڊ ۽ چنڊ ويري هوندا آهن. چانڊوڪي ڏسندي من تي هڪ عجيب ماٺ ڇائنجي ويندي آهي. بقول شيخ اياز جي چانڊوڪي اڪڙين کي اوجاڳا ڏيندي آهي، الين چادر ڪڙ ڪائيندي آهي”پر زندگي ۾ فقط چوڏس چانڊوڪي نه هوندي آهي. ان ۾ اڻتيهين اونداهي به هوندي آهي. شاهه صاحب جو هي بيت آهي:

چوڏهين چنڊ نه اڀريو اوڻتيهه پسي نه عام،
مٿن ناه ملام، جيڪي پڇين پُڇ سو

رات جو آسمان تي چنڊ نه هجي پر تارا ضرور ٽمڪندا آهن

پوءِ پل رات ڪيڏي نه اونداهي ڇو نه هجي ۽ اونداهي ڪٿي ڪيتري به انڌوڪارڇو نه پکيڙي:

تارا تِر تِرو ڪڙيون، مٿن ڦلڙيون،
ڪوهه سي راتڙيون، جي مون پرين پڄاڻا پيئيون!.

اڄ ڪان اڌ صدي اڳ، سال 1955 ۾ سکر مان سنڌ جي مشهور شاعر شيخ اياز پنهنجي پياري دوست محمد ابراهيم جويي کي هڪ خط ۾ لکي ٿو:

"هاڻي سُر ڪلياڻ جي پنجين داستان جي آخري وائي اردو گيت ۾ ترجمو ڪئي اٿم. رات جا ٽي لڳا آهن، ڪتيون ڪر موڙڻ لڳيون آهن ۽ ڪائنات جا نيڻ ننڊ اکرا آهن. وائي جي هيئين سٽ روح جي رقت جون لهرون اُڀاري رهي آهي!

سرتيون جي مان وسهو ننڊ نه هيريو نيڻ"

"اڄ اها سٽ منهنجي آس نراس جي آرسي آهي. منهنجي ساري روحاني ڪشمڪش جي آئينه دار آهي. گويا اهاسٽ هڪ هندورو آهي، جنهن ۾ منهنجو هيئيون جهولي رهيو آهي، ڪهڙي نه هن ۾ ڳوڙهن پري ڳوڙهائي آهي ان ۾. ڪهڙو نه معنيٰ پريو ميناج آ "ننڊ نه هيريو نيڻ..." منهنجو تصور اڏاٽو، صديون سميٽجي ويون ۽ مون انهي ازلي مست کي پيٽ تي ستارن جي ڇانو ۾ هيٺيان ڏٺو. مون ڏٺو ته لطيف پنهنجي لات ۾ سراپا هو. هن جي اکين اڳيان لفظ ڪتين وانگر جهر مر لڳائي بيٺا هئا، ۽ هو انهن مان ستارا چونڊيندو، پوئيندو ٿي ويو. چوڏاري جهر جهنگ راتڙي جي گود ۾ آرامي هو. پسون پکي ستا پيا هئا، ليڪن پٽ ڌڻي جي اکڙين ۾ ازلي اوجاڳو هو گويا آتشين شراب سندس روح ۾ رچي رهيو هو، گويا رمزون ۽ راز ان جي مڌ پري هڳاءُ وانگر ڦهلجي رهيا هئا. هن تنبورو ڪٿي تار ڇيڙي لوه جي لڳن مان سرات اپري ويا. تندون چڻ. رڳون رباب ٿينديون ويون. هن جي ساه ۾





ابدي نغما سميٽبا سمائبيا ويا. راڳ مان ويراڳ وسڻ لڳو:

وسارج م ويڻ، جوين ٻه ٽي ڏينهڙا،
لوٺيون سهن لوڪ جا، وهاڻيءَ ٿيون ويڻ،
جوين ٻه ٽي ڏينهڙا.
اصل اَسارن جا، سُتي ويڙا سيڻ،
جوين ٻه ٽي ڏينهڙا.
جيڏيون مان وسهو ننڊ نه هيريو نيڻ،
جوين ٻه ٽي ڏينهڙا.
راتيون جاڳن جي، سي ڪنڌڙي سيڻ.
جوين ٻه ٽي ڏينهڙا.
آڏيءَ رات اٿي ڪري، جهل تون ننڊا نيڻ
جوين ٻه ٽي ڏينهڙا!

دوستو!

ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان ته شاهه لطيف کان اڳ يا ان دور ۾ سنڌ ڪهڙي هئي؟ پوءِ شاهه صاحب کي پڙهندي ڏاڍو عجب ٿيندو آهي. سندس شاعري ۾ جيڪو مشاهدو آهي، اهو ماڻهوءَ کي حيرت ۾ وجهي ڇڏي ٿو. شاهه صاحب پنهنجي زندگي جي ڪيتري ڄمار سنڌ ۾ گهمندي ڦرندي سيلاني ٿي گهاري هئي. هن سنڌجي جهر جهنگن ۾ پيرين پنڌا هلي ڏٺو هو. هن سنڌ جون سانجهيون، سنڌ جون راتيون، سنڌ جون ڏينهون ڏورا، وڻ ٽڻ، سنڌو درياءُ، ساموندي علائقا ۽ سمنڊ ۾ هلندڙ ٻيڙا ۽ ڊونديون ۽ غوراب، ڪکاون گهرن، باغن، مڇين جي تلاون، واهن، نارن، ڪوهن، عام ماروئڙن ۾، هلندڙ ڪچهرين، لوڪ داستانن کي ڏاڍي غور سان ڏٺو ۽ ٻڌو هو. 1699ع ۾ جڏهن شاهه صاحب اڃان 10 ورهين جو هو. تڏهن هڪ انگريز اليگزينڊر هملٽن سنڌ آيو هو. ان وقت سنڌ ڪهڙي هئي اهو اسانکي سندس لکيل ڪتاب "نيو اڪائنٽ آف دي ابت انڊياز" به پاڳا مان

هٿ اچي ٿو. هن کي شهر جي هڪ گهر ۾ ترسايو ويو هو تڏهن ٺٽي جو نواب حفيظ الله هو. هملٽن لاهري بندر لاءِ لکي ٿو ”لاهري بندر هڪ ڪاٺ ۽ مٽي جا جڙيل گهر هئا. شهر جي وچ هڪ پٿر جو قلعو هو. جڏهن ته شهر ۾ مذهبي تعليم ڏيڻ لاءِ چار سؤ مدرسا موجود آهن، جن ۾ شاگردن کي تعليم ڏني ويندي هئي. ٺٽو صوبي جو واپاري مرڪز ۽ وڏو آسودو شهر هو. جنهن ۾ اڍائي لک کن ماڻهو رهندا هئا.“

يقيناً سنڌ لاءِ مغلن جو دور به ڏکيو دور هو. سترهين عيسوي صدي ۾ هڪ پورچوگيز سياح فري سبسٽن منريق يا مانسٽريٽ هندستان گهمندي سنڌ ۾ اچي پهتو هو. اها سندس سياحت هئي يا جاسوسي يا مذهبي پرچارڪ، پاڻ اهو بحث ڪونه ڪنداسين. پر اهڙن ماڻهن جي لکڻين مان ان دور بابت ڪجهه لاپ پرائي سگهجي ٿو. سندس لکيل ڪتاب ٽري پولسن آف سيبسٽرين مانسرڪ (1643ـ 1629) پورجوگيز ٻولي ۾ لکيل آهي. جنهن جو ترجمو انگريزي ۾ به ٿيو آهي، هو صاحب 1640 ۾ سنڌ آيو هو. ٺٽي شهر بابت هو لکي ٿو. ”سکيا ۽ امير ماڻهو پنهنجي گهرن جي ڪڌن، ونگن وارين ڇتين کي ٽڪ جي ڪم ۽ خوبصورت چترڪاريءَ سان سينگاريندا هئا. گهرن جي اڱڻن تي قسم قسم جي رنگين گلن جا باغ، مڇيءَ جا تلاءُ هوندا هئا، جن جي چؤطرف ڪيترن قسمن جون رنگين ڪاشي جون، سرون هنيون ويندديون هيون، هٿراڏو چشما ۽ ڦوهارا هنيا ويندا هئا، جيڪي پاڻي کي هوا ۾ اڇلائيندا هئا. ڇهل قدمي لاءِ جايون ٺهيل هونديون هيون، جيڪي ڪاشي جي سرن سنگ مرمر سان جڙيل هونديون هيون!“

اهو هو ان وقت جي سنڌين جي ذوق جو هڪ مثال پر سنڌ جي هن سيد زادي وٽ ڇاهو؟ اباڻي حويلي ڇڏي اچي پٽ جي سُڃ وسائي هئائين؟ اتي سندس فقيرن جا ڪکاوان جهوپڙا هئا. پيئڻ لاءِ کوهه هو. ڪچو گهر يعني حويلي هئي. کائيندو ۽ پهريندو سادو هو. ٻُت تي ڪاري ڏاڳي سان سبيل هڪ گيڙو رتي ڪفني. هٿ ۾ جوڳين جي





بيراڳڻ جهڙي لٺ مٿي تي ڪاري ڪپڙي جي ٽڪر سان ٺهيل ڪلاهه، هٿ ۾ ڪشتو سمهڻ لاءِ هڪ صندل. ڪتابن رکڻ لاءِ هڪ پراڻي ڪٺا ئين گودڙي. پيرن ۾ سادي جتي، نه ته پنڌ هلندو پيرين اگهاڙو. اهو هو اسانجو شاهه جنهن جي نهار دور ڪيترين صدين تي پکڙيل هئي، جنهن جي ملڪ جا ماڻهو صدين کان ڌارين حڪمرانن جوڏاڍسيني سهندا پئي آيا!

دوستو!

شاهه عبداللطيف ڀٽائي بابت پهريون ڀيرو پنهنجي فارسي ڪتاب تحفته الڪرام ۾ مير علي شير قانع ذڪر ڪيو. اهو ڪتاب هن سال 1768ع يا 1773ع ۾ لکي پورو ڪيو هو يعني شاهه جي وفات کانپوءِ اٽڪل 18 يا ويهه سال پوءِ، قانع جو هي ڪتاب، اسانکي شاهه صاحب بابت ڪجهه معلومات فراهم ڪري ٿو.

سنڌ 1843 جي 17 فيبروري تي انگريزن جي قبضي ۾ هلي ويئي ۽ برٽش راج شروع ٿيو ان کان اڳ شاهه لطيف سنڌ جي جهر جهنگ ۾ ڳايو ۽ سڃاتو ويندو هو. ڪيترن ماڻهن جي گهرن ۾ شاهه ڀٽائي جا قلمي نسخا موجود هوندا هئا. سنڌ ۾ ڇپائي جو نظام 1844ع کان شروع ٿيو. سنڌ ۾ پهريون سرڪاري ڇاپخانو سن 1844ع ۾ سرچارلس نيپئر گورنر سنڌ برپا ڪيو. اتان ئي پهريون ڀيرو سرڪاري اخبار ڪراچي ايڊو رٽائيزر شروع ڪئي ويئي. ان کانپوءِ ٻيا ڪجهه خانگي پريسون سنڌ جي ڪن شهرن ۾ کليون.

1843 ۾ ئي انگريزن سنڌ کي انتظامي طور تي 3 ضلعن هر هڪ ڪراچي، حيدرآباد، شڪارپور ۾ ورهائي ڇڏيو. حيدرآباد، سنڌ جو ٻيو اهم تاريخي ۽ ٽالپرن جي گادي وارو شهر هو. حيدرآباد جو پهريون ڪليڪٽر ڪيپٽن ڊيورٽي (1843 کان 1846 تائين) هو، ان جي دور ۾ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن جارج اسٽئڪ مقرر ٿيو. ان مهل جارج اسٽيڪ جي ڄمار 22 ورهيه هئي. کيس لٽريچر ۽ تاريخ سان ڏاڍو شوق هوندو هو. هن سنڌ بابت ڪيترا ڪتاب انگريزن جا

پڙهيا هئا. وٽس ايڊورڊ بيڪ هائوس ايسٽيوڪ جو ڪتاب Avocabulary of Sindhi Language(1843)، مسٽر وليم هينري واٽس لکيل سنڌي گرامر بابت رپورٽ، مسٽر هنري بونيلي جو ڪتاب Personal Narrative of a Tour Through the western states of Raj war in 1835, ۾ ٻيا ڪيترا ڪتاب بہ موجود هوندا هئا. حيدرآباد ۾ ايندي سندس اپياس هيٺ سنڌي ٻولي تہ رهي پر ماڻهن جي واتان شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو نالو ٻڌائين. پوءِ هو سنڌي ٻولي تي ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ شاهه جي ڪلام جي ڳولا ۾ بہ مشغول رهيو. ڪيس سنڌين جي تعليم ۾ سنڌي ٻولي جي اپياس جو ذاتي شوق هو. هندستاني ٻولين جو بہ ڪيس اپياس حاصل هو ان ڪري تمام جلد سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ۾ پڙهڻ سکي ويو. پهريون پيرو هن عيسائين جي ڪتاب گوسپل آف سينٽ مٿيبور جو سنڌي ۾ ترجمو ڪيو. ان ڪانسواءِ سندس ڪتاب گرامر آف دي سنڌي لينگويج ۽ سنڌي انگريزي ڊڪشنري، سنڌي ڪتاب گرامر آف دي سنڌي ڏاڍا اهم آهن سنڌي گرامر وارو ڪتاب هُن 1847ع_1846ع ۾ لکيو. پر سال 1849 ۾ ساڳئي ڪتاب جي پڇاڙي ۾ هن پنج لوڪ ڪهاڻيون بہ ڏنيون. پنجين ڪهاڻي راءِ ڏياچ جي هئي اهي ڪهاڻيون هن ديوناگري رسم الخط ۾ لکي شامل ڪيون هيون. مسٽر جارج اسٽيڪ جو سڀ کان وڏو ڪارنامو هو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جو هڪ نسخو مرتب ڪرڻ هو. پر افسوس تہ اها ڳالهہ تمام گهٽ ڪتابن ۾ آئي آهي. ٿي سگهي ٿو اهو نسخو ڇپائي جي مرحلن ۾ نہ اچڻ سبب معدوم ٿي ويو. اڄ ڪلهہ اهو قلمي نسخو ايران ۾ موجود آهي. هن جو ڪتاب انگريزي سنڌي ڊڪشنري جا فقط 160 صفحا ڇپيا تہ هو صاحب 1853 ۾ گذاري ويو. بعد ۾ اهو ڪتاب 1855 ۾ ديوناگري ۾ شايع ڪيو ويو.

جيتوڻيڪ اهو جارج اسٽيڪ جو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو ڇپائي جي مرحلن تائين نہ پهچي سگهيو پر اسين اهو





ڪريڊٽ جارج اسٽيڪ کي ضرور ڏيون ٿا، تہ هو ئي پهريون انگريز هو جنهن شاهه جو رسالو ترتيب ڏنو. اها ٻي ڳالهہ آهي، شاهه جي رسالي کي پهريون پيرو ڇپائڻ جو اعزاز مسٽر ارنيسٽ ٽرمپ کي آهي. هو صاحب 12 سيپٽمبر1854 تي سنڌ جي گادي واري شهر ڪراچي پهتو. سندس مقصد سنڌي ٻولي گرامر ۽ ڊڪشنرين تي ريسرچ ڪرڻ هو. اهو ڪم ڪيس چرچ مشينري سوسائٽي حوالي ڪيو هو. سنڌ ۾ پهچندي ئي هن عالم ڪجهہ ئي وقت ۾ سنڌي سکي ورتي. ان وقت سنڌ جو ڪمشنر سر بارٽل فريئر هو. جنهن کي 1851ع ۾ سنڌ جو ڪمشنر مقرر ڪيو ويو هو. فريئر لڳاتار سنڌ ۾ نو ورهيہ يعني 1859 تائين سنڌ جو هر دلعزيز ڪمشنر رهيو. سندس ڌيءَ ميري ازبيلا کي ننڍڙي هوندي کان وٺي هندستان جي لوڪ ڪهاڻين ٻڌڻ ۾ گڏ ڪرڻ جو شوق هوندو هو. فريئر ڌيءَ جي شوق کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪيس سنڌ جون ڪيترين لوڪ ڪهاڻيون انگريزي ۾ ترجمو ڪرائي ڏنيون هيون. فريئر کي خود بہ سنڌ جي ترقي، سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، ۽ سنڌي ماڻهن سان بيحد محبت هوندي هئي. سندس ايامڪاري ۾ سيپٽمبر 1851 ۾ هن عربي سنڌي رسم الخط رائج ڪرڻ لاءِ بمبئي سرڪار کي خط لکيو بعدم 1853 ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرسنڌ "سر بيروهر برٽ ايلس" جي سربراهي ۾ هڪ ڪاميٽي مقرر ٿي. ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي، راءِ بهادر نارائڻ جڳناٿ، ديوان پرڀداس، آنندرام رامچنداڻي حيدرآبادي، ديوان اڌارام."ٿانور داس مير چنداڻي." حيدرآبادي، خان بهادر مرزا صادق علي بيگ، (مرزا مخلص بيگ جو پٽ) ميان محمد، نارمل اسڪول حيدرآباد جو ماسٽر، قاضي غلام علي ٺٽوي، ۽ ميان غلام حسين ٺٽوي ان ڪميٽي جا ميمبر هئا. ان ڪميٽي آخرڪار سنڌي لاءِ عربي رسم الخط منظور ڪئي. سنڌ جي تعليم جو سربراه تڏهن مسٽرايلس هو. ان ڪانسواءِ فريئر شاهه لطيف جي زندگي ۽ ڪلام بابت هڪ منشيءَ کان سنڌي ۾ هڪ ڪتاب لکرايو هو. جنهن جو اهو انگريزي ۾ ترجمو مسٽر ڊبليو سورڊي ڪيو.

اهو ڪتاب لنڊن مان 1870 ۾ ڇپيو هو. ۽ وڏي ڳالهه ته فريئر، بمبئي جو گورنر ٿيڻ ڪانپوءِ به اتي وچي سنڌ کي نه وساريو.

دوستو!

ڇا اسين مشهور جرمن اسڪالر ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ کي وساري سگهون ٿا؟ مجون ٿا "هن کي شاهه لطيف جو رسالو ڇپائڻ لاءِ پئسا سنڌ جي اڳوڻي ڪمشنر ۽ بمبئي جي گورنر بارٽل فريئر ڏنا هئا. پر هن عالم سنڌي ٻولي سکي شاهه کي پڙهيائين ۽ پوءِ شاهه جو رسالو 26 سرن سان ترتيب ڏيئي وچي جرمني جي شهر ليپزگ مان شايع ڪيو. اهو سال 1866ع يقينن سنڌ لاءِ مبارڪ سال هو جو شاهه جو رسالو هڪ پيرو ٽائيپ مان ڇپجي سنڌ پهتو. شاهه صاحب جو رسالو جرمني مان ڇپرائڻ وقت ڊاڪٽر صاحب 10 مارچ 1866ع تي ورٽمبرگ شهر ۾ ويهي لکي ٿو "سنڌ ۾ پنهنجي رهائش دوران مون ڪجهه ڏند ڪٿائون منظوم داستان ۽ ڳيچ گڏ ڪيا هئا، جيڪي مون مختلف جهونن شاعرن ۽ ڳائڻن کان لکرايا هئا. انهن جهونن ڳائڻن کي مختلف ميلن جي موقعي تي جهونگارڻ جي عادت هوندي هئي. مون انهن کي ان ڪري گڏ پئي ڪيم جيئن ڪين اصلوڪي سنڌي ادب ۾ ترتيب ۾ رکجي. پر پوءِ مون طئه ڪيو ته بجاءِ ننڍڙن داستانن کي گڏ ڪرڻ جي مون کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ڪم پيش ڪرڻ گهرجي، جيڪو شاهه جو رسالو سڏجي ٿو."

۽ منهنجا دوستو!

ڪو وقت ايندو جو سنڌ ۾ جرمني جي هن مهان سپوت ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ جي ياد ۾ ڪراچي ۾ ڪوئي مينار ضرور ٺاهيو ويندو. هاڻ ته سنڌ ۾ ٽرمپ وارو اهو اڻلڀ تاريخي رسالو ٻيهر ڇپيو ويو آهي. اهو ڏسي تعجب ٿو اچي، ته هن شخص جرمني جي شهر ليپزگ ۾ ويهي، ڪيئن سنڌي اکرن جي لوهي ٽائيپ تيار ڪرائي انجي ڪمپوزنگ ڪرائي هوندي. پروف ايڊيٽنگ ڪئي هوندي، ۽ اهو هڪ تمام ڏکيو ۽ ٿڪائيندڙ ڪم هو. اڄ هو اسان ۾ موجود ڪونهي، پر سنڌ





۽ سنڌي ڪيس ڪڏهن به نه وساري سگهندا.

رچرڊ برٽن به هڪ عجيب انسان هو. سنڌ ۾ هو 1843 ۾ سنڌ کي فتح ٿيڻ ڪانپوءِ سرچارلس نيپيئر جو ترجمان هو. ڪيس سنڌي لکڻ ۽ پڙهڻ تي عبور حاصل هو. هڪ فوجي ڪمانڊر هوندي به ڪيس عام ماڻهو جي زبان، سنڌي ڪلچر ۽ تاريخ سان ڏاڍو موهه هو. هن سڄي سنڌ گهمي ڏٺي هئي ۽ سنڌ جي جهرجهنگ ۾ ڪيس شاهه لطيف جي بيتن ۽ ڪلام جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو هو. شروعات ۾ سنڌ ۾ چار سال رهيو ٻيهر 1848ع، ۽ پوءِ ٻيون پيرو هو. 1878 ۾ سنڌ آيو هو. پنهنجي مشهور ڪتاب "سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ" ۾ رچرڊ برٽن شاه صاحب لاءِ لکي ٿو:

"شاهه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي شعر جي سونهن حرف تجنيس معنيٰ ترنم وارن لفظن جي وٽندڙ ٻوليءَ جي اشارن سان طئي ڪري ٿو ۽ جاين ڪيترين تي انهن جي عبارتن جا به حوالا ڏيئي ٿو. هن جو سمورو ڪلام انهن خيالن ۽ مضمونن سان واسطو رکندڙ آهي، جن کان هن جا هم وطن اڳي واقف آهن، پر هن انهن کي هڪ عجيب احوال جي اظهار لاءِ استعمال ڪيو آهي. هن جي ڪلام جا ڪيترا حصا ڏيکارين ٿا ته هن کي مهذب گهرو زندگي لاءِ قدر آهي!"

رچرڊ برٽن، خبر ناهي ڪهڙا صدين جا ڏک ڏٺا، هن سنڌ کي ڏسي اهو لکيو هو ته "سنڌ ڏکويل ماٿري آهي." پنهنجي ڪتاب سنڌ آران هيپي ويلي ۾ (سال 1857 ڌاري) لکي ٿو: "اسان هن وقت اتر سنڌ جي حدن ۾ آهيون. مصر جهڙو زرخيز علائقو شروع ٿي چڪو آهي. مسترٻل، تو اندازو نٿو ڪرين سگهين ته هي اداس ماٿري، امير ٻڻجڻ جي ڪيتري اهليت رکندڙ آهي."

۽ مونکي رچرڊ برٽن جا لکيل اهي لفظ به نٿا وسرن:"شاهه جا وطن واسي ڪين سنڌ جو حافظ سڏين ٿا. ۽ انهن مان ڪجهه پڙهيل اڻ پڙهيل جن سندس پرسوز ڪلام پڙهيو يا ٻڌو هجي هن جي شاعري پنهنجي سمجهندڙن لاءِ ڪنهن خوشي کان گهٽ ناهي. پڙهيل لکيل

سنڌس شاعريءَ جي سونهن جي تعريف ڪن ٿا، ۽ تنبوري تي ان جي جهونگار جا مداح آهن. حد ته اها آهي ته اڻ پڙهيل به سنڌس شاعري جا ڪجهه حصا دل سان ياد ڪن ٿا. انهن جي معنيٰ هٿ ڪرڻ لاءِ ڪشالا ڪڍن ٿا!“

شاهه صاحب جي زندگي تي، پهريون پيروفارسي ٻولي ۾ ڪتاب لکندڙهو هز هائينس مير عبدالحسين سانگي!“ ٽالپر گهراڻي جو چشم چراغ. سنڌ جي آخري حڪمران مير نصير خان ٽالپر جو پوٽو. هڪ انگريز عورت جو فرزند جيڪو سنڌ کان ڪوهين دور ڪلڪتي ۾ ڄائو هو. پر سنڌ ۾ اچي هو شاهه جي عشق ۾ رڱجي ويو. سنڌس لکيل ڪتاب ”لطائف لطيفي،“ شاهه جي زندگي بابت پهريون تحقيقي ڪتاب آهي، مير صاحب اهو ڪتاب سال 1888ع ۾ حيدرآباد ۾ سنڌو درياءُ جي ڪپ تي پنهنجي گهر ۾ ويهي لکيو هو. مير صاحب هڪ اهل علم دانشور هو. وٽس هزارين ڪتاب موجود هوندا هئا، پاڻ هڪ وڏو شاعر هو. ڪلڪتي ۾ قيد دوران مير عباس ٽالپر کي سنڌس انگريز زال مان ڄائو هو. سنڌس ڏاڏو سنڌ جو آخري حڪمران مير نصير خان ٽالپر هو. سال 1851ع ۾ سنڌس جنم ٿيو. سنڌ ۾ پنهنجي چاچي مير حسن علي خان ٽالپر سان گڏ حيدرآباد آيو. اتي جوان ٿيو ۽ شاهه ڀٽائي جو سچو عاشق ٿي پيو. وٽس شاهه جي رسالي جو هڪ قديم نسخو به موجود هوندو هو. ڪيس ڀٽ ڌڻي سان ايڏو عشق ٿي پيو. جو هن جي پهرين زال جڏهن گذاري ويئي، ته هن مائي صاحبه کي وڃي ڀٽ شاهه ۾ شاهه جي پيراندي ۾ دفن ڪيو. ۽ پاڻ به 1924 ۾ وفات ڪري ويو ته سنڌس وصيعت موجب ڪيس ڀٽائي جي پيرانديءَ کان دفن ڪيو ويو. اڄ به ڀٽائي جا عاشق جڏهن ڀٽ شاهه ۾ درگاهه تي ويندا آهن ته مير عبدالحسين سانگي جي مزار تي به عقيدت جا به گل وڃي رکي ايندا آهن.

انگريزي ٻوليءَ ۾ وري 1882 ۾ ديوان ڏيارا مر گدومل، پنهنجو ڪتاب ”سمٿنگ اباﺋوٽ سنڌ“ لکيو. هن صاحب پنهنجي ان 50





صفحن جي ڪتاب ۾، شاهه بابت 15 يا 20 پيج لکيا آهن. ان ڪري جيڪڏهن اهو چئجي ته ان ۾ ڪو به وڏاءُ ڪونهي ته پهريون سنڌي عالم، ڏيارام گدومل هو، جنهن شاهه بابت ڪجهه لکيو.

ان کانپوءِ مرزا قليچ بيگ شاهه لطيف بابت انگريزي ۾ هڪ ڪتاب

( Life of Shah Abdul Latif Bhitai and Brief Commententary on his Risalo with selections bearing on the mystic Philosophy of Sufis)

لکيو. پر اهو ڪتاب ان وقت ڇپجي نه سگهيو. مرزا صاحب جو سنڌي ۾ لکيل ڪتاب ”احوال شاهه عبداللطيف“ لکيو. اهو ڪتاب منشي پوڪرداس ڇپيو هو.

ان کانسواءِ حيدرآباد جي ديوان ليلارام وٽڻمل لعلواڻي، پڻ شاهه صاحب جي زندگي بابت انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب Life Religion And Shah’s Poetry Greatest Poet of Sindh لکيو. جيڪو 14 مارچ 1889ع ۾ شايع ٿيو. هي انگريزي ۾ لکيل پهريون ڪتاب هو.

اهڙي ريت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ٽرمپ واري ڇاپي کانپوءِ پهريون ڀيرو ڇپائيندڙ هو، حاجي محمد سمون. هن بمبئي مان وڃي اهو رسالو ڇپرايو هو.

اهڙيءَ طرح شاهه جو رسالو پهريون ڀيرو، سال 1990ع ۾ سنڌي ٽائيپ ۾، شايع ٿيو. اهو رسالو، تارا چند شوقيرام آڏواڻي مرتب ڪيو هو، جنهن کي سنڌ جي تعليم کاتي ڇپرايو هو. ساڳئي وقت مرزا قليچ بيگ جو مرتب ڪيل شاهه جو رسالو، منشي پوڪرداس 1913 ۾ شايع ڪرايو.

پر سنڌ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي کي ڪڏهن به نه وساري سگهندي. ڊاڪٽر صاحب پهريون عالم هو، جنهن شاهه جي رسالي کي مرتب ڪيو، سنڌس زندگيءَ جو احوال لکيو. سنڌس

سورمين بابت تحقيق ڪئي. 1923ع جو سال سنڌ جي تاريخ جو اهم سال آهي، جڏهن ڊاڪٽر گربخشاڻي جي مرتب ڪيل رسالي جو پهريون جلد سنڌ واسين آڏو آيو. ڊاڪٽر گربخشاڻي جو عاليشان مقدمو ۽ سندس ڪيل ڪم جي مقابلي جي تحقيق اڄ ڏينهن تائين ڪوبہ ٻيو عالم ورلي ئي ڪري سگهيو آهي.

سال 1919 ۾ برک صوفي،اديب، دانشور دادا ڄيٺمل پر سرام گلراجاڻي بغاوت جي ڪيس ۾ گرفتار ٿيو هو. پهريون حيدرآباد سينٽرل جيل پوءِ پونا جيل ۾ هڪ سال قيد هو. ڪيس چار سال سزا ٻڌائي ويئي هئي. جڏهن هڪ سال ڪانپوءِ آزاد ٿيو تہ دادا جيرام داس دولترام ڪانئس پڇيو تہ تون جيل جي ڪوٺڙيءَ ۾ ڏک سهندي، ڏٺيءَ اڳيان ڪهڙي پرارٿنا ڪندو هئين!" جواب ۾ چيائين، "آئون جيل ۾ شاهه لطيف ڪي پڙهندو هوس...

دادا ڄيٺمل پرسرام بہ شاهہ جو سچو عاشق هو. پاڻ 1916 ۾ حيدرآباد ڪان "هندو واسي" اخبار ڪيندو هو. حيدرآباد شهر ان وقت بہ ڪراچي ڪانپوءِ سنڌ جي قومي سياست جو مرڪز بڻجي رهيو هو. اهو دور سنڌ جي قومي سياست جو پهريون دور هو. محترم غلام محمد ڀرڳڙي، انهيءَ قومي سياست جو مهندار ۽ سرواڻ هو. ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، جيرامداس دولترام، ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي، اچاريا ڪرپلاڻي، هر چندر ۽ وشنداس، ايم اي حافظ، عبدالرحمان بيريسٽر شيخ عبدالمجيدسنڌي، غلام علي چاڳلا، لالچندامرڏنومل، سنڌ اس منگهارام وڪيل، اڇي سندس چوگرد گڏ ٿيا هئا، ڪانگريس، ٿيا سافيڪل سوسائٽي سندن مرڪز هئا. 30 مارچ 1919 تي مهاتما گانڌي سموري هندستان ۾ هڙتال جي اپيل ڪئي هئي، ان ڏينهن تي بہ هڙتال ٿي، تہ وري 6 اپريل 1919 تي بہ هڙتال ٿي. 30 مارچ 1919 تي نئين دهلي ۾ چاندني چوڪ تي انگريز سرڪار مظاهرو ڪندڙن تي زبردست فائرنگ ڪرائي. ڪيترائي ماڻهو مري ويا. ۽ زخمي ٿيا. ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي، پنهنجي اخبار "هندواسي" ۾ انهي واقعي





جي خلاف ايڊيٽوريل لکيو. انهي ايڊيٽوريل جي شروعات شاهہ لطيف جي هن بيت سان ٿيل هئي:

اڳيان اڏين وٽ ، پوين سر سنباها،
ڪاٽ تہ پوين قبول ۾، مڇڻ پائين گهٽ،
متا مهاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ،
ڪلالڪي هٽ، ڪُسڻ جو ڪوپ وهي!.

ايڊيٽوريل ۾ سنڌ برٽش سرڪار کي انهي بيت جي ڪري سخت ڪاوڙ لڳي. سنڌ جو ڪمشنر سرلار ينس جهڙو سخت ڪامورو هو. هَن بمبئي جي گورنر جي صلاح سان ڪئي. مئي 1919ع ۾ ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي جي خلاف بغاوت جو ڪيس داخل ڪيو. 16 مئي 1919 تي ڄيٺمل پرسرام کي حيدرآباد مان گرفتار ڪيو ويو ڄيٺمل پرسرام جوڪيس حيدرآباد جي ڊپٽي ڪليڪٽر مسٽر ايچ ٽي سورلي جي عدالت ۾ هلڻ شروع ٿيو هن ڪيس ۾ ڄيٺمل پرسرام جو وڪيل سنداس منگهارام هو. ڪيس ۾ سخت اعتراض شاهہ لطيف جي مٿئين بيت تي هو. هن بيت جي ذريعي ماڻهن کي بغاوت تي اڀارڻ جي صلاح ڏني ويئي آهي. هن ڪيس ۾ شاهدن طور مشهور اديب مرزا قليچ بيگ بہ پيش ٿيو هو. هن پنهنجي وس آهر شاهہ جي هن بيت جي تشريح ڪري ٻڌائي هئي. بهرحال ايچ ٽي سورلي جي عدالت بہ مهينا ڪيس هلائڻ ۽ شاهہ جي هن بيت جي تشريح ٻڌندي، پنهنجو فيصلو ڄيٺمل کي 4 سال سخت پورهئي سان سزا ٻڌائي، بعد ۾ ڄيٺمل جي اها سزا 2 سال ڪئي ويئي ۽ ڄيٺمل جي هن ڪيس جي پيروي ڪرڻ لاءِ بمبئي جو مشهور پارسي وڪيل مسٽر ٻپتسما بہ آيو هو. ڄيٺمل کي ڪجهہ وقت حيدرآباد جي جيل ۾ رکيو ويو ۽ بعد ۾ هن کي پونا جيل موڪليو ويو. اتان هو جنوري 1920 ۾ آزاد ٿيو. هوڏانهن ايچ ٽي سورلي ڄيٺمل کي شاهہ جي هن بيت تي سزا تہ ٻڌائي. پر سندس من ۾ هورا کورا پيدا ٿي ويئي تہ ڇو نہ آئون شاهہ لطيف جي

شاعري پڙهي ڏسان پوءِ هو سنڌي ٻولي سکيو. شاهه صاحب کي پڙهيائين ۽ انگريزي ۾ سال 1938 ع ۾ عاليشان ڪتاب شاهه عبداللطيف آف ڀٽ هز پوئٽري، لائيف، اينڊٽائمس، اي اسٽيڊي آف لٽريسي اينڊ اڪنامڪ ڪنڊيشن ان 18 سنچري سنڌ!" لکي ورتو.

هي ڪتاب شاهه جي زندگي تي هڪ اعليٰ ڪتاب آهي. انهي ڪتاب جي پس منظر ۾ ايڇ ٽي سورلي جو اهو پڇتاءُ سمايل آهي، جو هن جيٽمل پرسرام کي هڪ بيت جي ڪري سزا ڏياري هئي، ايڇ ٽي سورلي پهريون انگريز عالم آهي، جنهن ڀٽائي جي شاعري تي جديد سائنسي طور تحقيق ڪئي.

مسٽر ايڇ ٽي سورلي پنهنجي لکيل شاندار ڪتاب "شاهه عبدالطيف آف ڀٽ" ۾ هڪ ڏاهي طور جوهي قول ڪوٽ ڪيو آهي: "اوپر جا ماڻهو بدلجن نٿا. هتي گهٽ ترقي يافته نسلن جي پيٽ ۾ هنن غريبن جو سادو سودو اتهاس سندن ڏکوئيندڙ ۽ رحم جوڳو ۽ هڪڙو سربستو احوال ڏي ٿو."

ڏاڍي معنيٰ خيز ڳالهه آهي هن گفتي ۾. سورلي اهو ٻه لکيو آهي ته سنڌ تي جيڪا مصيبت نازل ٿيندي رهي آهي سا آهي سنڌوندي جي چڙهوا ڳ ٻوڏ پر ها اها ٻوڏا ٻه سنڌو درياءُ ۾ رهي ڪونهي.

دوستو!

سچ پچ شاهه جي شعر ۾ ڪائي منڙي پيڙا موجود آهي، اها سدائين من کي آٿت پئي ڏيندي آهي. بلڪ شخصي طور تي جڏهن من تي ڪائي ملولائي ڇائنجندي آهي، آئون شاهه جو رسالو پڙهندو آهيان. هر پيري ڪانه ڪاشي پڙهڻ لاءِ آڏو اچي ويندي آهي. پوءِ آئون انهي ۾ گم ٿي ويندو آهيان. هڪ ڀيرو هي بيت پڙهي ان جي اونهائي ۾ ڪوئجي ويو هوس:

جا نينهن ڳنندي نانءُ،
سامون جئين پوندي مامري!





سچ پچ ته شاهه جي هڪ هڪ بيت، هڪ هڪ وائي جو الائي ڪيڏو اونهو پس منظر آهي، ان تي تفصيل سان لکڻ جي سخت ضرورت آهي.

سال 1999ع ۾ ڀٽ شاهه ۾ ڀٽ شاهه ڪلچرل سينٽر جي آڳنڌ ۾ ويٺا هئاسين. رات جي مهل هئي. آرهڙ جي آسمان تي خبر ناهي ڪهڙين تاريخن جو مڌم چنڊ ڪڙيل هو. ان مان ڪراڙ ڊنڊ تان، ٿڌي هوا گهوگهٽ ڪندي اچي پئي اسانکي لڳي. سامهون ڪرسين تي سيد غوث علي شاهه، چيف منسٽر سنڌ، محترم محمد ابراهيم جويو، نياز همايوني، غلام رباني آگرو، امداد حسيني، نصير مرزا، نفيس احمد ناشاد ويٺا هئا. اسانجي آڏو شاهه جا راڳي شاهه کي ڳائي رهيا هئا. سندن هٿن ۾ طنبورا هئا. اوچتو هنن سريمن ڪلياڻ مان شاهه جي وائي ڳائڻ شروع ڪري ڏني هئي،

سُپريان جي سونُهن جي ڳالهه ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي، سُوري سر هجي،
عاشقن انگ چڙهيا، ٻيو سڀ ڪوڀڃي،
پُڇج پوءِ پريتڻون، پهرئين سِرُ سڄي،
عاقل تي اوچون ٿيا، پورو ڪين پڃي!

مون ان مهل آسمان ۾ ڏٺو هو. اداس چنڊ شاهه جي ڪراڙ ڊنڊتان سرگوشيون ڪري رهيو هو ۽ ڪراڙ جي لهر لهر، ستاري ستاري، درختن ۾ اهاوائي گونجي رهي هئي. اصل ۾ ڀٽ شاهه ۾ اتان جي وڻن ۾، ڪراڙڊنڊ جي لهر لهر، پرين جو پڙلاءَ موجود آهي. آئون ان مهل اتان اٿي پر ۾ وڃي ڪراڙ جي ڪنڌيءَ تي ويٺو هوس. ڪراڙ ڊنڊ تي چنڊ جا پاڇاپئجي رهيا هئا. آسمان جو چنڊ ڪراڙ جي پاڻي ۾ ٽڪرا ٽڪرا ٿي رهيو هو. پريان ٽالهي گدامڙي جي وڻن تي چنڊ جي چاندوڪي ڇانيل هئي ۽ پوءِ ڪا مهل اتي ويٺو هوس. جڏهن موٽي آيو هوس ته گيسٽ هائوس جي آڳر ۾ سيد غوث علي شاهه جي فرمائش تي

نياز همايوني پنهنجو مشهور گيت پڙهي رهيو هو:

سنڌڙي منهنجي ماءُ او منهنجي جيجل توتان گهورڻيان،
شال نہ ٿيان غدار، سنڌ پل ڌاڪو ٿيان ياچور ٿيان.

مون ان مهل سوچيو هو. شاهہ لطيف جي هن عاشق نياز همايوني ۾ صدين جو ڪوئي اداس سنڌي ويٺل آهي. هزارين سال پراڻو سنڌي جنهن جو روح وتي ٿو پيٽڪندو. شاهہ لطيف ۾ بہ سنڌ جو هزارين ورهيہ قديم اداس سنڌي جو روح ويٺل هو. شاهہ بہ پنهنجي وقت ڪان حالتن ڪان، حڪمرانن ڪان، بغاوت ڪئي هئي. هو صاحب چوي ٿو:

جان وڃيو تان ويهہ، نہ تہ وڃيو وٺ ونءَ تون،
هي تنين جو ڏيهہ، ڪاتي جنين هٿ ۾!
(شاهہ)

ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان تہ شاهہ ڀٽائي نہ هجي تہ پوءِ سنڌي ٻولي جو الائي ڪهڙو حال ٿئي ها! ڇاڪاڻ تہ ٻولين جي واڌ ويجهہ ۾ بہ انجو ادب ۾ ماڻهو اهم هوندو آهن. شاهہ صاحب سچ پچ، سنڌي ٻوليءَ ڪي چين جي عظيم ديوار جهڙي پت ناهي ڇڏي آهي.

هونئن بہ دنيا جو هڪڙو مروج اصول آهي تہ وقت جي بدلجڻ سان ان ٻولي ڳالهائيندڙن ۾ جي لفظن ۾ تغيرات ٿيندا رهندا آهن. ڏهين صدي عيسوي ۾ فارسيءَ ٻولي جو اثر وچ ايشيا تي، خاص ڪري نندي ڪنڌ تي پيو. پر سنڌ تي پر پاسي جي حڪمرانن سبب تمام گهڻو اثر پيو. ان اثر سبب سنڌ جا حڪمران پنهنجي اباڻي ٻولي وساري ويهي رهيا. حڪمرانن جي زور جي ڪري امير، امرتي بہ فارسي ٻوليءَ ڇائنجي وئي. اوهين پاڻ ڏسو سومرن، سمن، ارغونن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي اڳين دور جو هڪ تاريخي ڪتاب اسانکي سنڌي ٻولي ۾ نٿو هٿ اچي. ڪڏهن حڪمرانن جي ڪري قومون پنهنجي





اصلوڪين ٻولين ڪي بہ وساري ويهي رهنديون آهن. اسانجي آڏو لاطيني ٻولي جو مثال آهي. ڪنهن وقت ۾ اها ٻولي رومي بادشاهہ جي اولهندي پاڱن ۾ عام هئي. پر جڏهن قديم تهذيب جا پير اکڙجي ويا تہ اها ٻولي آهستي آهستي معدوم ٿيندي ويئي. اتي لاطيني ٻولي نٿي ڳالهائي وڃي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اٽلين، اسپيني، فرنيچ، رومي، وغيره لاطيني ٻولي مان ڦٽي نڪتيون.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ دنيا جي ڪيترين ٻولين جو تعلق ايشيا ڪوچڪ سان هو. اهي اڄ موجود ڪونهن. ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ ادب نہ سرجيو ويو. مثال طور بابلي ٻولي، هيٽي، ڪيريا، ليڊيا، ليشيا، فريجيا، ٻوليون سموريون فنا ٿي ويون. ويندي انهن جي ڪا بہ يادگار باقي ڪونهي. ڪيترين ٻولين ڳالهائيندڙن جون نسل بہ ختم ٿي ويو. ٻولين جا شجرا انهن جو اٿاٿو هوندو آهي.

هن ڊگهي بحث جو مقصد اهو آهي تہ جئين اسين سمجهي سگهون تہ قومن ۽ ٻولين جي ترقي ۾ ادب جو وڏو تعلق هوندو آهي. سنڌ جي سلطنت مٿان بہ فارسي ٻولي جو غلبو اهڙي دور ۾ هو. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي آڏو اهو ماحول برپاهو جو حڪمران، امير ۽ ڪبير، فارسي جي اثر هيٺ هئا ڇا اسين ڀٽائي جي هن بيت ڪي وساري سگهنداسين:

جي تون سکيو فارسي، گولو تو ۾ غلام،
اُڃيو تان آب گهري، بکيو تان طعام،
جو ٻڌو ٻن ڳالهين، سو ڪنين ڇائي جام؟
اي عامن سندو عام، خاصن منجهان نہ ٿئي.

۽ شاهہ صاحب جو هي بيت بہ تہ پڙهي ڏسو:

پيم پٺاڻن سين، ٻولي جي نہ ٻُجهن،
آئون سنڌيءَ جو سعيو ڪيان، هو فارسي پڇن،
مون پڻ مِلا تن، سرتيون سور پرائيو!

اڄ ڪان ٽي صديون اڳ جوزمانو اکين آڏو آڻيو ۽ پوءِ ويهي، غور سان اها ڳالهه ذهن ۾ آڻيو ته هڪ شاعر هڪ ڏور ڏسندڙ باشعور شخص اهڙي ڏکئي ماحول ۾ ڇاتو ڪري سگهي؟ هتي هن ڳالهه کان قطعي طور تي انڪار نٽا ڪري سگهون. ته هڪ باشعور، سجاڳ شخص، بادشاهت جي ڏاڍ آڏو لفظن جو احتجاج ئي ڪري سگهي ٿو. وقت جو حڪمران ميان نور محمد ڪلهوڙو سندس مخالف هو ۽ ترجا جاگيردار ڪيس پنهنجي جوءِ ۾ اکين ڦاٽل ڪنڊي وانگر پيا محسوس ڪندا هئا. پوءِ به هن اهو چيو ته:

تنهن سورهيه کي شاباس،
جو مٿي پڙ پرزا ٿئي!

اهڙي ڏکئي، ۽ منجهائيندڙ وقت ۾ هن جو شعور اڳتي سوچي رهيو هو:

ڳچيءَ ڳانا لوه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير،
چاري چو گانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چن نه چچي آهيان، اهڙي سٽ سرير،
مارو چام مليرِ، پڇج کي پنو هار کي.

هڪ ٿي بيت ۾ هو پنهنجي ديس ۾ ٿيندڙ ڪلورن کي ظاهر ڪندي، ايوانن، قيد خانن، جاسوسن، هٿڪڙين ۽ ڏاڍ سهندڙ ماروئڙن جو ذڪر ڪري امر ٿو ٿي وڃي. خبر ناهي ته شاهه جهڙو عظيم سورمو شاعر ۽ اهل علم اڄ کان ڪيترين صديون اڳ، پنهنجي وطن جي حالتن کي ڏسي ڇا ڇا نه ڀوڳيو هوندو؟ ڪهڙي انت بحر جي سوچ سندس من ۾ سمايل هئي جو هو شهر ڇڏي ڀُٽڙيانگ ۾ ڪراڙ ڍنڍ جو ڪپ وڃي وسايو.





ڀائرو

هڪ دفعو آئون سچ لتي ڀٽ شاهه پهتو هوس. اونده ٿي وئي هئي. ڀريان ڀٽ شاهه جي ڪن گهرن مان دونهون نڪري رهيو هو. آئون شيخ اياز جي قبر وٽ وڃي بيٺو هوس. هوا تيز گهلي رهي هئي مٿي آڪاس تي ڪيترا ستارا ٽمڪي رهيا هئا. مون ان مهل سوچيو هو جڏهن هزارين ستارا، هن اونداهي آسمان تي ڏياٽين وانگر ٽمڪندا هئا، ته ڀٽ ۾ مچ دکايا ويندا هئا. ۽ مشعلون ٻاريون وينديون هيون. ڀٽائي جو روضو جڙڻ ڪانپوءِ هڪڙا فانوس درگاهه جي اندر ٻرندا هئا ته ٻيو فانوس خدا جي چنڊ جي شڪل ۾ آسمان ۾ چمڪندو هو.

مون کي ان مهل ڏيارام گدومل ياد اچي ويو . هو صاحب پنهنجي ڪتاب "سمتنگ اباؤٽ سنڌ "۾ درگاهه ڀٽائي جي ان زيارت جو ذڪر ڪري ٿو هو سال 1882ع ۾ ڀٽ شاهه آيو هو. ڏيا رام لکي ٿو ڀٽ شاهه جي وڏي ۽ وسيع اڱڻ ۾ ماٺ ڇانيل هئي. جتي آئون به سؤ کن ماڻهن، زالن، ٻارن سان گڏ هوس. اوچتو الاهو جي هونگار ماٺ جي طلسم کي ٽوڙي ڇڏيو. انهن ماڻهن جون نماڻيون ۽ پر امن نگاهون ساديون سوديون عادتون، سندن بااخلاق هلت چلت، سندن مضبوط اعتماد ۽ ذهني ورتاءُ انهن سڀني ڳالهين هن عظيم شاعر لاءِ منهنجي دل تي وڏو اثر ڪري ڇڏيو ۽ هن لاءِ عزت ۽ احترام پيدا ڪيو جيڪو سندن روحاني رهبر هو. جنهن جي سدا سهائيندڙ لفظن ۽ جيئرن جاڳندن تصورن ڪين نيڻن مان نير وهائڻ لاءِ ڪوئي غيبي اثر وڌو هو!"

دوستو!

سچ پڇيو ته ڀٽائي جي نگريءَ ۾ هڪ طلسم آهي.

هڪ ڀيرو پنهنجي محترم دوست سيد شاهه محمد شاهه سان گڏ ڀٽ شاهه آيو هوس، رات ڀٽ شاهه ريسٽ هائوس ۾ ترسيا هئاسين. سياري جي مُند هئي. ٻاهر ولهه وسي رهي هئي. مون کي رات جو دير سان ڀٽائي جي مقبري تي وڃي راڳ ٻڌڻو هو. ڪا مهل ننڊ وڪوڙي وئي. اوچتو آڌي رات جو ننڊ مان جاڳ ٿي هئي. ڪمري جي درتي

ڪوئي ٺڪ ٺڪ ڪري رهيو هو. اٿي در کوليو هوم در تي ڊرائيور بيٺو هو. مونکي هو درگاهہ تي وٺي هلڻ لاءِ آيو هو. ڊرائيور مفلر ۾ ڪوٽ ۾ مٿان لوئي وجهي سيءَ کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو. مون منهن تي بہ تي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ لاءِ نل کوليو. پاڻي بہ ڄڻ پارو ٿي ويو هو مون مٿين دل سان هٿ آلو ڪري اکين تي رکيو هو ۽ ڪمري کان ٻاهر نڪري اچي ڪار ۾ ويٺو هوس. ڪار درگاهہ ڏانهن وڌي تہ مون ڪار جي شيشي مان ٻاهر نهاريو هو. مٿي آڪاس جي مندر تي ستارا ڏيئن وانگر ٻري رهيا هئا. ۽ ڊسمبر جو مُنو چنڊ ڪنهن رولاڪ آتما جئين ٿي لڳو. اماس جي راتين ۾ هر شيءَ ڪيڏي نہ ڀيانڪ ڀاسندي آهي. پر چانڊوڪي جو جواب ناهي. سامهون ماٺ ٻڌل، ڪراڙ ڍنڍ، بہ اداس چانڊوڪي ۾ جرڪي پئي. چنڊ جا ڪجهہ ڪرڻا ڪراڙجي پاڻيءَ تي ٽانڊاڻن وانگر ٽمڪي رهيا هئا. ڪار تيزي سان ڪراڙوتان لنگهندي چوڪ وٽان، چاڙهي چڙهي اچي مٿي بيٺي. آئون ڊائيور کان لوئي وٺي ڀٽائي جي درگاهہ ۾ اندر داخل ٿيو هوس. اورئين آڱنڌ ۾ غازي عباس علمدار جي علم هيٺان قديم مچ ٻري رهيو هو. رات جي اٿاهہ خاموشيءَ ۾ پريان وراندي ۾ شاهہ جا فقير شاهہ کي ڳائي رهيا هئا. آئون اڳڻ مان ٽپندي شاهہ جي وراندي ۾ اچي فقيرن جي پير ۾ ويٺو هوس. ڪيترا ڳوناڻا مرد ۽ عورتون اجرڪون اوڍيو عقيدت مان شاهہ سائين جو راڳ ڏاڍي ڌيان سان ٻڌي رهيا هئا. آسمان تي ڪتيون ڪرموڙي رهيو هيون، ۽ ستارن جي چانو ۾ سڄي ڪائنات جانيڻ نندا ڪرا ٿي رهيا هئا. ٻاهر ولهہ وسي پنهنجو احساس ڏياري رهي هئي. پر فقير شاهہ کي ڳائي رهيا هئا. ريگڙيا رارميان، لونيس لانگوٽيو منهنجو جِيءَ جلايو اندر آديسين، هئہ هئہ منجهہ هٿن وڃائي واٽ ٿيا

مون سميت ڪيترا ماڻهو ڀٽائي جي لات ۾ محو ٿي رهيا هئا. مون ان مهل سوچيو هو سوين ورهيہ لنگهي ويا آهن. پر شاهہ جي مقبري تي طنبوري جي تار ۽ فقيرن جي آلاپ سان، سنڌس ڪلام ائين ئي ڳاتو ٿو وڃي. دراصل ڀٽائي جي زندگي ۾ سنڌ جا تاريخ جا خبر





ناهي تہ ڪيڏا ورق وريا پيا آهن. هو پنهنجي ديس جي تاريخ مان ڪيڏو نہ چڱي، ريت واقف هوا سندس ڄئي دور ۾ 1740ع نادر شاهہ سنڌ آيو هو. اورنگزيب عالمگير جي دور ۾ هو ڦوه جوان هو. پنهنجي وطن تي ويرين جاوار ڏسي هو ڪنهن اونهي سوچ ۾ هليو ويندو هو. خبر ناهي تہ ڪهڙي هنڌ ۾ ڪٿي هُن امالڪ اهو چئي ڏنو هو:

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
لڳي ماٽ مروئن کي، ڏونگرپون ڏري،
وڃن وڻ ٻري، اوپر ايري ڪين کي!

آئون اڪثر ڀٽائي جي درگاه تي ڀيرو ضرور ڪندو آهيان. ڦيريون شاهہ صاحب جي مرقد تي، پوءِ سندس والد حبيب شاهہ ۽ انکان پوءِ مير عبدالحسين سانگي ۽ ڊاڪٽر شمس العلماءَ عمر بن محمد دائود پوٽي جي قبرن تي وڃي ويهندو آهيان . هڪ ڀيرو شاهہ جي مسيت ۾ ويندي مون کي ساڌوٽي ايل واسواڻي ياد اچي ويو هو. چون ٿا تہ هڪ ڀيرو ساڌوٽي ايل واسواڻي صاحب، شاهہ جي حاضري ڀرڻ آيو. درگاهہ تان حاضري ڀري يڪدم مسيت ۾ وڃي، ديوارن کي هٿ لائي چيو هئائين تہ هي پٿيون بہ تہ شاهہ صاحب جي هٿن جون آهن، چونہ انهن کي هٿين سان لايان!"

اها عقيدت، دادا چينمل پرسرام گلراجاڻي، سيد ميران محمد شاهہ، محترم جي-ايم سيد، مخدوم محمد زمان طالب المولا، آغا تاج محمد، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، کي بہ هوندي هئي. انهن ئي ماڻهن جي محنت سان ڀٽ شاهہ ۾ شاهہ جي ميلي تي ماندائڻ مچايا ويا. ادبي ڪانفرنسون ٿيڻ لڳيون. تڏهن نہ رستو هو. ڀٽ شاهہ ۾ نہ وري بجلي ۽ ڪي ٻيون سهولتون موجود هيون.

آئون هڪ ڀيرو اپريل 2000ع ۾ ڪهاڻيڪار ۽ اديب غلام رباني سان گڏ صبح جو ڀٽ شاهہ ويو هوس. اياز جي قبر تان ٿيندا وري ڀٽائي جو سلام ڪرڻ درگاهہ ۾ داخل ٿيا هئاسين. صبح جو وقت هو.

درگاهه جي اڳڻ ۾ ٿڌڙي هوا لڳي رهي هئي. مٿي اونهاري جي اس ۾ پٽائي جو مقبرو ۽ انجو سنهرو ڪلس چمڪي رهيو هو. آئون اڳڻ ۾ بيهي شاهه جي پوڪيل ڪبڙ کي ڏسي رهيو هوس. غلام رباني ان مهل مون کي چيو هو ته آئون شاهه جي مسيت ۾ ٻه نفل نماز جا پڙهي ٿو اچان! ته مون ڪيس چيو ته رباني صاحب هي وقت نماز جو ته ڪونهي! چيوهئائين ته يار آئون جنهن به خانقاهه ۾ ويندو آهيان اتي نفل نماز جا ضرور پڙهندو آهيان! ۽ پوءِ هو اندر مسيت ۾ هليو ويو هو. آئون اتان ڦرندو اچي تمر فقير جي اوطاق وٽ پهتو هوس. شاهه جو رسالو گنج شريف به ڪڏهن هن تي موجود هڪ ڊبل ڪوٺڙي ۾ رکيل هوندو هو. پر چون ٿا ته فقير انکي ٻاهر ڪڍڻ نه ڏيندا هئا. مونکي تڏهن ياد آيو هو ته سنڌ جو عالم ڊاڪٽر دائود پوٽو سال 1951 جي فيبروري مهيني ۾ ۽ بعد ۾ اپريل 1952 ۾ گنج شريف جو اڀياس ڪرڻ لاءِ هتي اچي رهيو هو. اهڙو اڄ جهڙو آرهڙ جي لڪن جهڙا ڏينهن هئا. ٻاهر لڪون ۽ جهولاٽي لڳا. هوا واري پئي وسائي. ڊاڪٽر صاحب اوطاق جي اونداهي ڪوٺي ۾ پٽ تي ويهي ڪم ڪندو هو. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو: 1951ع خميس جي ڏينهن صبح جو انين وڳي سوير تند هوا شروع ٿي هئي، هينئڙو بيڙيءَ جان پئي ٻڏو ۽ اُپڙيو. تڏهن هڪ طوطن جو شوخ شنگ ٽولو اچي ڪبڙ جي وڻ تي ويٺو. هيڏانهن هوڏانهن پرواز ڪري پاڻ ۾ خوب پئي رانديون ڪيائون ۽ ٻوليون پئي ٻوليائون ۽ اهڙي وٺي ٽين ٽين مچايائون جو دل بي اختيار انهن ڏانهن ڇڪجي ويئي. اهو تماشو ڏسي دل کي ڏاڍي فرحت آئي. فقيرن کان معلوم ٿيو ته اهڙو طوطن جو ٽولو ڪڏهن پلجي ڪونه آيو هو. جيتوڻيڪ ڪٽڪ جون پوکون نزديڪ هيون. سمجهيم ته فرشتا يا ڇُتل روح، طوطن جي شڪل ڏاري منهنجي دل ڏتارڻ آيا هئا ايتري قدر خوشي سان ڇاتي ڪلي جو بيان کان ٻاهر آهي!"

دوستو:

مونکي معاف ڪيو وڃي، جيڪڏهن آئون هتي شاهه جي





پارڪن کي وساري ڇڏيان. ڇا اسين ڇيتنمل پرسرام گلراجاڻي، پيرومل مهرچند آڏواڻي، لالچند امر ڏنيمل، قاضي ابراهيم، قاضي فتح محمد، قاضي عبدالڪريم، حاجي محمد سمون، قاضي احمد، شيخ نور الدين، يوسف آدم، محمد ابراهيم بخشاپوري، ميان علي قاضي، عثمان علي انصاري، غلام محمد شهواڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، غلام مصطفيٰ قاسمي، محمد صديق ميمڻ، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، علامه آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ممتاز مرزا، ٻانهون خان شيخ کي وساري سگهون ٿا. هرگز نه. اهي سنڌ جا مهان شخص هئا، شاهه جا عاشق هئا. يا وري اهي شروعاتي انسان جن شاهه جي وفات کان اٽڪل 45 سال پوءِ شاهه جو ڪلام يعني گنج شريف ويهي مرتب ڪيو اهو اڄ به پٽ شاهه ۾ صحيح ۽ سلامت رکيو آهي. اوهان کي تعجب لڳندو ته گنج شريف ۾ حافظ، فريد الدين عطار، ايراني شاعر محي الدين، هندستاني شاعر ڪبير ڀڳت، پنجاب جي شاهه حسين ۽ سنڌ جي ڪجهه آڳاٽن شاعرن جو ڪلام به موجود آهن.

دوستو!

دهلي شهر ۾ تاريخ هنڌ هنڌ تي ٽڙي پکڙي پئي آهي. اسين سنڌ جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو ذڪر ڀيا ڪريون، ته مونکي هن شهر جا ڪجهه شاعر امير خسرو عبدالرحيم خانخانان، عبدالقادر درديل، ابراهيم ذوق، مرزا اسدالله غالب ٿا ياد اچي وڃن. اهي شاعر پنهنجي دور جا تمام وڏا شاعر هئا. امير خسرو ته پنهنجي مرشد حضرت نظام الدين اوليا جي مقبري آڏو آرامي آهي ۽ عبدالرحيم خانخانان، پنهنجي اجاڙ مقبري ۾ زماني جي بيقدري کي ڏسندو ٿو رهي، ۽ مرزا غالب، پنهنجي ننيڙي مقبري ۾ ستل آهي. شاهه ڀٽائي جو مقابلو اسين هنن ٽنهي شاعرن سان نٿا ڪريون. پر اهو ضرور چئي سگهجي ٿو ته اهي ٽيئي شاعر پنهنجي پنهنجي وقت جي حڪمرانن جا مصاحب سنا ۽ شاهه صاحب، وقت جي حڪمرانن کان منڪر هو. پنهنجي سماج ۽ طبقي کان باغي هو. هو ڪڏهن به حاڪم جي

حاضري ڀرڻ نه ويو. شاعر پنهنجي شاعري جي ڪري سدائين زنده رهندا آهن. امير خسرو، عبدالرحيم خانخانان ۽ غالب جي شاعري کي وقت ڪڏهن وساري نه سگهيو آهي. هتي مون امير خسرو جوذڪر ڪيو. اچوته هن عظيم شاعر جو هي گيت ته پڙهي ڏسو:

يـار مـن بـيـا بـيـاد رتـنـم تـاديـم،
بـه لـبـم رسـيـده جـانـم، تـو بـيـاک زنـده هـام،
پس ازان ڪ من نه مانم، به چه ڪارخواهي آمد.

(ترجمو: منهنجا پرين اچ اچ، منهنجي تن ۾ اچ، ڇاڪاڻ ته آئون تنهنجو آهيان، منهنجو ساهه چپن تي اچي ويو آهي، تون اچ ته "خسرو" تي پوان، جڏهن آئون نه هوندس ته پوءِ تنهنجي اچڻ جو ڪهڙو ڪم.)

۽ دهليءَ جي هن شهر ۾ سنڌ جو عظيم مفڪر حشو ڪيولراماڻي به، ڀڳت سنگهه مارڪيٽ ۾ رهندو هو. هتي ئي سنڌي ٻولي کي ڀارت جي قومي ٻولين ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ هلچل هلي هئي، هن ئي شهر ۾ سنڌي ٻولي جي خوبصورت شاعر نارائڻ شيام به زندگيءَ گهاري هئي، هن ئي شهر دهليءَ ۾ ورهاڱي کانپوءِ سال 1956 جي آڪٽوبر مهيني ۾، پهريون ڀيرو حشو ڪيولراماڻي ۽ سندس ساٿين شاهه صاحب جو ڏينهن ملهايو هو. ان موقعي حشو ڪيولراماڻي شاهه عبداللطيف ۽ سنڌيت جي عنوان سان انگريزي ۾ هڪ شاندار تقرير ڪئي هئي. ۽ هن ئي شهر ۾ سنڌي ٻولي کي سنڌي تهذيب کي زنده رکڻ لاءِ سنڌو سماج هلچل شروع ٿي هئي. دهلي ۾ سنڌي ٻولي کي زندهه رکڻ لاءِ حشو ڪيولراماڻي، تيرٿ وسنت، نارائڻ شيام، شيام ڀاڳيا، لڇمڻ ڪومل، هريڪانت ۽ ٻيا دوست شامل هئا. اڄ اوهين شاهه کي ياد ڪري پراڻي روايت کي ياد ڀيا ڪريو. سنڌ جي عظيم سپوت ساڌوتي .ايل واسواڻي هڪ ڀيرو لکيو هو: هاءِ سنڌڙي مان سهي نه سگهان تنهنجي جدائي-





واقعي سنڌ جيڪا ڪڏهن مور به نه مرڻي آهي، اها ڪنهن ڪان ٿي وسري سگهي. سنڌ جو اهو نسل، جيڪو اڌ صدي کان به اڳ پنهنجو وطن ڇڏي اچي ڀارت پهتو ان کان به سنڌ ڪڏهن به نه وسري، نه وري اوهانجي نسل، جنهن ڪڏهن به سنڌ نه ڏٺي آهي اهو به سنڌي ٻولي جي ڪري سنڌ سان ڳنڍيل رهندو. سنڌين جي وچ ۾ ڀلي وطن هڪجهڙو ڪٽي نه هجي، پر سنڌي ٻولي ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائي انهن جي وچ ۾ هڪ پُل وانگر آهي، مڃيون ٿا ته نئون نسل سنڌي نٿو پڙهي سگهي، پر شاهه جي هڪ سٽ به ڪين بر زبان ياد اچي ويئي ته اهو ڳانڍاپو ٿي اڳتي وڌندو رهندو. هتي مرزا غالب جي فارسي غزل جي هڪ سٽ ٿي هتي ياد اچيم:

يـان هـمـدم فـرزانـه دانـي ره ويـرانـه،
شـمع ڪـدنـه خـواهـد شـداز بـاد خـموش آور،

غالب پنهنجي هن شعر ۾ همدم فرزانه سان مخاطب آهي، جيڪو ره ويران کان واقف آهي ۽ انکي هو اهڙي شمع ٻارڻ لاءِ چوي ٿو جنهن کي هوا به نه وسائي سگهي!

سو منهنجا ڀائرو ۽ ڀينرو!

سنڌ ۽ هند جي سنڌين ۾ محبت جي شمع ٻري رهي آهي ان کي تيز هوا طوفان جي به ڪڏهن نه وسائي سگهندي. دهلي سنڌ کان ڪيڏو به دور ڇو نه هجي پر اوهان سنڌين جي وجود سبب اسانجي نينهن جا ڳانڍاپا سدائين قائم رهندا. خوش هجو شال، ڏٺي اسان سيني تي پنهنجو ڪرم ڪندو رهندو. شاهه سائين جي سٽ وانگر:

سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين!

## (انديا جي مشاعري ۾ پڙهيل شاعري)

# دل جا ديرا وسن

### نذير ”ناز“

دل جا ديرا جي وسن، پوءِ مان غزل چونہ چوان،
۽ سڄڻ سامهون هجن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

واجهہ ٿي دلڙيءَ وڏا جن جي ڏسڻ ڪاڻ سدا،
سي اڱڻ منهنجي اچن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

شمع بنجي مان جلان جي ٿئي پروانو هو،
پيار جا وارا ورن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

اڄ سڄڻ وعدو وفائي جو ڪنيو آهي قسم،
عهد جي سڀ ئي پرن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

دل تہ دلدار جو درشن ٿي ڪرڻ چاهي مگر،
پيار تي پهرا هجن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

دل جي مندر ۾ مون ٻاريو آ محبت جو چراغ،
گل ڪرڻ پنهنجا اچن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

جستجو مون کي تہ منزل جي وڃايو ٿي وڃي،
ڪي بہ راهون نہ ملن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.





هڪ جهلڪ جنهن جي ڏسي مهڪيو وڃي دل جو جهان،
روبرو سي ئي هجن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

حال دل اي ناز چو ڪولي ٻڌايان مان ڀلا،
ماٺ مان سمجهي وٺن، پوءِ مان غزل چونہ چوان.

## دل ڏرتي تي

دل ڏرتي تي وسن ٿا ماڻهو،
ڏاڍو من کي وڻن ٿا ماڻهو.

ڪنهن کي ڪيئن پنهنجو ڄاڻون،
پنهنجا ڪين ٿين ٿا ماڻهو.

اڄڙيل وستيون وري وسن پر،
من ۾ ڪين وسن ٿا ماڻهو.

ديس ڇڏي پرديس هليا ويا،
ڪيڏا سخت ٿين ٿا ماڻهو.

ڪنهن تي ڪو ويساهہ نہ آهي،
روز رسن، پرچن ٿا ماڻهو.

دل وارن ۾ مشتاقن ڪان،
ڇا لاءِ دور رهن ٿا ماڻهو.

دل گهريو محفل ۾ ملي جو،
ان ڪان پاسو ڪن ٿا ماڻهو.

سنسار سچو ڪو سپنو آهي،
آس تي پلجن ٿا ماڻھو.

راهہ وفا ۾ ناز جيان،
ويهي واٽ تڪن ٿا ماڻھو.

## وسن شل ڳوٺ ۽ واهڻ

وسن شل ڳوٺ ۽ واهڻ ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾،
سدائين هوُن شل ساوڻ ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾.

ٻنيون، ٻارا، وليون، باغات، گل ڦل سبز ۽ ساوا،
ڳلي رشڪ چمن، وڻ، وڻ ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾.

ڍڪڻ، لوهار، موچي ۽ مهاڻا، ڪاسبي، ڪوريءَ،
سيئي ماڻهو ڏولڻ، ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾.

هي سهڻيون رنگ رتيون رلهيون ۽ اجرڪ، کيس گج گربيون،
اباڻن جا اهي اوڇڻ، ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾.

اُهي ريتيون آهي رسمون اها محبت اها مروت،
اُهي ساڳيا رسڻ، پرچڻ، ڀٽائيءَ تنهنجي وستيءَ ۾.

نہ آهي موج ۾ مهراڻ، ناهي سرڪ پاڻيءَ جي،
ڇڏي بادل ڏنو برسڻ، ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾.

نگر ۾ ناد تنهنجا ۽ گلين ۾ ڳالهيون تنهنجون،
وڄي ڇيرين سندي ڇڻ ڇڻ، ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾.





مرادون پڙ مٽي، پوريون ڪرين سانگين سنگهارن جو،
ورهايون ڪي مٺايون مڻ، ڀٽائي تنهنجي وستيءَ ۾.

هي ناريون، "ناز" واريون، ٻارڙا ۽ پيرسن ڳيرو،
اچن تنهنجي اڱڻ، ڀٽائي تنهجي وستيءَ ۾.

## لهہ سنڌڙيءَ جي ڪا سار، ڀٽائي!

لهہ سنڌڙيءَ جي ڪا سار، ڀٽائي،
ڪر ڪي ٻيڙا پار ڀٽائي.

سنڌوءَ ۾ ڪو ناهي پاڻي،
رڪ اڏامي پئي تي هاڻي،
هر ڪا اڪ آ لڙڪن هاڻي،
ڌرتي ڪان هيٺ لهي ويو پاڻي،

ڏيهہ ۾ آهي ڏڪار ڀٽائي،
ڪر ڪي ٻيڙا پار ڀٽائي.

سارا فصل سڪي ويا سائين،
ڏاڍي پوڻ ٻڪي آ سائين،
سڪي ستابي هئي جا سائين،
اج سا ڏاڍي ڏکي آ سائين،

ڪر سائيهہ منجهہ سڪار ڀٽائي،
ڪر ڪي ٻيڙا پار ڀٽائي.

سالن کان نہ بوند وٺي آ،
ڪنوڻ ڪجي نہ گوڙ گجي آ،
ساري ڌرتي "ٿر" ٿي وئي آ،
بادل شايد بس ڪئي آ،

لهہ سارنگ جيئن سنيار پٿائي،
ڪر ڪي ٻيڙا پار پٿائي.

لهہ سنڌڙيءَ جي ڪا سار پٿائي،
ڪر ڪي ٻيڙا پار پٿائي.





# سنڌ امان منهنجي جان ۾ مان

## مهڪ علي

جاڳ پٿائي جاڳ
سنڌ جي وجود کي
ويڙهي ويا آهن نانگ
هيبت ناڪ هزار
جاڳ پٿائي جاڳ
ڪئين صديون پڇاڙان جيان
ناري اج بہ آلاچار
پنهنجي سڄڻ آڏو
زوري زبردستي
ڌار ڪيو ڏيئن ڪان
نہ آهي ڪو داد فرياد
جاڳ پٿائي جاڳ
اڄ جون ناريون
نماڻيون آهن
انهن ۾ اڄ بہ
نوري جو نياز آ
سهڻي واري همت،
مارئي جي حب وطني،
مومل وارو ماڻو
سسئيءَ وارو ڏهاڳ،
ليلان جو پڇتاءُ،
سورٺ جو ايثار،

سمايل بہ ان ۾
پوءِ ملي نٿو اظهار
جاڳ پٽائي جاڳ
ٻاٽ اونداهي ۾
نڪي ٿا ڏيئا جرڪن
نڪي ٿا پتنگ ٽمڪن
نڪي رنگ رتا، وڳا جرڪن
جاڳ پٽائي جاڳ
ارغون ڪيو آ سنڌ تي وارو
ناهي ڪودرد سمجهڻ وارو
ڪٺا ڪرڻ چاهين ٿا امڙ سنڌ کي
رنگيو پيا ڪن رت چاڙ جو
ريٽي رت جا آهن آثار
جاڳ پٽائي جاڳ
جاڳو ڀاڳيا سنڌ جا
ڪرٽي ناهي دير
من ۾ اوتي مڻ ميٺاج جو
ٿيندا جيجل امڙ سنڌ جا
ڇپر ۽ ڇانوءَ
حوصلو هيٺو ٿيندو نہ ناري جو
آجياڀي جي باک ڦٽي آ
اهي اُهڃاڻ اقرار
ڌرتيءَ ماتا، مانائتي
مهڪ علي جي جان
جيئي سنڌ جيئي سنڌ
سدائين جيئي سنڌ





تنهنجا اوسيئڙا نِگاهون،
جڻ تي ڪي ڏيئڙا نِگاهون.

قرب ۾ قيدي ڪري ويا،
ڪالهہ ڪيچئڙا نِگاهون.

راهہ ۾ ٻاري رکيا هن،
مون سيئي لِيئڙا نِگاهون.

سار جا لمحا جو آيا،
۽ ڪٽي ويئڙا نِگاهون.

ڏُور وَڻ جي ڇانوَ هيٺان،
ڏُنڌلا جيئڙا نِگاهون.

سڀ پيارا ڏُور ٿي ويا،
‘مهر’ جي هُيئڙا نِگاهون.

**پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ**

تو ڪان پيار جي گُهرَ ڪئي هُئي،
ٻانُهنِ هارَ جي گُهرَ ڪئي هُئي.

ڪوئل ڪوڪي، ٻولي ڳَئِي جا،
پَڪَ بهار جي گُهرَ ڪئي هُئي.

تو ٻِن سوچيم ايئن پَدر تي،
گيت سِتارَ جي گُهرَ ڪئي هُئي.

ڪالهه مٿان جا ڪرڪندي آئي،
ڪونجَ قطار جي گُهرَ ڪئي هُئي.

روئي روئي ڪنهن ديواني،
وِڇڙيل يارَ جي گُهرَ ڪئي هُئي.

هر پيري مون ٿاهه ٿي چاهيو
تو تڪرار جي گُهرَ ڪئي هُئي.

**پروفيسر مهرالنساءِ لاڙڪ**

www.sindhsalamat.com

# Shah Abdul Latif in Quest of Truth and Emancipation

***Javed Shaikh***

Shah Abdul Latif Bhittai (also referred to as Lakhino Latif, Latif Ghot, Bhittai Ghot, and Bhitt Jo Shah) was a Sindhi Sufi scholar, mystic, saint, poet, and musician. He is widely considered to be one of the greatest poets of the Sindhi language. He preached against exploitation, and religious orthodoxy. He was a nationalist with an international outlook. He did not only pray for plenty of prosperity in Sindh but wished the entire world to be prosperous.

Shah Jo Risalo, written in very classic and concise Sindhi verses, is great storehouse of people of all religions without discrimination. Shah Abdul Latif has philosophical, mystical under layers of symbols taken from all spheres of life as well as from the classical Sufi tradition.

The traditional compilations of Shah Jo Risalo include 30 Surs (chapters) and were compiled by renowned scholars. The word “Sur" means a mode of singing. In Indian classical music, its "Rags" and "Raginis" are sung at different times of day and night. In Risalo the Surs are named according to their subject matter. These Surs contain “Bayts” (couplets) which Shah latif sang in state of ecstasy. These Bayts in the Surs concerning the life-stories of his heroines, viz. Suhni, Sassui, Lila, Mumal, Marui, Nuri and Sorath, are not in chronological sequences, for the Sufi Poet in his state of "Wajd" or ecstasy, was concerned with the moments of denouncements in life-stories, which he used as allegories to express his mystical experiences.

In quest of truth beyond all religions, Shah Abdul Latif travelled to many parts of Sindh and also went to the

bordering lands such as Multan, Lasbela, Jaselmir and Bhuj. He travelled unilaterally in the company of "Jogies" and "Samies" and some time alone visiting towns and villages to understand true message of religion i.e oneness/unity. During these travels he had the opportunity of the company of well-known scholars, sages, mystics, and those exceptional men who had denounced the world for spiritual enlightenment. Some of those spiritual mentors and religious scholars he had met are mentioned here.

1. Shah Inayat Sufi (the martyr)
2. Mukhdoom Muhammad Moeen Thatvi
3. Shah Inayatullah Rizvi
4. Mukhdoom Muhammad
5. Mukhdoom Muhammad Hashim Thatvi
6. Syed Shahmir Shah
7. Mukhdoom Sabir Vulhari
8. Mukhdoom Muhammad Zaman Lowari
9. Faqir Sahib Dino Farooqi (Daraza)
10. Makhdoom Din Muhammad Sehwani
11. Syed Muhammad Baqa Lakyari
12. Makhdoom Abdul Rahim Grohri
13. Madan Bhagat

To sum up, Shah Abdul Latif's poetry and his labourous work is an alternate source that helps understand the socio-political and economic conditions of Sindh during the first half of the eighteenth century. During this period, the people of Sindh suffered due to foreign subjugation and internal strife. The miseries suffered by the common people made them indifferent to the prevailing material conditions and they accepted the suffering as the Will of God. In such circumstances, Shah Abdul Latif raised his voice in support of the oppressed masses of Sindhi society. He not only tried to eliminate the sense of alienation among the masses but through his poetry, he also taught them the values of self-respect, equality of all human beings, political freedom and social justice. His deliberate choice of the Sindhi the





language of indigenous people instead of the official Persian for expression was intended to eliminate the prevailing sense of inferiority among the diaspora and to create a sense of high intellectual attainment in them. This choice generated a sense of pride among the Sindhis, besides inculcating in them a sense of respect for their language and culture. The subject matter of Latif's poetry is the common people of Sindh, such as herdsmen, peasants, camel breeders, weavers, fishermen, ironsmiths and seafarers. He also gave a great importance to women in his verses. He not only addressed women directly, but also gave them a central position in his thematic discourse.

He was all praise for his heroines who emerged as the symbols of courage, determination, scarification and struggle. Sassui has been portrayed as the symbol of firm commitment, Marui emerged as the icon of patriotism. Latif's poetry reveals that he opposed any political role for religion in Sindh polity, but he did accept religion as a personal matter of the people. He criticized the Hindus and Muslims who used religion for planting seeds of hatred among the people. Keeping in view the heterogeneous character of Sindhi society, he suggested the formation of a new society, which was based on equality among all human beings, without any discrimination based on religion, caste and creed. Translating the theory of pantheism into a political doctrine, he wished to see the Sindhi polity of his times as an emerging 'unity from diversity'.

His admiration for Shah Inayat reflected his ideas regarding socio-economic justice. Through his poetry, he encouraged the masses to fight against all kinds of exploitation and injustice. He appeared as a proponent of untiring struggle and sacrifice to achieve the goals of political stability, social justice and communal harmony.

**Few verses of Shah Abdul Latif:**

اکيون اهي ڏار، جنهن سان پسين پرين کي،
ٻي ڏي ڪين نهار، سجڻ ريسارو گهڻو.
(شاهه_ سر آسا)

پڙاڏو سوءِ سڏ، ور وائي جو جي لهين،
هئا اڳيهي گڏ، ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.
(شاهه – سر ڪلياڻ)

♋

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

♋

اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

حرف تو پڑھ لے الف کا سائیں! دوجے ورق بسار،
اپنے من کو اُجار، کیا کیا ورق پڑھے گا۔

*Read letter A, (Alif) forget all other pages*
*Cleanse your heart, how long can you read pages after pages,*



# Sindh Jo Lateef: The Sufi Mystic

***Sanya Sadiq***

Along with Sachal Sarmast and Sami the great poet Shah Lateef of Bhit (1689-1752) forms the golden trinity of Sindhi poetry. Considered as the greatest poet and the beacon of Sindhi literature, he is most remembered for his heart rendering collection of poems “Risalo” or “Shah Jo Risalo”. Penned by the prime poet of Sindhi, Risalo formed the basis of Sindhi vocal cultures. He is undoubtedly the greatest and possibly the most venerated poet of Sindhi literature. His entry in English language precedes even the introduction of the grammar of Sindhi language in which he wrote. Sindhi was introduced to the West by a critical addition of his Risalo in 1566 by a German missionary Ernest Trumpp who took six more years to bring out the grammar of Sindhi language in 1872.

Apart from translations in English, Hindi, French and Punjabi, Risalo’s Urdu translation has been rendered by the acclaimed poet Sheikh Ayaz, known as Pablo Neruda or Faiz Ahmed Faiz of Sindhi. His derailed, critical and painstakingly done translation of Risalo is considered the finest till date. Testifying the brilliance of both the poets and his work, Sheikh Ayaz calls Shah Lateef Bhitai as “the first and probably the last poet whose poetry was enriched with almost all possible qualities that Sindhi language has to offer.” He further goes on to proclaim “in fact I will agree that Sindhi language is still alive and probably will be because it holds the heartrending poetry of an exemplary poet like Shah Lateef Bhitai.”

His magnum opus Risalo is a collection of poetry which is divided into different Surs or Styles. These 30 different Surs or kinds of poetry include Wai, Chopai, Doda

(four hemistitches with rhymed pairs), dhola, Bayt (couplet or two hemistitches) etc. Rag and Raginis like Bilawal, Sorat, Sarang, Rag Kalyan, Yaman Kalyan, Kamod, Kham-bat, Siri Rag, Prabhati, Sohni etc. are also mentioned. The Surs including Mareuee, Sur Mumal Rano, Sur Khohiyari etc. Can be traced to Rags of folk music practiced in des-serts of Sindh. Like most of the works of Sufi poets, these expressions were supposed to be sung. In fact, Shah Lateef integrated these three forms of expression: Sufi expression, rendered in poetry, which is set to music to be sung.

Essentially a Sufi poet, he often included ballads and old Sindhi folk stories for his purpose. The age-old folk romances of Leela Chanesar, Umar Marvi, Sasi Punnu, Sohni Mahiwal, Mumal Rano etc. were also included. But in hands of Sufi Shah Lateef, these paradigms of worldly love became the symbols of union with The eternal beloved i.e. God. So we see Sohni's search for her beloved as she swims every night to the bank to see Mahiwal or Sasi's search across scaly mountains and arid dessert for her lover, which remain ultimately unattainable. The union possible only in death, either by drowning or by thirsts, respectively. Even when the soul yearns earnestly for the desirable be-loved, God remains elusive. The Sufi strain in poetry is stressed also by the fact that Shah Lateef did not explain these ballads as complete stories in themselves. Rather, he utilized the expression of unbridled love and devotion to the beloved God for the purpose of displaying a Sufi's dedication to God who can only be realized after one has given up one's the world and its claims.

Shah Lateef also shares with other Sufi poets the presence of common people in his poetry. Unlike the court poets whose poetry was graced by Odes and panegyrics to the ruling classes: Shah Lateef's works are brimming with the people who comprise in Marx's terms the base of the society as opposed to the super structure. The professionals like ironsmiths, weavers, fishermen, boatmen, merchants,





gypsies, ploughmen etc. populate Shah Lateef's poetry:

***Faqat ye machhiyaan hain unki daulat/ ghareeb-o -natavaa (n) hain ye machherey,***
***Magar ye fakhr bhi kya kam hai unko/ ki ab hain hashiya-bardaar tere.***
***Kaan mein phir hai dhaunkni ki sadaa/ barsar-eekaar hai wo aahanger.***

Not just these but the jogis, saint's faqirs also find mention:

***Jabajaa phir rahein hain ye jogi/ unse qaayam hai jog ka dastoor,***
***Ram hi ram unke lab par hai/ dil isi ek lagan se hai maamoor***

These social characters often give us the clue in the lively society of Shah Lateef's times. Such couplets often give us a glimpse not only in the social order, but also the beauty of the country and the lives of common people, lending the poetry a quotidian aspect which is the hallmark of folk and sufi literature. These were not just the subject of his poetry, but the intended audience also. Not only by the jogis and the saints but Shah Lateef was influenced by all the four traditions of Sufism. Although he belonged to the Qadiriyah traditions of Sufism which forbods music: he was not confined to it alone. Music was woven in his life. Many famous and folk singers and musicians graced his Mehfil-e-Sama. So fond was of his music that he sang his poetry on Yaktaro (Ek Tara), a single stringed instrument (legacy continued by Sain Zahoor, famous Sindhi folk mu-sician/singer and BBC Artist of the Year 2006).

It is in times like these that the importance of Sufi poetry becomes the immediate need of the hour. Sample few lines by Shah Lateef Bhitai:

***Dekhh pyaaso ka haal bhi ya rab/ aaj barsa de jadaja pani,***
***Door ho anaaj ki qillat/ aur har cheez ki ho ar-zaani.***
***Ho wahi aan-baan kutoyoo ki/ unke maalik sadaa rahein khush haal,***
***Nit nayii ho chehal pehal unki/ kaash ujdey kabhi na wo chaupal.***
***Khush rahe unke saare chawpaaye/ aur sarsabz ho charaagaahein.***

He prayed in his poetry for rains for crops which also is called rehmat (divine grace), asked God to maintain the fecundity of the land, long lives of cattle, to protect boats from storms, prays for the safe journey of passengers, for prosperity of people. Such humanitarian concerns are unparalleled in today's poetry.

Surely we have come far far away from the times of poets like Shah Lateef. But this advancement, in time and otherwise, has shown us its own perils. It is in times like these that the importance, the need, the significance and the meaning of Shah Lateef's poetry becomes foremost. The Humanism and brotherhood he preached needs to be practiced widely. In times of crisis, we should look back in the past to secure our secure our future. The treasure that Shah Lateef had given us in the form of Risalo needs not only to be re-read and relooked into but also to be cultivated.